سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ـــ ٧

ڳاهن سان ڳالهيون

لوڪ ادب سلسلي جو ستاويهون ڪتاب

لوڪ ڪهاڻيون -۷

ڳاهن سان ڳالهيون

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
صدر شعبهء تعليم سنڌ يونيورسٽي،
۽
ڊئريڪٽر لوڪ ادب اسڪيم
سنڌي ادبي بورڊ

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
پاڪستان
۱۹۶۴ع

چاپو پهريون فيبروري ۱۹۶۴ء ڪاپيون ۾ هزار

سنڌي ادبي بورڊ جا حق واسطا قائم

قيمت ۰۰-۴

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ بڪ اسٽال
۳- ڪنٽومينٽ، سول لائينس
حيدرآباد سنڌ، پاڪستان

هي ڪتاب م. ع. ڊيلائي، اسلاميه پرنٹنگ پريس ۾ ڇپ
محمد ابراهيم جويي، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآ
مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

عنوانن جي فهرست

گالهه			صفحو
۱- ڏمڻ سونارو -۱	...	...	۳
۲- ڏمڻ سونارو -۲	...	...	۱۳
۳- سونل -۱	...	...	۲۱
۴- سونل -۲	...	...	۲۴
۵- سونل -۳	...	...	۲۸
۶- راجڪمار ۽ ساهيڇي	...	...	۳۲
۷- سهڻي صوحب	...	...	۳۸
۸- چاندو ۽ گنگراج	...	...	۴۳
۹- جلال ۽ مارڪ‌مير	...	...	۴۹
۱۰- پوناراء ۽ ليلا	...	...	۵۴
۱۱- سُڏيوَت ۽ سارنگا	...	...	۶۷
۱۲- ڪيمرو ۽ لوڏڻ	...	...	۷۴
۱۳- آلڏي ۽ ڏيورو	...	...	۸۰
۱۴- راڻو سُوندرو ۽ ماندل راڻي	...	...	۸۴
۱۵- لالي ۽ سدرو	...	....	۹۷
۱۶- جام پُونئرو	...	...	۱۰۷
۱۷- همير سومرو	...	...	۱۱۲
۱۸- آهوڪوري هاڻو	...	...	۱۱۸
۱۹- بَڏاماڻي پُنرو	...	...	۱۲۲
۲۰- ڪپريو ڪاهوڙي ۽ راڻي ڪاڏاري	...	...	۱۲۹
۲۱- پراڻ درياء جو سوداگر	...	...	۱۳۵
۲۲- سارو سنگهار	...	...	۱۴۲

گالهه			صفحو
۲۳-	کارائڙيو سمون	... ...	۱۴۶
۲۴-	راجا کينڙو	... ...	۱۴۹
۲۵-	پريو گاروڙي	... ...	۱۶۳
۲۶-	سونل پري	... ...	۱۷۱
۲۷-	وڪيو ڏاتار	... ...	۱۷۶
۲۸-	جسوڏن بادشاهه	... ...	۱۸۷
۲۹-	گامون سچار -۱	... ...	۱۹۴
۳۰-	گامون سچار -۲	... ...	۲۱۲
۳۱-	گامون سچار -۳	... ...	۲۱۸
۳۲-	گامون سچار -۴	... ...	۲۲۵
۳۳-	گامون سچار -۵	... ...	۲۳۴
۳۴-	گامون سچار -۶	... ...	۲۴۳
۳۵-	بچل مهر ۽ سعدان جٽي	... ...	۲۴۶
۳۶-	صابر ۽ نُوران	... ...	۲۵۳
۳۷-	آنڙ آنڙاڻي	... ...	۲۵۷
۳۸-	جاڙو پيمجي ۽ غلام شاهه کلهوڙو	... ...	۲۶۲

ضميمو

۳۹-	عمر ۽ گنگا	... ...	۲۷۳
۴۰-	عمر بادشاهه ۽ نيرل راڻي	... ...	۲۷۹

ام للانسان ما تمنیٰ O فللّٰه الآخرة و الاولیٰ

مقدمه

V.N.B

'لوڪ ڪهاڻين' جي سلسلي جو هيءُ 'ستون' ۽ آخري ڪتاب آهي، جنهن بعد 'مشهور سنڌي قصن ۽ عشقيه داستانن' جو سلسلو شروع ٿئي ٿو. ارتقائي لحاظ سان، هن ڪتاب ۾ شامل ڳالهيون، 'لوڪ ڪهاڻين' ۽ 'لوڪ قصن ۽ داستانن' جي وچ واري ڪڙي آهن. هي 'ڳاهن' واريون 'ڳالهيون' آهن، جن ۾ فن قصه خواني جي جهلڪ نمايان طور نظر اچي ٿي. انهيءَ ڪري، اول 'ڳالهين' جي مفهوم ۽ 'ڳاهن' ذريعي فن قصه خواني جي عروج ڪي سمجهڻ ضروري آهي.

'ڳالهه' جي ستاءِ

عام اصطلاح ۾ 'ڪهاڻي'، 'آکاڻي' يا 'ڳالهه' ۾ فرق ڪونهي، البت 'لوڪ ادب' جي علمي، اصطلاحي ۽ فني پهلوئن کان انهن جي مفهومن ۾ تخصيص ضروري آهي. هن سلسلي جي 'پنجين ڪتاب' جي مقدمي ۾ 'ڪهاڻي' ۽ 'آکاڻي' جي فرق ڪي قدري واضح ڪيو ويو آهي. 'ڳالهه' پنهي کان مختلف آهي. 'ڳالهه' جي پويان تاريخي ۽ جغرافيائي پس منظر لازمي آهي. 'ڪهاڻي' ۽ 'آکاڻي' ان کان آزاد آهن. 'ڪهاڻين' ۽ 'آکاڻين' جو تاريخي يا جغرافيائي پس منظر معلوم ڪونهي، ڇاڪاڻ ته اهي انسان جي ڪهڻين يادگيرين، وهمن، وسوسن ۽ تجربن جا يادگار آهن. البت انهن ۾ ڪنهن نه ڪنهن دور جي سماجي پس منظر جو عڪس سمايل آهي. ان جي برعڪس 'ڳالهه' جا واقعا توڙي ڪردار تاريخي يا نيم - تاريخي حيثيت رکن ٿا، ۽ 'ڳالهه' جي موقعن ۽ مڪانن لاءِ مقامي جاگرافيءَ ۾ جاءِ آهي. ڳالهيون زمان توڙي مڪان جي لحاظ سان عوام کي ويجهيون آهن ۽ انهيءَ ڪري ڪهاڻين ۽ آکاڻين جي پيٽ ۾ وڌيڪ جئريسون جاگڏيون ۽ دلچسپ آهن.

فن قصه خواني جو ارتقاء

نہ معلوم ڪڏهن ڪان وٺي ڪهاڻين ۽ آکاڻين ٻڌائڻ جو سلسلو شروع ٿيو، مگر سنڌ ۾ ان جي شروعات، ڪافي آگاٽي دور ڪان ٿي، ۽ آهستي آهستي ان ۾ فني نزاڪت پيدا ٿيڻ لڳي. غالباً پهريائين گهر جي ياتين مان ڪن سگهڙ نانين ۽ ڏاڏين توڙي سڃاڻ مائرن ۽ پيئرن ننڍين آکاڻين ۾ پنهنجي طرفان ڪي دلچسپ ٽڪون ۽ فقرا گنڍيا، جن سان ٻارڙن جي ريجهه ۽ خوشيءَ ۾ اضافو ٿيو. هن سلسلي جي 'پنجين ڪتاب' ۾ اهڙين آکاڻين جا مثال موجود آهن. جڏهن انهن ٻارڙن مان ڪي سگهڙ ساماڻا ته انهن اڳتي وڪ وڌائي، ۽ ڪهاڻين جي شروع، وچ ۽ آخر ۾ ڪي دلچسپ جملا ۽ موزون فقرا ۽ مزيدار وراڻيون وڌايائون. انهن اضافن سان اهي ملوڪ ٻاهر ڪڇرين ۾ ذوق ۽ شوق سان ڪهاڻيون ۽ ڳالهيون ڪٽڻ لڳا. اهڙيءَ طرح ڪهاڻين يا ڳالهين 'ٻڌائڻ' (محض بيان ڪرڻ) جي بدران ڪهاڻين يا ڳالهين 'ڪٽڻ' (فن سان ادا ڪرڻ) جو سلسلو شروع ٿيو. فني تاريخ جي لحاظ سان، قصي‌خواني جو اهو پهريون دور هو.

ان بعد باقاعدي فن سان پرين مجلسن ۾ ڳالهين ڪٽڻ ۽ داستانن ڳائڻ جو سلسلو شروع ٿيو. آساني خاطر، ان جي اوائلي مرحلي ڪي فن قصه خواني جو 'ٻيو دور' ۽ ان جي عروج ڪي 'ٽيون دور' سڏي سگهجي ٿو. ٻئي دور ۾، سگهڙن 'موزون فقرن' ڪان اڳتي قدم وڌائي 'ڳاهون' جوڙيون ۽ ڳاهن جي چاشني سان ڳالهيون ڪٽڻ لڳا. ٽين دور ۾ پيشه ور ڀٽن ۽ ڀانن، چارڻن ۽ منگتن، لنگهن ۽ مڳٽهارن وڏا قصا ۽ جنگي عشقيه داستان ڳاهن توڙي ڪافين جي جوڙ سان سازن جي وڄت تي ڳايا ۽ پٽهنجي فصاحت ۽ ظرافت، آلاپن ۽ آوازن سان سنڌ ۾ فن قصه خواني ڪي عروج تي پهچايو.

هن ڪتاب جو اڪثر مواد 'ٻئي دور' سان تعلق رکي ٿو. هن ٻئي دور ۾ پيشه ور ڳالهيون ڪٽندڙ سگهڙ ساماڻا، جن ڳالهين جي

دلچسپ موضوع کي فني اعتبار سان ويتر وڌيڪ دلڪش بنايو. هن ملوڪن پنهنجي بيان کي وڌيڪ موثر بنائڻ خاطر ان ۾ شاعريءَ جو اضافو ڪيو، يعني ته 'ڳالهين' کي 'ڳاهن' سان سينگاريو. 'ڳاهون' هڪ قافيي منظوم مصراعون آهن ۽ سنڌي شاعريءَ جو آڳاٽو نمونو آهن. اوائلي ڳاهون غالباً محض تُڪ واريون يا منظوم مصراعون هيون ۽ اهي سنڌ ۾ شايد انهيءَ ساڻ ئي دور ۾ اسريون، جڏهن هند ۾ 'دوهو' وجود ۾ آيو. پر 'هندي دوهو' محض نظم جو نمونو هو ۽ شاعريءَ خاطر جوڙيو ويو؛ ان جي برعڪس، 'سنڌي ڳاهون' واقعن سان وابسته ۽ انهن واقعن کي ڳائڻ خاطر جوڙيون ويون. انهيءَ ڪري محض شاعريءَ جي بجاءِ، موقعي جي نزاڪت کي موثر انداز سگر عام فهم الفاظ ۾ ادا ڪرڻ 'سنڌي ڳاهن' جو مکيه ۽ عملي مقصد هو. وقت گذرڻ سان ڳاهن جي اصلي سٽاءَ بدلي ۽ 'بن مصراعن' جي بدران انهن ۾ بين مصراعن جو اضافو ٿيو. ازانسواءِ 'ڳاهه' ڳائڻ خاطر هئي، ڇاڪاڻ ته 'ڳاهه' جي لفظي معنيٰ ئي آهي: آهي خاص فقرا جي ڳايا وڃن. انهيءَ ڪري 'ڳاهه' جي لفظن جي ڪچ وهٽ آلاپن جي انداز تي قائم رهي، پر اکرن ۽ لفظن جي گهڙ-ٻڌ ڪان آزاد رهي. بهرحال جيئن ته 'ڳاهون' ڳائڻ خاطر هيون، انهيءَ ڪري هن ٻئي دور ۾ انهن جي اضافي سان 'ڳالهين ڪٿ' واري مرحلي کان 'ڳالهين ڳائڻ' جي درجي ڏانهن ترقي ٿي.

مواد جي نوعيت.

'سونل' وارين ٽن روايتن (۳، ۴، ۵)* کان سواءِ هن ڪتاب ۾ شامل مواد مڙيئي 'ڳالهيون' آهن. 'سونل' هڪ ڪهاڻي آهي مگر ان کي ڳاهن ذريعي ڳايو ويو آهي، انهيءَ ڪري ئي ان کي

---

* ڏسو 'عنوانن جي فهرست'، جنهن ۾ 'سونل' بابت روايتون نمبر ۳، ۴ ۽ ۵ آهن. هن بعد متن توڙي حاشين ۾ ڏنل ڪارن عددن جو اشارو فهرست مطابق 'ڳالهين' جي سلسليوار نمبرن ڏانهن سمجهڻ گهرجي.

هن جلد ۾ شامل ڪيو ويو آهي. جملي چاليهن شامل روايتن مان، سواءِ ڏهن * جي ٻين سڀني ۾ ڳاهون يا نظميه فقرا آيل آهن ۽ انهيءَ ڪري مجموعي طور سان هن ڪتاب کي "ڳاهن سان ڳالهيون" سڏيو ويو آهي. 'ڏمڙ سوناري'، 'سونل' ۽ 'گامون سچار' مان هرهڪ جون هڪ کان زياده روايتون ڏنيون ويون آهن، ڇاڪاڻ ته هرهڪ روايت پنهنجي ستاءِ جي لحاظ سان مستقل درجو رکي ٿي. انهن اٽن زائد روايتن † کان سواءِ، هن جلد جو مواد ٻٽيهن مکيه عنوانن سان مختلف ڳالهين تي شامل آهي، جن مان ٽي خاص (۷، ۲۴، ۳۵) اتر سنڌ ۾ ٻه خاص (۱۸، ۲۰) لاڙ ۾، ۽ ان خصوصاً (۶، ۸، ۱۰، ۱۴، ۳۶) ٿرپارڪر ضلعي ۾ رائج رهيون آهن. باقي اوٽيهه سنڌ جي تاريخ يا سڃي سنڌ جي مجموعي روايتن ذريعي معلوم ۽ مشهور آهن. تاريخي لحاظ سان، ڏمڙ سوناري جي ڳالهه دلوراءِ جي دور سان وابسته آهي؛ جنهن جو گمان اندازاً ڏهين يا يارهين صدي عيسوي سان ٿي سگهي ٿو، ۽ 'جاڙي پيمجي ۽ غلام شاه ڪلهوڙي' واري ڳالهه ارڙهين صدي عيسوي جي آخر جي آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن جلد ۾ شامل ڳالهيون ۱۹- صدي عيسوي کان اڳ جي سٽن-اٽن سوَن ورهين واري عرصي سان تعلق رکن ٿيون.

مکيه مضمون ۽ خاص اهڃاڻ

جدا جدا نظرين کان هي مڙيئي ڳالهيون اهم ۽ انوکيون آهن، ۽ پڙهندڙ کي هرهڪ جي اندروني خوبي، ادبي يا تاريخي اهميت، ڳاهن جي لطافت ۽ ٻيون نزاڪتون دل سان لڳنديون. مضمون ۽ مقصد جي لحاظ سان، جملي مواد کي پنجن مکيه پاڳن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (الف) ڪهاڻيون، (ب) عشق ۽ محبت جون حڪايتون،

---

* ۱۵، ۲۰، ۲۱، ۲۲، ۲۹، ۳۰، ۳۲، ۳۳، ۳۴، ۳۹.

† يعني ته هڪ زائد روايت «ڏمڙ سوناري» جي، ۽ «سونل» جون، ۽ پنج «گامون سچار جون»

(ج) ڪن مشهور ڪردارن بابت روايتون، (د) پراڻ درياء جون يادگيريون، ۽ (هـ) نيم- تاريخي حڪايتون. اسان انهن عنوانن هيٺ، ڳالهين جي ڪن خاص ٽائن ۽ اهجاڻن تي قدري روشني وجهون ٿا.

(الف) ڪهاڻيون. فقط هڪ ڪهاڻي 'سونل' جي شامل آهي، جا هن جلد ڪي هن سلسلي جي پوين ڇهن جلدن سان قدري ملائي ٿي. هي خاص طرح هڪ گهرو ڪهاڻي آهي ۽ سنڌ جي گهٽي پاڻي ۾ گهر گهر مشهور آهي. هي ڪهاڻي ٽن مکيه روايتن ذريعي رائج آهي، جيڪي متن ۾ ڏنيون ويون آهن (۳، ۴، ۵). هيءَ هڪ نندڙي، سهڻي ۽ نهايت دلچسپ ڪهاڻي آهي، جنهن ڪي 'ڳاهن' ويتر دلپذير بنايو آهي.

(ب) عشق ۽ محبت جون ڪاپيتون. جملي پندرهن ڳالهيون* اهڙيون آهن، جن جو مکيه مضمون عشق ۽ محبت آهي. انهن مان 'ڏمڻ سوناري' جي ڳالهه، جنهن جون ٻه روايتون (۱، ۲) شامل آهن، غالباً سڀ کان آڳاٽي ۽ ڪافي وڏي عرصي ڪان سنڌ ۾ عام رائج آهي. دلوراءِ جي ڏيءَ ۽ ڏمڻ سوناري جي پٽ جي محبت هن ڳالهه جو مرڪزي مضمون آهي. هن ڳالهه ۾ پوليءَ توڙي ستاءَ جي لحاظ سان ڪافي آڳاٽيون (خصوصاً ص ۵) ۽ سهڻيون ڳاهون شامل آهن ۽ اڄا تائين ڪي ملوڪ هيءَ ڳالهه ٽالهي جي وڃت تي ڪٽندا آهن. انهن ڳاهن جي وراڻي جي لئي، جن اها ڳالهه ڪٽندي ٻڌي هوندي تن کي نه وسري هوندي. اها وراڻي مختلف نمونن سان آلاپيندا آهن. جيئن ته: "تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي"؛ "مون من آهي موهيو، موهي سونارن الا!" يا "مون من موهيو الا! مون من موهيو سوناري".

ٻه ڳالهيون، 'جلال ۽ مارڪ ميرُ' (۹) ۽ 'لالي ۽ سدورو' (۱۵) سنڌ جي مشهور عشقيه داستانن ۾ شامل آهن. 'جلال ۽

---

* ۱، ۲، ۷، ۸، ۹، ۱۰، ۱۱، ۱۲، ۱۳، ۱۴، ۱۵، ۲۰، ۲۴، ۳۵ ۽ ۳۶.

مارک میر'، مشهور عشقیہ داستان 'بوبنا ۽ جراڙ' جي هڪ روايت آهي، جنهن جون ٻيون روايتون توڙي هن داستان جا ڪي خاص ٽاٽا ۽ اهڃاڻ لوڪ ادب سلسلي جي 'اوٽيهين' ڪتاب (سنڌ جا عشقيہ داستان -۱) ۾ تفصيل سان ڏنا ويا آهن. 'لالي ۽ سدورو' پڻ هڪ محبت جو داستان، 'ڦل وڏي ۽ پوري' جي داستان وانگر 'ڪوٽ ڏجي' جي قديم بستي سان تعلق رکي ٿو. 'لالي ۽ سدوري' سان نهڪندڙ هڪ ٻي ڳالهہ 'لالي ۽ لالو بادشاهہ' اکثر ملوڪ ناڙي نڙ جي وچ ۾ ڳائيندا آهن *.

'چاندو ۽ گنگراج' (۸) 'پونا راءِ ۽ ليلا' (۱۰) ۽ 'صابر ۽ نوران' (۳۶)- اهي ٽيئي ڳالهيون ٽرپارڪر ضلعي جي 'ناري ڊويزن' ۽ خصوصاً عمرڪوٽ واري اراضي ۾ عام رائج آهن. انهن ڏنهي ۾ آيل ڳاهون صاف سڌيءَ ۾ آهن مگر جڏ تہ بالڪل هن پوئين دور جي ڪنهن سگهڙ جون جوڙيل آهن. پنج ڳالهيون ٻيون- 'راجڪمار ۽ ساهيڙي' (۶)، 'سڏيوت ۽ سارنگا' (۱۱)، 'ڪيمرو ۽ لوڏڻ' (۱۲)، 'آلڏي ۽ ڏيورو' (۱۴) ۽ 'راڻو سوندرو ۽ مانڊل راڻي' (۱۴)- ٽرپارڪر ضلعي جي 'ٽر ڊويزن' ۾ رائج آهن، ۽ انهن ۾ اکثر گجرات، مارواڙ راجپوتانا ۽ جوڌپور جي لوڪ ڪهاڻين جو عڪس نمايان آهي. ڳاهن جي ٻولي ۾ پڻ ڏاڪي سان گڏ گجراتي ۽ مارواڙي جي ڪافي آميزش آهي. انهيءَ ڪري ڇٻي نڌو سگهجي تہ انهن مان ڪهڙيون ڳالهيون خاص سنڌ جي سرزمين (ٽر) جي پيداوار آهن ۽ ڪهڙيون ڪتابن يا سگهڙن ذريعي ٻاهران آيل آهن.

'ڪپريو ڪاهوڙي ۽ راڻي ڪايار' (۲۰) ضلعي ٺٽي جي اترئين پاڳي ۽ خصوصاً 'جهرڪن' واري اراضي جو داستان آهي. هن ڳالهہ موجب 'ڪپريو' هڪ درويش هو، جنهن جو ماڃيراءِ بادشاهہ جي ڏيءَ

---

* نڙ ۾ هيءَ ڳالهہ اسان ۱۹۴۴ع ۾ ٺٽي طرف جي مشهور ناڙي بنگل چنهواٽ ڪان ٻڌي ۽ واه جا ٻڌايائين.

کاڌاري سان سندس نينهن لڳو. فرهاد وانگر ڪشالا ڪري، سرنگهه هٿي شهزادي کاڌاري ڏانئين پهتو ۽ انهيءَ سرنگهه واري ڪشالي سببان ڪيس 'ڪپريو ڪاهوڙي' يا 'ڪات ڪپريو' سڏيو ويو آهي. ڪپريي بابت مقامي طور ٻيون ڳالهيون به هلندڙ آهن، جن مان ڪن موجب هو هڪ ڏاڍو مڙس چور هو. جهڙڪن ڪان چار- پنج ميل اولهه طرف ڪراچي ڏانهن ويندڙ شاهي رستي جي ڏکڻ طرف 'ماجيراڻ جي ٽڪري' موجود آهي، جنهن تي قديم آثار آهن؛ جي غالباً پڌڙم جي مڙهي ۽ ان وقت جي شهر جا آهن. هيءُ داستان انهن قديم آثارن سان وابسته آهي.

'سهڻي صوحب' (۷)، 'راجا ڪينڙو' (۲۴) ۽ 'بچل مهر ۽ سعدان جٽڻي' ۳۵- اهي ٽيئي ڳالهيون ضلعي سکر جي روهڙي ڊويزن ۾ عام رائج آهن. 'سهڻي صوحب' غالباً ڪنهن سگهڙ جي جوڙيل خيالي ڳالهه آهي ۽ ان ۾ آيل ڳاهن ۾ پٽ هندي دوهڙن جو عڪس نمايان آهي. 'راجا ڪينڙو' پاڙيسري پرڳڻي جيسلمير جي پاسي جي ڪا سچي ڳالهه ٽي پائنجي ۽ ڳاهن جي ٻولي پڻ ان طرف جي آهي. 'بچل مهر ۽ سعدان جٽڻي' خاص مقامي ڳالهه آهي ۽ ان ۾ آيل ڳاهون پڻ مقامي سنڌي محاوري جي ساک پرين ٿيون.

(ج) ڪن مشهور ڪردارن بابت روايتون. آڳاٽي دور جا ڪي اهڙا ڪردار، جي ڪن خاص ڪارنامن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا، تن ڪي سنڌ جي عوام پنهنجن انهن ڳالهين ذريعي ياد رکيو آهي. هن مجموعي ۾ اهڙين ستن مشهور شخصيتن بابت ڳالهيون شامل آهن، جيئن تہ: مشهور سخي 'وڪيو ڏاتار' (۲۷) مشهور سورهيه 'بداماڻي ٻرو' (۱۹)، مشهور سچار 'ڪامون سچار' (۲۹-۳۴)، مشهور هاڻو (مال هٿندڙ) 'آهوڪوري' (۱۸)، مشهور جوڳي 'پريو ڳاروڙي' (۲۵)، مشهور پاڳيو 'سارو سنگهار' (۲۲) ۽ محلاتن جو سورهيه ۽ سُرهو چور 'ڪارائڙيو سمون' (۲۳). انهن ڳالهين مان هرهڪ بابت ڪي اهم اهڃاڻ هيٺ ڏجن ٿا.

وکيو ڏاتار، سنڌ جي مشهور 'ڏهن ڏاتارن' مان آهي، جن کي سنڌ جي سگهوڻ گهايو آهي. هن روايت ۾ ڏهن ئي ڏاتارن جا نالا چاڻايل آهن، ۽ ان موجب وکيو ڏاتار ۽ جام لاکو قلاڻي ساڳئي وقت جا هٿا ۽ وکيي ڏاتار جو ملک 'چينائي بيلو' هو.

بداماڻي پنهوار، سنڌ جي آڳاٽن سورهيه سردارن مان آهي ۽ سندس نالو اڄ تائين ياد آهي. بداماڻي پنهي بابت کي آڳاٽي وقت جا بيت شاهه جي رسالي (سر ڏهر) جي کن نسخن ذريعي محفوظ رهيا آهن، جي غالباً پنهي بابت کنهن ڇهوني ڳالهه جون 'ڳاهون' آهن. سنڌ جي هڪ داناء سگهڙ حاجي سرماڻ خان بگهياڙ (کرمتي بلوچ)* چيو ته: بداماڻي پنهي جي غير حاضري ۾ کنهن غنيم (جام لاکو قلاڻي نه پر ٻيو کو) سندس شهر تي کاهه ڪئي ۽ ٻي لٽ سان گڏ سندس سڳي توڙي ماتيجي ماڻ، ٻنهي کي 'ٻان' ڪري وڻي ويو. پويان بداماڻي پنهوار به سگهوئي اچي پهتو ۽ غنيم جي لشکر جي پويان ٻيو ۽ وڃي آڏو کو لڪ ڇهلايائين. جڏهن انهيءَ لڪ مان سندس ماڻ ۽ ماتيجي جا ڪجاوا لنگهيا ته ماتيجيءَ ماڻ، پنهي کي ڏسي ورتو ۽ کيس ويڙ ڏنائين ته:

اڄ گهرجين آءُ، بداماڻي پنهوارا!
ماتيجي ۽ ماڻ، ٻئي وڃن ٻان ۾

انهيءَ تي پنهي جي سڳي ماڻ چيس ته:

نکي پنهو تو جائو، نکي تو وت هوءِ
پوءِ ماتيجي! مٿو، ڇي لاءِ تو ڏنوءِ

---

* ويندل لڳ ميرپور ساڪرو ضلعو ٺٽو. هينئر سندس عمر سؤ ورهيه ڪن آهي. سائين امان جون ڪچهريون ۱۹۴۵-۱۹۴۶ع ۽ ان بعد ۱۹۵۰-۱۹۵۵ع واري عرصي ۾ ٿيون. سندس فرزند حاجي محمد سويرو هن وقت سنڌ جي وڏن سڳورن مان آهي.

حاجي ڪرمي ٻوڙي بلوچ ويڙل داڏيجي هڪ ڪچهري ۾ خبر ڪئي ٿ: ميو ۽ شير ٻئي پٽي جا ڀاءُ هئا. اهڙيءَ طرح بداماڻي ٻئي بابت جابجا ٿوريون گهٽيون ڳالهيون هلنڊڙ آهن، جن مان گهٽين کي اسان گڏ ڪري، ٻيٽي متن واري ڳالهه لکي آهي؛ جنهن مان ظاهر آهي ته ٻُڌري جي ڪوٽ تي ڪنهن 'مغل' ڪاهه ڪئي. ان مان گمان نڪري ٿو ته اها چڙهائي ارغونن يا ترخانن واري دور ۾ ٿي، ۽ انهيءَ لحاظ سان بداماڻي ٻئي ڏهين صدي هجري/سورهين صدي عيسوي ڏاري ٿي گذريو.

گامون سچار نسبتاً ويجهي دور جو آهي. گامڻ خان ڪورائي، جو عام طرح 'گامون سچار' جي نالي سان مشهور آهي، بابل خان ڪورائي جو پٽ هو. ديري غازي خان جي باني نواب غازي خان وٽ (جو يارهين صدي هجري ۾ ٿي گذريو) سچائي سببان سندس وڏي عزت هئي، ۽ هو نواب صاحب جي خاص وزيرن مان هو. گامون سچار جون ڳالهيون ديري غازي خان، بهاولپور، سرائي توڙي سنڌ ۾ لاڙ تائين مشهور آهن. هن جلد ۾ شامل پوين ٽن روايتن ۾ گامون جي اٽڪل ۽ حرفت وارا نقل غير معتبر ٿا ڄاڻجن؛ جو ته گامون جو گڻئي سچائي هو ۽ نه حرفت ۽ اٽڪل.

آهو ڪوري مشهور 'هاڻو' هو، يعني مال (اڻيون، مينهون وغيره) هٿندو هو. هيءَ ڳالهه خاص طرح ٿٽي ضلعي ۾ رائج آهي ۽ اسان حاجي سرماڻ خان بگهياڙ ۽ سندس فرزند حاجي محمد سوڊي کان ٻڌي. ان بعد سگهڙ الله بخش بالاري† خبر ڪئي ته: آهو سيراچاڻي ۽ ڪپريو ڪاهوڙي پنهنجي وقت جا وڏا چور هئا. آهو ذات جو 'وَدُو' هو، پر ڪي چون ٿا ته ڪوري هو ۽ ڪي چون ٿا ته ڪاتيار هو. ا. هـ.

---

† اصل ويڙل 'سَري' تعلقو ٽاڻو بولا خان سندس عمر نوي ورهيه ڪن آهي. ساڻس اسان جون ڪچهريون ۱۹۶۰-۱۹۶۱ع ۾ ميڻاڻي جي ٻيلي ۾ ٿيون. سنڌ جي وڏن سگهڙن مان آهي.

هن روايت موجب 'آهو سيراچاڻي' جي نالي مان ظاهر آهي تہ آهو پٽ سيراج جو هو. الله بخش وڏيڪ ٻڌايو تہ: 'آهي وارو ڪوٽ' مشهور آهي ۽ 'ڪلهي جي وانءَ' (تعلقو ٽاڻو بولا خان) جي آسپاس ان جا نشان موجود آهن.

پريو گاروڙي هنڌين ماڳين مشهور آهي. هو جهاڙ منتر جي علم جو استاد هو ۽ سڀ سڀ جي ذات تي سندس قبضو هو. عوام جي ويساهہ موجب اهڙو مهاجوگي کو عام رواجي ماڻهو ڪونہ هوندو. سندن خيال ۾ (هن روايت موجب) هو حقيقت ۾ هڪ شهزادو هو ۽ جيسلمير جي راجا جو پٽ هو. فقير جي قول موجب، جنهن جي دعا سان جائو مرلين سان محبت رکيائين ۽ گرو جي دعا ٿيس، جنهنکري نانگ بلائون سندس سڳي ۾ ٻڌا. هن روايت ۾ پريي گاروڙي جي زندگيءَ بابت ٻيا نوان ٽڪتا پڻ ملن ٿا: هڪ تہ 'سڳئي سنگهار' سان سندس نينهن لڳو، جا 'شيشا پٽڻ' واري ياڳي جي ڪنهن شهر جي راڻي هئي، ۽ ٻيو تہ سڳئي سنگهار جي رضا خاطر 'پڃنگ نانگ' کي جهلڻ لاءِ ڪشالا ڪيدائين، جن جي وگهي سندس موت ٿيو.

سنڌ جي عام روايت موجب پريو گاروڙي ذات جو ڇنهواڻ هو ۽ 'گوگي پير' جو مک ۽ خبردار ٻالڪو هو. گوگو پير درويش هو ۽ ڪرامت سبحان سڀ نانگ بلائون سندس مطيع هئا. پريي ڪانئس پرايو ۽ گوگي پير جي دعا ٿيس، جنهنکري جهاڙ منتر جي علم جي زور سان هن سڀ نانگ نمايا. ٽٽي لڳ 'ڳڄهي' جا ڇنهواڻ فقير پاڻ کي پريي گاروڙي جو اولاد سڏائين ٿا ۽ ٽٽي واري ياڳي کي'ئي گوگي پير جو آخري آستان ۽ پريي گاروڙي جو ماڳ مڪان ٻڌائين ٿا. ٽٽي ۽ ڳڄي جي وچ تي ڪراچي ڏانهن ويندڙ شاهي رستي جي لڳ ڏکڻ طرف "گوگي جا ٽڪر" مشهور آهن. ڳالهہ جي هن روايت موجب پڻ پريي گاروڙي جو 'شيشا پٽڻ' جي سڳئي سنگهار سان نينهن لڳو. 'شيشا' ۽ 'پٽڻ' ٻئي سنڌو ندي جي هيٺين دو-آبي جون اڳيون شاخون

آهن، ۽ ميرپور ساڪري تعلقي جي ساموندي ڪناري واري اندرين اراضي ۾ انهن ناڙن سان ڪارا درياءَ اڃ تائين موجود آهن. انهن اهڃاڻن سان پڻ ڀربي گاروڙي جو ڏنل واري انهيءَ پاڳي ۾ اڇڻ جو گمان ڪري ٿو.

سارو سنگهار وڏي ۾ وڏو پاڳيو هو ۽ وٽس مال مال جي ذات موجود هئي. سندس باري ۾ جيڪي روايتون اسان کي ملي سگهيون، تن جي بناء تي متن ۾ هن ڳالهه جو خاڪو قائم ڪيو ويو آهي. ساري سنگهار بابت سنڌ ۾ ڪيئي ڳالهيون هلندڙ آهن، جن کي سهيڙڻ جي ضرورت آهي. مثلاً سارو سنگهار چوندو هو ته: ڏاچيءَ جي منجهه جي مونکي خبر نٿي پوي؛ پاڻ تي ايندي ته به رڙندي ايندي ۽ پاڻ تان ويندي ته به رڙندي ويندي. هڪ ڀيري سارو سنگهار ڪٽان ٻاهران پئي موٽيو ته گس تي پنهنجي پاڻ جو ڪو ماڻهو گڏيس، پڇيائينس ته: پوئتي سڀ خير هو؟ هن چيو ته: هائو. اتي پڇيائينس ته: ڪٿون ڦريون؟ جواب ڏنائين تہ: نہ، ڪٿون اڃا وٽاڻ تي. تڏهن ساري سنگهار چيو ته: ابا! پوءِ ڪيئن ٿو چئين ته پوئتي مڙيئي خير! ان مان مراد ته ساري سنگهار جي نظر ۾ سڄي مال ۾ ڪٿون ڪتر ۽ ويڙهي ذات آهي. ساري سنگهار جي ڪتب بابت هن جلد ۾ شامل "ڪارائڙي سمي" جي ڳالهه ۾ ڪي وڌيڪ اهڃاڻ موجود آهن.

ڪارائڙيو سمو ڪڇ جي سمن مان هو، ۽ هن روايت موجب هو 'ڪَرڙيهي- آبڙاسيهي' جي پينگهر جام جو پٽ هو. هو پنهنجي وقت جو شاهي سورهيه ۽ سُرهو چور هو، چاڪاڻ ته هو هميشه راجائن ۽ سردارن جي محلات مان هيرن جنهوارن ۽ گهڻن زيورن جي اڪيلي سر چوري ڪندو هو ۽ محلات جي داين ٻاين کي اوڏاڻيون پهرائي مال متاع کڻي ويندو هو. هن روايت ۾ ساري سنگهار بابت پڻ کي خاص اهڃاڻ موجود آهن، جيئن ته 'پڇم' واري 'ڪاري جبل' جي اترين پٽ ۾ 'نير واري وانءَ' عام طور 'ساري سنگهار جي وانءَ'

پڻ سڏجي ٿي: چاڪاڻ ته انهيءَ ماڳ پڻ سارو سنگهار وس سالڳي مال ڪاهي اچي رهيو هو: ٻيو ته ساري سنگهار کي 'سَچاچُل' ۽ 'ڪَپُورئين' نالي به ڏيون هيون، جن مان ڪپورئين جي شادي ڪارائڙي سمي سان ٿي.

(ڏ) پراڻ درياء جون يادگيريون. اندازاً ڏهين صدي عيسوي جي آخر کان وٺي چوڏهين صدي جي شروع تائين، سنڌو درياء جو مکيه وهڪرو، موجوده موري ۽ سڪرنڊ جي وچ ڏاري اوپر طرف ور ڪائي، موجوده ميرپورخاص جي رخ تي وهندو هو: جتان کان وٺي هيٺ درياء جو اهو وهڪرو 'پُراڻ' جي نالي سان سڏجڻ لڳو، جنهن جي ٻن مکيه شاخن جا قديم ٻيٽ اجاتائين ميرپورخاص کان هيٺ ٽرپاڪر ضلعي ۾ موجود آهن. ان بعد درياء آهستي آهستي اولهه طرف لاڙو ڪيو ۽ ڪو وقت نصرپور وٽان وُڙهيو: تان جو ١٧٥٧ع ۾ هالن جي مٿان رخ ڦيرائي اڄ به اولهه طرفان ڪوٽڙي واري موجوده مَجراه ۾ وهڻ لڳو. مگر 'پراڻ درياء' جون آبادیون ۽ ان جي ٻنهي ڪپين چهڙتن جون يادگيريون ماڻهن کي ڪين وسريون: پهاڪن، ٻيٽن، قصن ۽ ڪهاڻين ذريعي پراڻ جو ذڪر جاري رهيو ۽ اڄ تائين جاري آهي. جام لاکي ڪلاڙي، پراڻ جي ڪناري تي منزلون ڪيون ۽ پراڻ جي وٽن کي اوڏاڻيون پهرايون. آمري، پراڻ جي ڪپ تي اسري ۽ وڏي وٽ ٽڻي، ۽ بادشاهن، اميرن ۽ درويشن جو منزلگاهه بڻي. ٽنڊي جان محمد لڳ پراڻ جي ڪناري تي 'آمري وارو مقام' موجود آهي، جنهن ۾ ڪيئي سالڪ، سگهڙ، عاشق ۽ درويش ستل آهن، جن پراڻ جي لهرين ۽ آبادين کي اکين سان ڏٺو. پراڻ جي مانڊاڻ جا اهڃاڻ هينيان آڳاٽا بيت آهن، جن ۾ ڪنهن سالڪ پراڻ کان سوال پڇيو آهي ۽ پراڻ ان جو جواب ڏنو آهي:

سالڪ: جهوني تون پراڻ، جُڳ چٽيهه سنيرين
تو کي ڏٺا هاڻ، لاکي جهڙا پَهَڙا؟

پراڻ: لاکا لک آئيا، انڌ کروڙيون اٺ
پر هيم-هيڙائو هيکڙو، وري نه آيو مون وٽ

'هيم- هيڙائو' يعني 'سون جو سوداگر'، جنهن چون ٽا ته هڪ دفعو پراڻ جي ڪناري تي منزل ڪئي ۽ چوڌاري وڻن ٽڻن کي سونا گهه پارائي، انهن کي سهاڳ ڏيئي چڏيائين.

هن جلد ۾ شامل روايت (۲۱) جنهن پراڻ جي سوداگر جي آهي، سو ڪشمير جو هو؛ جنهن مان درياء ذريعي اتر هندوستان سان سنڌ جي آڪاٽي واپار جو پتو پوي ٿو. هن ڳالهه جي سڌاء 'ڪهاڻي' واري آهي پر ان جي پس منظر ۾ ٻه تاريخي اهڃاڻ سمايل آهن: هڪ علي بندر جي آبادي، ٻيو پراڻ درياء جو ڦٽڻ. علي بندر جو اهڃاڻ، پراڻ جي پوڇڙي واري وهڪري جو پتو ڏئي ٿو. علي بندر، رهموڪي بازار کان اٽڪل ڇهه ميل ڪن اتر-اولهه طرف ۽ سنڌ جي سرحد اندر هڪ مڪيه بندر هو، جتان ڪان پراڻ اندازاً ٻارهن تيرهن ميل ڏيڻ سَر ڏکڻ وهي وڃي 'ڪاري ناري' (ايرندي ناري) سان گڏبي هئي. اتان ذرا اولهه طرف لاڙو ڪندي هئي، جتان ڪان ست-اٺ ميل هيٺ 'سنڌڙي' جو بندر هو. سنڌڙي ڪان هيٺ اچان ٻه اولهه طرف لڙي وڃي 'ڪوري جي نار' ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. درياء جي پراڻ واري رخ بدلجڻ ڪان گهڻو پوءِ پڻ آبڪلاني جي موسم ۾ درياء جي اڻل سببان پراڻ جو ڏورو پرجي وهندو هو ۽ ويندي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي دور تائين پراڻ ۽ ناري جو گڏيل پاڻي سنڌڙي تائين پهچندو هو. مگر سنه ۱۸۱۹ع ۾ ڏرتي ڏڻڪ سببان انهيءَ وهڪري تي وڏو اثر پيو: 'سنڌڙي' صفا تباهه ٿي وئي ۽ علي بندر جو اوج پڻ ختم ٿي ويو. هن عوامي روايت موجب، سوداگر کي ڪاوڙ آئي جنهن وجي پراڻ جو منهن پورايو ۽ علي بندر جي اوج کي هميشه لاءِ ختم ڪري چڏيائين.

(هم) نيمر- تاريخي ڳالهيون. جملي اٺ ڳالهيون جڙ نيمر- تاريخي حڪايتون آهن. ڇاڪاڻ ته انهن جي ستاءِ ۾ ڪي تاريخي تاڻا ۽ اهڃاڻ تمڪندا نظر اچن ٿا. انهن مان ست ڳالهيون سومرن جي تاريخي دور سان وابسته آهن ۽ هڪ ڳالهه ڪلهوڙن جي دور سان تعلق رکي ٿي. اسان هيٺ انهيءَ تاريخي سلسلي مطابق انهن تي پڌري روشني وجهون ٿا.

سومرن جو دور. هن دور جي ستن ڳالهين مان ٽي- انڑ انڑاڻي (۳۷)، سونل پري (۳۶) ۽ جام پونئرو (۱۶)- سومرن جي دور ۾ ڪڇ ۾ سنڌ جي سمن سردارن جي حڪومت سان لاڳاپيل آهن، ۽ باقي چار- جسوڏن بادشاهه (۲۸)، هميرسومرو (۱۷)، عمر ۽ گنگا (۳۹) ۽ عمر ۽ نيرل راڻي (۴۰)- سنڌ ۾ سومرن واري دور سان وابسته آهن.

انڑ انڑاڻي. جام مهڑ ۽ جام مناهي، سنڌ جي سمن مان پهريان مڪ سردار هئا، جن سومرن جي دور ۾ وچ ڌاري ڪڇ ۾ سمن جي طاقت جو بنياد وڌو. ڪڇ جي روايتن موجب پڻ، ٻه ڀاءَ جام مهڑ ۽ جام مناهي پهريان سما سردار هئا، جي سنڌ مان آيا ۽ اچي ڪڇ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪيائون. انڑ انڑاڻيءَ جي ڳالهه انهيءَ دور سان تعلق رکي ٿي، ۽ ڪڇ جي روايتن سان گهڻي قدر ملي ٿي. البت ڪڇ جي روايتن موجب مهڑ ۽ مناهي پنهنجي ڀاءَ انڑ کي ماريو ۽ انهيءَ ڪري کين سنڌ ڇڏڻي پئي؛ مگر هن روايت مان انهيءَ واقعي جي تصديق ڪانه ٿي ٿئي. ازانسواءِ سمن جي شجرن مان پڻ گهٽن ۾ انڑ جو اولاد جاڻايل آهي، جنهن جي معنيٰ ته انڑ سنڌ ۾ جام ٿي رهيو ۽ مهڑ ۽ مناهي وڃي ڪڇ ۾ حڪومت قائم ڪئي.

سونل پري. ڪڇ ۾ جام مهڑ بعد جام ساهڙ (يا جام ساند) حڪمران ٿيو، جنهن کان پوءِ پٽس جار ڪل گادي تي ويٺو، ۽ ڪائٺس پوءِ سندس پٽ جام لاکو حاڪم ٿيو، جو ڪڇ توڙي سنڌ ۾ 'جام لاکي

ڦلاڻي' جي نالي سان مشهور آهي. عوام جي ويساهه موجب لاکي ڦلاڻي جهڙو سورهيه پٽ رواجي ماءُ کو جڻندي! هو ضرور کنهن پريءَ پيتان پيدا ٿيو هوندو. 'سونل پري' جي ڳالهه انهيءَ عام ويساهه جو نتيجو آهي، جنهن موجب: لاکي جي ماءُ 'سونل' حقيقت ۾ هڪ پري هئي، جنهن کي 'ڪرڙ ريباري' نياڻي کوڻي پنهنجي گهر ۾ رهايو، ۽ پوءِ جام ڦل، سونل جي سونهن ۽ سگهه ڏسي ساڻس شادي ڪئي ۽ سندس پيتان لاکو جائيو. ڪڇ جي روايتن مطابق، جام لاکي جي ماءُ جو نالو 'سون بائي' هو ۽ هوءَ هڪ ريباري قبيلي جي چوڪري هئي. هن روايت موجب جام لاکي جو جنم 'مهينو ڪتي سنبت ۹۷۶' جاڻايل آهي. ڪڇ جي روايتن ۾ اختلاف آهي، مگر ڪن ۾ اهو ساڳيو سال جاڻايل آهي.

جام پونئرو. جام لاکي ڦلاڻي پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ گجرات توڙي مارواڙ جي سرحدي راجائن کي شڪستون ڏيئي، ڪڇ ۾ هڪ طاقتور حڪومت قائم ڪئي. ڪائنس پوءِ جام پونئرو حڪمران ٿيو، جو سنڌ جي بادشاهه همير سومري جو همعصر جو. جام لاکي ڦلاڻي جي مرڻ تي وجهه ونڊي سرحدي راجواڑن ۽ راجائن وري ڪڇ تي ڪاهون شروع ڪيون. 'ويرگجر' جو 'ٻرڙي' واري ڳاڻي جو حاڪم هو، تنهن حملا شروع ڪيا؛ جن کي هميشه لاءِ ختم ڪرڻ خاطر جام پونئري سنڌ جي بادشاهه همير سومري ڏانهن مدد لاءِ لکيو، جنهن جو ذڪر هيٺ همير سومري جي ڳالهه (۱۷) ۾ آهي.

هن ڳالهه ۾ 'جڪڻ' هٿان جام پونئري جي مارجڻ جو ذڪر آهي. اصولي طور سنڌ جي هيءَ روايت ڪڇ جي روايتن جو ڦاڦو آهي، جن ۾ 'جکن' هٿان جام پونئري جو موت مشهور آهي؛ البت هن روايت ۾ ڳاهن ذريعي هن واقعي جو قدري تفصيل سان سماءُ رچيل آهي. غور ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ هڪ صرف عوامي افسانو آهي. تاريخي اهڃاڻن موجب، جڏهن جام پونئري ۽ همير سومري

جي وچ ۾ عهدنامو ٿيو (’هميرسومري واري ڳالهه‘) تڏهن ڪچ
ڪي سنڌ جي پوري طاقت جي پنهيائي حاصل ٿي ۽ جام پونئري سان
ڪوبه پڙي نه سگهيو. ان بعد ڪافي عرصي تائين هن حڪومت ڪئي
۽ پوءِ ڪنهن اتفاقي بيماري سبان هن اوچتو وفات ڪئي. بنا ڪنهن
جنگ جي، گهر جي خاموشيءَ ۾ سندس اوچتي وفات سبان ماڻهن ۾
ڪئين ڳالهيون هليون. سنڌن خيال ۾ جام پونئري جهڙو مڙس کو
بيماري وگهي مرڻ جو هوا پانيائون ته يقيني طور ڪنهن درويش
جي پٽ يا ڪنهن جادوءَ جي اثر جو شڪار ٿيو هوندو. اهڙيءَ طرح
افسانو اسريو ته: جام پونئري جي راڻي، سنگهارن فقيرن کان پٽ لاءِ
دعا گهري، پر چيائونس ته توکي پٽ لکيل ڪونهي. انهيءَ تي راڻي
رنج ٿي اچي جام پونئري کي برغلايو؛ جنهن انهن فقيرن کي بند ۾
وڌو. پوءِ منجهائن هڪڙو فقير، ’پنيري‘ حجام جي مدد سان ڇڄي
نڪتو، جنهن ٽڪر تي چڙهي وڃي پنهنجي پير ’جڪ‘ کي سڏ ڪيا.
سندس سڏ سڻي ايڪهتر جڪ گهوڙيسوار، سندن پيڙ ”سانئري“ سميت
پٽرن سان پنهنجا توبرا ڀري، جام پونئري کي مارڻ لاءِ اچي ٽڪر تي
پهتا. پوءِ محلات تي پٿر وسايائون پر جام پونئري کي بہ دعا جو
تعويذ ڪچيءَ ۾ بدل هو؛ جنهنڪري کيس پٿرئي ڪوٽ لڳو. پوءِ
’جڪن‘ جي پيڙ سانئري، مڇر بنجي اچي جام پونئري کي اندران بدن
تي چڪ هنيو، جنهن تي هن غسلخاني ۾ وڃي ڪپڙا لاٿا ۽ تعويذ
پڙ لاٿو. ان موقعي تي سيني ۾ نڙي جڪ جنهن جو نالو ’ڪَڪر‘
يا ’ڪَڪڙ‘ هو، تنهن چتائي پٿر هنيو، جو جام پونئري کي لڳو ۽
انهيءَ زخم سبان چالهين ڏينهن بعد وفات ڪيائين.

هيءُ ڪچ جي روايتن جو اختصار آهي، جنهن جي آڌار تي هن
پوئين دور جي ڪن لکندڙ ڪاريگرن ڪئين طومار ٻڌا آهن. فقيرن
کي بند ۾ وجهڻ واري ٽاڻي مان ثابت ڪيو اٿن ته جام پونئرو وڏو
ظالم هو. پر ان کان وڌيڪ ’جڪن‘ جي سچائپ ثابت ڪئي خيالي
لغڙ اڌايا اٿن، جن ۾ ’لنڊن‘ جو هڪ پروفيسر سيني کان گوءِ ڪئي

ويو آهي. سندس خيال ۾ (۱) اهي کي ڏيهي ماڻهو گين هئا، پر 'روم' (Byzantium) جي طرف جا يوروپي گورا هئا، جن ظالم پونئري کي ماري ڇڏ کڻ جي عوام کي آزادي ۽ نجات بخشي. اهو انوکو خيال غالباً سندس کڻ جي تاريخي مطالعي جو پڙاڏو آهي، جنهن موجب ۱۹- صدي ۾ انگريزن کڻ جي باهمت سپه سالار فتح محمد نوتيار جي طاقت کي هميشه لاءِ ختم ڪري کڻ تي ڦهنجو قبضو ڇمايو ۽ اهڙيءَ طرح کڻ کي آزادي ۽ نجات بخشي.

جسوڏن بادشاهه. هيءَ ڳالهه (۲۸) سومرن جي بالڪل اوائلي يا آخري دور سان تعلق رکي ٿي. 'تحفة الڪرام' ۾ عربن جي دور بعد يعني ته سومرن جي بالڪل اوائلي دور ۾ سنڌ ۾ ستن راڻن جي سردارين جو ذڪر آهي، جن مان هڪ جو نالو 'جسوڏن آگرو' ڄاڻايل آهي (۲). غالباً 'جسوڏن' جي سرداري موجوده ٽنڊي آدم ۽ دلور (ضلعو سانگهڙ) واري اراضي ۾ 'لوهاڻي درياءَ' جي ڪنڌيءَ سان هئي، جتي 'آگرن' جي آڳاڻي بستي جا آثار ملن ٿا. عربن جي دور ۾ درياءَ 'منصوره' (برهمڻ آباد) وٽان وهندو هو، جنهن جا شاهي ڪنڊر جمڙائو واهه لڳ 'خيري ڪلوئي' واري موري جي اوپر طرف (تعلقو سنجهورو) موجود آهن. ان بعد درياءَ ذرا اولهه طرف رخ بدلايو ۽ 'منصوره' ۽ موجوده ٽنڊه آدم جي وچ ڏاري 'لوهاڻي' واري پيٽ مان وهڻ لڳو. هيٺ ڏکڻ طرف، سومرن واري دور ۾ 'پراڻ' جي پٽن مان وڻ هو ۽ سمن جي دور ۾ هڪ مکيه شاخ اولهه طرفان نڪي وٽان وڻ هي ۽ ٻيو ننڍو واهڙ نصرپور وٽان وهڻ لڳو. ترخانن جي دور کان وٺي ڪلهوڙن جي دور تائين، نصرپور وارو واهڙ ڦري مکيه

---

(۱) ڏسو «رش بروک وليم» جو ڪتاب: ڪاريون ٽڪريون، کڻ جي تاريخ ۽ ڏند ڪٿا ص ص ۸۳-۸۵.

Rushbrook william, L F.: the Black Hills: Kutch, Its History and Legend, London, 1958, p p 83- 85

(۲) تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ۱۹۵۷، ص ۸۱.

وهڪرو ٽيو: جنهن جي هڪ شاخ هيٺ لاڙ طرف 'پٽيهل' جي نالي سان سڏ بي هئي. 'پٽيهل جي جَن' ايان تائين 'تَرائي' (تعلقو ٽنڊو محمد خان) کان ڏکڻ-اولهه طرف موجود ۽ مشهور آهي. ۱۷۵۷ع ۾ جڏهن نصرپور وارو وهڪرو ڦٽو، تہ هيٺ ڏکڻ طرف ان کي 'ڦٽو' يا 'ڦٽو ڍورو' يا محض 'ڍورو' سڏڻ لڳا ۽ ايان تائين اهي نالا مشهور آهن. بهرحال، سومرن جي دور کان وٺي کلهوڙن جي دور تائين 'لوهاڻي-ڦٽي ڍوري-پٽيهل' وارو درياء جو وهڪرو، 'سير' يا 'واهڙ' طور مگر مسلسل جاري رهيو. جيئن تہ جسوڏن جي سرداري مٽان 'لوهاڻي' تي هئي، انهيءَ ڪري پوئين دور ۾ سندس نالو انهيءَ وهڪري جي هيٺين ڇاڙهن، يعني تہ ڦٽي ڍوري ۽ پٽيهل، جي نالن سان گڏ ياد رهيو: جيئن تہ 'شاهه جي رسالي' (سر ڈهر) جي بيتن مان ظاهر آهي. هڪ بيت ۾ 'جسوڏن' جو نالو ڪنيل آهي تہ:

ڍور نہ اڇينءَ ڌار، مهند ملاحن لکيو
موڙي ڇڏيائون مَکُرا، پسي پاڻيءَ پار
جسوڏن جهڙا يار، پيا ويہ وساس ۾.

سنڌ جي ڪن روايتن موجب، 'نُورئين' (نُوري) کي جسوڏن بادشاهه جي ڏي سڏيو ويو آهي. نورئين جو زمانو جام تماچي وارو آهي ۽ جام تماچي سنڌ-سمن جي اوائلي بادشاهن مان هو. سندس پيءُ جام فيروز، سمن جو پهريون بادشاهه هو ۽ سومرن جي بالڪل آخري دور ۾ هو عروج کي رسيو. انهيءَ لحاظ سان 'نورئين' جي پيءُ 'جسوڏن' کي پڻ سومرن جي بالڪل آخري دور جو ڪردار ڏيئي سگهي ٿو. پر انهن روايتن ۾ 'نورئين' جي جسوڏن سان نسبت بڻ 'ڍوري' جي لحاظ سان آهي. چون ٿا تہ جڏهن ڍورو سکو ۽ جسوڏن جي بادشاهي ڦٽي تہ سندس ٻيو خاندان ختم ٿي ويو ۽ باقي 'نورئين' چوري چني وڃي رهي، جنهن جو ڪوبہ اوهي واهي ڪونہ رهيو. بالآخر هڪ گندري کيس پنهنجي نياڻي ڪري نپايو. غالباً اها روايت محض

'نورئين' جي شان وڏائڻ خاطر آهي. ان مان قدري جسوڏن ۽ ڏوري جو اهڃاڻ ملي ٿو.

تحفةالڪرام، شاهه جي رسالي جي بيتن ۾ نورئين واري روايت کان سواءِ جسوڏن بابت هي ڪابه روايت ڪانه ٿي ملي، تان جو ۱۹۵۰ع ۾ جڏهن اسان جون ميرپور ساڪري جي بگهياڙن سگهڙن سان ڪچهريون ٿيون تہ هيءَ ڳالهه وڌائڻ ملي جا نهايت دلچسپ آهي. هن روايت جو مرڪزي نڪتو پڻ 'ڏوري جو سڪ، جسوڏن جي بادشاهي جو ڦڙ ۽ دوباره ڏوري ۾ پاڻي اچڻ ۽ ملڪ جو وسڻ' آهي، جو متين روايتن مطابق آهي. سنہ ۱۹۶۱ع ۾ اسان جي ڪچ جي سگهڙ مڙو فقير نهڙبي سان ڪچهري ٿي، جنهن پڻ جسوڏن بادشاهه ۽ نورئين واري روايت جا ٽاڻا ڏنا، پر وڏي عمر (نوي ورهيه) سبب ان کيس ويسر ٿي پئي ۽ سربستي ڳالهه ڪري نہ سگهيو. البت ڳالهه ڪندي 'جسوڏن مهڙاڻي' پئي چيائين، جنهن جي معنيٰ تہ جسوڏن جي ٻيءُ جو نالو 'مهڙ' هو. وري چيائين تہ: "جسوڏن کي مهڙ نالي پٽ ٿيو، جنهن کي به پٽ ٿيا، هڪ نوري ٻهو اسحاق." ٿي سگهي ٿو تہ 'نوري' جسوڏن جو پٽ هو، پر ساڻئي نالي سبب ڪن سگهڙن، جام تماچي جي محبوبه 'نوريءَ' کي جسوڏن جي ڏيءَ سمجهيو، جيئن مٿي بيان ٿي چڪو آهي. مڙو فقير چيو تہ: 'ٻلياري جسوڏن جي ٻني هئي.' شاهه جي رسالي ۾ هڪ بيت آيل آهي تہ "ڏاڪي ۽ ڏور، ٻئي و هن ٻليار ۾"، ۽ هن روايت موجب، 'ٻليار' مان مراد 'ٻلياري' سمجهڻ گهرجي. پڻ مڙو فقير 'جسوڏن' کي بعضي 'جسو فقير' پئي سڏيو. متن ۾ ڏنل بگهياڙن سگهڙن واري ڳالهه مان پڻ 'جسوڏن' جي نيڪي ۽ درويشيءَ جو گمان نڪري ٿو.

همير سومرو: هن ڳالهه (۱۷) ۾ ويرگجر سان جام پونئري جي مقابلن، همير سومري جو سندس مدد لاءِ سنڌ مان چڙهڻ ۽ بالآخر ويرگجر کي آمهون سامهون مقابلي ۾ هارڻ جو ذڪر آهي. هن ڳالهه

گالهه جي ٻي 'پٺرا' ۾ مقصد توڙي مفهوم جي غلطي رهجي وئي آهي ۽ انهيءَ کري اها 'پٺرا' (ص ۱۱۲) هيٺينءَ طرح درست کري پڙهڻ گهرجي:

"انهيءَ زماني ۾ کائياواڙ طرف ٻَرڙي واري پاڳي ۾ 'ويرگجر' ڏلي هکڙو راجا هو، جنهن جي جام پونئري سان دشمني هئي. ويرگجر کي تي حملن لاءِ پنهنجا لشکر چاڙهڻ لڳو. هڪ پيري هٿياربند لشکر موکليائين، جن اچي کي مان مال هنيو. جام پونئري کي جڏهن خبر پهتي، تڏهن قول کيائين ته اهو سال واربو ۽ حملي کندڙن کي سيکت ڏيي. پوءِ جام پونئري پوئتان پنهنجو لشکر چاڙهيو، جن ٻَرڙي پهاڙ جي لڪ وٽ هاڻن کي ماري مال ورايو:

پونئري کيا پرياڻ، ٻَرڙي تي ٻَر ٻيا
تنين وجي واريون لوڙون لڪ مٽا.

(جام پونئري پکا قول کري، 'برڙي' طرف سخت چڙهائي کئي، ۽ سندس فوج سرسي کري 'لک' مٽان وجي اهي لوڙهيون (هنيل مال) ورايون).

هن گالهه مان کي اهم تاريخي اهچاڻ نروار ٿين ٿا: جام پونئرو، هيمير سومري جو همعصر هو: کائس اڳ جام لاکو قلاڙي هو، جنهن جي ڏاڏي جام مهڙ کي ۾ سمن جي طاقت جو بنياد وڌو، جنهن جي معنيٰ ته سومرن جي وچين دور ۾ سنڌ جي سمن سردارن کي ۾ پنهنجي حکومت قائم کئي. پيو ته هن گالهه مان سومرن ۽ گجرن جي لڙائي جو ثبوت ملي ٿو، جنهن جا اهچاڻ 'دودي چنيسر'

جي رزميہ داستان ۾ ملن ٿا*. ٽيو ته جام پونڑي جي مدد ۾ هميرسومري سنڌ سان چڑهائي ڪئي ۽ ويرگجر جي شڪست کان پوءِ ڪچ پڻ سومرن جي سياسي اثر هيٺ آيو. هن روايت موجب (جنهن جي تصديق ڪچ جي روايتن مان پڻ ٿئي ٿي) "ان ڏينهن کان وٺي ڪچ ۾ (هميرسومري جي) نالي قائم رکڻ لاءِ زمين جا دستاويز لکڻ وقت "اگهات هميرواڙا" لکڻ جو رواج پيو (ص ۱۱۷)".

جام پونڑي ۽ هميرسومري جي معاهدي سبب ڪچ ۾ سمن جي حڪومت کي سنڌ جي سومرن جي حڪومت جي پٽپرائي حاصل ٿي ۽ ڪچ باهرين حملن کان محفوظ رهي. هيءَ ڳالهہ اندروني تاريخي اهڃاڻن جي بناءَ تي ڪافي آڳاٽي ۽ معاصر واقعن جو عڪس معلوم ٿئي ٿي. ان ۾ آيل 'ڳاهون' پڻ مضمون توڙي سٽاءَ جي لحاظ سان بالڪل آڳاٽيون ٿيون معلوم ٿين: اهي ابتدائي دور واريون پرتڪيون ڳاهون آهن، ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ لاءِ هڪ قيمتي سرمايو آهن†.

عمر ۽ گنگا، عمر ۽ نيرل راڻي. هي ٻئي ڳالهيون سنڌ جي حاڪم عمر سومري سان تعلق رکن ٿيون. سنڌ جي تاريخي روايتن موجب، سومرن مان 'عمر' نالي هڪ ڪان وڌيڪ بادشاهہ ٿي گذريا. 'عمر ۽ نيرل راڻي' واري ڳالهہ ۾ 'عمر پٽ هميرا' جو ڄاڻايل آهي، جنهن مان گمان نڪري ٿو ته هي ڳالهيون وڏي يا پهرئين عمر سان تعلق رکن ٿيون، جو شايد هميرپهرئين جو پٽ هو، جنهن ڪچ جي مدد لاءِ لشڪر چاڑهيو، جنهن جو ذڪر هن ڪان اڳ ٿي چڪو آهي.

'عمر ۽ گنگا' هڪ ڪتابي ڳالهہ آهي جا پهريائين 'تاريخ طاهري' جي مصنف ميرطاهرمحمد نسياني قلمبند ڪئي ۽ بعد ۾ ميرعليشير قانع

---

*تفصيل لاءِ ڏسو، لوڪ ادب سلسلي جو اڻويهون ڪتاب "سنڌ جو مشهور رزميہ داستان: دودو چنيسر".

†تفصيل لاءِ ڏسو، اسان جو ڪتاب "سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ" (حيدرآباد: پاپولئر پريس، ۱۹۶۲ع)، ص ص ۶۱-۶۴.

'تحفة الكرام' ۾ نقل ڪئي. 'تاريخ طاهري' جي مطالعي مان ظاهر آهي ته مير طاهر محمد طبعي طور سومرن جو سخت مخالف هو ۽ انهيءَ ڪري سومرن خلاف نهايت مبالغي آميز ڳالهيون لکيون اٿس بلڪ سومرن کي هندو ڪري ڄاڻايو اٿس، حالانڪ ٻين تاريخن مان ان قسم جي خيالن جي تردید ٿئي ٿي. هيءَ ڳالهه به سندس انهيءَ مخالفانه رويي جو عڪس ٿي ڏسجي، جاڪاڻ ته جنهن نموني ۾ مير طاهر محمد "عمر ۽ گنگا" جي ڳالهه پيش ڪئي آهي، ان جو سنڌ جي روايتن ۾ نالو نشان ئي ڪونهي. مير طاهر جي روايت موجب گنگا، عمر سان مڱايل هئي پر ڪيس نه وٽي ۽ جيائين ته ٻئي ڪنهن سان پرڻائي ڇڏيوس. پوءِ گنگا جڏهن وڏي ٿي ۽ عمر تميميءَ سان سندس شادي ٿي، تڏهن بادشاهه عمر سومرو وري مٿس عاشق ٿيو ۽ حرفت سان سندس مڙس کي شراب پياري ڪانئس طلاق ڏياري، وري گنگا سان پاڻ شادي ڪيائين. هي سڄو بيان پُرتڪلف ۽ عوامي افساني واري جاذبيت کان خالي آهي.

'عمر ۽ نيرل راڻي' واري ڳالهه جا هڪ عوامي روايت آهي ۽ اڄا تائين خاص طرح عمرڪوٽ طرف رائج آهي؛ ان مان فدري حقيقت ڪلي ٿي. هن عوامي روايت ۾ ڄاڻايل آهي ته عمر "گيگل" نالي ڇوڪريءَ سان مڱيل هو. شادي کان اڳ هو 'نيرل پري' کي هٿ ڪرڻ خاطر روانو ٿيو. بالآخر ڪيس 'روغان' شهر ۾ ڳولي لڌائين ۽ ساٿس شادي ڪري اتي ئي رهي پيو. ڏينهن گذرڻ بعد پويان ڪيس قاصد پهتو جنهن ڪيس ٻڌايو ته وطن هل نه ته هاڻي تنهنجي مڱ 'گيگل' ٻئي سان ٿا پرڻائين. اهو ٻڌي عمر اتان چڙهيو ۽ وقت سر اچي پهتو، جو سنديس شاديءَ کان اڳ پنهنجي مڱ 'گيگل' کي اچي هٿ ڪيائين. مير طاهر محمد نسياني جي 'گنگا' ساڳي 'گيگل' آهي، البت سندس ڳالهه جو رنگ الڳ آهي. 'عمر ۽ نهرل راڻي' واري روايت جا اڄ ڏينهن تائين عام آهي، ان مان تصديق ٿئي ٿي ته عمر پنهنجي مڱ 'گيگل' سان سنديس شاديءَ ٽيڻ کان اڳ پرٽيو.

عمر جو 'نيرل پري' جي تلاش ۾ نڪرڻ ۽ بالآخر 'روغان' شهر ۾ ساڻس شادي ڪرڻ ظاهر ۾ هڪ افسانو آهي، پر تاريخي لحاظ سان قرين قياس آهي. 'روغان' جي شهر جا آثار، لسبيلي ۾ 'بيلي' جي شهر کان ۹-ميل ڪن اتر-اولهه طرف پورالي ندي جي پيٽ ۾ ٻن شاهي ٽڪرين جي ڪنڌين ۾ اڃان تائين موجود آهن. اتي جي مقامي روايتن ۾ پڻ 'روغان' پرين ۽ ديون جو آستان سڏجي ٿو. هڪ وڏي ويڪري گهار جي ٻنهي پاسي اوچين ٽڪرين جي آمهون سامهون ڪنڌين ۾ مٽي درن وراندن ۽ ڪمرن سان نندن گهرن جون قطارون تاڪيل آهن، جي هينئر سڀ خالي پيون آهن. اسان ۱۹۶۱ع ۾ روغان شهر جي انهن حيرت انگيز ڪندرن کي ڪشالا ڪري وڃي ڏٺو†. هڪ عجب نظارو آهي ۽ عقل ڪم نٿو ڪري ته ڪافي مٽي ٽڪرين جي ٻتين ۾ اهي گهر ڪنهن تاڪيا ۽ ڪڏهن تاڪيا. عمر سومري جي ڏينهن ۾ لسبيلي ۾ سمن مان رونجهن جامن جي حڪومت هئي. بالڪل ممڪن آهي ته بادشاهه عمر سومرو، لس بيلي جي رونجهن جامن وٽ لسبيلي ويو هجي، جتي 'روغان' جي پرين واري آستان جو سير ڪيائين ۽ پڻ بيلي مان 'نيرل' نالي ڪنهن صاحبزادي ۽ سان شادي ڪيائين. روايت موجب پڻ نيرل بهرحال مانجهي مير جي ڏيءَ هئي (ص ۲۸۷). سندس موٽڻ بعد پرين جي آستان 'روغان' جو سير ۽ 'نيرل' سان عمر جي شادي بابت ملڪ ۾ مقالون هليون، جي پوءِ هن افساني جي صورت ۾ ياد رهيون. هن روايت ۾ هڪ موزون مصرع "ڪٽو شهر روغان جو، اڏيو عمرڪوٽ" معنيٰ خيز آهي، چاڪاڻ ته ان مان عمرڪوٽ جي اڏڻ کان اڳ روغان جي ڪٽڻ جو اهڃاڻ ملي ٿو. بهرحال سنڌ وارا ان سمي پڻ 'روغان جي ڪٽل شهر' کان واقف هئا.

---

† دوست محترم محمد اسماعيل خان نون (ان وقت ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ۽ هي سنگت جي مهرباني اسان) مان لاءِ اهو سفر سڌائو ٿيو.

ڪلهوڙن جو دور. 'جاڙو پيمجي ۽ غلام شاهه ڪلهوڙي'

واري ڳالهه (۳۸) هن دور سان تعلق رکي ٿي. غالباً روايت جي غلطي يا اسڪندڙ جي سهو سبب، بن جدا واقعن سان وابسته بيان هن يڪي ڳالهه ۾ شامل ٿي ويا آهن. شروع ڪان وٺي ص ۲۶۹ جي اڌ تائين بيان جو تعلق ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي ڪچ تي چڙهائي ۽ جاڙي پيمجي جي سورهيائي سان آهي. اها هڪ جدا روايت سمجهڻ گهرجي. پي روايت ص ۲۶۹ جي اڌ ڪان شروع ٿئي ٿي، جنهن جو تعلق ڪچ جي حڪمران گهراڻي جي عداوتن ۽ جام راول جو جام نگر جي گادي قائم ڪرڻ سان آهي. اهو واقعو ميان غلام شاهه جي ڪچ تي چڙهائي ڪان گهٽو آڳاٽو آهي ۽ هڪ جدا روايت سمجهڻ گهرجي. هيٺ اسان انهن ٻنهي واقعن جي تاريخي پس منظر تي قدري روشني وجهون ٿا.

ميان غلام شاهه ۽ جاڙو پيمجي.

هن روايت وارن واقعن جو تعلق ۱۸ صدي جي ٻئي اڌ سان آهي، جڏهن سنڌ ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪومت هئي ۽ ڪچ ۾ راءِ گوڙ جي راجڌاني هئي. 'راءِ لاکي' ڪان پوءِ سنہ ۱۷۶۰ع ۾ ڪچ جي تخت تي 'راءِ گوڙ' ويٺو. سندس وزير 'ديو ڪرڻ لوهاڻي' جو پٽ 'پونجو لوهاڻو' هو، جنهن کي راءِ لاکي بيعزتو ڪري ڪيڏيو هو. جڏهن راءِ گوڙ تخت تي ويٺو، تڏهن پونجو انهي خيال سان واپس موٽي آيو ته هاڻي ڪيس آب ملندو، پر راءِ گوڙ بہ ڪيس چڱي عزت ڪانہ ڏني. راءِ گوڙ طبعاً هڪ ظالم ۽ ضدي حڪمران هو. اهو حال ڏسي پونجو ڪچ ڇڏي سنڌ ڏانهن آيو، جتي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪومت هئي. ميان غلام شاهه، پونجي کي عزت ڏني ۽ ڪائنس سنڌ ۾ اچڻ جو سبب پڇيو، جنهن تي هن ٻڌايو تہ: ميان صاحب، راءِ گوڙ لهايت ظالم آهي. هن منهنجي پيءُ ديو ڪرڻ کي مارايو ۽ مونکي ٻڌ بيعزتو ڪري، دربار مان لوڏي ڪيڏيو آهي. آڳ اها دانهن ڪٿي تو

وٽ آيو آهيان. هاڻي منهنجو ڪو داد ڪر. غلام شاهه سندس دانهن ٻڌي ڪيس پاڻ وٽ رهايو، ۽ پنهنجو صلاحڪار مقرر ڪيو. هوڏانهن ڪڇ ۾ راءِ گوڙ رعيت کي آزاريو ۽ سنڌ جي سرحد تي پڻ وڳوڙ پيدا ڪرڻ لڳو، جنهنڪري آخرڪار ميان غلام شاهه لشڪر سنيرائي ڪڇ تي چڙهائي ڪئي.

راءِ گوڙ کي جڏهن خبر پئي ته ميان غلام شاهه ڪاهيو پيو اچي، سو اچي سر سان لڳس. ٿيٽ خيال ڪيائين ته ڪٿهن حيلي ساڻس صلح ڪريان. جڏهن ميان غلام شاهه ڪڇ ۾ پهتو ۽ راءِ گوڙ کي خبر پئي ته پونجو لوهاڻو به ساڻس گڏ آهي، تڏهن پونجي تي خار لڳس، پر پوءِ تڏوٽي، پنهنجا ماڻهو موڪلي پونجي کي گهرايائين ۽ ڪيس چيائين ته: پونجا! جيڪڏهن تون ميان غلام شاهه کي وڃي آڻين ته موتائي به سگهندين؛ هاڻي جيڪڏهن تون ڪنهن حيلي سان ڪيس واپس ڪرين ته آءٌ سندس سڀ شرط مڃڻ لاءِ تيار آهيان. تڏهن پونجي ڪيس چيو ته: راءِ، جيڪڏهن تون پنهنجي پيٽ جو سڳ غلام شاهه کي ڏين ته آءٌ ڪيس موتائي سگهان ٿو. راءِ گوڙ چيو ته: ڳالهه آهي ته ڏکي پر مونکي منظور آهي. اهڙو فيصلو ڪري پونجو لوهاڻو، ميان غلام شاهه وٽ موٽي آيو ۽ اچي ڪيس منٿون ميڙون ڪرڻ لڳو ته هاڻي تون موٽي هل، جو راءِ گوڙ جو هٿ پڇي چڪو آهي، هن پنهنجي پيٽ جو سڳ ڏيڻ منظور ڪيو آهي. ميان صاحب سندس ڳالهه مڃي، ۽ چيائين ته: جيڪڏهن هن آڻ مڃي آهي ۽ توکي مان ڏنو اٿس ته مونکي صلح منظور آهي.

ميان غلام شاهه موٽي سنڌ ڏي آيو ۽ انهي ڳالهه کي ڪڇ وقت گذري ويو، پر راءِ گوڙ پنهنجو انجام نه پاڙيو ۽ ويتر سنڌ جي سرحد تي اڳرايون ڪرڻ لڳو. جنهن تي ميان غلام شاهه وري ڪڇ تي ڪاهيو. راءِ گوڙ وري صلح لاءِ ليلايو، ۽ هن پيري پڻ پونجي، ميان صاحب کي منٿون ڪري موتايو. راءِ پنهنجي پيٽ جي سڳ ڏيڻ ٻڌان ڪڇ جي ٻئي نمبر گهراڻي راءِ ڪوڪر کان سڳ وڃي ڏنو. ميان غلام شاهه سان

سگابندي ڪندي، مطمئن ٿي، راءِ گوڙ هاڻي وزير پونجي لوهاڻي کي همیشه ختم ڪرڻ جي ست ستي. ڪيس دم دلاسا ڏيئي ڪڇ ۾ رهايائين ۽ ميان غلام شاهه سان گڏ واپس سنڌ وڃڻ ٿا ڏنائين. ان بعد اجان به وڏيڪ خاطري ڏيڻ خاطر ڪيس پنهنجو وزير مقرر ڪيائين. پوءِ ڪجهه عرصي بعد هڪڙي ڏينهن پونجي وزير کي گهرائي پنهنجي روبرو زوريءَ زهر جو پيالو پياري ڪيس پورو ڪيائين. راءِ گوڙ طبعي طور سرڪش ۽ ظالم هو. هن معمولي ڳالهين تان پنهنجا ٽيهه وزير مارائي ڇڏيا. خود پنهنجي سڳي پاءُ مانسنگهه سان ڪنهن ڳالهه تان سندس تڪرار ٿي پيو تہ ان کي پڻ مارائي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح ظلم ۽ ڏوهه جي هٿيارن سان ارڙهن اوٽيهه سال ڪن (۱۷۶۰-۱۷۷۷ع) ڪڇ جي گاديءَ تي قابض رهيو.

جام راول جي سرڪشي ۽ جام نگر جو بنياد. متن ۾ ڏنل روايت موجب (ص ۲۶۹) پيمجي ۽ ستوجي، جي ميان غلام شاهه ۽ راءِ گوڙ واري دور ۾ هٿ، تن مان 'ستوجي' جي اولاد کي هن واقعي سان ڪندیو ويو آهي، جو صحيح نہ آهي. هي واقعو ڏيڍ سؤ سال اڳ سورهين صدي عيسوي جي پهرئين اڌ جو آهي. ڪڇ جي روايتن موجب ڪڇ ۽ جام نگر (رياستن) جي راون جو وڏو ڏاڏو 'رَتو رائڊڻ' هو، جنهن جي هڪ پٽ 'اوناجي' جي اولاد مان پيمجي ٽهو ۽ ٻئي پٽ 'گجڻ' جي اولاد مان لاکو ٽيو. پيمجي ڪڇ جو راءِ هو ۽ ڪانئس پوءِ سنڌس پٽ 'هميرجي' راءِ ٽيو. لاکي جو پٽ راول ٽيو، جو 'هميرجي' جي وقت ۾ هڪ سرڪش سردار هو. راول سنہ ۱۵۳۷ع ۾ هميرجي کي قتل ڪيو. هميرجي جي ٻن ڀارڙن 'ڪنگهارجي' ۽ 'صاحب جي' کي ڪن خيرخواهن مارجڻ کان بچايو، جنهن جو تفصيلي ذڪر هن روايت ۾ موجود آهي. ٻالاڪر 'ڪنگهارجي' راءِ ٽيو، ۽ جام راول کي ڪڇ ڇڏڻي پئي، جنهن وڃي هالار ۾ پنهنجي جدا رياست قائم ڪئي ۽ جام نگر شهر جو بنياد وڌو.

وٽ آيو آهيان. هاڻي منهنجو کو داد ڪر. غلام شاهه سندس دانهن ٻڌي ڪيس پاڻ وٽ رهايو، ۽ پنهنجو صلاحڪار مقرر ڪيو. هوڏانهن ڪڇ ۾ راءِ گوڙ رعيت کي آزارڻ ۽ سنڌ جي سرحد تي پڙ وڇوڙ پيدا ڪرڻ لڳو، جنهنڪري آخرڪار ميان غلام شاهه لشڪر سنيرائي ڪڇ تي چڙهائي ڪئي.

راءِ گوڙ کي جڏهن خبر پئي ته ميان غلام شاهه ڪاهيو پيو اچي، سو اڳي سر سان لڳس. نيٺ خيال ڪيائين ته ڪنهن حيلي ساڻس صلح ڪريان. جڏهن ميان غلام شاهه ڪڇ ۾ پهتو ۽ راءِ گوڙ کي خبر پئي ته پونجو لوهاڻو به ساڻس گڏ آهي، تڏهن پونجي تي خار لڳس، پر پوءِ ٽڏو ٿي، پٺنجا ماڻهو موڪلي پونجي کي گهرايائين ۽ ڪيس چيائين ته: پونجا! جيڪڏهن تون ميان غلام شاهه کي وڻي آيو آهين ته موٽائي به سگهندين؛ هاڻي جيڪڏهن تون ڪنهن حيلي سان ڪيس واپس ڪرين ته آڳ سندس سڀ شرط مڃڻ لاءِ تيار آهيان. تڏهن پونجي ڪيس چيو ته: راءِ، جيڪڏهن تون پنهنجي پيٽ جو سڳ غلام شاهه کي ڏين ته آڳ ڪيس موٽائي سگهان ٿو. راءِ گوڙ چيو ته: ڳالهه آهي ته ڏکي پر مونکي منظور آهي. اهڙو فيصلو ڪري پونجو لوهاڻو، ميان غلام شاهه وٽ موٽي آيو ۽ اچي ڪيس منٿون ميڙون ڪرڻ لڳو ته هاڻي تون موٽي هل، جو راءِ گوڙ جو هٿ پڇي چڪو آهي، هن پنهنجي پيٽ جو سڳ ڏيڻ منظور ڪيو آهي. ميان صاحب سندس ڳالهه مڃي، ۽ چيائين ته: جيڪڏهن هن آڻ مڃي آهي ۽ توکي مان ڏنو اٿس ته مونکي صلح منظور آهي.

ميان غلام شاهه موٽي سنڌ ڏي آيو ۽ انهي ڳالهه کي ڪڇ وقت گذري ويو، پر راءِ گوڙ پنهنجو انجام نه پاڙيو ۽ ويتر سنڌ جي سرحد تي اڳرايون ڪرڻ لڳو. جنهن تي ميان غلام شاهه وري ڪڇ تي ڪاهيو. راءِ گوڙ وري صلح لاءِ ليلايو، ۽ هن پيري پڻ پونجي، ميان صاحب کي منٿون ڪري موڪليو. راءِ پنهنجي پيٽ جي سڳ ڏيڻ بدران ڪڇ جي ٻئي نمبر گهراڻي راءِ کوکر کان سڳ وڻي ڏنو. ميان غلام شاهه سان

سڳابندي ڳنڍي، مطمئن ٿي، راءِ گوڙ هاڻي وزير پونجي لوهاڻي کي همیشه ختم ڪرڻ جي ست ٿي. ڪيس دم دلاسا ڏيئي ڪچ ۾ رهايائين ۽ ميان غلام شاهه سان گڏ واپس سنڌ وڃڻ نه ڏنائين. ان بعد اجان به وڏيڪ خاطري ڏيڻ خاطر ڪيس پنهنجو وزير مقرر ڪيائين. پوءِ ڪجهه عرصي بعد هڪڙي ڏينهن پونجي وزير کي گهرائي پنهنجي روبرو زوريءَ زهر جو پيالو پياري ڪيس پورو ڪيائين. راءِ گوڙ طبعي طور سرڪش ۽ ظالم هو. هن معمولي ڳالهين تان پنهنجا ٽيهه وزير مارائي ڇڏيا. خود پنهنجي سڳي ڀاءُ مانسنگهه سان ڪنهن ڳالهه تان سندس تڪرار ٿي پيو تہ ان کي پڻ مارائي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح ظلم ۽ ڏوهه جي هٿيارن سان ارڙهن اوڻيهه سال ڪن (۱۷۶۰-۱۷۷۷ع) ڪچ جي گاديءَ تي قابض رهيو.

جام راول جي سرڪشي ۽ جام نگر جو بنياد. متن ۾ ڏنل روايت موجب (ص ۲۶۹) پيمجي ۽ ستوجي، جي ميان غلام شاهه ۽ راءِ گوڙ واري دور ۾ هئا، تن مان 'ستوجي' جي اولاد کي هن واقعي سان ڳنڍيو ويو آهي، جو صحيح نه آهي. هي واقعو ڏيڍ سؤ سال اڳ سورهين صدي عيسوي جي پهرئين اڌ جو آهي. ڪچ جي روايتن موجب ڪچ ۽ جام نگر (رياستن) جي راون جو وڏو ڏاڏو 'رَتو رائڏڻ' هو، جنهن جي هڪ پٽ 'اوناجي' جي اولاد مان پيمجي ٽيو ۽ ٻئي پٽ 'گجڻ' جي اولاد مان لاکو ٽيو. پيمجي ڪچ جو راءِ هو ۽ ڪائس پوءِ سندس پٽ 'هميرجي' راءِ ٽيو. لاکي جو پٽ راول ٽيو، جو 'هميرجي' جي وقت ۾ هڪ سرڪش سردار هو. راول سنہ ۱۵۳۷ع ۾ هميرجي کي قتل ڪيو. هميرجي جي ٻن ٻارڙن 'ڪنگهارجي' ۽ 'صاحب جي' کي ڪن خيرخواهن مارجڻ کان بچايو، جنهن جو تفصيلي ذڪر هن روايت ۾ موجود آهي. بالآخر 'ڪنگهارجي' راءِ ٽيو، ۽ جام راول کي ڪچ ڇڏڻي پئي، جنهن وڃي هالار ۾ پنهنجي جدا رياست قائم ڪئي ۽ جام نگر شهر جو بنياد وڌو.

نتيجو

مٿئين مختصر جائزي مان معلوم ٿيندو تہ هن جلد ۾ شامل مواد سنڌ ۾ فن قصہ خواني جي ابتدا ۽ اوسر توڙي سنڌي بولي، تمدن ۽ تاريخ جي سرمايي جي لحاظ سان ڪافي مفيد آهي. هن سلسلي جي پهرين ڇهن جلدن ۾ بہ سؤ ڇهانوي ڪهاڻيون ۽ آڪاڻيون شامل آهن، ۽ هن ستين جلد جي اشاعت سان جملي ٽي سؤ ڇٽيهہ ڪهاڻيون، آڪاڻيون ۽ ڳالهيون، متن جي تحقيق ۽ تصحيح سان پڙهندڙن جي آڏو اڇي ويندين، ۽ سنڌي لوڪ ادب جو هي قيمتي ذخيرو هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويندو.

نيو يارڪ

۲۰- جنوري ۱۹۶۴ع

ن. ب.

نتيجو

مٿين مختصر جائزي مان معلوم ٿيندو ته هن جلد ۾ شامل مواد سنڌ ۾ فن قصه خواني جي ابتدا ۽ اوسر توڙي سڌي پولي، تمدن ۽ تاريخ جي سرمايي جي لحاظ سان ڪافي مفيد آهي. هن سلسلي جي پهرين ڇهن جلدن ۾ ٻ سؤ ڇهانوي ڪهاڻيون ۽ آکاڻيون شامل آهن، ۽ هن ستين جلد جي اشاعت سان جملي ٽي سؤ ڇٽيهه ڪهاڻيون، آکاڻيون ۽ ڀالهيون، متن جي تحقيق ۽ تصحيح سان پڙهندڙن جي آڏو اڇي ويندين، ۽ سنڌي لوڪ ادب جو هي قيمتي ذخيرو هميشه لاءِ محفوظ ٿي ويندو.

نيو يارڪ

۲۰- جنوري ۱۹٦۴ع

ن. ب.

متن

گاهن سان گالهیون

ڏمڑ سونارو -١*

سومرن جي دور ۾، سنڌ جي هڪ حصي تي دلوراءِ نالي راجا راڄ ڪندو هو. ڏن دولت جي وٽس ڪمي ڪانه هئي، پر ڪيس اولاد ٿيندو‌ئي ڪونه هو. گهڻيئي پير فقيرءَ ساڌو سنت پچايائين، پر ڪٽان بہ هن جي اميد پوري نہ ٿي. نيٺ آمرو لاهي مان ڪري ويهي رهيو. خدا جي قدرت، هڪڙي ڏينهن هڪ فقير سندس شهر ۾ آيو، ۽ اڇڻ سان هن اڳيون تہ ڪرامتون ڏيکاريون جو ٿوري وقت ۾ سڄي شهر ۾ مشهور ٿي ويو. سندس ڪرامتن جي سڌ راجا دلوراءِ کي بہ پيئي، سو بہ اچي فقير سان ملبو ۽ دل جي حقيقت ساڻس ڪيائين. فقير چؤطرف نظر ڦيرائي چيس تہ: تو کي نرينو اولاد تہ لکيل ئي ڪونهي، باقي هڪڙي نياڻي تنهنجي قسمت ۾ لکيل آهي. راجا فقير جو جواب ٻڌي سڙهو ٿيو ۽ چيائين تہ: فقير سائين! نياڻي بہ نور، وانجهئي جو لقب تہ لهي پوندو. ائين چئي، فقير کان موڪلائي محلات ۾ آيو. خدا جي فضل سان فقير جو چوڻ ڪونہ ڪٽيو ۽ ان سال ئي راجا دلوراءِ کي هڪ سدا ملوڪ ڏيءَ ڄائي، جنهن جو نالو 'سُهائي' رکيائين.

---

* ڏمڑ سونارو جي هن ڳالهہ جو مدار ڇڻن روايتن تي آهي، جي ٽرپارکر مان محمد عمر 'معمور' يوسفاڻي (تعلقو عمرڪوٽ)، منگهارام اوجها (تعلقو ننگرپارکر) ۽ آتر مان محمد حسن 'مشتاق' (تعلقو ٻدو عاقل) ۽ فاضل قائمي ڏهرڪائي (تعلقو آباوڙو) وٽان ملڻون.

دلوراءِ وٽ 'ڏمڙ' نالي هڪ سوناروَ، وڏو وزير هو، جنهن کي پنج پٽ هئا، جن مان کي راجا وٽ وڏن عهدن تي مقرر ٿيل هئا. هڪڙي ڏينهن راجا شڪار جو ارادو ظاهر ڪري پنهنجن اميرن وزيرن سان صلاح ڪئي ۽ چيائين تہ: اڄ جنهن جي ب اڳيان شڪار نڪري، اهوئي ان جي پويان لڳي. اها ڳالهہ پڪي ڪري، راجا جهنگ ڏانهن روانو ٿيو. ڏمڙ سوناري سڀني ماڻهن کي چيو تہ: ڪوشش ڪري شڪار کي راجا جي اڳيان آڻجي، جيئن ان جي پويان پاڻ لڳي ۽ کيس جهلي خوش ٿئي. سڀني کي اها صلاح وڻي ۽ هائوڪار ڪيائون. خير، هلندي هلندي هڪڙي گهاٽي جهنگل ۾ هڪ ڪاريهر هرڻ ظاهر ٿيو ۽ نڪتو ب راجا جي اڳيان؛ تنهنڪري راجا پنهنجو حق سمجهي هرڻ جي پويان گهوڙو ڇڏيو ۽ پيا سڀ بيهي رهيا. هرڻ پڇندو پڇندو وڃي هڪڙي رڙ پٽ ۾ پيو ۽ راجا ب ان جي پويان ڪاهيندو ويو. اتي راجا کي اچي خشڪي لڳي ۽ وري رڙ پٽ جي گرم هوا هن کي هيڪاري ساٿو ڪري وڏو، آخر هڪڙي هنڌ بيهوش ٿي گهوڙي تان ڪري پيو ۽ هرڻ غائب ٿي ويو.

اميرن، وزيرن راجا جو گهڻ وقت انتظار ڪيو، پر هن جو ڪوبہ پتو ڪونہ پيو، تڏهن ڏمڙ سوناروَ پاڻيءَ جي سانداري پري، راجا جي گهوڙي جو پير ڪٽي روانو ٿيو. گهوڙو ڊوڙائيندي ڊوڙائيندي هن جي ب حالت خراب ٿي ويئي، سانداري ڦاٽي پيئي، پاڻي سڀ هارجي ويو. نيٺ گهٽي رات ڪان پوءِ ان جاءِ تي پهتو جتي راجا بيهوش ٿيو پيو هو. وزير هيڏانهن هوڏانهن نهاريو، پر ڪيس ڪابہ آبادي نظر ڪانہ آئي، نيٺ بادشاهہ کي ڪٽي اڳتي هليو. اڃان ڪجهہ پنڌ اڳيرو ٿيو تہ هڪ طرف کيس دونهون ڏسڻ ۾ آيو؛ هن يڪدم گهوڙي کي اوڏانهن ڊوڙايو. اتي پهچي ڏٺائين تہ هڪڙو جوگي ڪنڌ جهڪايو مات ڪيو ويٺو آهي. ڏمڙ سوناري اڇڻ شرط جوگي کي سلام ڪيو. جوگي ب ڪنڌ مٿي ڪٽي هن کي ڏنو ۽ ويٺهڻ جو اشارو ڪيائين. وزير، راجا کي

گهوڙي تان لاهي هيٺ ڪيو ۽ جوڳي جي پاسي ۾ ويهي رهيو. جوڳي هن کان حقيقت پڇي جا هن سڄي سر بستي ڪري ٻڌائي. ڏمڻ جي خبر پئي، جوڳي زمين ۾ ڪُندي ٽوڪي ٽوري ديئر ۾ زمين ڦاڻي پيئي ۽ صاف پاڻيءَ جو هڪڙو چشمون ظاهر ٿي ٿيو. وزير يڪدم ان پاڻيءَ سان راجا کي چنڊا هنيا ۽ ڪجهه پاڻيءَ جو ڇُرون پري وات ۾ ٻ. وڌائينس ڪجهه وقت کان پوءِ راجا اکيون کولي اٿي ويٺو. ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ جڏهن هنن پاڻي پي ڏؤ ڪيو، تڏهن جوڳي کان موڪلائي، پئي چڙا گهوڙي تي چڙهي واپس روانا ٿيا. ٿورو اڳتي هلي راجا کي خيال ٿيو ته، 'چو نہ هڪڙي ڪامل فقير کان پنهنجي شهزاديءَ جي لڪئي بابت پڇي چڏجي'. اهو خيال ڪري ڏمڻ وزير کي چيائين ته: آءٌ هتي بيهان ٿو، تون وڃي فقير کان پُڇي اچ ته شهزاديءَ جو لڪيو ڪنهن سان آهي؟ ڏمڻ سڏو فقير وٽ آيو ۽ شهزاديءَ جي لڪئي بابت پڇيو. جوڳي فقير هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي، پوءِ وزير ڏي منهن ڪري چيو ته: راجا جي ڌيءَ جي شادي ڏمڻ نالي سوناري جي پٽ سان ٿيندي. جوڳي جا اهي لفظ ٻڌي ڏمڻ کي ٽڙڪٽي وڻي ويئي ۽ ڏڪندو ڏڪندو راجا وٽ آيو، ۽ اچي چيائينس: سائين! فقير توهان کي روبرو ٻڌائڻ ٿو گهُري. راجا جوڳي وٽ آيو ۽ کانئس پنهنجي شهزاديءَ جي لڪئي بابت پڇيائين. ان تي جوڳي ڪنڌ متي ڪٽي، بيپرواهي سان جواب ڏنو ته: تنهنجي ڌيءَ جي شادي، ڏمڻ سوناري جي پٽ سان ٿيندي. اهو ٻڌي راجا تپي باهه ٿي ويو، پر لاچار دل جو سور دل ۾ سانديي ڏمڻ وٽ پهتو ۽ پئي چڙا اچي گوٺ پهتا.

گوٺ پهچڻ شرط راجا نہ ڪنهن سان گالهائي نہ پولهائي، چپ چاپ ويچار ۾ ويٺو هوندو هو. ڏمڻ کي ته ساري معاملي جي خبر هئي، سو بہ مات ڪيو ويٺو هو. ٽيٽ امير وزير راجا کان حقيقت پڇي. جنهن کين سموري حقيقت ٻڌائي ۽ کانئن صلاح پڇيائين ته، هاڻي چا ڪرڻ گهرجي؟ ان تي سينهي

صلاح ڏنس تہ: ڏمڻ جي پنجن ڀيڻ پٽن کي مارائي، زال مڙس ٻنهي جڻن کي هنان لڏائي ڇڏڻ گهرجي ۽ شهزاديءَ کي پنهنجي عزاڻ ۾ مڱائي ڇڏجي. راجا کي اها صلاح پسند آئي ۽ ورندي ڏينهن ڏمڻ جي پنجن ڀيڻ پٽن کي مارائي ڇڏيائين. باقي ڏمڻ ۽ سندس زال کي شهر نيڪالي ڏيئي، پنهنجي ڏيءُ سهائي جو مڱڻو پنهنجي پاڻيجي 'بکر' سان ڪرائي ڇڏيائين جو هڪڙي ءَ اڪ کان ڪاٽوهو.

ڏمڻ ويچاري کي پٽن جي مارجڻ جو گهڻوئي ارمان ٿيو، پر سواءِ صبر جي ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو، سو راجا دلوراءِ جي شهر "وڇڙوٽ" کان هڪ ميل اوپر طرف پنهنجي ماڙي اڏائي اتي رهڻ لڳو. خدا جي قدرت سان اتي ڪيس ٻہ پٽ ٿيا. ڏمڻ انهن جي نپاڻ جو اهڙو تہ بندوبست رکيو، جو ڪنهن بني بشر کي ٻ اها خبر ڪانہ پيئي تہ ڪو ڏمڻ کي ٻ پٽ آهن.

چوڪرا اڃ ننڍا سيان وڏا، نيٺ اچي لائق ٿيا. هڪڙي ڏينهن ماڙيءَ تي بال راند ڪندي، سندن ڪينهون وڃي ٻاهر ٻيو ۽ هي ٻوڙي ٻاهر نڪتا. ڏمڻ سونارو جو ٻاهر ٽلهي تي ويٺو هو، تنهن پنهنجن پٽن کي ٻاهر نڪرندي ڏٺو، سو سندس اکين سان ٻي اختيار ڳوڙها ڪِري پيا. چوڪرن جو پنهنجي ٻيءُ کي روئندي ڏٺو سو رڙهي اچي پير ورتئون ۽ ڪائس روئڻ جو سبب پڇيو. ڏمڻ پنهنجن مصيبتن جي سموري ڳالهہ ٻنهي پٽن کي ٻڌائي تہ ڪهڙيءَ طرح سندس پنج پٽ ڪٻڻا ۽ ڪيس شهر نيڪالي ملي. ڏمڻ ٻهي پٽن کي تاڪيد ڪيو تہ هو ٻ ڪنهن کي نہ ٻڌائين تہ ڪو هو ڏمڻ جا پٽ آهن ۽ نڪي شهر طرف ڀيڻي وڃن. پٽن ٻيءَ سان انجام ڪيو تہ هو سندس حڪم ڪان ٻاهر نہ ويندا.

انهيءَ ڳالهہ کي ڪيترا ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن هي ٻئي ٻاڙ ٻيءَ سان کيل انجام وساري، گهوڙن تي چڙهي اچي دلوراءِ جي شهر ۾ پهتا. خدا جي قدرت سان انهي ڏينهن دلوراءِ جي ڏيءَ سهائي ٻہ پنهنجي سهيلين سان گڏ محلات جي پير واري تلاءَ تي وهنجڻ آئي هئي ۽ ان وقت وهنجي ڪپڙا پائي رهي هئي

ته ٻئي ڇوڪرا گهوڙن تي سوار ٿيا ان اڇي لانگهاڙو ٽيا. هن جي نظر وڃي سهائي تي پيئي، نندو ٻاءُ هڪ ئي نظر سان شهزاديءَ تي فدا ٿي ويو ۽ اتان ئي شهزاديءَ کي چيائين ته:

ڪر گوري ڪپڑا، وينئين کولي وار،
ڏک پنهنجا انگڑ، مار مَ ڪلهڑا ٻار،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

اهو ٻڌي شهزادي، ڏمڙ جي پٽ ڏانهن ڏسو ۽ ڪيس جواب ۾ چيائين ته:

مون پائيو تون نندڑو، پر تون ڪا وڏي وٽ،
انب پچي رس ڪيو، تون ڇو نه لائين هٿ؟
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

جڏهن وڏي ٻاءُ، نندي ٻاءُ ۽ شهزاديءَ جي وچ ۾ اها گفتگو ٻڌي، تڏهن ٻاءُ کي خبردار ڪيائين ته:

آڪ نه ڪجي ڏندڙو، سَپ نه ڪائجي ماهه،
اتي لائجي نينهڑو، جتي ٽئي نه جيءَ وڃاهه،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

نندو ٻاءُ، وڏي ٻاءُ جو اشارو سمجهي ويو ۽ جواب ڏنائينس ته:

آڪ ڪجي ڏندڙو، مَرُ سَپ کائجي ماهه،
اتي ئي لائجي نينهڑو، جتي ٽئي جيءَ وڃاهه،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

ائين ڇئي گهوڙن کي هڪلي اڳتي روانا ٿيا ۽ اڇي بادشاهه جي محل وٽ پهتا. محلات جي هيٺان شهزاديءَ جو مڱيندو بکر رهندو هو، جنهن جو دستور هوندو هوته جيڪو به محلات اڳيان لنگهندو هو، تنهن سان چوپڙ راند ڪندو هو ۽ راند جو اهو شرط هوندو هوس ته ڀهرين جيت ۾ مال ملڪيت ۽ ڪپڑا ڦريندس ۽ ٻيءَ ۾ هارايل ڏرڪي ماري ڇڏيندس. اهو شرط ساڻس به لاڳو هوندو هو. جڏهن هي ٻئي ڀائر اتان لنگهيا، تڏهن ڪاڻي بکر کين

سڏ ڪيو ۽ پنهنجو شرط ٻڌائي، ڪين چوڻ راند ڪرڻ لاءِ چيو. هنن پنهنجي شرط قبول ڪيو. پهريائين وڏو ٻاهُ راند ڪرڻ ويٺو. شهزادي سهائي ڪي به بکر جي چالاڪيءَ جي خبر هئي؛ تنهن جو ٻڌو تہ اڄ بکر بن پرديسين سان چوڻ راند ڪندو، سا به ان وقت لڇي محلات تي ويئي، چوڪرن به شهزاديءَ کي ڏسي ورتو.

وڏي چوڪري هڪ راند هارائي ۽ پي رهڻ لڳو. ننڍو وري صندل تي ليٽي شهزاديءَ کي ڏسڻ لڳو. آخرڪار وڏي چوڪري پي به راند هارائي. بکر سندس ڪپڙا لهرائي پنهنجو قيدي ڪري ٻيهاريو ۽ وري ننڍي کي راند ڪرڻ لاءِ چيو. راند شروع ٿي، پهرين راند بکر ڪٽي ويو، اتي سهائي کي آندڻ ماڻڻ وٺي ويئي ۽ چوڪري کي هوشيار ڪرڻ لاءِ اتان ئي چيائين تہ:

جاڳ سجاڳ سڌير ٿي، تون سولو ڌارو ڌار!
پنج اڳيئي ماريا، هي سهائي جو سهاڳ،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

اهو ٻڌي چوڪري جي اک کُلي ۽ خيال سان ڌارو هيائين. آخر هن راند کٽي ۽ بکر راند هارائي. هن بکر کان ٻاهُ جا ڪپڙا ورتا ۽ سندس ڪپڙا لهرائي، کيس وڏي ٻاهُ جي چوڻ تي ٻيو شرط معاف ڪيائين.

بکر کي معافي ڏيئي، ٻئي پائر گهوڙن تي چڙهي واپس موٽيا. اتي شهزاديءَ ٻانهيءَ کي ڏوڙايو تہ: وڃ، انهن کان پڇي اڇ تہ ڪير آهن؟ جيستائين ٻانهي هنن ڏانهن پهچي تنهن کان اڳ ٻئي پائر شهزاديءَ جي محلات جي هيٺان اچي لنگهيا. شهزادي هنن کي ويندي ڏٺو سو چا ڪيائين، جو دريءَ مان ٻيهي هنن جي مٿان رنگ هاريائين، جنهنڪري هنن جا ڪپڙا لال ٿي ويا. هن مٿي ڏٺو تہ ايتري ۾ ٻانهي به اچي رسي ۽ چيائين تہ:

آئين وڃو به چٽا، ماڻهو ڪِ مَلڪَ!
رگ رتا ڪپڙا، آئين پنهنجي ڏيو پرک!
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

بانهيءَ جي اها گاهه ٻڌي، ننڍي چوڪري جواب ڏنو تہ:

رنگ رڱين پيلي! ڪنيئڙا، تنهنجو تہ رنگ ڪو واهہ!
جي هجئي حب ملڻ جي، تہ ڏيڻ ڪوٽ پچاءِ!
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

ائين چئي هو ٻئي پاڻ واپس گهر ڏانهن موٽي ويا. هوڏانهن بانهي شهزادي کي ڏيڻ جي پٽ جي چيل گاهه ٻڌائي.

شهزاديءَ بن مردانين پوشاڪن ۽ سواريءَ لاءِ اُٺن جو بندوبست ڪيو. آڏيءَ رات جو پاڻ ۽ بانهي ٻئي مردانيون پوشاڪون پهري، اُٺن تي چڙهي ڏيڻ جي ڪوٽ ڏانهن روانيون ٿيون. شهر سان لنگهندي هڪ واڻئي هنن کي ڏسي ورتو، جو پنهنجي وڇايل دڑي ڳولي رهيو هو. اوچتو هوا جو جهوٽو لڳڻ ڪري ڏيو وسامي ويو ۽ اوندهہ ٿي ويئي. ايتري ۾ شهزادي اڃي اتان لنگهي ۽ سندس حسن ۾ ايڏو تہ شعاع هو جو واڻئي پنهنجي دڑي ڏسي ورتي. دڑي ڪٽي هنن کي چيائين تہ:

آئين جي وڃو بہ ڇڙ، ماڻهو ڪر ملڪ!
رات رهو جهي هيڪڙي، ريبا ڏيان بہ لک،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

واڻئي جي واتان اها گاهه ٻڌي شهزادي تپي باهہ ٿي ويئي ۽ کيس دڑڪو ڏيندي چيائين تہ:

بابهي سندا واڻيا! تون ويڻ نہ آوَلا آل،
سڄ ايري سنئون ٿئي، تنهنجي ٻُهِ پرايان ڪل،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

اهو ٻڌڻ سان واڻئي جون وايون ئي بطال ٿي ويون ۽ آزيون گيسيون ڪري معافي ونڊ لڳو. شهزادي چيس تہ: تو کي معافي بن شرطن سان ملندي، هڪ تہ ڪنهن سان بہ اسان جي خبر نہ ڪندين ٻيو اسان کي ڏيڻ سوناري جي جاءِ ڏيکاريندين. واڻئي ٻئي شرط قبول ڪيا ۽ هنن سان گڏجي هلڻ لڳو. جڏهن ڏيڻ جي ماڙي ويجهي آئي، تڏهن سوکلائيندي چيائين تہ:

هُو تان گهر ڏٺ جو، هيءَ تان انهن جي وات،
سامهون سڌو رخ رکي، آئين وڃو سنئين گات،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

آئين چئي واڻئي پويان پير گيا ۽ هي ٻئي چڻيون اچي ڏٺ جي گهر وٽ پهتيون. ان وقت برسات جي ٻُوندار پي پئي هنن در ڪڙڪايو.

ڏٺ کي وڏي پٽ ساري حقيقت کان واقف ڪيو هو تنهن کي تہ نصيحت هئي ڪانہ، سو دروازي جو ڪڙڪو ٻڌي ڏاڍن پڪ ٿيس تہ راجا جا ماڻهو اچي ويا، سو ڊپ ۾ اصل سامهون ڪي ويس، مائڻي ڪري سمهي رهيو ۽ جواب نہ ڏنائين. ٿوريءَ دير کان پوءِ وري شهزادي در ڪڙڪايو ۽ وڏي واڪي چيائين تہ:

مينهن تہ ٻَر ٻَر پائيان، پِنيون ڪوٽ سيرون،
جنهن ۾ وجهون هٿڑا، تِرکي پوءِ گرون،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

اها گالهہ ٻڌي، ڏٺ جو ڪجهہ ڊپ لٿو. ويچار ۾ پڻجي ويو تہ وري سهائي جو آواز ڪن تي پيس:

سُهرا! ستو نندون کرين، ڏُنهن ڪي ناهہ قرار،
ڏڙ ڏڙ وَسن مينهڑا، سُهائي جو پُسي ٿو هار،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

اهو ٻڌي، ڏٺ امتحان ونڊ خاطر طعنو ڏنس تہ:

ڪاڻي، ڪوجهي، بڇڙي، تون آئينءَ ڇو هيڏي؟
پنج اڳيئي ماريا، آهن ڏلوءَ جي ديري،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

اهو ٻڌي سهائي سمجهي ويئي تہ ڏٺ ڏِنو آهي، سو سندس خاطريءَ لاءِ چيائينس تہ:

مينهن ٻَر ٻَر پائيان، منهنجو پِنو پٽ پڙو،
اڇي سهرا! هنڌ ڏي، تون لڏي لاهہ ڪڙو،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

ڏاهن مس مس وڃي ڏمڻ جو ڊپ لٿو ۽ اڳي دروازو ٻڌائين، ۽ چيائين ته: ڪڪڑن جي پهرين ڏس سان ٻڌي چڏيون هنان نڪري وڃجو. سهائي اها گالهه قبول ڪري، اندر گهڙي ويئي ۽ بانهي باهر ويهي رهي. شهزادي وڃي پنهنجي محبوب کي کي هڏ مان اڻاريو. چوڪرو سهائي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ هڪ ٻئي سان حال اورڙ لڳا. ڏمڻ شهزادي کي اندر ته اچڻ ڏنو، پر پوءِ اچي سر سان لڳس. جبل جيڏي رات هن لاءِ گذارڻ ڏکي ٿي پئي، آخر مڪر ڪري، ڇڇ ڪٽي ڪڏ ني چڙهي ويو ۽ ڇڻ کي ڪڑن جي ڪنڌاڻين وانگر هڻي، بانگ ڏنائين. شهزادي اها ڪوڙي بانگ ٻڌي چيو ته:

ڪوڙا ڪڪڑا! قهر پوئي، اڃا جهجهي رات،
اسان پريون پاڻ ۾، مس ورايو گات،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

اهو ٻڌي ڏمڻ دل جو سور دل ۾ رکي، مات ڪري هيٺ لهي اچي ويهي رهيو. نند ٿي نه پيئي اڇس. ڪجهه دير ترسي وري ٻ ڪڏ ني چڙهي ويو ۽ بانگون ڏيڻ شروع ڪيائين، شهزادي وري ٻ چيو ته:

ڪوڙا ڪڪڑا! قهر پوئي، اڃا جهجهي رات،
ڪاتي تنهنجي ڪنڌ تي، ڪنپ ٻاهي جي وات،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

نيٺ ڏمڻ نا اميد ٿي، مات ڪري وڃي سمهي رهيو.

سهائي ۽ چوڪري کي رهاڻ ڪندي نند ڪٽي ويئي ۽ مٿان اچي پرهه ڦٽي، ڏاهن هنن کي سڃاڻي ٿي. شهزادي ۽ چوڪري کي چيو ته: هاڻي جدا ٿيڻ جي مهل اچي ويئي آهي. سو هڪ ٻئي کان موڪلايو ۽ ٻئي چڏيون انن تي چڙهي، واپس موٽيون. جنهن مهل محلات جي ويجهو پهتيون، تنهن مهل بکر ٻ اچي دروازي وٽ ويٺو هو. هنن کي اچي ڊپ ورتو پر ڊڄندي ڊڄندي

ٻي ڇوڪريون اڇي مُنَ جي پرسان لنگهيون، بکر ڏانهنَ ڏسندي چيو تہ:

آئين جي وڃو ٻہ ڇڙا، اوندهہ پاڻيو اڇ،
وڏي وڏي وڻ ٽياڻ آنَ ڪي ڏاڙهي نہ ڪامُڇ؟
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

اتي سهائي ورندي ڏنيس تہ:

ڏاڙهي ڏات خدا جي، ڪنهن ڪي اڳي ڪنهن ڪي پوءِ،
اسان وڃايو آڻڙو، تو وڃائي جوءِ،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

بکر سمجهي ويو تہ اها شهزادي آهي، ۽ سڄي رات ڪٽي گذاري موٽي آهي. سو ڇا ڪيائين جو آڻن جو پيرو ڪٽي انهي پاسي ويو، جتان هو ٻئي آيون. هلندي هلندي، اڇي ڏمڻ جي گهر وٽ پهتو. پڇا ڳاڇا تي خبر پيس تہ اهو ڏمڻ سوناري جو گهر آهي، بس پوءِ همراهہ جو هاڻهُ ئي سڙي ويو. ڪاوڙ ۾ ٽپي باهر ئي ويو، موٽي اچي بازار مان هڪ گدرو ونئي، ان مان ڇڄَ ۽ ڪَرُ ڪيڙي، ٿلهو ڪوڪو ٿالهي ۾ رکي، ڏَڪي راجا جي اڳيان رکي واپس موٽي آيو. دربار برخاست ٿيڻ تي راجا ڪپڙو لاهي ڏنو تہ فقط گدري جو ڪوڪو رکيو آهي! اتي ڪيس ڏاڍا خار لڳا ۽ ماڻهو موڪلي بکر کي گهرايائين. راجا هن کان ان ڳالهہ جو سبب پڇيو. تڏهن هن سڄي حقيقت ڪري ٻڌايس. راجا اها ڳالهہ ٻڌي ڏَڪرجي ويو تہ ڏمڻ کي ٻہ ٻيا ٻٽ ٻہ آهن.

راجا پنهنجن اميرن ۽ وزيرن سان صلاح ڪئي تہ: هاڻي ڪهڙي نموني ڏمڻ جو خاتمو ڪجي؟ گهٽين تجويزن کان پوءِ اهو فيصلو ٻيٺو تہ، هڪڙو اونهو کوهہ کٽائي، ان ۾ لوهہ جا ڇڻيارا ڪِل ۽ انبور هٽائي. ان ۾ ڏمڻ، سندس زال ۽ پٽن کي اڇلائي ۽ کوهہ جو منهن بند ڪرائي ڇڏجي تہ پاڻهي آداب ڪائي مري ويندا. راجا کي اها صلاح وٺي ۽ هڪدم کوهہ جي کوٽائي جو ڪم شروع ٿي ويو.

سهائي کي جنهن وقت انهي گالهه جي خبر پيئي، تنهن ڇا کيو جو گڇهه گوهه ۾ کاريگر گهرائي پنهنجي محلات کان ونجي، ان کوهه تائين. هڪ سرنگهه تيار کرائي ڇڏي. هڪڙي ڏينهن گوهه ۾ اچي تيار ٿيو ۽ منجهس البور ۾ لڳي ويا. جي سهائي کيدرائي، اُنهن جي بدران گوهه ۾ کپهه پرائي ڇڏي.

ٻئي ڏينهن تي راجا جا ماڻهو، ڏمڻ جي سموري آکهه کي پڙي کوهه تي وڻي آيا. راجا دلوراءِ ۽ پنهنجن امرن ۽ وزيرن سان گڏ ان کوهه تي آيو، بکر به اتي موجود هو. آخر راجا فيصلو کيو ته پهرين ڏمڻ پوءِ سندس زال پوءِ وڏو پٽ ۽ پڇاڙي ۾ نندو پٽ کوهه ۾ ڦٽا کيا وڃن. نيٺ نمبر وار سيني کي کوهه ۾ ڦٽو کيائون. جڏهن نندي چوکري جو واري آيو تڏهن کاڻي بکر هن ڏي ٺهاري چيو ته:

آپ ۾ جو ٽڪ اڇلي، سو پنهنجي منهن ۾ پاءِ،
جو کٽي هٽ وڏن ڏي، تنهن سان ههڙي ٿئي هاءِ،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

چوکر اهو طعنو ٻڌي، کاڻي ڏانهن منهن کري جواب ڏنو:

سچ ته ٻيلو نچ، کاڻا! کارو منهن آهي کوڙ،
جڻ سچ ملندو سگهو، کوڙن چوندي ڏوڙ،
تن سونارن سان الا! مون من موهيو وي.

بکر جو اندريٽي سڙي ويو، نيٺ راجا جي حڪم تي نندي چوکري کي به اڇلي، کوهه جو منهن بند کري، فقط هڪ نندو سوراخ کري ڇڏيائون.

هي سڀ کوهه ۾ کريا پر هن کي کاب تڪليف کانه ٿي ۽ ڏسن کڻي ته به ماڻهو ٻيلا آهن! هي حيران ٿي ويا ۽ انهن کان پڇيائون ته: هي کهڙي ماجرا آهي؟ هن ساري حقيقت ٻڌاين ۽ رات جو هن سيني کي سرنگهه وسيلي محلات ڏي وٺي آيا. اهڙي ريت هي سڀ ڏينهن جو کوهه ۾ رهندا هئا ۽

رات جو محلات ۾ وڃي آرامي ٿيندا هئا. ڏينهن گذرندا رهيا، آخر هڪ مهينو پورو ٿيو.

هڪ ڏينهن شهر جي پارن ڪوهه جي پرسان راند پئي ڪئي ته اوچتو سندن ڪنهو ان سوراخ مان وڃي ڪوهه ۾ ڪريو. سيئي چوڪرا اچي ڪوهه وٽ سوڙها ٿيا. اتي هڪ چوڪرو ان سوراخ تي منهن رکي چوڻ لڳو ته: ارڙي ڏمڙ سونارا! جيڪڏهن تون سچ تي آهين ته اسان جو بال باهر اڇلي ڏي، اسين تنهنجي نالي پنجن پٽسن جي مٺائي ورهائينداسون. اهو آواز ٻڌي هينان پائڙن تير ۾ ڪينهو ڦاسائي، تير ڪڍي ڇڏيو ته ڪينهو اڇي باهر ڏيو. ڪينهو ڏسي چوڪرا ڏاڍو خوش ٿيا ۽ آهستي آهستي سڄي شهر ۾ اها گالهه پکڙجي ويئي ته، "ڏمڙ سونارو ولي آهي". اها خبر بکر به ٻڌي، سو سڏو ڪوهه تي آيو ۽ چيائين ته: آءٌ تو ڏسان ته ڪيئن ڏمڙ ولي آهي. ڪوهه ۾ ته سيني اهي گالهيون پئي ٻڌيون. چوڪرا به تير ڪمان تيار ڪري ويهي رهيا. بکر جو سوراخ مان ڏسڻ، هنن جو تير چوڙڻ. تير لڳڻ سان بکر رڙ ڪري وڃي ڪريو ۽ مري ويو. اها خبر جڏهن راجا دلوراء ٻڌي تڏهن سڏو ان ڪوهه تي آيو، ماڻهن جا انبوهه اڇي گڏ ٿيا، اتي راجا چيو ته: آءٌ تي سڏ ڪريان ٿو. جي ڏمڙ سڏ ڏنو ته سهائي جو سڳ ۽ اڏ راڄ ڏمڙ جي ننڍي پٽ کي ڏيندس. اهو انجام ڪري هن سوراخ تي منهن رکي سڏ ڪيا. ٻن سڏن تي ڪوبه جواب ڪونه ملڻ، پر ٽيئن سڏ تي ڏمڙ چيو ته جي سائين! سڏ ٻڌڻ سان بادشاهه ڪوهه جو منهن کولايو ۽ نوڙيون اندر ڏاريائين. ۽ ڏمڙ کي آڪهه سميت چڪي باهر ڪڍيائون. راجا، امير ۽ وزير هنن کي وڏي حب سان ياکر پائي ملايا. جن امرن ڏمڙ جي حق ۾ اهڙو فيصلو ڏنو هو، اهي تمام پشيمان ٿيا.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ راجا دلوراء پنهنجو انجام پورو ڪيو. ڏمڙ جي ننڍي پٽ کي سهائي جو سڳ ۽ اڏ راڄ ڏيئي، باقي عمر جا ڏينهن آرام ۽ امن سان گذاريائين.

—*—

ڏمڙ سونارو-۲*

سومرن جي زماني ۾، سنڌ جي هڪڙي حصي تي، دلوراءِ راجا راڄ ڪندو هو. راجا وٽ ڏن دولت جي ڪمي ڪانه هئي، مگر دل جي سچي خوشي يعني اولاد جي نعمت کان محروم هو. گيترائي پير فقير پچايائين، پر وريو سريو کي به ڪونه. هڪڙي ڏينهن راجا جي ملڪ ۾ جوتشين هڪڙو جو ڏولو آيو، جن جو نالو، ٿورن ڏينهن ۾ شهر جي سڀني ماڻهن جي زبان تي اچي ويو. راجا به قسمت جي حال پڇڻ لاءِ انهن نجومين کي گهرائي پڇو ت: اوهان حساب ڪري ٻڌايو ت مونکي اولاد ٿيندو يا نه؟ نجومين، شاهي حڪم ٻڌي پنهنجا ڪتاب اٿلائڻ پٿلائڻ لڳا. ڪجهه وقت کان پوءِ حساب ڪري جواب ڏنائون ت:

ڏر ڏارا، چڪ پرين، چڪيا چاڪ چڪن،
ڏيءِ دلوراءِ بادشاهه جي، جنهن جو لکيو مسلمانن،
مون سن آهي موهيو، موهي سونارن الا.

راجا نجومين جي اها گالهه ٻڌي تپي باهه ٿي ويو ۽ وري نجومين، کان پڇيائين ت: اهي سونارا ڪٿي آهن؟ جوتشين حساب ڪري ٻڌايو ت: جيئندا قبلا! اهي هن ئي شهر ۾ رهن ٿا، ڪل ست ڇٽا آهن. هڪ پيءُ آهي جنهن جو نالو ڏمڙ آهي ۽ ڇهه سندس پٽ آهن. راجا نجومين کي اجازت ڏيئي بروقت ڏمڙ ۽

---

* 'ڏمڙ سونارو' جي هن گالهه جي روايت وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ميرحسن 'مڪابل' وٽان ملي.

سندس پٽ کي گرفتار ڪري دربار ۾ آڻڻ جو حڪم ڏنو. بس حڪم جي دير هئي، سپاهي ويا سي سيني سونارن کي پڏي دربار ۾ آڻي پيش ڪيائون. راجا نجومين جي فيصلي کي ڪوڙو ڪرڻ لاءِ ڏمڻ جي ڇهن ئي پٽن کي ماراڻي ڇڏيو ۽ ڏمڻ کي سزا طور شهر نيڪالي ڏني. ڏمڻ ويچاري کي اوچتي مصيبت کان ڏاڍو دک ٿيو، پر رضا تي راضي رهي، پنهنجي زال سميت هڪ طرف روانو ٿي ويو. ڪڏهن هڪڙي شهر ۾ ته ڪڏهن ٻئي شهر ۾ ائين ٽڪندو ڏکيو سکيو وقت گذارينڊو رهيو. هڪڙي ڏينهن خيال ڪيائين ته چو نه نالو ۽ ذات بدلائي ويچي ساڳئي ملڪ ۾ رهان، ائين ڪرڻ سان پرديس جي مصيبتن کان ته ڇٽي پوندس. اهو خيال ڪري وري اچي پنهنجي اڳئين شهر ۾ رهڻ لڳو.

هوڏانهن نجومين جي ڪيل اڳڪٿي ڪانگٽي ۽ تورين گهٽين ڏينهن راجا دلوراءِ کي چنبڙ جهڙي مهڻي ڏيڻ جائي. هيڏانهن وري ڏمڻ کي ۽ سدا ملوڪ جاڙا پٽ جاوا. ڏينهن پنهان راتيون، راتين پنهان هفتا، مهينا ۽ سال گذرندا ويا، چوڪرا اچي سمجهه پريا ٿيا. ڏمڻ کي راجا جو اچان ڊپ هو، سو هن پارڙن کي گهر کان ٻاهر ڪيندوئي ڪونه هو. هن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ هڪ استاد رکيائين جو لڪ ڇپ ۾ پيو پڙهائيندو هون. ائين ائين ڏينهن، ٻئي چوڪرا پنهنجي استاد سان گڏ جي، شهر گهمڻ ويندا هئا، پر جنهن پاسي راجا جو باغ ۽ محلات هو، اڌ طرف وڃڻ لاءِ ڏمڻ جي سخت منع ٿيل هئي، ان لاءِ ته متان ڪو نڪون ممڻ نه ڄڻي پوي.

هڪڙي ڏينهن، چوڪرن گهمندي گهمندي پنهنجي استاد کي چيو ته: هي سيئي پاسا ته اسان گهميا آهن، اڄ هن پاسي هلنداسون، ڏسون ته انهي پاسي آهي ڇا! استاد کين گهڻوئي سمجهايو، پر هي ضد کان نه لٽيا. نيٺ لاچار ٿي استاد کين شاهي باغ ڏانهن وٺي ويو. چوڪرن هڪڙو باغ ڏسي اندر هلڻ لاءِ زور ڪيو. هاڻي سندن استاد کي به اچي ڊپ ورايو، پر بارڻ کي

کير سمجهائي! ڊ جندي ڊ جندي پارن کي شاهي باغ ۾ وٽي ويو. اتفاق سان، ان ڏينهن شهزادي به پنهنجين ساهيڙين سميت باغ جو سير کرڻ آئي هئي. گهمندي گهمندي شهزادي‌ءَ جي نظر به وڃي هنن چوکرن تي پيئي. هوڏانهن وڏي پاءُ جي نظر به شهزادي‌ءَ تي پيئي. سندن استاد جو ساهم هيٺ ساهم مٿي.... حيران ٿهي کي ڏسندو رهيو، جڏهن ڏٺائين ته، نه ٽي شهزادي چڙي، ۽ نه ئي ٽو چوکرو هلڻ جي کري، تڏهن ٻئي پاڻرن کي ٻانهن کان وٺي زوري‌ءَ گهر ڏانهن موٽڻ لڳو. وات تي هنن کي سندن ڇهن پاڻرن جي ڪُسجڻ، مائٽن جي شهر نيڪالي، ۽ وري سوٽي اچڻ جي سڄي حقيقت کري ٻڌايائين. پر وڏي پاءُ ٽي کوبه اثر کونه ٿيو.

گهر پهچڻ شرط استاد ڏمڻ کي باغ واري گالهه ٻڌائي ۽ چوکرن کي وڏيڪ پڙهائڻ کان انڪار کيو ۽ چيائين ته: جيڪڏهن راجا کي خبر پيئي ته مونکي مارائي ڇڏيندو. ڏمڻ هن کي سمجهايو ته: يار آهين، کجهه ٿون سمجهائين، ته کجهه وري آءٌ ٽو هدايت کريان، ڏٺي کندو ته وري اهڙو ارادو نه کندا. خير، استاد وري به پڙهائڻ لاءِ انجام کري هليو ويو.

ڏمڻ جو وڏو پٽ جو شهزادي‌ءَ تي پهرين نظر ڏسڻ سان اکن چکن ٽي پيو هو، تنهن نه ٽي مانيِ کاڌي نه ٽکي. سنجهه صبح بس شهزادي جي تات هئس. سندس نندو پاءُ گهٽوئي سمجهائيندو هوس ته: ادا، انهيءَ شهزادي‌ءَ جي پيءَ پنهنجن پاڻرن کي مارائي ڇڏيو ۽ پنهنجن مائٽن کي به ملڪ مان ڏاڙائي ڪڍيو: هاڻي وري کا مصيبت نه کڙي ٿئي، ان کري ٿون انهيءَ گالهه تان لهي وڃ. پر وڏو پاءُ هن جي هر گالهه جي جواب ۾ چوندو هو ته: جيستائين آءٌ هن کي نه ڏسندس تيسين منهنجي دل کي کڏهن به آرام نه ايندو. وڏي پاءُ جو اهو جواب نندو پاءُ پنهنجي پيءُ کي ٻڌائيندو هو، جو وري پنهنجي سر پٽ کي نصيحت کندو هو ته:

اڪ نہ ڏجي ڏاند ٽو ، سپ نہ ڪائجي ماس،
ات نہ لائجي دوستي ، جتي جيءَ وڃاس،
مون من آهي موهيو ، موهي سونارن الا ..

پر چوڪري کي رڳو شهزادي جي ياد گيري هئي ، ٻيو مڙوئي ٽيو خير.

هوڏانهن شهزاديءَ سان ٻه ساڳيو حال هو. نہ کائڻ نہ پيئڻ، سڄو ڏينهن هن جي ياد گيري ۾ ڪٽ وٽيو پيئي هوندي هئي. نيٺ وڃي طبيبن جي تات پيئي. شاهي حڪيمن، سنياسي فقيرن هزارين حيلا هلايا، مگر شفا نہ ٿيڻي هئي سا نہ ٿي. آخرڪار راجا نجومين کي گهرايو ، جن پوٿيون پٽي، ڌارا هڻي ٻڌايو تہ: مهاراج ! تنهنجي ڌيءُ ڏهڻ سوناري جي پٽ تي عاشق ٿي پيئي آهي. راجا عجب ۾ پئجي ويو ۽ چيائين تہ ڏهڻ سوناري جا پٽ تہ مون مارائي ڇڏيا. نجومين ڌارا هنيا ۽ حساب ڪري جواب ڏنائون تہ:

ٽپ ٽپڻي دار هنيو ، ٻانيڻ پوٽيدان،
ڌيءَ دلوراءِ باد شاهہ جي، جنهن جو لکيو مسلمان،
مون من آهي موهيو ، موهي سونارن الا .

مهاراج ! ڏهڻ سونارو ملک برابر چڏي ويو هو ، مگر گهڻي وقت کان وري اچي هن شهر ۾ رهيو آهي ۽ اُن کي ٻہ تمام سهڻا پٽ آهن. باد شاهہ اچرج ۾ پئجي ويو ، وري ٻہ خاطري ڪرڻ لاءِ نجومين کان پڇيائين تہ: ڀلا اهي سونارا رهن ڪٽي ٿا؟ نجومين جواب ڏنو تہ: مهاراج ! اهي سيئي هڪ بند جاءِ ۾ رهندا آهن. ڏهڻ جو پٽ پڻ شهزادي جي ساروٽي ۾ بيمار گذاري ٿو. راجا اهو پڌي ڏوراندیشي ڪري، شهزاديءَ کي شهر جي هڪ امير ڪلانچ سان ڳڻائي چڏيو ، جو شهزادي جي عشق جي حقيقت کان بيخبر هو.

راجا انهي ڳڻتي موقعي تي عام خاص ماڻهن لاءِ، شاهي باغ گهمڻ جو اعلان ڪيو ۽ اندروني طرح سان ڏهڻ سوناري جي چوڪرن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ چاري پڻ مقرر ڪري چڏيا.

ڏمڻ جي چوڪري ۾ باغ گهمڻ جي سنبت ڪئي. پيءُ گهڙئي ڪيس روڪيو پر چوڪرو پنهنجي هوڏ تان هيٺ نه لٿو، نيٺ لاچار ٿي ڏمڻ پاڻ هن کي باغ گهمائڻ لاءِ وٺي آيو. گهمندي گهمندي باغ جي هڪ تلاءَ تي اچي پهتا، جتي شهزادي پنهنجين سرتين سميت طرحين گلن سان دل وندرائي رهي هئي. اوچتو هوا جي هڪ جهوٽي سان شهزادیءَ جي ٿڻي تان پوتي لهي ويئي، ڏمڻ اهو ڏسي ٽوڪ سان چيو ته:

ڪيڏ گوري، ڪر ڪپڑا، وينيءَ ڪولي وار،
ڏڪ پنهنجا ڏولڙا، ڪُهين نه ڪلهڑا ٻار،
مون من آهي موهيو، موهي سونارن الا.

ٻيءُ جي واتان هڪڙا لفظ ٻڌي چوڪري ۾ اوڏانهن نهاريو. سامهون شهزادي کي ڏسي، بنا ڪنهن ڏپ جي وڃي ساڻس ملي، پهرين ته هڪٻئي کي ڏسندا رهيا، پر پوءِ شهزادیءَ اشارن ۾ چيس ته: هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ چوڪري جواب ڏنو ته: آءٌ سڄو ڏينهن گهر ۾ بند پيو آهيان، مونکي ماڻڪ ٻاهر نه ٿا ڇڏين. شهزادیءَ چيس ته: ٿون مونکي پنهنجي گهر جو ڏس ڏي، پوءِ آءٌ ٻاڻهي ٿو وٽ ايندیس. چوڪري کان سندس گهر جو ڏس پڇي شهزادیءَ کيس چيو ته: رات آءٌ تنهنجي مهمان آهيان، چوڪرو اهو ٻڌي سَرهو ٿيو. ايتري ۾ ڏمڻ اچي رسيو ۽ پٽ کي گهلي گهر ڏانهن وٺي ڳيو، ۽ شهزادي ٻه هنن جي وڃڻ بعد جلدئي محلات ڏانهن موٽي ويئي.

رات ٿي، ته شهزادي هار سينگار ڪري، بازار وارو رستو ڏيئي، ڏمڻ جي گهر ڏانهن وڃڻ لڳي. جڏهن بازار جي اڌ ۾ آئي، تڏهن هڪ ڏڪاندار، جو پنهنجي دڪان جو حساب ڪاهي رهيو هو، هن حور کي آڏيءَ رات جو اڪيلو بازار مان ويندي ڏٺو، سو پهرين ته ڏاڍو حيران ٿيو، پر پوءِ همت ڪري چيائينس ته:

هيڏڙي بازار ۾ ، تنهنجو هار به چلڪا ڏئي،
جي پير پرين منهنجي هٿ تي ته لڳ لٽايان،
مون من آهي موهيو، موهي سونارن الا.

شهزادي‌ءَ ڪاوڙجي جواب ڏنس ته:

اي بابي جا واڻيا! تون نه ايڏو ويڙ هل،
ٽئي سپاڙي ڏينهڙو، تنهنجي ٻُڌ پرايان ڪل،
مون من آهي موهيو، موهي سونارن الا.

دڪاندار ڏٺو ته مار، هي‌ءَ ته بادشاهزادي آهي، سو اڃي سڌ سان لڳس، ڊپ وچان شهزادي‌ءَ جي پيرن تي ڪري پيو ۽ معافي‌ءَ لاءِ آزيون نيزاريون ڪرڻ لڳو. شهزادي‌ءَ چيس ته: آءٌ تو کي انهي شرط سان معاف ڪنديس ته تون مونکي ڏمڻ سوناري جي گهر تائين وٺي هلين. انڌو ڇا گهري به اکيون، ٿوري ۾ ئي جند ڇٽيس، سو حاضر ڇئي، شهزادي‌ءَ کي ڏمڻ جي گهر پهچائي آيو. انهي وقت مينهن پئي وٺو، سو شهزادي‌ءَ ڏمڻ جي گهر جو در کڙڪائي چيو ته:

جهرمر وسي مينهڙو، منهنجو پُسي پَٽ پڙو،
ماڻ ته ٻئس بازار ۾، تون اڻي لاهِ ڪڙو،
مون من آهي موهيو، موهي سونارن لا.

اهو آواز جڏهن ڏمڻ جي ڪن تي پيو تڏهن جواب ڏنائينس ته:

ڪيئن لاهيان مان ڪڙو، منهنجو سُڪي ٿو ساهِ،
ڇهه اڳيئي ماريا، تون هاڻي هن پنياڻ،
مون من آهي موهيو، موهي سونارن الا.

ڏمڻ جي پٽ ڏٺو ته بابو ڪڙو نه ٿو لاهي، سو ڇري کڻي پنهنجي پيٽ تي رکي چيائين ته: جي ڪڙو نه لاهيندا ته آءٌ پاڻ کي ماري ڇڏيندس. لاچار ڏمڻ در کولي‌ءِ، شهزادي اندر لنگهي آئي. ڏمڻ ڏڪندي ڏڪندي چيس ته: شهزادي! ڪڙن جي بانگ ڪان اڳ هلي وڃجان‌ءِ. شهزادي اها گالهه قبول

ڪري وڃي پنهنجي محبوب سان ملي. انهي وچ ۾ ڏمڙ جو ساهه ئي سڪو پيو هو. نيٺ جڏهن گهڻو وقت گذري ويو تہ ڏمڙ چا ڪيو جو ڪڏ تي چڙهي، ميڙ- تہ هو وڃائي ڪڙ جي ٻانگ وانگر آواز ڪرڻ لڳي، جنهن تي شهزادي ۽ چيو تہ:

ڪوڙا ڪڙ! ڪوڙ ٻولين، اڃا آڌي رات،
اسان پريون پاڻ ۾، گالهيون ڪيون وات،
مون من آهي موهيو، موهي سونارن الا.

لاچار ويچاوو ڏمڙ مان ڪري ويهي رهيو. ڪجهه وقت کان پوء وري ٻه ڏمڙ کان رهيو ڪونہ ٿيو ۽ ساڳي طرح ڪوڙي ٻانگ ڏنائين، جنهن تي شهزادي ۽ وري چيس تہ:

ڪوڙا ڪڙ ڪوڙ ٻولين، اڃا آڌي رات،
پچر ڪرئي ڪنڌ تي، تنهنجا ڪنب ٻليجي وات،
مون من آهي موهيو، موهي سونارن الا.

ڏمڙ نيٺ ڪڏ ٿي آسرو لاهي سمهي رهيو. هيڏانهن هن قرب وارن کي ڪچهري ڪندي اڃي پرهه ڦٽي، شهزادي چوڪري کان موڪلائي واپس محلات ڏانهن موٽي. اتفاق سان هن کي سندس مڱيندي هن طرح اڪيلو ويندو ڏسي ورتو، هن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، سو نہ ڪيائين هم نہ تہ سڏو وڃي راجا سان سموري گالهه ڪيائين. راجا ڪاوڙ ۾ ٽپي باهه ٿي ويو ۽ يڪدم سونارن جي مارائڻ لاء هڪڙو ڪوهه ڪٽائي، ان ۾ نيزا، بڙڇيون ۽ ٻيا تکا اوزار آڻيا ڪوڙائي چڏيائين. شهزادي ۽ کي جو انهي گالهه جي خبر پيئي، تنهن هڪ رازدار ٻانهي ۽ جي وسيلي پنهنجي محلات مان ڳجهي سرنگهه هڻائي، ڪوهه مان سڀ تکا اوزار ڪيدائي، منجهس گاهه ۽ ڪچهه رکائي چڏيائين. ٿورن ڏينهن کان پوء بادشاهه ڏمڙ کي سندس پٽن سميت قيد ڪرائي، ڪڍي

انهيءَ اونداهي ڪوهه ۾ اڇلارايو. پر جيئن ئي شهزاديءَ سندن بچاءُ لاءِ اڳ ۾ ئي بندوبست ڪري ڇڏيو هو، تنهنڪري هنن کي ذرو به ڏک نه لڳو.

رات جو شهزادي ڳڄهي سرنگهه رستي هنن سان اچي ملي، سڀئي پاڻ ۾ ملي ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ کين تيار ڪري پاڻ سان ونيو، گهڻو مال متاع کڻي، تيز گهوڙن تي چڙهي دلوراءِ جي ڳچري ڇڏي وڃي پئي ملڪ ۾ رهيا، جتي سڄي عمر امن ۽ آرام سان گذاريائون.

سونل-١ *

گالهه ٿاڪن ته آڳاٽي زماني ۾ ڪنهن ننڍي ڳوٺڙي ۾ هڪ سهڻي ڇوڪري پنهنجي ستن پائرن سان رهندي هئي. هن جا وار سونا ۽ ڏگها هوندا هئا، تنهنڪري ماڻهو کيس "سونل" سڏيندا هئا. سندس ستئي پائر ڏاڍا پهلوان هوندا هئا، جي روزانو صبح جو پنهنجي ڪم تي ويندا هئا ۽ شام جو موٽي ايندا هئا. سونل وري گهر جو ڪم ڪار ڪندي هئي.

هڪڙي ڏينهن، هڪڙو وڏو ديو اڏامندو پئي ويو ته سندس نظر وڃي سونل تي پيئي. ديو کيس ڏسڻ شرط عاشق ٿي پيو ۽ لهي وٽس آيو. ديو کي ايندو ڏسي، هن کي ڏاڍو ڊپ ٿيو، پر دل جهلي چيائينس ته: "مٺا ديو! هتي ڇو آيو آهين؟ هتان هليو وڃ نه ته منهنجا پائر ٻوٽي ٻوٽي ڪري ڇڏيندئي". ديو کلي چيس ته: ڇوڪري، ڪنهن کي ٻه طاقت نه آهي جو منهنجي وار جو ٻه ڪو نالو وٺي سگهي. تون اهڙيون گالهيون نه ڪر، اچ ته پاڻ ۾ قرب جون گالهيون ڪريون. سونل هراسجي ويئي ۽ ڪوبه جواب ڏيئي نه سگهي. آخر ديو چيس ته: مون سان شادي ڪر، آءٌ تو کي هرطرح سکيو رکندس. پر سونل کيس صفا انڪاري جواب ڏيئي ڇڏيو. ديو کي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ چاڪيائين جو گهر جو ٻاهريون در بند ڪري، سئي ڏاڳي سان سونل جون اکيون سمي، سندس ٻڌڻ وارن کي ٽنب سان بڌي ڇڏيائين،

---

* 'سونل' جي هي ۽ روايت حيدرآباد شهر مان زبيده بيگم شيخ کان ملي.

ءِ پاڻ هن جي گوڏي تي سمهي رهيو. شام جو سونل جا پائر ڪم تان موٽيا، تن اچي در ڪڙڪايو ۽ چيائون تہ:

ادي سونل، ادي سونل! در لاهہ ڏيو ٻار.

پائرن جو آواز سڃاڻي، سونل اندران جواب ڏنو تہ:

ادا ڙي ادا! اکيون سئيءَ سبيون،
چوٽو ٽمپ ٻڌو، راکاس گوڏي ستو.

راکاس جو ٻڌي هنن ويچارن کي ڏاڍو ڊپ لڳو ۽ ڊنا تہ جي اندر ويندا سين تہ راکاس ماري چڏيندوسين، سو انهيءَ ڊپ ڪري واپس هليا ويا ۽ وڃي ٻئي هنڌ رات گذاريائون.

ٻئي ڏينهن ٻہ ڪٽي پائر شام جو وري آيا، ۽ ڏڃندي ڏڃندي در تي بيهي پيڙ کي سڏ يائون:

ادي سونل، ادي سونل! در لاهہ ڏيو ٻار.

پائرن جو آواز ٻڌي، سونل وري ٻہ ساڳيوئي جواب ڏنو تہ:

ادا ڙي ادا! اکيون سئيءَ سبيون،
چوٽو ٽمپ ٻڌو، راکاس گوڏي ستو.

اهو ٻڌي ويچارا پائر وري ٻہ مات ڪري موٽي ويا. اهڙيءَ طرح روزانو ايندي ويندي هنن کي ڇهہ مهينا گذري ويا. ڏيو ٻہ ڪو ڇهہ مهنا نند ڪندو ۽ ڇهہ مهينا جاڳندو هو، تنهن جي نند ٻہ اچي پوري ٽيڙ وري هئي.

سونل جي پائرن ڏنو تہ ڏيو نند مان جاڳي سونل کي ڪٽي هليو ويندو، اهو خيال ڪري ارمان ۾ پئجي ويا تہ "الا! سونل جهڙي پيڙ اسان کي وري ڪٿان ملندي؟" سو خيال ڪيائون تہ ڪنهن ٻہ طرح ڏيو کي ماري سونل کي چڏائجي. پوءِ جي ڏيو سان وڙهندي مئاسين تہ پيڙ ٿان صدقو ٿياسين. اهو خيال ڪري ڪهاڙيون ۽ ڏنڊا ڪٽي پنهنجي گهر جي در تي آيا ۽ ڪڙو ڪڙڪائي پيڙ کي چيائون تہ:

ادي سونل، اي سونل! در لاهہ ڏيو ٻار.

سونل ويچاري تمام هيٺي آواز ۾ ڪين جواب ڏنو تہ:

ادا ڙي ادا! اکيون سئيءَ سميون،
چوٽو ٽنپ ٻڌو، راکاس گوڏڙي ستو.

سونل جو جواب ٻڌي پڪ ٿين ٿي ديو اڃا ستو پيو آهي، پوءِ در ڀڃي گهر ۾ گهڙي آيا. ديو کي ستي ئي اڇي ورتائون. هڏي هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيائونس. ديو جي مرڻ کان پوءِ ٻيڙ کي ٽنپ سان ڇوڙي گهر وٽي آيا، ۽ هڪڙي سان ملي باقي حياتي آرام سان گذاريائون.



سونل ـ ۲ *

ڪنهن زماني ۾ ، هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪ شخص رهندو هو، جنهن کي ست پٽ هئا ۽ هڪڙي ڌيءَ هئي. سونهن ۽ سوپيا ۾ ان ڇوڪريءَ جهڙي ڪا ورلي هوندي. سندس وار به سڄا سونهري هئا، جنهنڪري کيس سڏيندائي 'سونل' هئا.

هڪڙي ڏينهن سونل پنهنجي سهيلين سان گڏجي پرواري تلاءَ تي وهنجڻ ويئي، اتي وهنجندي سندس مٿي جو هڪ وار تلاءُ ۾ ڪري پيو. جڏهن سانجهيءَ جو سندس وڏو پاءُ ان تلاءُ تي گهوڙي کي پاڻي پيارڻ ويو ٿو ڪيس پاڻيءَ ۾ اهو وار ترندو نظر آيو. سونو وار ڏسي هو حيران ٿي ويو ۽ خيال ڪرڻ لڳو ته، 'جنهن جا وار ئي سونا آهن سا ڪيتري قدر نه سهڻي هوندي، اها ڳالهه ڳڻي، دل ۾ پڪو پهه ڪيائين ته انهيءَ ڇوڪريءَ سان ضرور شادي ڪندس. سو ڇا ڪيائين جو اهو وار ڪٽي سڏو گهر آيو ۽ ماءُ کي چيائين ته: اما! جنهن ڇوڪريءَ جي مٿي جو هي وار آهي، ان سان منهنجي شادي ڪراء. ماڻس اهو وار سجاتو ۽ پٽ کي چيائين ته: ابا! چريو ته ڪين ٿيو آهين! هي وار ته سونل جو آهي، تنهنڪري پيءُ سان ڪيئن شادي ڪندين؟ اهو ٻڌي هن جا طاق لڳي ويا، پر دل ۾ جيڪو ارادو ڪيو هئائين تنهن کي به ڇڏڻ چگو نه سمجهائين، سو ضد ڪري ويٺو، چئي: ڇا به هجي، شادي ڪندس ته سونل سان، نه ته سڄي عمر ائين گذاريندس.

---

* 'سونل' جي هن ڳالهه جو مدار هن روايتن تي آهي، جي وچواڻي (حيدرآباد شهر) سان زبيده بيگم ۽ تعلقي ٽنڈي الهيار سان ولي محمد طاهرزادي کان ملیون.

ماءُ ويچاري ارمان ۾ پئجي و ٻڌي، پٽ کي ڪيتروئي سمجهايائين، پر هو ضد تان نه لٿو، ۽ چيائين ته: جيستائين مونکي سونل نه پرڻائيندينءَ، تيستائين نه کائيندس نه پيئندس. آخر ائين ڪيترا ڏينهن گذري ويا ۽ چوڪرو جيئن پوءِ ٽيئن ويو تمام ڏهرو ٿيندو. هڪڙي ڏينهن ماڻس ۽ پٽس پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته جيڪڏهن موڀي پٽ جي اها گالهه نه مڃبي ته مري ويندو، تنهنڪري ڪٽي هاڻو ڪجي. اها صلاح ڪري پٽ کي چيائون ته: ابا! هاڻي تون دلجاءِ ڪر اسين جلدئي تنهنجي شادي سونل سان ڪرائينداسين. چوڪرو اها گالهه ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ آٽي کائڻ پيئڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ لڳو.

اها خبر جڏهن سونل ٻڌي، تڏهن سندس پيرن هيٺان زمين نڪري وئي، ڏاڍو ڏک ٿيس. هن گهٽيئي ماءُ پيءُ کي سمجهايو پر هو ويچارا به چاٽي ڪري سگهيا. جيئن جيئن شاديءَ جا ڏينهن ويجها ٿيندا ويا تيئن سونل تي گٽين جا گهر چڙهندا ويا. آخر شاديءَ جو ڏينهن اچي پهتو، سونل چا ڪيو جو صبح جو ماڻ ماڻ ڪري گهر ۾ پنئين پاسي واري وڻ تي چڙهي وڃي ويهي رهي. شاديءَ وقت سيني سونل کي گوليو پر هوءَ گهر ۾ هٽ ئي ڪونه آين. نيٺ گوليندي گوليندي هن کي وڻ تي ويهل ڏنائون، سيني صلاح ڪري پهريائين ماڻس کي موڪليو ته سونل کي پرچائي وڃي اچي. ماڻس جڏهن وڻ جي هيٺان آئي تڏهن سونل چيس ته: اما ڙي اما! ڪيئن آئي آهين؟ ماڻس ورندي ڏني ته:

اما سونل، اما سونل! لهي آءُ، انهيءَ وڻ تان لهي آءُ،
پنهنجي گهر ڏهل وڃن، ڏَمر وڃن، ويندن وارا گهوٽ نڃن،
لهي آءُ، لهي آءُ.

اهو ٻڌي سونل مٽان جواب ڏنو ته:

اما ڙي اما! پيءُ نه ٿئي صهرو، ماءُ نه ٿئي ساس،
اهڙا جي ٿين ڪيس، ته پوءِ ڏونگر ڪيئن نه ڏري!

اهو ٻڌ شرط ماءُ جي دل کي اهڙو ٿ صدمو آيو جو اٿيءِ دانهن ڪري ڪيرِ پيئي ۽ مري ويئي.

هوڏانهن ورتي جڏهن ماءُ نه سوڻي، ٽڏهن وري ٻيءُ سونل کي وڻڻ لاءِ آيو، وڻ هيٺان اچي سونل کي سڏ ڪري چيائين ٿ:

اما سونل، اما سونل! لهي آءُ، انهيءَ وڻ تان لهي آءُ،
پنهنجي گهر دهل وڃن، ڏ-ر وڃن، ويندڙ وارا گهوٽ نڃن،
لهي آءُ، لهي آءُ.

تنهن تي سونل پنهنجي پيءُ کي جواب ڏنو ٿ:

ابا ڙي ابا! ماءُ نه ٿئي سس، پيءُ نه ٿئي صهرو،
اهڙو جي ٿئي قهر، پوءِ ڏونگر ڪيئن نه ڏري!

اهو ٻڌي پٽس کي اهڙو ڏک ٿيو جو دانهن ڪري ڪيرِ پيو ۽ وري نه اٿيو.

وري جڏهن پيءُ کي ديرِ ٿي ٽڏهن وڏو ٻاءُ ڪيس وڻ آيو، ۽ وڻ هيٺان بيهي ٻيڙ کي چيائين ٿ:

ادي سونل، ادي سونل! لهي آءُ، انهيءَ وڻ تان لهي آءُ،
پنهنجي گهر دهل وڃن، ڏ-ر وڃن، ويندڙ وارا گهوٽ نڃن،
لهي آءُ، لهي آءُ.

سونل مٿان جواب ڏنس ٿ:

ادا ڙي ادا! ماءُ نه ٿئي سس، پيءُ نه ٿئي صهرو،
جي ٻاءُ ٿئي گهوٽ، ٿ اڃا ڏونگر ڪيئن نه ڏري!

ٻاءُ، ٻيڙ جواهو ويڙ ٻڌي نه سگهيو ۽ اتي ئي ڪري پيو. وري جڏهن ٻئي ٻاءُ ڏنو ٿ ادو نه سوڻيو، ٿ ٻاڙ ٻيڙ کي وڻڻ لاءِ آيو ۽ وڻ هيٺان بيهي، ٻيڙ کي ساڳيءَ طرح ليلائڻ لڳو. ان کي به پٽس جواب ڏنو ٿ:

ادا ڙي ادا! ماءُ نه ٿئي سس، پيءُ نه ٿئي صهرو،
جي ٻاءُ ٿئي ڏير، ٿ ڏونگر ڪيئن نه ڏري!

اهو جواب ٻڌندئي ٻاڙ کي به اهڙو ڏک ٿيو جو اتي جو اتي

ڪري پيو ۽ مري ويو. اهڙيءَ طرح سڀ پاڙر ايندا ويا ۽ سونل ڪي لهڻ لاءِ ستائيندا ويا، ۽ سونل هرهڪ کي اهو جواب ڏيندي آئي. جنهن جي پٽڻ سان هنن جي دل ڪي اهڙو تہ ڏک آيو، جو سڀ اٽڪي هڪٻئي پنيان مري ويا. جڏهن باقي ننڍيو ڀاءُ وڃي بچيو، تڏهن اهو بہ پيڻ کي وڻڻ لاءِ وڻ هيٺان اچي بينو ۽ ڏاڍي ڏک مان پيڻ کي چيائين تہ:

ادي سونل، ادي سونل! لهي آءُ لهي آءُ،
آءٌ تنهنجو ننڍڙو ڀاءُ، تون لهي آءُ لهي آءُ.

اهو ٻڌي سونل وڻ تان هيٺ لهي آئي، ننڍڙي ڀاءُ کي گرائڙي پائي روئڻ لڳي. وري جو پنهنجي مئل مائٽن تي نظر پيس سو هيڪاري ڏک ٿيس. پوءِ پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي چيائين تہ: منهنجي ڪاپي هٿ جي آگر مان ٿورو رت ڪيڏي، هنن سڀني کي انهيءَ جا جنڊا هڻ. تنهن تي پاڻس سندس ڪاپي هٿ جي آگر کي ٿورو چهڪ ڏيئي، ان مان بہ ٿي ڦڙا رت جا ڪيڏي، سڀني کي جنڊا هنيا تہ سڀ چڱا پلا ٿي آٽي وينا. اتي سڀئي هڪٻئي کي صحيح سلامت ڏسي، ڏاڍو خوش ٿيا. وڏي ڀاءُ ڀڻ پنهنجي پيڻ سونل کان معافي گهري. پوءِ سڀ خوش ٿي پنهنجي گهر واپس آيا.

سونل - ٣ *

ڪنهن ڳوٺ ۾ سونل نالي هڪڙي ڇوڪري پنهنجي ستن ڀائرن سان گڏ رهندي هئي، سندس وڏو ڀاءُ پرٽيل هو. هڪڙي ڏينهن سونل پاڇائي ڪان ڪُهنبو ريٽو وٺي، پاڙي جي ٻارن سان کيڏڻ وئي. راند ڪندي ڪندي ريٽو ڇيٽي ۾ پرجي پيس، سو مار ملڻ جي ڊپ کان وڃي تلاءَ تي ڏوئڻ لڳي. ڪهنبي ريٽي جي ڏوئڻ ڪري، سڄي تلاءَ جو پاڻي گاڙهو ٿي ويو.

ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ سونل جو وڏو ڀاءُ پنهنجي ڪميت گهوڙي کي وٺي ان تلاءَ تان پاڻي پيارڻ آيو، پر پاڻي گاڙهي هڻڻ سبب گهوڙي نه پيتو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيس ته سونل وڃي تلاءَ ۾ ڪهنبو ريٽو ڏوتو هو، جنهنڪري پاڻي گاڙهو ٿي ويو آهي. اهو ٻڌي ٻيڙ تي ڏاڍو ڪاوڙيو، پر ماءُ جي ڊپ کان ماڻ ڪري ويهي رهيو.

ٿورن ڏينهن گذرڻ بعد سونل کي سزا ڏيڻ جي ارادي سان هن سونل ۽ ننڍي ڀاءُ کي چيوته: هلو ته نانائن مان گهمي اچون. ۽ ماءُ کي چيائين ته: اما! ادي سونل ۽ ادا ننڍي کي سنبرائي ته ٻنهي کي نانائن مان گهمائي اچان. ماڻس پهريائين ته نٿي ڇڏيو، پر آخر پٽ جي زور پرڻ تي موڪل ڏنائين. هي ٻنهي کي ساڻ ڪري نانائن جو رستو وٺي هلڻ لڳو. اڌ رستي تي پهچي، سڏو رستو ڇڏي، جهنگ ۾ ڏانهن وڃڻ لڳو. تنهن تي سونل چيس ته: ادا! نانائن جو ته رستو هي آهي، تون اسان کي ڪيڏانهن ٿو وٺيو هلين؟ اتي پاڻس درڪو ڏيئي چيو ته: ماڻ ڪري هل! هتان

---

* 'سونل' جي هيءَ روايت حيدرآباد شهر مان زبيده بيگم شيخ کان ملي.

ويجهو رستو آهي. ڊپ ڪري هي ويچارا سان ڪري هلندا رهيا. هلندي هلندي جڏهن گهاٽي جهنگ ۾ پهتا، تڏهن هن چيو ته: هاڻي ٽڪجي پيا آهيون، تنهنڪري هتي ترسي ڪجهه آرام ڪريون، ائين چئي اتي ترسي پيا. پوءِ نديءَ ۾ پاڻي چيائين ته: تون وچي جهنگ مان ڪائيون ڪري اچ ته مانيءَ پچايون. پاڻس ڪائيون ڪرڻ ويو پنيان هن ڪپ ڪڍي، سونل کي ڪهي، ڪڍ ڪڍي، ان ۾ پوري چڏيو.

نديءَ ۾ پاڻ جڏهن ڪائيون ڪري آيو، تڏهن ان کي غمگين ٿي چيائين ته: ادا، سونل کي ته بگهڙ کڻي ويو. نديءَ پاڻ چالاڪ هو سو گالهه کي سمجهي ويو، پر انهيءَ وقت پاڻ جي ڊپ کان ڪونه ڪيچيو. گهر واپس اچي، وڏي پاڻ پهنجي پوڙهي ماءُ کي روئي ٻڌايو ته: امڙ! اسين جهنگ مان پئي وياسين ته هڪڙو بگهڙ آيو، اوچتوادي سونل کي کڻي هليو ويو، اسين ڏاڍي مشڪل سان جند چڏائي آيا آهيون، پر نديءَ پاڻ، ماءُ کي ٻڌايو ته: امان، ادا ادي کي کهي، ڪيس جهنگ ۾ پوري آيو آهي. اهو ٻڌي ماڻس ويچاريءَ ڏاڍيون دانهون ڪيون، آخر ڏيءَ جي ڏک ۾ روئندي روئندي انڌي ٿي پئي.

انهيءَ گالهه کي ڇهه مهينا گذري ويا، سانوڻ جا مينهن وٺا، جنهنڪري گاهه ڦٽا، ميدان ساوا ٿيا ۽ چوڌاري ساوڪ ٿي وئي. خدا جي قدرت! جو جنهن هنڌ سونل پوريل هئي اتان هڪڙو مرلين جو وڻ ڦٽو، جو آهستي آهستي وڌندو، وڏو ٿيندو ويو. انهيءَ وڻ ۾ ٻيون سڀ نديون وڏيون مرليون ڦڏيون هيون، پروڙ جي چوٽيءَ ۾ هڪڙي سڏي، سنئين مرلي لٽڪيل هئي جو جنهن به هڪ پيرو ان کي ڏٺو ٿي، تنهن جي دل هر ڪجيو ٿي ويئي.

هڪڙي ڏينهن، سامي فقيرن جو هڪ ٽولو اتان اچي لنگهيو. انهن مان هڪڙي فقير جي نظر وچي انهيءَ سڏي مرليءَ تي پيئي. فقير دل ۾ خيال ڪيو ته: اها مرلي ڪيئن به ڪري هٿ ڪجي. سو بهانو ڪري اتي ترسي پيو. نيٺ سڀ جو گهي

هليا ويا ۽ هي وڻ تي چڙهي ويـو. ايا مرليءَ ۾ هٿ وجهي ۽ پٽڻ تي هو تہ ان مان نهايت مٺو ۽ ڏکارو آواز آيو تہ:

سامي ٽي منگان، جوگي ٽي منگان، ڪنيس ڪاڏس وڏي پاءُ،
ڪل نہ لڏي نديءِ پاءُ، ڏيندي ڪا باب ٻڪيا؟

اهو ٻڌي فقير پهر پائين تہ ڊجي ويو، پر پوءِ دل جهلي مرليءَ کي لاهي هيٺ ڪٽي آيـو، ۽ اڇي شهر ۾ پنڻ لڳو. پهرين پهرين وڏي پاءُ جي در تي آيـو، ايا مرليءَ کي وات تي رکي وڄايائين ٽي تہ مرليءَ مان ساڳيو آواز نڪتو تہ:

سامي ٽي منگان، جوگي ٽي منگان، ڪنيس ڪاڏس وڏي پاءُ،
ڪل نہ لڏي نديءِ پاءُ، ڏيندي ڪا باب ٻڪيا؟

وڏي پاءُ اهو ٻڌي چيو تہ: آوازتہ منهنجي ٻيڻ سونهل جو آهي، پر اها ڪٽان آئي! آخر ٻاهر نڪري آيو ۽ ڏٺائين تہ جوگيءَ جي هٿ ۾ هڪ مرلي هئي، جنهن مان اهـو آواز ٻڌي نڪتو. هن جوگيءَ کي ڏاڍيون منٿون ڪيون ۽ پيسا آڇيا تہ: جيڪي ٻ گهرين سو ڏيانءِ پر اها مرلي سونکي ڏي. پر جوگي مرلي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. اتان ٽي جوگي وري ٻئي پاءُ جي در تي آيو ۽ اتي ٻ مرليءَ ساڳي صدا هنئي تہ:

سامي ٽي منگان، جوگي ٽي منگان، ڪنيس ڪاڏس وڏي پاءُ،
ڪل نہ لڏي نديءِ پاءُ، ڏيندي ڪا باب ٻڪيا؟

صدا ٻڌي ٻيو پاءُ ٻاهر نڪري آيو. آواز سڃاڻي فقير کي چيائين تہ: ڪيترو ٻ ملهه انهي مرليءَ جو وٽ ۽ مرلي سونکي ڏي. پر جوگيءَ هڪ نہ مڃي. ٽيٽ فقير کي خيرات ڏئي، پاڻس واپس موٽي ويو ۽ جوگي وري پنڻ لاءِ رمندو رهيو. اهڙيءَ طرح جوگي ڇهن پائن جي دڻ تي آيو، ڇهن ئي ڇڻ پنهنجي ٻيڻ جو آواز سڃاڻي، جوگيءَ کان مرلي وٺڻ جي هر طرح ڪوشش ڪئي پر هن ڏيڻ کان ٻنهه انڪار ڪري ڇڏيو.

نيٺ هلندي اچي سيني کان نديءَ ستين پاءُ جي در تي صدا هنيائين:

سامي ٽي منگان، جو گپي ٽي منگان، ڪُٽيس کاڌس وڏي پاءُ،
ڪل نہ لڌي نديءَ پاءُ، ڏيندي ڪا باب بکيا؟

سونل جي ماءُ ہ نديءَ پٽ سان گڏ رهندي هئي، جا ڏيءُ جي ڏک ۾ روئي روئي اندي ٽي پئي هئي، سا پنهنجي ڪيلڏي ڏيءُ سونل جو آواز سڃاڻي، پڇندي در وٽ آئي، اتي نديو پاءُ ہ اچي پهتو ۽ فقير کي چيائون تہ: جوگپي! مرلي وري وڄاءِ. جوگپي وري ہ ساگپي صدا ٻڌاين. آخر ٻنهي ماءُ پٽن چيو تہ: جوگپي اها مرلي اسان کي ڏي. پر فقير ڏيڻ جي نہ پيو ڪري. نيٺ گهڻي ستائڻ تي فقير کين مرلي ڏني. ٻيڙيءَ جوگپي کي ماني ٽکي کارائي، پيسو ڏوڪڙ ڏيئي روانو ڪيو. رات ٽي تہ ٻيڙيءَ چا ڪيو جو اها مرلي ڪٽي گنديءَ ۾ رکي چڏي. صبح جو اٽي ڏسي تہ گنديءَ ۾ سندس ڏيءَ سونل وينيِ آهي! ڪيس ڏسي، پاڻس ۾ ماڻس ڏاڍا خوش ٿيا. ماڻس جا روئي روئي اندي ٽي ويئي هئي، تنهن کي ہ آهستي آهستي اکين ۾ نوُر پوڻ لڳو، وڏو پاءُ ہ پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيو، ۽ پوءِ سيئي پاڻ ۾ گڏجي خوش گذارڻ لڳا.



راجڪمار ۽ ساهيڇي *

ڪنهن شهر ۾ هڪڙو سوداگر رهندو هو، جنهن جي راجڪمار سان گهري دوستي هوندي هئي. سوداگر کي 'ساهيڇي' نالي هڪ حسين زال هئي. زال مڙس پنهنجي ڇٽن جو پاڻ ۾ ڏاڍو پيار هوندو هو. هڪڙي ڏينهن سوداگر ڪنهن ڪم سانگي باهر ٽي ويو، تنهنڪري پنهنجي دوست راجڪمار کي گهر جي سڌ سماءَ لهڻ جي پارت ڪري ويو. سوداگر جي وڃڻ کان پوءِ راجڪمار روزانو گهوڙي تي چڙهي، سوداگر جي گهر جي ٻاهران هڪ ڦيرو ڪري موٽي ايندو هو.

هڪڙي ڏينهن ساهيڇي پنهنجي محلات جي دريءَ وٽ وار ٻيڻي سڪايا تہ دستور موجب شهزادو ٻہ گهوڙي تي چڙهي انهيءَ وقت اچي آتان لانگهائو ٿيو. سندس نظر ساهيڇيءَ تي وڃي پيئي. شهزادو، ساهيڇيءَ جو حسن ڏسي حيران ٿي ويو ۽ اڳتي چري نہ سگهيو، پر پوءِ جلدئي پاڻ سنڀالي، مٿي ماڙيءَ تي چڙهي ويو ۽ وڃي ساهيڇيءَ کي چيائين تہ:

نگري! تون آولهي ٽي، ماڙي نهاربوم اڄ،
نڪا ڏيوَنَ ۾ ڏيول پٽري، نہ راڻين ۾ رڄ.

(اي نينگري! تون لکل هئينءَ، مون اڄ اوچتو ماڙيءَ ڏانهن نهاريو آهي، ڏسان ٿو تہ تو جهڙي نہ ڪا ڏيوي آهي ۽ نہ وري راڻين ۾ ڪا تو جهڙي سونهن آهي.)

راجڪمار جي ڳالهہ ٻڌي، ساهيڇي چوڻ لڳي تہ:

---

* هن ڳالهہ جي روايت ٽرپارڪر (تعلقي ننگرپارڪر) مان منگهارام اوجها کان ملي.

اڄ آپـلا وت ڇـو آيا، کهڙو پيو مون کام؟
مَهنڊتو تنهنجو گهر نا، مون شُڪل ورڻي رو شام.

(اي راجا! تون ڇو اڄ مون آپلا وت اڪيلو آيو آهين، تنهنجو کهڙو ڪم آهي؟ جڏهن تنهنجو سنگتي، يعني مون سهڻيءَ صورت واريءَ جو محبوب گهر ۾ نه آهي.)

اها گالهه ٻڌي راجڪمار جواب ڏنس تہ:

نگري! تـون آولهي ٽئين، ماڙي نهاريـوم اڄ،
هُـون آيـو اٻلو، پـلا پـي ٻولاوڻ ڪج!

(اي حسين ڇوڪري! تون لکل هئينءَ، اڄ اوچتو مون ماڙيءَ ڏانهن نهاريو، تنهنجي سهڻي صورت موهي وڌو اٿم، تنهنڪري اڄ اڪيلو توسان گالهائڻ آيـو آهيان، پلائي ڪري مون سان ڪجهه تہ گالهاء.)

تڏهن ساهيڙي لڄ وڃان ڇوڙ لڳي تہ:

ڏينهن گيو، گهر آ پـري، راجـا گهران جـاءِ،
مون اٻلا سان کهڙو ٻولڻو، تون ڪيهر مون گاءِ.

(اي راجا! هاڻي سـڄ لـهـڻ تـي آهي، تـون پنهنجي گـهـر وڃ. تنهنجو مـون اٻـلا سـان وري کهڙو گـالـهـائـڻ ٿيندو؟ ڇو تہ تـون ڪيهر شينهن جي مثل آهين ۽ آءٌ ڳئون جي مثل آهيان).

انهيءَ تي وري راجڪمار جواب ڏنس تہ:

ڪيهر بَـک ڪوئـلـي، آجـيا بَـک بَـگهار،
ڪيهر ڪوئلي کي کائيندو، جي حيلا ڪرين هزار.

(ڪوئـو شينهن جـي ور چـڑهـي ۽ پکري بـگهڙ جـي، تـہ پائين ٽـي تـہ ڇڏي ويندا! تـون ڪٽي هـ ـزار حـيـلا ڪرين تہ بہ شينهن جي چنبي کان آزاد نہ ٿيندينءَ.)

ساهيڙي وري بہ چيس تہ:

واڙ ڏيان ڪينڊتر نان، واڙ ڪهيتر نان ڪاءِ،
راجا ڏڏي رعيت نان، ڪُـوڪ ڪنهن وت جاءِ؟

(ٻنيءَ کي بچائڻ لاءِ لوڙهو ڏٻو آهي، پر جڏهن واڙ خود کيت کي کائڻ شروع ڪري ۽ جڏهن کو راجا پاڻ رعيت جو دشمن ٿئي تہ پوءِ فرياد ڪنهن کي ڏجي؟)

پر راجڪمار پنهنجي هوڏ تان نہ لٿو ۽ چوڻ لڳو تہ :

ڪوڪ مت ڪر ساهيڙي! ڪوڪ ڪري ڪيڻ هوءِ،
ڪيهر ٻک چڙهي ڪوئلي، چُڻِي سڻهي نہ ڪوءِ؟

(اي ساهيڙي! دانهن ڪوڪ مان ڇا ورندو! ڪڏهن اهو ٻڌو اٿئي تہ شينهن جي ور ڪوئو چڙهي ۽ بچي وڃي؟)

اهو ٻڌي ساهيڙي ڏاڍي پريشان ٿي ۽ ليلائي راجڪمار کي چوڻ لڳي تہ :

آڻ ڏيان راجا توکي، مت الوپيا آپ،
مون اپلا سان ڪڙو ٻولٽو، هُون٭ ٻيٽي‌تون ٻاپ.

(اي راجا! مان توکي قسم ٿي ڏيان، تون آهو قسم کوڙو نہ ڪج، مون هيڻيءَ سان تنهنجي ڪڙي ڳالهہ ٿيندي، جو تون منهنجو ٻيءُ ۽ آءٌ تنهنجي ڏيءَ آهيان.)

اهي لفظ ٻُڌي راجڪمار جَلي ويو ۽ هٿ مهٽيندي، هٿ کي جهڙي آڇل ڏنائين تہ سندس آڱر ۾ پيل مُندي وڃي سوداگر جي پلنگ تي ڪِري، جنهن جي راجڪمار توڙي ساهيڙيءَ کي خبر ئي ڪانہ پئي، ۽ راجڪمار کاوڙ کان ٻُڪندو ٻُڪندو ويندو رهيو.

آن ڏينهن کان وٺي ساهيڙيءَ جي ننڊ ئي ڦيٽي پيئي، گهٽين ۾ ويئي گهرندي تہ جيڪڏهن سوداگر کي انهيءَ گالهہ جي خبر پيئي تہ الائجي ڪهڙو حشر ٿيندو. سندس اهڙي حالت ڏسي سهيلين پڇيس تہ :

پگ، پگ پر گهسي، پايل گهس گهس جاءِ،
هُون٭ پچان، اي سَکي! تني ننڊ ڪيئن نہ آءِ؟

(اي سرتي! توسان کهڙي ويڙن آهي جو سڄي رات اڻلندي پٽلندي گذارين ٿي ۽ تنهنجي پيرن جي چير جو چمڪار سڄي رات ٽيندو رهي ٿو، آخر کهڙو سبب آهي جو تو کي رات جو نند نٿي اچي).

پر هوءَ کنهن کي کيئن پڌائي ته سائس کهڙي ويڙن آهي.

ٽورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ، سوداگر به مسافريءَ کان موٽي آيو. گهر ۾ گهمندي ڦرندي هو پنهنجي بستري تي وڃي ويٺو ته اوچتو سندس نظر وڃي راجڪمار جي مُنڊيءَ تي پئي. مڃس جيڏو هو تيڏو دهلجي ويو، اچي وسوسا جاڳيس ته لاشڪ ساهيڙي راجڪمار سان ڦٽل آهي، ۽ منهنجي غيرحاضري ۾ راجڪمار هتي ايندو رهندو آهي. ڏاڍي کاوڙ لڳس پر ووءِ ووءِ ڪرڻ مناسب نه سمجهائين، سو مٿيءَ ۾ مات مُٽيءَ ۾ مات، دل جو سور دل ۾ رکي ساهيڙيءَ سان گالهائڻ بولهائڻ ڇڏي ڏنائين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ساهيڙي سمجهي ويئي ته سوداگر کهڙي آزار ۾ ڦاٽل آهي، سو شڪ دور ڪرڻ لاءِ ڪيس چيائين ته:

ڏرتي ڏان نه پنڇي، تارا منڊل هٿ هوءِ،
ڏارئين سان پريت ڪران ته پرٿوي پرلهه هوءِ.

(جيڪڏهن آءٌ کنهن ٻئي ڏارئي سان پريت ڪريان ته هيءَ ڏرتي اوڙ نه ڪري ۽ هي سڄ، چند تارا ناس ٿي وڃن ۽ قيامت ٿي وڃي.)

پر سوداگر جو شڪ نه لٿو ۽ ساڳيءَ طرح مات ۾ رهيو. سوداگر جي گهر ۾ خوشيءَ جي بدران اهڙي مات ڏسي، ساهيڙيءَ کان سندس سهيليءَ پڇيو ته:

لعل پلنگ لڇڪيو نهين پايل جي جهڪار!
هوڻ پڇان، اي سکي! ڪوڙ چتر، ڪوڙ گينوار؟

(اي سرتي! سوداگر جي موٽڻ کان پوءِ به نه تنهنجي پلنگ جو آواز ٿو پڌجڻ ۾ اچي ۽ نه ئي وري تنهنجي چير جو چمڪار. پڌاءِ ته توهان سان کهڙي ويڙن آهي؟)

پر هن پيري ۾ ساهيڪي سات رهي. نيٺ گهٽي ويچار ڪان پوءِ، ساهيڪيءَ پنهنجي پيءُ کي خط لکيو، جنهن ۾ هن پيرائتي حقيقت لکي، ۽ لکيائينس ته خط ملڻ شرط هيڏانهن هليو اچ. خط ملڻ شرط سندس پيءُ وٽس آيو، ان وڌيڪ خبر چار ڪري، سوداگر جي دل مان شڪ دور ڪرڻ جي رٽ وٺائون.

ٻئي ڏينهن ساهيڪيءَ جي پيءُ، سوداگر، راجڪمار ۽ ساهيڪيءَ جي پاڻ وٽ دعوت ڪئي. مانيءَ ٽڪي ڪائڻ ڪان پوءِ، ساهيڪي جي پيءُ چوپڙ کولي، ۽ چارئي ڇڻا راند ڪيڏڻ ويٺا. پهرين ساهيڪي ڏارو اڇلائي، پيءُ کي چيو ته:

تو ڏني تلاوڙي پاڻي پيٺ ري ڪچ،
هنسي چونچ پوڙي نهين، تنهن جو آتر ڏيو اڄ.

(تو پاڻي پيٺ لاءِ هڪڙو تلاءُ ڏنو، پر هنس آن ۾ چهنب ۽ ڪاڻ پوڙي، ان جو سبب ڪهڙو؟)

ائين چئي، هن ڏارا پنهنجي پيءُ کي ڏنا. پٺس ڏارو هٽي چيو ته:

ڏرم ڏني تلاو ڙي، پاڻي پيٺ ري ڪچ،
هنسي چونچ چو نہ پوڙي، تنهن جو آتر ڏيو اڄ.

(مون بنا ڪنهن مطلب جي، ڏرم ڪري پاڻي پيٺ لاءِ تلاءُ ڏنو، مونکي جواب ڏيي ته چو نہ هنس پاڻي پيتو؟)

هاڻي سوداگر جو وارو هو، سو ته اڳي ئي سڙيو وينو هو. ڏارا هٽي چيائين ته:

جي مارگ ڪير هليو، رجي لڳي ٽڻي،
او ڪڙ آپا سڪسين، چنا نہ هرڙي.

(جنهن رستي تان شينهن لنگهيو آهي، آتان جو جيڪو گاهه آهي، سو سڪندي سڪي وڃي، پر هرڙ نہ چرندو.)

اهي سپ ڳالهيون ٻڌي، راجڪمار سمجهي ويو ته سمهڻ جاتي ستل آهي، سو ڏارو هٽي چيائين ته:

پار چڑهي جل تانگهيو، پاڻي پيڻ ري ڪ،
پڻ هنسي چونچ بوڑي نهين، نشچيه آٿيو اج.

(برابر، هنس پاڻي تانگهيو هو، پيئڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هئائين، پر پي نہ سگهيو، منهنجي گالهه تي اعتبار ڪريو.)

سوداگر کي اتي پڪ ٿي تہ ساهيڙي جو ڏوهہ ڪونهي، ڏوهہ راجڪمار جو آهي، سو اُن ڏينهن کان هن سان دوستي ٽوڙيائين، جنهن جي لائق بہ هو، باقي پاڻ ۽ ساهيڙي سڀ شڪ گمان لاهي، خوشيءَ جي زندگي گذارڻ لڳا.

سوڻي صوحب *

ڪنهن شهر ۾ 'صوحب' نالي هڪ سهڻي عورت رهندي هئي. سندس سونهن ملڪان ملڪ مشهور هئي. ڪيترائي ماڻهو هن تي ساهه صدقو ڪندا هئا، پر هن ڪي پنهنجي سونهن تي ايڏو تہ ناز هو جو ڪنهن ڏانهن نهاريندي به ڪانہ هئي. هڪڙي ڏينهن هار سينگار ڪيو، پنهنجي گهر جي در تي بيني هئي تہ به دوست اچي آتان لنگهيا، جن ۾ هڪڙو صوحب جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، پهرانهين هنڌ تان هڪلي سندس ديدار لاءِ آيو هو. انهيءَ کي سندس دوست صوحب جي تعريف ڪندي ٻڌايو تہ:

صوحب سيڊ ڳٽاءِ، هُن چندني سمهون نہ جاءِ،
ستان چندن ڏي ڏهہ ٻئي، ۽ رين انڌاري چاءِ.

(صوحب وار ڳنڍايا آهن، هاڻي شل چنڊ جي سامهون نہ وڃي، ستان چنڊ ڏي ڪري ٻئي ۽ انڌاري رات چانڊڻي نہ وڃي)

اتفاق سان صوحب اها ڳالهہ سڻي ورتي ۽ ڪيس هيڪاري پڪ ڪئي تہ آءٌ برابر تمام سهڻي آهيان ۽ منهنجو کو مٽ ثاني نہ آهي. پر اڄان به وڏيڪ پڪ ڪرڻ لاءِ، عطر ونڊ جي بهاني سان، ڪنهي جڙي هار سينگار ڪري، سڙهيي جي هٽ تي آئي. سرهيو ڪيس ڏسڻ سان هوش حواس وڃائي ويٺو. اکيون وڃي صوحب ۾ ڪتس. ماڻهن جو سندس اها حالت ڏٺي، سو اچي دڪان لٽڻ

* هن روايت اسر تعلقي ٻني عاقل مان محمد حسن "مشتاق" کان ملي.

لڳا، ٿوري دير ۾ دڪان ٽلهو ٿي ويو، پر هن يار کي ڪابه خبر ڪانه پيئي. اوڏيءَ مهل هڪڙو هاري به پنهنجي ڏڳي سميت اچي بازار مان لنگهيو. اوچتو سندس نظر به وڃي صوحب تي پيئي، سو جتي هو اُتي ئي حيرانيءَ ۾ بيهي رهيو، ۽ کيس خبر ئي ڪانه پيئي ته ڪيڏيءَ مهل ڪانئس ڏڳو ڇڏائي ويو. مطلب ته جن ٿي صوحب کي ڏٺو، سي بت بنجي بيهي ٿي رهيا.

صوحب سيس ڳڏيءَ، ڳئي گهاندي کهي هٽ،
واٽئي وڪر گنوايو، ٽڙڏُ گنوائيو چٽ،
ڏانگ گنوائي ڏوکري، ڦريو هاتو رو هٽ.

ايتري ۾ هڪ سيلاني فقير به اچي اتي پهتو، جو پڙ صوحب جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، پري کان پنڌ ڪري کيس ڏسڻ آيو هو. فقير، صوحب کي ڏسي چيو ته: بيشڪ تنهنجو حسن بيمثال آهي، پر پلان پليءَ جو چيهه ٿي ڪونهي. ائين چئي فقيرمندو رهيو. صوحب هڪڙي فقير جي واتان پنهنجي لاءِ اهي لفظ ٻڌي نراسائيءَ سان گهر موٽي آئي، ۽ ويڳاڻي ٿي ڪٽ تي ليٽي پيئي. فقير جي چيل گهالهه تي ويچار ڪري چوڻ لڳي ته: 'پلان پليءَ' جي چيهه جي ڳولا ڪرڻ گهرجي. اڃان انهن ٿي پورن ۾ هئي ته سندس مڙس آيو ۽ کيس ائين ويڳاڻي حالت ۾ ڏسي ان جو سبب پڇيائين. صوحب کيس فقير واري سڄي گهالهه ڪري ٻڌائي ۽ ضد ڪري ٻيني ته: کيئن به ڪري، پلان پليءَ جو چيهه ڏسي اچي مونکي ٻڌاءِ.

ٻئي ڏينهن صوحب جو مڙس سهي سنبري، پلان پليءَ جي ڳولا ۾ روانو ٿيو. وات تي ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر ۾ ترسندو، سونهن جي پلان پليءَ جي ڳولا ڪندو رهيو، پر ڪٿي به کيس پنهنجي زال صوحب کان وڌيڪ سونهن واري نظر نه آئي. آخر هلندي هلندي ڪن ڏينهن جي سفر کان پوءِ اچي هڪڙي ولايت ۾ پهتو. اتي هڪڙي هٽ ڏسي ته تلاءَ ۾ ڪي جوان چوڪريون ٻيون وهنجن. سونهن ۾ سيئي هڪٻئي کان سرس هيون. هيءُ پريان بيهي ڏسندو

رهيو، جو پرديس ۾ پراڻن عورتن سان ملڻ کان پڻ ڏئو. چوڪريون ڏسڻيون ۽ ضرور هٿس. آخر همت جهلي، ڳس جي ڏ س پڇڻ جو پهانو ڪري اڳتي وڌيو. چوڪريون سونهن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيون، هيءَ حيراني وچان هنن کي ڏسندو رهيو: سبحان الله، ڪنهن کي ڏسي ڪنهن کي ڏسي! سڀڙ سونهن ڏسي صوحب ٿي وسري ويس. آخر انهن چوڪرين کان پڇيائين ته:

جَر اوڍيو، جَر پهريو، جَرتي ڪيس لَڙهت،
ڏس ڏيو ڙي گورڙيان! ڏانڀي ڪٿ چلت؟

(سهڻيون چوڪريون! اوهين پلي جر اوڍيو ۽ جر پهريو (يعني وهنجو)، اوهان جا ڪارا وار پلي ته پيا پاڻيءَ ۾ ترن، پر سونڪي ڳٽي وڃڻ لاءِ وات جو ڏس ڏيو.)

تڏهن انهن ماڻ هڪڙي ڇڻيءَ هن ڏانهن منهن ڪري، پانهن سٽين ڪري، اشاري سان جواب ڏنس ته:

جَر اوڍيون، جَر پهريون، جَرتي ڪيس لَڙهت،
ڪٿان آئين ڙي پانڌيا! ڏانڀي آٽ چلت.

(اي مسافر! اسين هن تلاءَ ۾ هميشه وهنجنديون آهيون، انهي تلاءَ جي پاڻي ۾ اسان جا وار پاتردا آهن، پر ٽون ڪو ٻئي ملڪ جو ماڻهو ٿو ڏسجين، ٻڌاءِ ته ڪٿان آيو آهين؟ تنهنجي وڃڻ جي وات اجها اها سامهون آهي.)

اها چوڪري اهڙي ٿ سهڻي هئي جو صوحب جو مڻس هن جو منهن ۽ آگهاڙي پانهن ڏسندي غش ٿي ڪري پيو ۽ ڦٽڪڻ لڳو. ڪنهن شخص هڻ کي اهڙي طرح ڦٽندو ڏسي سموري روئداد وڃي بادشاهه کي ٻڌائي. جنهن ان چوڪريءَ ۽ مسافر کي دربار ۾ حاضر ڪرڻ جو حڪم ڪيو. حڪم جي ڏير هٿي، اڪ ڇڻ ۾ چوڪري ۽ مسافر اڇي دربار ۾ حاضر ڪيائون. چوڪري پنهنجو سڄو جسم، سواءِ اکين جي، هڪڙي چادر ۾ ڍڪي ڇڏيو

هو. بادشاهه کانئس پڇيو تہ: اي چوڪري! ٻڌاءِ تہ تو هن واٽهڙوءَ کي چو تڪليف ڏني؟ تڏهن ان جواب ڏنو تہ:

هُونءَ هٽان تہ مان مران، جي مري صوحب جو بيرُ،
هٿ ڪٽي ڏانـدي بتلايـم، قـڙ قـڙ ڪري مٿو فقير.

(بادشاهه سلامت! جي صوحب جو مڙس منهنجي ڪري مري ها تہ آءٌ به پاڻ کي ماري وجهان ها؛ مون تہ رڳو هٿ جي اشاري سان هن کي رستو ٻڌايو تہ فقير مٿان ٽي ڪري پيو ۽ ڦٽڪ لڳو). بادشاهه وري صوحب جي مڙس کان پڇيو تہ: اي مسافر! تو ڇا ڏٺو جو بيهوش ٿي ڪري پئين؟ مسافر ڪيس پنهنجي زال جي سونهن، ان جي چوٽ تي پلان پاڻ ۽ جي ڇيهہ ڳولڻ بابت سڀ ڳالهہ ڪري ٻڌائي، ۽ چيائين: بادشاهه سلامت! مون پلان پاڻ ۽ جو ڇيهہ هن ڪاٺي ۾ ڏٺو. هاڻي منهنجي سوال جو سونکي جواب ملي ويو، ۽ منهنجي الله واهي!

بادشاهه چوڪريءَ جي حسن ۽ پلان پاڻ ۽ جي ڇيهہ جي ڳالهہ ٻڌي ماٺ ۾ پئجي ويو، ۽ خيال ڪيائين تہ اهو حسن ڏسجي، جنهن جي ڏسڻ سان هوش حواس خطا ٿي وڃن ٿا. پوءِ ان چوڪريءَ کي چيائين تہ: اي نينگري! تون پنهنجي جسم تان اِها چادر لاهہ تہ آءٌ تنهنجو حسن پسان. تنهن ٽي چوڪريءَ جواب ڏنس تہ:

چار اڏت، چار چلت، چار ڦل، ڦر چار،
ويهي رهن واٽهڙو، جي ڪريان سورنهن سينگار.

ڏيکڙا لاوان٘ دَس مـرن، ڪجل پـاوان بيـس،
جي ٿئي ساروئي سينگار، تہ مرن هڪ لک پنڌجيس.

ڏونگر جَلهي، ڏيري جَلهي، جيءَ ڳهاڙيان گات،
سوٗ ڪوهہ تي مر گهہ مَري، ماٺهو ڪهڙي بات!

(بادشاهه سلامت! منهنجي منهن ڏسڻ جو خيال ئي لاهي ڇڏ، چوتم جيڪڏهن آءٌ سورنهن ئي سينگار كريان تم واڻهڙو منهنجي سونهن ڏسي هوند وبهي رهن، ۽ موٽي نه وڃن؛ جيڪڏهن پيشانيءَ تي رڳو معمولي تلڪ لڳايان تم ڏهم ماڻهو مرن، ۽ جي ڪجل اكين ۾ پايان تم ويهم ماڻهو مري وڃن؛ پر جي سمورو سينگار كريان تم هڪ لک پنجويهم ماڻهو مري وڃن. ۽ جي جبل تي چڙهي، پنهنجي ڪچي آڱهاڙي كريان تم سؤ ڪوهن تي هرڻ مري وڃي، انسان جي كهڙي ڳالهم آهي!)

ڪامڻيءَ جي اها ڳالهم پڌي، بادشاهم به ڪڻي مات ڪئي، آخر صوحب جو مڙس پلان پليءَ جو چهم ڏسي، اچي پنهنجي گهر پهتو، ۽ صوحب كي سڄي ڳالهم كري پڌايائين. اها حقيقت پڌي صوحب وري ڪڏهن به پنهنجي حسن تي بانور نه ڪيو.

چاندو ۽ گنگراج *

ڪنهن ملڪ تي 'سُورج' نالي هڪڙو راجا راڄ ڪندو هو. ڪير 'گنگراج' نالي سدا ملوڪ راڄي هئي. گنگراج جي وري پنهنجي مڙس جي وڏي وزير 'چاندي' سان محبت ٿي ويئي، جنهن جي خبر فقط سندس وفادار بانهي کي هئي. بانهي تمام دانا ۽ سياڻي هئي، تنهنڪري چاندي ۽ گنگراج جي محبت جي خبر راجا تہ ڪهيو پر ڪنهن بني بشر کي ب نہ پئجي سگهي. راجا جي موجود گيءَ ۾ چاندي ۽ گنگراج جي ملاقات ٿي نٿي سگهي، تنهنڪري ٻئي ڇٽا ملاقات لاءِ وجهہ پيا ڳوليندا هئا.

هڪڙي ڏينهن راڄي پنهنجي بانهيءَ سان صلاح ڪري، ان جي هٿان چاندي کي چوائي موڪليو تہ ڪنهن بہ نموني سان راجا کي شڪار تي وڃي وڃ، ۽ تون اڏ رستي ان پيٽ سور جو بهانو ڪري موڻي اڇ تہ قرب وندين. چاندي ڪي راڄيءَ جي صلاح وڻي ويئي سو انهيءَ وقت وڃي راجا کي شڪار جو شوق ڏياريائين راجا بہ هو شڪار جو ڪوڙيو، تنهنڪري يڪدم وزير جي صلاح مڃي شڪار جو ڏينهن مقرر ڪري، تياريءَ جو حڪم ڏنائين.

بن ڇٽن ڏينهن کان پوءِ راجا، وزير ۽ لشڪر ساڻ ڪري شڪار تي روانو ٿيو. اڇا هڪڙي منزل مس ڪيائون تہ چاندو وزير، پيٽ سور، پيٽ سور ڪري گهوڙي تان ڪري پيو، ۽ لڇڻ لڳو. راجا سندس اها حالت ڏسي چيو ڏہ هاڻي: ڇڏهئي شڪار

* هيءَ روايت آنر (تعلقي آباوڙي) مان فاضل ڏاهي کان ملي.

موت ڪانءِ ٿيندي، باقي وزير پلي وڃي گهر علاج ڪرائي. ائين ڇهي راجا ڪيس واپس شهر وڃڻ جو حڪم ڏنو. ۽ پاڻ اڳتي روانو ٿي ويو. وزير تہ اهي باسون پئي باميون، سو ڪوڙ مان ڪنجهندو ڪرڪندو شهر ڏانهن موٽيو ۽ اڇي محلات ۾ ٽڪاءُ ڪيائين. پاڻهي اڳ ۾ ئي سندس وات پئي نهاري، تنهن ڪيس ماڻهن کان لڪائي چور دروازي مان وڃي اچي راڻيءَ سان ملايو. راڻي ۽ چاندو هڪٻئي سان ملي ڏاڍاخوش ٿيا، ۽ گڏ جي هندوري ۾ لڏڻ ۽ پيار وندڻ لڳا، تان جو مٿان اڇي رات پين.

هوڏانهن راجا جڏهن شڪار تان ٽڪجي شام جو طنبوءَ ۾ واپس آيو، تڏهن وزير کان سواءِ ڏاڍو مونجهو ٿيو. امير ڪي سڏائي چيائين تہ: اڄ تہ پنهنجي بادشاهي ۾ آهيون، پر جيڪڏهن ڪنهن بيءَ بادشاهيءَ ۾ هلي نڪرون ۽ وزير گڏ نہ هوندو تہ ماڻهو ڪلندا، ۽ چوندا تہ راجا جو وزيرئي ڪونهي! تنهنڪري منهنجي مرضي آهي تہ هينئر ئي موٽي شهر ڏانهن هلون. راجا جي مرضيءَ خلاف ڪير ڪالهائي، سڀني هائوڪار ڪئي ۽ واپس شهر ڏانهن روانا ٿيا.

محلات ۾ چاندو ۽ گنگراج قرب وندي رهياهئا تہ ايتري ۾ راجا جي سواري اڇي شاهي محل جي دروازي تي ٻهي. پاڻهيءَ بادشاهه ڪي ڏٺو، سو حيران ٿي ويئي ۽ خيال ڪيائين تہ جيڪڏهن پاڻهي ڪي هوشيار نہ ڪنديس تہ سر ويندن، ۽ جي سس پس ٿي ڪريان تہ راجا شڪي ٿيندو تنهنڪري اتان ئي ٻهي، محلات ڏانهن منهن ڪري بيت ڏنائين:

چاندي ۽ گنگراج، ٻئي وندين سڪ،
پريت ۽ پيار جا، پيا پيئن پڪ،
چاندا! هائي لڪ، نہ تہ سورج اٿي درسامهون.

پاڻهيءَ جو بيت پڌي، راڻي ۽ چاندو سمجهي ويا تہ راجا اڇي ويو. پنهي ڪي اڇي سر سان لڳي. ٽڙ ٽڪڙ ۾ گنگراج ڇا ڪيو جو چاندي ڪي پلنگ تي وڇايل هنڌ ۾ ويڙهي ڪٽي هڪڙيءَ ڪنڌ ۾ رکيو، ۽ پاڻ ٻهي ٽڪي ويهي رهي.

راجا ٻانهيءَ جو اهو بيت ٻڌو سو اچرج ۾ پئجي ويو ته هي ٻانهي چئي چا ٿي! ڪيس شڪ جاڳيو ته شايد چاندو مون کان گسائي، گنگراج سان اچي قرب وندڻ لڳو آهي. سو ٻانهيءَ کي سڏي ڪانئس بيت جو مطلب پڇيائين. ٻانهيءَ چيو ته: راجا! ڪالهه رات شهر جي ٻاهر واري تلاءُ تي پوڄا ڪرڻ ويئي هيس، آتي ڏينڌ جي ٻاڌي ۾ چند جو ٻاڇو ڏٺم، مونکي سندن اِها ملاقات ڏاڍي وڻي؛ پر پوءِ خيال ڪيم ته هنن جي گڏجاڻي رڳو چئن ڦهرن جي آهي، صبح جو سج اُپرندو ته پئي هڪٻئي کان جدا ٿي ويندا، تڏهن چيم ته:

چاندي ۽ گنگراج، ٻئي ونڊين سيڪ،
پريت ۽ پيار جا، پيا پيئن پيڪ،
چاندا! هاڻي ليڪ نه ته سورج اٿئي در سامهون.

راجا کي ٻانهيءَ جو جواب دل سان لڳي آيو ۽ پوءِ اچي راڻيءَ وٽ ويٺو. راجا جي اچڻ جو ٻڌي، چاندي کي اچي ٽڙڪڻي ورتو. ٻانهي سندس انهي حالت کي پروڙي ورتو، ۽ خيال ڪيائين ته جي هٿ جي چرپر يا کڙڪي تي راجا جو ڌيان چڪيو ته بس سڀي گالهه کانه ٿيندي، تنهنڪري چاندي کي هوشيار ڪرڻ لاءِ اتي ئي بيت ڏنائين ته:

گهٽو ٿيءُ نه اُداس، ڦٽ ڦٽ چو ٿو ڪرين؟
ونين گلن جي واس، پوءِ موت کان چوٽو ڏرين!

ٻانهيءَ جو بيت ٻڌي وزير ته ڏکڻ چڏيو، پر راجا جو شڪ پڪو ٿيندو ويو ته 'ڪوهه جي تري ۾ ڪجهه مڙئي آهي.' هيڏانهن هوڏانهن ڏانئين پر ڪجهه ب ڏسڻ ۾ نه آيس.

چاندي وزير جي ماءُ کي جڏهن اها خبر پئي ته چاندو، راجا جي محلات ۾ آهي ۽ راجا ب شڪار تان موٽي آيو آهي؛ تنهن کي اچي ڊپ ورايو ته اڄ سندس پٽ جو خير ڪونهي، تنهنڪري خبرچار وٺڻ لاءِ راجا جي محلات کي چوڌاري چڪر

هٽ لڳي.... پانهيءَ جو ڪيس ڏٺو سو خيال ڪيائين تہ: جيڪڏهن راجا هن کي ڏسي ورڻو تہ سيئي پوندا سين ڪاٽ ۾... اڳئي راجا شڪيو آهي، وري جي هن کي ڏسندو تہ هيڪاري پڪ ٿيندس تہ چاندو هتي آهي تنهنڪري اتان ئي چيائين تہ:

ڦاڻ ڦاڻ چو ٿي ڪرين، تو لعل وڃايو رات،
ڦٽهي جي پريات، تہ تنهنجو ملي توسان.

چاندي جي ماءُ، پانهيءَ جو بيت پڌي سمجهي ويئي تہ مڙيئي خير آهي، تنهنڪري اتان سوڌي آئي.

پانهيءَ جا عجيب بيت پڌي، راجا کي پڪ ٿي تہ پانهيءَ جي پيٽ ۾ ڪو وڏو راز لڪل آهي، سو سڌي ڪانڌ ٻهي بيتن جو مطلب پڇيائين. پانهيءَ وڏي ادب سان هٿ پڌي عرض ڪيو تہ: راجا! سچ لٿي مهل جڏهن آءٌ پوچا ڪري اوهان جي باغ وٽان لنگهيس، تڏهن ڏٺم تہ هڪڙو پؤنر، سورج مکيءَ گل جو واس پيو وٺي. سچ لهڻ ڪري سورج مکي جو گل پوڄي ويو، پؤنر اُن ۾ پورجي ويو. پؤنر پاڻ چڏائڻ لاءِ ڦٽڪ لڳو، تڏهن کل به آيم ۽ ڪاوڙ به، تنهنڪري چيومانس تہ:

گهٽو ٿي نہ اُداس، ڦٽ ڦٽ چو ٿو ڪرين؟
وٺين گلن جو واس، پوءِ موت کان چو ڈوين!

اڄا آٿيئي ٻيٺي هيس تہ هڪڙي مادي پؤنري اچي گل مٿان ڦاڻ ڦاڻ ڪرڻ لڳي. سمجهيم تہ پؤنر جي ماءُ آهي، تنهنڪري چومانس تہ:

ڦاڻ ڦاڻ ڪرين چو، تو لعل وڃايو رات،
ڦٽي جي پرپات، تہ تنهنجو توسان ملي.

چوتہ پڪ هئم تہ سچ اُپرڻ تي اهو گل وري ٽڙندو ۽ پؤنر آزاد ٿي وڃي ماءُ سان ملندو.

راجا، پانهيءَ جي سياڻپ ۽ عقل کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽

چپائينس تہ گهڙ جيڪي گهرٽو اٽڪي! پانهيءَ عرض ڪيو تہ: راجا! اوهان جو ڏنو سپوڪجهہ آهي، رڳو هڪڙي دل ۾ آس اٿم تہ پنهنجو راجائي هنڌ ڏيوم تہ وڃي اُن تي سمهان. راجا جيو تہ: بس گالهہ بہ ايتري: ڪٽي وڃ! پانهي دعائون ڪندي، اُهو هنڌ جنهن ۾ چاندو ويڙهيل هو، ڪٽي پنهنجي گهر اچي اُن مان وزير کي ڏيو. وزير جان بچائڻ تي سندس احسان مڃيندو گهر ويندو رهيو.

هڪڙي ڏينهن راجا، گنگراج کي چوائي موڪليو تہ: اڄ رات هار سينگار ڪري مون وٽ حاضر ٿج. راڻي ڏي خوش ٿي ۽ هار سينگار ڪرڻ لڳي. سينگار ڪري جڏهن چندن هار گهوليائين تڏهن ياد آيس تہ چندن هار اُنهيءَ رات چاندي جي گڇيءَ ۾ وڌو هئم... هاڻي جي بادشاهہ نہ ڏسندو تہ الائجي ڪهڙو حشر ڪندو. انهن ئي گڻتين ۾ ويٺي هئي تہ سندس وفادار پانهي اُتي اچي سهڙي، جنهن گنگراج کي ائين ويڳاڻو ويٺل ڏسي، اُن جو سبب پڇيو. راڻيءَ کيس سڄي گالهہ ڪري ٻڌائي. پانهي کيس دلداري ڏئي پاڻ يڪدم دربار ۾ آئي.

دربار اُن وقت پري پئي هئي. چاندي بہ اتي موجود هو. پانهي سلام ڪري چاندي وزير کي هيءُ بيت چيو:

سورج جو سينگار، چاندي چندن هار،
چنڊ مبارڪ چاندڻي، راجا جي دربار.

چاندو پانهيءَ جو اشارو سمجهي ويو، سو يڪدم ڏاهپ سان قميص هينان لڪل چندن هار لاهي رومال ۾ ويڙهي پانهيءَ ڏانهن ڪٽي اڇلايو ۽ چپائين تہ:

پانهي! ڪالهہ مبارڪ چنڊ جي، تون اڄ آهين آئي،
هي بہ تنهنجو انعام، وٽ چنڊ جي واڌائي.

آها هئي بہ چنڊ جي بي رات، سو سندن اِهو اشارو ڪنهن بہ ڪونہ سمجهيو. اهڙيءَ طرح پانهيءَ جي عقل ۽ سياڻپ ڪري، چاندي

۽ ڪنگراج جي عشق جي مام لڳي ويئي.

ٿورن ڳهڻ ڏينهن ڪان پوء راجا مري ويو، چاند و وزير، راڻي ڪنگراج سان شادي ڪري انهيءَ حڪومت جو راجا ٿي ويهي رهيو ۽ حياتيءَ جا باقي ڏينهن سک سان گذارڻ لڳا.

جلال ۽ مارک ميرر *

ڪنهن زماني ۾ سنڌ جي هڪ حصي تي 'مارک ميرر' نالي بادشاهه حڪومت ڪندو هو. ڪيس 'جلال' نالي پائٽيو هو، جو سندس هم عمر هو. بنهي جي پاڻ ۾ پائرن جهڙي پريت هئي. چاچو پائٽيو ٻئي ڇٽا هڪٻئي کان هڪ پل به جدا نه ٿيندا هئا. خدا جي قدرت جو سندن شادي به هڪڙي ئي ڏينهن گڏ ٿي هئي. شوق شڪار کان سواءِ سندن سرندي کانه هئي.

ڪجهه عرصي گذرڻ کان پوءِ مارک ميرر جي زال مري وئي، جنهنڪري ڀر واري بادشاهيءَ مان 'بوبنا' نالي شهزاديءَ سان شادي ڪيائين. بوبنا اهڙي ته سهڻي هئي جو آسپاس جا ڪئين شهزادا ۽ امير ماڻس شادي ڪرڻ لاءِ آتا هئا، پر قدرت جي لکڻي موجب بوبنا جي شادي مارک ميرر سان ٿي.

جلال پڻ بوبنا جي سونهن جي ساراهه ٻڌي مٿس پرپٽ عاشق ٿي پيو هو، سا جڏهن پرڻجي مارک ميرر جي محلات ۾ آئي تڏهن جلال محلات ۾ گهٽي اچ وچ ڪرڻ لڳو. بوبنا ۽ جڏهن جلال جي پهلواني ۽ سونهن کي ڏٺو، تڏهن اها ۽ ڪيس پائنڊ لڳي، اهڙيءَ طرح هنن بنهي جو پاڻ ۾ عشق ٿي ويو. جلال جي محلات ۾ گهٽي اچ وچ، بوبنا سان گڏجهين ملاقاتن، مارک ميرر کي شڪ ۾ وجهي ڇڏيو. آخر ڪار بانهين مان خبر پئس ته

---

* هيءَ روايت انر (تعلقي ميرپورماٿيلي) مان محمد عالم "شور" خانپوري کان ملي.

بوبنا ۽ جلال جو پاڻ ۾ عشق ٿي ويو آهي. اهو پڌي مارڪ ميرَ ڪاوڙ ۾ ٿيي باهر ٿي ويو. يڪدم پنهنجي ڪوٽ ۽ محلات جي چوڌاري سخت پهرو ٻيهاري، جلال کي ڪوٽ ۽ قلعي ۾ اچڻ کان منع ڪري ڇڏيائين.

قدرت سان جلال کي هڪڙي اهڙي سرنگهه جي خبر هئي، جنهن جو هڪڙو منهن ڪوٽ کان ٻاهر هو ۽ ٻيو منهن محلات ۾ اندر هو. جلال روز رات جو لڪي سرنگهه مان وڃي 'بوبنا' جي محلات ۾ ساڻس محبت ونڊي، فجر جو هليو ايندو هو. اهڙيءَ طرح کو وقت گذري ويو.

چوندا آهن ته خون ۽ ڪتوري لڪ ٽوئي ڪونهي، سو هڪڙي ڏينهن اتفاق سان مارڪ ميرَ کي، بوبنا ۽ جلال جي ملاقات جي خبر پئجي وئي. پنهنجي پائٽي جلال تي اهڙي ڪاوڙ آيس جو فيصلو ڪيائين ته هن کي جيئري قبر ۾ پورائي ڇڏجي. پوءِ پنهنجا سپاهي موڪلي جلال کي پڪڑائي، حڪم ڏنائين ته: جلال کي ڪوڏر هٿ ۾ ڏيو ته پنهنجي قبر پاڻ کوٽي. وزير، جلال کي هڪڙي سخت زمين ٿي وٺي ويو، جتي ڪيس هٿ ۾ ڪوڏر ڏيئي قبر کوٽڻ لاءِ چيائين. مارڪ ميرَ پنهنجي وزير کي هلدي مهل چئي ڇڏيو هو ته قبر کوٽيندي جيڪڏهن جلال کو بيت چئي ته ڇڏي ڏجوس.

قبر کوٽيندي کوٽيندي جلال جا هٿ ڦٽجي پيا ۽ رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. تڏهن وزير پڇيس ته: سائين! هتن مان رت ڇوٽو وهي؟ ان جو جواب جلال بيت ۾ ڏنو:

مارڪ ۽ جلال، ڪڏون ڪين ڪوٽيون،
يا واڳون ٽيڪ لڳيون، يا ڳوريءَ ڳل پانهون.

(مارڪ ۽ مون ڏهن ٻه ڪڏون ڪونه ڪوٽيون، اسان جي هتن ۾ يا ته سدائين گهوڙن جون واڳون رهيون، يا ته سهڻين عورتن کي پاڪرن ۾ جهليندا هئاسين، انهيءَ ڪري ڪوڏر منهنجا هٿ ڦٽي وڌا آهن.)

جلال جي بيت ڏانءِ تي وزير هن کي چڏي ڏنو، چاڪاڻ
ته مارڪ ميرَ جو حڪم ائين هو. وزير کيس ائين به ٻڌايو ته آئيندي
بوبنا سان ملڻ جي کڏهن به کوشش نه ڪري، نه ته مارڪ ميرَ
کيس مارائي چڏيندو. جلال پنهنجي گهر موٽي آيو، پر خيال کيائين
ته بوبنا سان ملاقات اوس کپي، پوءِ ڪٽي سر چونڊ هليو وڃي ۽
سو راتين جو لڪي لڪي، پهريدارن کان پاڻ بچائي، ڪنهن حيلي
سان وڃي بوبنا سان ملندو هو.

هڪڙي ڏينهن مارڪ ميرَ شڪار تي وڃڻ جو ارادو ڪري،
ڪجهه لشکر پاڻ سان وٺي روانو ٿي ويو. ساڻس گڏ جلال به هو.
مارڪ ميرَ ۽ جلال پنهنجن ساموندي گهوڙن تي سوار هئا. هلندي
هلندي سج لٿي مهل، پنهنجي بادشاهي چڏي وڃي هڪڙي رڻ
پٽ ۾ پهتا. مٿان اڇي رات پيئي، سو خيال کيائون ته هاڻي
موٽڻ کپڙو، رات اتيئي گذاري، صبح جو موٽي هلنداسين. پوءِ
هڪڙو هرڻ شڪار ڪري باهه تي پڇائي کائي سمهي رهيا. مڃاڻ
انهيءَ رات جلال جو بوبنا سان ملڻ جو انجام هو ۽ کيئن بـ
ڪري جلال کي اتي رسڻو هو. سڃي ڏينهن جي پنڌ ۽ ٿڪ سبباڻ
مارڪ ميرَ توڙي سندس همراهن کي جلد ئي ننڊ اچي ويئي، پـر
ويچارو جلال پاسا وراينڊو رهيو. آخر جڏهن پڪ ٿيس تـ سڀ
سمهي رهيا آهن، تڏهن آهستي آهستي اٿي هڪڙي ساموندي گهوڙي
تي چڙهي وڃي اڏاڻو. اڌ رات کـان اڳـ وڃي بوبنا وٽ پهتو.
رهاڻ ڪري وري جو گهوڙي کي پياڪ ڏنائين ته پرهه ڦٽيءَ کان
اڳـ اچي رڻ پٽ ۾ پهتو ۽ ساڻين سان گڏ سمهي رهيو.

صبح جو پيا سڀ سويل اٿيا، پر جلال اوجاڳي جو ماريل
هو سو نه اٿيو. آخر گهڻيءَ دير کان پوءِ مس مس سجاڳـ ٿيو.
سيني کي هن جون اکيون ننڊاکڙيون ۽ ڳاڙهيون نظر آيون. ويتر
جو گهوڙي کي لٽ ۾ پرهل ڏنائون سو هيڪاري پڪ ٿين تـ
جلال رات جو ڪيڏانهن ويو هو. مارڪ ميرَ کي يڪدم شڪ پيو
ته هي شايد بوبنا سان ملاقات ڪرڻ ويو هوندو، پر وري خيال
کيائين ته پنهنجو ملڪ هتان ٿيو سڄو، رات جو پنڌ، جلال کيئن

هڪڙيءَ رات ۾ وڃي موڻي آيو؟ پر تڏهن به پڪ ڪرڻ لاءِ جلال ڪان پڇيائين تہ:

اکيون تنهنجون ڪام ڪهيون، اهي بنان ڪات،
سچ چئو ڙي جلالا! ڪيسر هئين رات.

(اڙي جلال! تنهنجون اکيون اوجاڳي سبب رت جهڙيون ڳاڙهيون آهن. سچ ٻڌاءِ تہ رات ڪٽي هئين؟)

جلال ٿهر ٿهر جواب ڏنس تہ: تنهنجي ٻوٻنا ماڻي آيس. اهو جواب ٻڌي مارڪ مير ڪاوڙ مان سڄو ڪاراتجي ويو. رت جو ڏڪ ڀري ڪڍي مات ڪيائين، ۽ ملڪ ڏانهن موڻي آيو.

ملڪ ۾ پهچي مارڪ مير خيال ڪيو تہ، جيستائين جلال جيئرو هوندو، ٻوٻنا جي پڇر نہ ڇڏيندو ۽ ٻوٻنا به ساڻس عشق ڪندي رهندي، تنهنڪري ڇو نہ جلال کي مارائي ڇڏي. اهو خيال ڪري وزير کي حڪم ڏنائين تہ ڪهڙي طرح به جلال کي پڪڙائي شهر جي ٻاهران وڃي مارائي ڇڏيو. حڪم موجب وزير سپاهين کي ساڻ ڪري وڃي جلال کي جهليو ۽ پوءِ ڪيس شهر کان ٻاهر وٺي ويا. ان مهل مارڪ مير کي جلال جا ٽي پٽ ويندا نظر آيا. جن کي پيءُ جي مارڻ جي ڪڙڪ پڄجي ويئي هئي، سي پيءُ کي چڏائڻ لاءِ پنيانس ٽي ويا. مارڪ مير انهن کي سڏي چيو تہ: انهيءَ طرف نہ وڃو جو اوڏانهن ڏاند ٽاڪُهن. تنهن تي انهن مان هڪڙي جواب ڏنس:

منهنجي پيءُ جلال کي، ڏاڏا! چئو مَ ڏاند،
ڇاڪو هو تہ پلي مئو، پر هو تنهنجي جوءِ جو ڪانڊ.

ڏاڏا! اسان جي پيءُ کي ڏاند نہ چئو؛ جو ڇاڪو آهي، سو اوس مرندو، پر ماڻهو ائين چوندا تہ جلال تنهنجي جوءِ ٻوٻنا جو مڙس هو.) مارڪ مير اهو طعنو ٻڌي سڙي ويو، ڪاوڙ ۾ اچي چوڪرن کي پڪڙڻ جو حڪم ڏنائين. جلال جا پٽ به پنهنجو مٽ پاڻ هئا، مارڪ جي سپاهين سان ڏاڍي ويڙهه ڏنائون، پر آخر وڙهندي وڙهندي اتي ئي مارجي ويا. هوڏانهن جلال کي وزير

مارائي، سندس ۽ پتن جـا لاشا درياءَ ۾ لوڙهائي ڇڏيا. بوبنا جڏهن محلات جي درياءَ سان اهي لاشا لڙهندا ڏٺا، تڏهن پانهيءَ کان پڇا ڪيائين، جنهن سموري حقيقت ٻڌايس. جلال جي مارجڻ جو ٻڌي بوبنا پاڻ به درياءَ ۾ ٽپو ڏيئي ٻڏي مري ويئي.



پُونا راءِ ۽ ليلا*

گالهه ٿا ڪن ته ڪنهن زماني ۾، ٺر جي هڪڙي ڏڪري ٽي هڪڙو راجا راڄ ڪندو هو، جنهن جي انصاف جي ڪهڙي گالهه ڪجي! سندس راڄ ۾ شينهن ۽ ٻڪري هڪ ئي ٽڙ تان پاڻي پيئندا هئا. سندس دستور هو ته روز رات جو چمڙاپوش ڪري سڄي شهر جو گشت ڪندو هو ۽ رعيت جي ڏک سور ۾ سنيال لهندو هو. ڪيس الله جو ڏنو سيو ڪجهه هو پر ويچاري کي اولاد ڪونه هو. اهوئي هڪڙو ڏک اندر ۾ هئس. ڪيترا پير فقير، ساڌو سنت پچايائين، پر اولاد نه ٿيڻو هو سو نه ٿيو. نيٺ رضا تي راضي رهڻ ڇڳو سمجهي مات ڪري ويهي رهيو، چئي: ڏڻي راضي ٿيو ته پاڻهي اولاد ٿيندو.

هڪڙي ڏينهن انهيءَ شهر ۾ هڪڙو پرديسي فقير آيو، جنهن اڇا سان اهڙيون ته ڪرامتون ڏيکاريون، جو سڄي شهر ۾ سندس نالو وڃڻ لڳو. هن جي ڪرامتن جي خبر راجا کي ٻ پيئي، سو هڪڙيءَ رات پنهنجي نصيب آزمائڻ لاءِ، چمڙاپوش ڪري فقير وٽ ويو. چا ڏسي ته فقير دونهين دڪايو، پيرا گڻ ٿيڪيو وينو آهي. هيءُ ٻ مانڙي ڪري سندس سامهون ويهي رهيو. راجا کي ائين ويڻي ڪيتري دير گذري ويئي، پر فقير ڏانهس ڏٺو ٻ ڪونه. آخر ڪڇ وقت گذرڻ کان پوءِ فقير ڪنڌ مٿي کڻي چيو ته: راجا! تو کي اولاد ته ٿيندو، پر سنگتين جي صحبت ۾ رهي پاڻ کي گهٽ ڪندو. راجا ويچارو اولاد جو ساڪيل، سو ڪٿي ٿو اهي گالهيون ويچاري! هٽ پٽي چيائينس ته: فقير سائين! اهو

---

* هيءَ روايت ٽرپارڪر (تعلقي عمر ڪوٽ) ملان محمد عمر "عمور" يوسفاڻي کان ملي.

ٽيندو سندس پاڳ، وٽيس تہ سنئين ڪري، وٽيس تہ اونڌي ڪري.
اهو جواب ٻڌي فقير وري بہ ٽپيءَ ۾ پڄي ويو ۽ راجا سلام ورائي اچي گهر پهتو.

فقير جو چوڻ ڪونہ ڪٽو. ٽورن گهٽن ڏينهن ڪان پوء پٽ راڻيءَ کي اميدواري ٿي. پوء تہ سڄي ملڪ ۾ خير خيراتون ٿي ويون. آوي سوي غريب غربو، سڀ ڏاڍجي ٻيا. آخر ڏون مهنن پڇاڙا هڪڙو سدا ملوڪ پٽڙو جائو. راجا خوشيءَ وچان ڪڍن ۾ ئي نہ ٻيو ماپي... يڪدم جوتشي اچي وياۏ حساب ڪتاب لڳائي، راجڪمار جو نالو 'پوناراء' رکيائون.

پوناراء اڄ ننڍو سپان وڏو، نيٺ اچي پڙهڻ لائق ٿيو. سندس پڙهائيءَ لاء شهر جا وڏا وڏا آستاد اچي گڏ ٿيا، جن کيس نہ رڳو عقل ۾ پڙ ڪيو، پر ڪيس پهلوانيءَ جا بہ سڀ ڪرتب سيکاريا. پوناراء سان گڏ وزير زادو 'مگدر' بہ پڙهندو هو. گڏ پڙهندي پڙهندي ٻنهي جي هڪٻئي ۾ اهڙي دوستي ٿي ويئي جو هڪٻئي کان سواء هڪڙي ساعت نہ سرندي هين. مگدر ڏسڻ ۾ ڏاڍو اشراف ٿي آيو، پر اندر جو اڇو ڪونہ هو. چوندا آهن 'ڪارو پڌ ڪمري سان تہ رنگ نہ مٽائي، پر اوساڻ ضرور مٽائي' سو مگدر جي صحبت سان پوناراء کي بہ ڪجهہ ڪٽا ملي ويا.

ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوء راجا گذاري ويو، ۽ پوناراء تخت تي وينو، جنهن وري مگدر کي پنهنجو وڏو وزير مقرر ڪيو. هاڻي تہ ملڪ جو سڄو ڪاروبار مگدر جي هٿ ۾ هو، سو جيئن وٽندو هئس تيئن پيو ڪندو هو. نہ ڪير پڇڻ وارو نہ ڪو ڏسڻ وارو. پوناراء جسو بہ منجهس اهڙو اعتبار هو جو ان جي برخلاف ڪابہ گالهہ پڌڻ پسند نہ ڪندو هو. مطلب تہ دنيا هڪ پاسي ۽ مگدر جو بول ٻئي پاسي، تہ بہ مگدر جو پاسو سرس هوندو هو.

هڪڙي ڏينهن پوناراء پنهنجو لشڪر ساڻ ڪري شڪار تي چڙهيو. سڄو ڏينهن شڪار ڪندي ڪندي اچي ننگر وٽ پهتو. سڄي ڏينهن جي مسافريءَ سبب ٿڪجي بہ پيو هو ۽ اڄ بہ ڏاڍي

لڳي هيس، آسپاس نهاريائين تہ پريان وٽن جو هڪڙو جهنڊ ڏسڻ ۾ آيس، سو گهوڙو ٻوڙائي وڃي اتي نڪتو. وٽن جي جهنڊ ۾ سانڱاهہ نالي تلاءُ هو. پوناراءِ اتي گهوڙي تان لهي پاڻي پي ڏؤ ڪيو، ۽ وٽن جي ٽڏي ڇانوَ ۾ گهڙي ڪن آرام ڪرڻ ويهي رهيو. اڃا گهڙي ڪانہ گذري تہ ننگر شهر جي هڪڙي سهڻي چوڪري اچي اتان لانگهائو ٿي. راجا سندس سونهن ڏسي حيران ٿي ويو ۽ اکيون ڪپائي هن کي ڏسندو رهيو. چوڪري بہ اوڏانهن ماڻهو کي ڏسي بيهي رهي. پنهي جڻن نہ کي پاڻ ۾ ڳالهايو نہ کي ٻولهايو، رڳو هڪٻئي کي ڏسندا رهيا. ڪجهہ دير کان پوءِ آخر جڏهن هوءَ هلڻ واري ٿي، تڏهن راجا دل جهلي کانئس پڇيو:

ڪير آهين، ڪٿي رهين، ڪهڙو تنهنجو ڏيهہ؟
ساريئي مسافرن کي، ڪا گهڙي تان ويهہ.

(اي چوڪري! مسافرن کي ماري ائين هليو وڃڻ تو کي ڇڳائي نہ ٿو، ڪا گهڙي سون وٽ ويهہ، ۽ ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين، ڪٿي ويني آهين، ۽ تنهنجو ملڪ ڪهڙو آهي؟) ان جي جواب ۾ چوڪريءَ ڪيس ورندي ڏني تہ:

نالو ليلا منهنجو، ننگر منهنجو ڏيهہ،
ذات ريبارڙ آهيان، گهر شهر آپرندي ڇيهہ.

(اي شخص! منهنجو نالو ليلا آهي، ۽ ذات جي ريبارڙ آهيان. ننگر شهر جي اپرندي ڇيڙي تي منهنجو گهر آهي.) ائين چئي اڳتي هلڻ لڳي. راجا کي چوڪريءَ جي سهڻي صورت وٽي ويئي هئي، تنهنڪري هن جي وڃڻ تي راضي نہ هو، سو وري بہ ڏاڍي آزيءَ سان چيائينس تہ:

ماري مسافرن کي، ائين وڃڻ واجب ناهي،
اڄ کا گهڙي گڏ گهاريون، رمون مٽي راهہ.

(اي چوڪري! پنهنجي گهور سان مسافرن کي ماري تو کي وڃڻ واجب ناهي، اڄ تہ کا گهڙي گڏ ويهي رهاڙ ڪريون ۽ پوءِ پنهنجي واٽ وٺون.) پر چوڪري ڀپ سان آسپاس نهارينديءَ جواب ڏنس تہ:

چاري مون تي چوطرف، رهن فر منهنجي وس،
قسمت هيءُ ڪر ڪيو جو گڏياسون ٻئي گس.

(اي شخص! منهنجي ٻنهان چوطرف جاري ٻيا هلن، تنهنڪري توسان ويهي نٿي سگهان، قسمت سان راهه ويندي گڏيا آهيون، سو رستي تي ڪهڙيون رهاٽيون ٿيندیون؟) ائين چئي ليلا پنهنجو گس وٽي هلي ويئي ۽ پوناراءِ بينو ڏسندو رهيو. هوءَ جڏهن سندس اکين کان غائب ٿي وئي، تڏهن ڪان ٿي اتي ڪري پيو. ايتري ۾ سندس لشکر به اچي پهتو ۽ راجا جو هيٺو حال ڏسي هن کي ڏاڍو عجب لڳو. راجا نڪي گالهائي نڪي ٻولهائي، جيئن ٿي چاهيونس، تيئن ٿي ڪيائين. آخر لشکر جا ماڻهو راجا کي ساڻ ڪري شهر ڈانهن موٽيا. وات ٿي ڪيس گهٽوئي وندرايائون، ۽ وريو کي به ڪين. آخر اچي شهر ۾ پهتا، راجا ساڳيءَ طرح مات ڪري وڃي محلات ۾ ويهي رهيو. گالهائڻ ٻولهائڻ ته ڇهو، پر ڪائڻ پيئڻ به ڇڏي ڏنائين. نوڪر چاڪر سڀ حيران هئا ته آخر هن کي ٿيو ڇا آهي! راجا ويو ڏينهون ڏينهن ڇڻندو پوندو. وزير مگدر کن ڏينهن لاءِ باهر ويل هو، سو به اچي پهتو، ڪدم ڪيس راجا جي حالت جي خبر ڏنائون ته راجا کي الاجي ڇا ٿيو آهي. جيڪڏهن ٻئي ڏينهن نه ڪاڏائين پيتائين ته گالهه هٿ مان ڇڏائجي ويندي. مگدر ٻيا ڪم ڪار ڇڏي راجا ڈي ويو ۽ هن جي حالت ڈسي چيائين ته:

نڪي ڪُڇين نڪي ٻُڇين، ڪهڙو ويڙن ٿيوءِ؟
سَل حقيقت حال جي، ڪهڙو ڪانُ لڳوءِ؟

(اي راجا! تو کي ڇا ٿيو آهي، جو گالهائين ٻولهائين به ڪونه ٿو، هاڻي سموري حقيقت ٻڌاءِ ته تو کي ڪهڙو آزار اندر ۾ آهي؟).

وزير جي گالهه ٻڌي راجا وراڻي ڏني ته:

منهنجو مرض لا دوا، تنهن جي ڪر نه پچار،
مونکي ڇڏ منهنجي حال تي، وڃي پنهنجو ڪر سنيار.

(دوست! منهنجي مرض جي ڪا دوا ناهي، مونکي منهنجي حال

تي چڏ ۽ وڃي پنهنجو ڪم سنيال.) مگدر ڏاڍو چالاڪ هو، سو راجا جو اهو جواب پڏي سمجهي ويو ته لاشڪ ڪٽي اڪ اڪائي اٿس، پر تڏهن به سندس منجهه ڪيڏ لاءِ چيائين:

ان داتا! تـو بنان آهي، سڄو سپ سنسار،
چڏي گڏتين کي اٽـي، هـلـي ڪر دربار.

(اي راجا! تـو کان سواءِ سڄو ملڪ سڄو آهي، هاڻي گڏتيون چڏي هلي دربار ڪر ته من تنهنجي دل پرچي). پر راجا تي ڪوبه اثر ڪونه ٿيو، ۽ نيٺ پنهنجي دل جي گهالهه دوست کي پڌرايائين ته:

جن کي هٿي کان قرب جـو، ماريو محبوبن،
سي هـلـي دربـار ۾، ڪنهن سان سور سلن؟

(دوست! جن کي محبوبن جي گهور گهايو هجي، سي کڙي دربار ڪندا ۽ ڪنهن سان سور سلينداِ؟) وزير کي پڪ ٿي ويئي ته راجا کي ڪنهن نازنين جي عشق هٿي ڦٽي وڏو آهي، جي ان جو ڏلو نه ڪيو ته راجا جو الائجي ڪهڙو حال ٿيندو، تنهنڪري ان عورت جي نالي نشان بابت پڇيائينس ته:

جنهن ڏيئي آگ عشق جي، آنُ ڪي راجا! رمايو،
سا ڪير آهي، ڪٽي رهي، تنهن جـو نـالـو پڌايو؟

(اي راجا! آها ڪير آهي، ڪٽي رهي ٽي ۽ سندس نالو ڇا آهي؟ جنهن تو کي عشق جي آڙاهه ۾ آڇلايو آهي.) تنهن تي راجا ورندي ڏني ته:

بَڇي باهه برهـه جي، ڪسيو جنهن آرام،
سا ناري نگر شهر جـي، ليـلا سندس نام.

(وزير! جنهن منهنجي دل کي برهه جي باهه بَڇي، آرام کسيو آهي، تنهن جو نالو ليلا آ هي، ۽ نگر شهر ۾ رهي ٿي.) وزير کي رڳو پارَ پتا ڪيندا هئا، سو اها گهالهه پڌي چيائين: سائين! انهيءَ ۾ گڏتيءَ جي ڪهڙي گهالهه آهي! هيءَ ته هڪڙي چوڪري آهي پر جي چئو ته نگر جون سموريون چوڪريون آڻي حاضر ڪريان.

وزير جي دلداريءَ کان پوءِ راجا کجهه سرهو ٿيو ۽ کجهه کاڏائين پيتائين.

ٻئي ڏينهن وزير مگدر پنهنجا ماڻهو، ليلا جي گولا ۾ ننگر ڏانهن موڪليا، جن اچي خبر ڏني ته هوءَ ذات جي ريهارڻ آهي. وزير، راجا کي انهيءَ حقيقت کان واقف ڪري چيو ته: هن جي مائٽن کان سئون سڌو سڳ گهرڻ توهان جي شان وٽان نه آهي. منهنجي صلاح آهي ته آءٌ پهرين وڃي هن جي مائٽن سان سڄي خبر ڪري اها گالهه هلائيندس ته پوناراءِ جو هڪڙو وزير، ليلا سان شادي ٿو ڪري. پوءِ هتي وٽي اچي اوهان جي حوالي ڪندس. راجا کي سندس گالهه وڻي، سو ڪيس يڪدم ننگر شهر ڏانهن روانو ڪيائين.

مگدر منزلون هٿندو اچي ننگر شهر ۾ پهتو، ۽ ملهل ڏس موجب شهر جي آپرندي چيڑي تي وڃي ريهارڻ جو گهر گولي ٻڌائين. ليلا جي پيءُ سان ملهي، حال احوال ڏئي وٽي جڏهن دنگ ڪيائون، تڏهن اوچتو مگدر جي نظر وڃي ليلا تي پيئي. ڪيس ڏسڻ سان سندس هوش خطا ٿي ويا. هن به ڪيترين ئي سهٽيون ڏٺيون هيون، پر هتي گالهه ئي ٻي هئي. دل ۾ اچي ٻي ايماني جاڳيس، پر هاڻي گالهه هٿان ڇڏائجي ويئي هئي، جو هيءُ ليلا جي مائٽن کي سڄي خبر ڏئي ويٺو هو، تنهنڪري خيال ڪيائين ته اهڙي ڪيڏ ڪجي جو راجا کان اڳ ۾ مون سان ميلو ٿئي. آخر وجهه وٽي ليلا سان پنهنجي دل جو حال اوريائين. هوءَ ويچاري ٻالي پولي هئي، سا هن جي گالهين ۾ اچي وئي ۽ ٻه ٽي ڏينهن ڏاڍا خوشيءَ ۽ قرب ۾ گذاريائون. تنهن کان پوءِ سهي سنيري تيار ٿي، پوناراءِ جي شهر ڏانهن روانا ٿيا ۽ منزلن تي منزلون ڪندا اچي اتي پهتا.

راجا کي جڏهن اها سڌ پئي ته مگدر ڪاميابي سان واپس موٽيو آهي تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو. هن کي تمام گهڻا انعام اڪرام

ڏيئي گهر روانو ڪري، پاڻ ليلا کي وٺي اچي محلات ۾ رهاڻ ڪرڻ لڳو. ٿورن ئي ڏينهن جي پيار ۽ قرب سان مگدر، ليلا کي موهي چڏيو هو، سو هوءَ ظاهري طرح ته راجا سان رهاڻ ڪندي رهي، پر مندس دل وزير ڪان سواءِ ٻاقاڙي هئي. ڪجهه چئي به نٿي سگهي تنهنڪري مات ڪري راجا سان ويٺي رهي.

ڪن ڏينهن گذرڻ بعد ليلا کي وزير جي ڏاڍي سڪ ٿي، سو چا ڪيائين جو هڪڙي چالاڪ ٻانهيءَ کي پنهنجو ڪري، وزير مگدر کي لڪچوريءَ محلات ۾ گهرائي ورتائين، جو سڄي رات خوب رهاڻيون ڪري صبح جو هليو ويو. ٻوءِ اهڙيءَ طرح ليلا ۽ مگدر جون ملاقاتون ٽيندیون رهيون، جن جي خبر راجا ته نهيو، پر ٻانهيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن بني بشر کي ڪانه هئي.

هڪڙي ڏينهن راجا اڪيلو گهمندو گهمندو اچي هڪڙي برهمڻ چوڪري جي پرسان لڳهيو، جنهن کو حساب ويٺي ڪيو، راجا به اچي مٿان بينس، ۽ هن جي حساب ڪتاب کي ڏسي ڪلڻ لڳو. راجا جي ڪِل تي چوڪري کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، سو يڪدم زمين تي ليکا ڪيڏي حساب ڪري چيائينس ته:

ويري پانڻين واهرو، ڪلر ڪاڏئي ڪوت،
جوئو ڪايو جڪون هڻين، پانڻين ٿو اپوت.

(اي راجا! تون پنهنجي دشمن کي سڃڻ ٿو سمجهين، پر تنهنجي ڪوٽ کي ڪلر ڪائي ويو آهي. ڪائين ٿو اوباريل ڪاڏو، وري ٻتاڪون پيو هڻين آڇٽ ڪاڏي جون!) چوڪري جي واتان اهي ڳجهارت ۾ ڪڙا وڻ پڏي، پوناراءِ هڪوبکو ٿي ويو. چوڪري جي ڳالهه سمجهي ڪانه سگهيو، تنهنڪري چيائينس ته: چوڪرا ڪولي ٻڌاءِ ته ڳالهه چا آهي؟ پر چوڪري ٻڌائڻ کان صفا انڪار ڪيو، چئي: راجا ٿيو آهين، پر تو ۾ مون جيترو به عقل ڪونهي، ته ٻوءِ تنهنجو ڏوهه ڪونهي. راجا چوڪري کي گهڻيئي منٽون ڪيون، پر چوڪري سچي ڪانه ڪئي. نيٺ راجا ڪاوڙجي چيس ته: جي سچي نٿو ڪرين ته مارائي چڏيندوسئين. بادشاهه کي

کاوڙ ۾ گاڙهو ڏسي چوڪرو ڀڄي ويو، دل ۾ چيائين ته، "آپ سر تي پاپ گهوريو"، هرويرو پاڻ کي چو ساراين؟ تڏهن راجا کي چيائين:

تو کي عشق انڌو ڪيو، تنهنجي سرتي وڃائي سونهن،
هٿ ليلا مگدر پاڻ ۾، وينا ڪن ورونهه.

(اي راجا! تو کي عشق اهڙو انڌو ڪيو آهي، جو ڪابه خبر ڪانه ٿي پوئي، خبر اٿيئي ته تنهنجي زال ليلا، مگدر سان محلات ۾ قرب وندي، پنهنجي اها سونهن وڃائي ڇڏي آهي، جنهن تي تون مست ٿيو گهمين.) چوڪري جي واتان اهي لفظ ٻڌي، راجا پوناراءَ کي باهه وٽي ويئي. چوڪر کي چيائين ته: جي برهمڻ نه هجين ها ته اتي جو اتي ماري ڇڏيئن ها، پر هاڻي انهيءَ شرط سان جيئدان ڏيئين ٿو ته ستن ڏينهن اندر جيڪڏهن ليلا ۽ مگدر جي عشق جي ثابتي ملهه ته وهواهه نڪته قاسي چاڙهائي ڇڏيندوسئين. چوڪر ڏٺو ته هفتي ۾ راجا کي ثابتي ملي يا نه، سو پاڻ ئي هن کي صلاح ڏنائين ته:

پنڌ اٽانگو، شهر پري، باري ڀانو،
راجا! اهو انهيءَ گالهه جو، ڇاڄ نشانو.

(اي راجا! تون شڪار جو ڀانو ڪري وزير کي ساڻ وٽي پرانهين پنڌ تي وڃ، فلاڻي رات مگدر ليلا سان ملڻ جو انجام ڪيو آهي، انهيءَ رات جيڪڏهن هو ڪو ڀانو ڪري شهر ڏانهن موٽي اچي ته پڪ ڇاڄ ته ليلا سان ملڻ جو انجام آهي. پوءِ تو کي ثابتي ملي ويندي.) راجا چوڪري جي صلاح مڃي محلات ۾ موٽي آيو.

هاڻي راجا جي دل ۾ اچي چورا ڪورا ٿي ته ڪنهن طرح انهيءَ حقيقت جي پرک ونان. سو ٻئي ڏينهن شڪار جو ٻهاڻو ڪري، وزير ۽ ڪجهه لشکر ساڻ ڪري ڪنهن اڻانگي پاسي اُسهيو. سڄو ڏينهن هلندي هلندي جڏهن شهر کان هڪڙي ڏينهن جي پنڌ تي نڪري ويا ۽ رات ٿيڻ واري هئي، تڏهن وزير بادشاهه کي عرض ڪيو ته: راجا! منهنجي دوا گهر رهجي ويئي آهي،

جا اڌ رات جو ڪائڻي ضرور آهي، تنهنڪري موڪل ڏيو تہ گهر وڃي وقت تي دوا ڪائي سگهان، ۽ وري اچي توهان سان ملان. راجا وزير جو ٻهانو صحيح سمجهي ڪيس موڪل ڏني.

وزير جي وڃڻ کان پوءِ، راجا ويچاريو تہ هاڻي خبر لهجي. بس، اها مهل اهو پنڌ، لشکر کي اتي ڇڏي، وزير جي ڪٽي پٽ ورتائين. وزير تہ اڌ رات جو وڃي محلات ۾ پهچي ليلا سان قرب وندڻ لڳو هو، ڪيس راجا جي موٽي اچڻ جو اصل خيال ئي ڪونہ هو. سڄ اڃا ڪني مس ڪيي تہ راجا اچي محلات ۾ پير پاتو. قدرت خدا جي سان ان وقت ليلا جي خاص رازدار ٻانهي نڪتي، سامهون راجا کي ايندو ڏسي ڀڄي وئي، پر پوءِ يڪدم پاڻ سنياڻي ليلا کي اطلاع ڪرڻ خاطر ويت ڏنائين تہ:

پوناراڻ پلٽيو، آيو تنهنجي ديس،
مگدر! ليلا ڇڏ ڪٽي، مٽان ڪاڪا ڪٽيس.

(مگدر! پوناراڻ تنهنجي ملڪ ۾ موٽي آيو آهي، تنهنڪري هاڻي ليلا کي ڇڏ، مٽان مفت ۾ مارجي نہ وڃين.)

مگدر ۽ ليلا، جن هڪڙي ڪوٺيءَ ۾ رهاڻ ٻڌي ڪئي، سي ٻانهيءَ جي ڳاهہ ٻڌي سمجهي ويا تہ راجا موٽي آيو آهي. سو ڊپ ۾ ليلا چا ڪيو جو مگدر کي هڪڙي وڏي صندوق ۾ بند ڪري لڪائي ڇڏيو. ٻانهي اندر پهچي ڏسي تہ صندوق مان مگدر جي ڏڪڻ جو آواز ٻيو اچي، ويچار ڪيائين تہ جيڪڏهن راجا ٻڌي ورتو تہ پوءِ خير ڪونهي، سو مگدر کي دلاسو ڏيڻ لاءِ ڳاهہ ڏنائين تہ:

تو کي ليلا لپيٽيو، تون ڪرهل! ڪنبين ڪوهہ،
جيڪو ليلا سان لڙ ڪري، تنهن جي دارون دوا نہ ڪوءِ.

(اي وزير! تو کي ليلا لڪائي ڇڏيو آهي، پوءِ ڏکين ڇو ٿو؟ تو کي خبر ڪانهي تہ هٿ ويءِ جو وڃ نہ طبيب! ليلا سان عشق ڪيو اٿئي تہ هاڻي ڏڪڻ بند ڪر، نہ تہ راجا ٻانهي کي مارائي ڇڏيندو.)

ٻانهيءَ جي ڳاهہ ٻڌي مگدر ڪجهہ هوشيار ٿيو ۽ ڏڪڻ بند ڪيائين. ٿوريءَ دير کان پوءِ راجا به اچي محلات ۾ داخل ٿيو، پر ٻانهيءَ

جون چيل گاهون ٻڌيون هئائين، تنهنکري شڪي حالت ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ مگدر جي زال کي خبر پئجي وئي ته مگدر محلات ۾ لکل آهي ۽ متان راجا اچي ويو آهي، سو پنهنجي مڙس جي بچاءُ لاءِ يڪدم محلات ۾ آئي ۽ محلات جي چوگرد چڪر هڻڻ لڳي. ٻانهيءَ کيس انهيءَ حالت ۾ ڦرندي ڏٺو سو اچي دپ ورايس ته متان راجا ڏسي ونيس ۽ ڦڙ ڦاڙي پئي، تنهنکري کيس وزير جي سلامتيءَ جي خاطري ڏيڻ لاءِ گاهه ڏنائين ته:

وڃي پوري! آنند ڪر، تنهنجو پلو ڪندو پگهوان،
صبح ٿيندو، در کلندا، تو کي ملندو اڇي مهمان.

(گهيلي! وڃي آرام ڪر، پگهوان ڪندو ته سڀ خير ٿيندو، صبح جو جنهن مهل در کلندا، تو کي تنهنجو مهمان ملي ويندو.) راجا محلات ۾ گهڙڻ کان پوءِ هيءَ ٽي گاهه ٻڌي هئي، سو هيڪاري پڪ ٿيس ته مگدر محلات ۾ ئي آهي، تنهنکري ڪاوڙ ۾ ڀرجي ٻانهيءَ کي اڇي ڇوٽيءَ کان ورتائين ۽ چيائينس ته: ڪر خبر، اهو تو چا ٿي چيو؟ ٻانهي تمام چالاڪ هئي، تنهن ڪري هن جواب ناهي ٻڌايس ته: سائين: اڄ شام جو آءٌ تلاءُ تي ويس ته ڏٺم ته هڪڙو ڀؤنر پهڻ جي گل تي ويٺو آهي، انهيءَ وقت سڄ پئي لٿو، مون خيال ڪيو ته هاڻي جي ڀؤنر نه اٿيو ته گل ۾ پورجي ويندو. اهو ڏسي چيم ته:

پوناراڻ پلٽيو، آيو تنهنجي ديس،
مگدر ليلا چڏ اڻي! متان ڪا ٽڪا ڪٽيس.

پوناراڻ جي معنيٰ سڄ آهي ۽ ڀؤنر کي مگدر چئبو آهي، اسين پهڻ جي گل کي ليلا چوندا آهيون، سو مون اهو ڀؤنر کي ٿي چيو. راجا جواب ٻڌي چپ ٿي ويو ۽ ڪائنس ٻيءَ گاهه جو مطلب پڇيو. تنهن تي ٻانهي ٻڌايو ته: سائين! جڏهن سڄ لٿو تڏهن گل جو منهن بند ٿي ويو ۽ ڀؤنر اندر رهجي ويو، جو پاڻ چڏائڻ لاءِ اندر ئي اندر ڦٽڪ لڳو. سندس اها حالت ڏسي مون گاهه ڏني ته:

تو ڪي ليلا لپٽيو، تون ڪرهل! ڪنهين ڪوهه؟
جيڪو ليلا سان لڻ ۽ ڪري، تنهن جو دارون دوا نه ڪوء.

راجا! انهيءَ ڳالهه جو مطلب اهو آهي ته اڙي پوڻر! تون ليلا يعني ٻڍ جي گل تي مست ٿي ويهي رهئين، آخر ليلا تو ڪي پاڻ ۾ لڪائي ڇڏيو، جڏهن تو ليلا سان لڻ ۽ لاتو آهي، ته پوءِ ڏکين ڇوٿو؟ تنهن تي راجا چيس ته: پلا آخرين ڳاهه جو ڪهڙو مطلب آهي؟ ٻانهيءَ وري عرض ڪيو ته: راجا! جڏهن پوڻر گل ۾ پورجي ويو، تڏهن ڏٺم ته سندس مادي پوڻري، اچي گل جي چوڌاري چڪر ڏيڻ ۽ پوڻ ڪرڻ لڳي، اهو ڏسي ڪيس چيم ته:

وڃي پوري! آنند ڪر، تنهنجي پلي ڪندو پگوان،
صبح ٿيندو، در ڪلندو، تو ڪي ملندو اڃي مهمان.

يعني ته اي ڳهيلي! تون وڃي آرامي ٿي، صبح جو جڏهن گل ڪلندو تڏهن تنهنجو مهمان تو ڪي اچي ملندو. راجا ٻانهيءَ جا جواب ٻڌي سندس دانائي ۽ سياڻپ کان ڏاڍو خوش ٿيو، ليلا ۽ مگدر ڏانهن جيڪو شڪ هئس سو لهي ويس، پر برهمڻ ڇوڪري تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳس ته اجايو پنهنجي پياري دوست تي شڪ ڪيم. پوءِ ٻانهيءَ ڪي چيائين ته: اي ٻانهي! جيڪو گهرٽو اٿيئي سو گهر ٻانهيءَ هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته: سائين! مونکي ڏٺيءَ جي دعا سان، اوهان جو ڏنو اڳئي گهٽو آهي، باقي جيڪڏهن اها وڏي پيتي ڏيو ته مهرباني ٿيندي. راجا چيس ته: پلي ڪٽي وڃ. ٻانهي اها پيتي ڪٽائي گهر پهتي، ان سان وزير کي ڪڍي گهر روانو ڪيائين.

ٻئي ڏينهن صبح جو سويرَ راجا گهوڙي تي چڙهي، اچي اتي پهتو جتي برهمڻ چوڪر رهندو هو. چوڪري کي سڏي چيائين ته: تو ڪوڙ ڳالهايو آهي تنهنڪري تو ڪي ماريندس! اتي برهمڻ چوڪري جواب ڏنو ته: راجا! وزير ته چالاڪيءَ سان

نڪري ويو، پر توهين هينئر ئي وڃي راڻيءَ کي حڪم ڪريو
تہ هار سينگار ڪري، نولکو هار پائي توهان سان ملاقات ڪري
پوءِ پاڻهي خبر پئجي ويندي تہ ڪير ڪوڙو ۽ ڪير سچو آهي،
چاڪاڻ تہ وڃڻ وقت اهو هار تڙ تڪڙ ۾ وزير جي ڪيسي ۾ رهجي
ويو آهي. راجا چيو تہ: چڱو هي پيرو وري به آءٌ تنهنجي گالهہ
مڃان ٿو، جي ڪوڙ ثابت ٿيو تہ پوءِ تنهنجو بچڻ مشڪل آهي.
ائين چئي راجا پوين پيرن تي واپس درٻار ۾ آيو ۽ وزير کي اتي
ويهاري، هڪڙي نوڪر جي هٿان راڻيءَ کي چوائي موڪليائين
تہ: هار سينگار ڪري، نولکو هار پائي ويهہ تہ آءٌ اچان ٿو.

راڻي ليلا کي جڏهن اهو حڪم پهتو، تڏهن اچي آندّ مانڊ
لڳس ڇو جو هار وٽس ڪونہ هو، ۽ مڳدر جي ڪوٽ جي ڪيسي
۾ رهجي ويو هو. راڻيءَ جي اها حالت ڏسي پانهي ڪائنس سبب
پڇيو. جنهن تي هن سموري حقيقت ڪري ٻڌايس. پانهيءَ کيس
چيو تہ فڪر نہ ڪر آءٌ پاڻهي ئي تي بندوبست ڪريان، ائين چئي ويس
بدلائي فقير بنجي، ڪستو هٿ ۾ ڪٽي سڌي درٻار ۾ آئي ۽ ايندي
شرط صدا هنيائين تہ:

پهرين سلام راجا جـو، پئي وزيرن جي وار،
ٽيون سلام ڪڇهريءَ جـو، جيون جيوڻي دوار.

پانهي جيتوڻيڪ بدليل ويس ۾ هئي پر وزير هن کي سڃاڻي ويو، ۽
اهو به سمجهائين تہ هار لاءِ آئي آهي، سو يڪدم چيائين تہ:

پيو نہ مون وٽ آهہ حاضر، روڪڙ نہ ڪو نوٽ،
اڇ فقير دعا ڪر، وڻي وڃ خير ۾ ڇوٽ.

ائين چئي ڪوٽ لاهي فقير کي ڏنائين، جنهن جي ڪيسي ۾ هار به
پيل هو. ڪوٽ هٿ ڪري، پانهي موڻي ويئي ۽ هار وڃي راڻيءَ
کي ڏنائين. راڻي ڏاڍي خوش ٿي ۽ هارسينگار ڪري، نولکوهار
پائي ويهي رهي.

ڪجهه وقت ڪان پوءِ راجا محلات ۾ آيو، ڏسي ته رائي هارسينگار ڪريو، نولکوهار پايو ويني آهي! راجا اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سمورا شڪ گمان لاهي ڇڏيائين. ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو برهمڻ چوڪري کي دربار ۾ گهرائي مارائي ڇڏيائين.

سڏيوت ۽ سارنگا*

N.B

ڪنهن زماني ۾ 'پاري نگر' تي 'سالياهن' نالي هڪڙو راجا راڄ ڪندو هو، جنهن کي سڪي پٽي هڪڙو سدا ملوڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو 'سڏيوت' رکيائين. راجڪمار اڄ ننڍو سيان وڏو، جڏهن اڇي لائق ٿيو تڏهن کيس هڪڙي وڏي پنڊت وٽ پڙهڻ لاءِ ويهاريائون.

انهي پنڊت وٽ ٻين شاهوڪار ساڻهن جا ٻار ٻ پڙهندا هئا، جن ۾ 'سارنگا' نالي هڪڙي چند جهڙي سهڻي چوکري ٻهئي، جا هڪڙي وڏي سيٺ جي سکيلڊي ڏيءُ هئي. ٽورن ئي ڏينهن ۾ سڏيوت ۽ سارنگا هڪٻئي ۾ رلي ملي ويا. سجو ڏينهن پيا گڏ راند ڪندا هئا. اڄ ننڍا سپاڻي وڏا آخر اڇي جوان ٿيا، ۽ ٻئي ڇٽا روزانو شهر جي ٻاهر واري باغ ۾ ملندا ۽ قرب ونڊيندا هئا. چوندا آهن ته خون ۽ ڪشوري ڪوڙ لڪي، سو نيٺ هڪڙي ڏينهن هنن جي عشق جي ڳالهه ظاهر ٿي ٻيٺي. سارنگا جي مائٽن کي اڇي بدناميءَ جي ڊپ ورايو، تن سندس ٻاهر نڪرڻ بند ڪري ڇڏيو، ۽ مات سيٺ ۾ سندس شاديءَ جا سڀيا ڪرڻ لڳا. سارنگا گهٽوئي ليلايو ۽ ٻاڏايو، پر وريو سريو کي نه ڪين. آخر هڪڙي ڏينهن، 'ڏارانگر' جي هڪڙي سيٺ 'ماڪچند' جي پٽ 'روپي' جي جڃ اڇي ڦهتي، ۽ سارنگا جي شادي روپي سان ڪري ڇڏيائون.

ٻن ڇڻ ڏينهن کان پوءِ جڃ موٽي وڃڻ واري هئي، پر

---

* هن ڳالهه جون ٻيون روايتون ٽرپارکر (تعلقي ننگر پارکر) مان سنگهارام اوجها ۽ وچولي (تعلقي حيدرآباد) مان محمد بچل کان مليون.

وڃڻ کان اڳي سارنگا هڪڙو پيرو سڏيوت سان ملڻ جو خيال ڪيو. پيو ته ڪو وسيلوئي ڪونہ هو، سو چا ڪيائين جو پنهنجي هڪڙي خاص سهيليءَ هٿان، ڏانهس نياپو ڏياري موڪلايائين ته:

سينگي سيلي هات ليو، تن پر خاڪ لڳاءِ،
وستر پهرو گيڙئا، وَسو پُري ۾ جاءِ.

(اي سڏيوت! بدن تي ٻيوت ملي، گيڙو رتا ڪپڙا پهري، سامين جو ساڻ ڪٽي هلي مڙهيءَ ۾ ويهه ته آءٌ توسان اڃي اچي ملان.) نياپي پهچڻ شرط، سڏيوت بت تي ٻيوت ملي، گيڙو رتا ڪپڙا پائي وڃي مڙهيءَ ۾ ويٺو.

تن پر پيم لڳاءِ، هات ۾ ليئا ڪيرُ،
سارنگا تيري ڪارڻي، ڪريو ويس فقير.

(بدن تي خاڪ ملي، ڪندري ڪٽي، اچي مڙهيءَ ۾ ويٺو آهيان. اي سارنگا! تنهنجي لاءِ مون فقيراڻو ويس ڪيو آهي.) مڙهيءَ ۾ ڪي نشئي ويٺا هئا، جن چلم پئي پيتي. واري واري ساڻ سڃي ان ساڻ پئي ڦوڪ ڀري. جڏهن راڄڪمار جو وارو آيو، تنهن پهريائين ڪيبايو، پر پوءِ لاچار ڦوڪ ڀرڻي پيس، پر تن سوڙن کان پوءِ نشي گهيراڻي وڏس ۽ ويڄارو اٿيئي همهي رهيو.

سارنگا جي ڇڄ ۾ گهراڻ نڪتي ۽ هلندي هلندي اچي اُنهي مڙهيءَ جي پرسان پهتي، جتي سڏيوت ويٺل هو. اتي پهچي سارنگا چيو ته:

ٽيو پوڃا پارهن ورس، تن من ساڻ ڏر ڏيان،
ڇڄ هت ٻيهار جو، لڳي آڏُون وَردان.

(آءٌ شو جي پوڃا سڌائين هن مڙهيءَ ۾ ڪندي آهيان. ڪجهه وقت ڇڄ هٿي ٻيهاريو ته آخري پيرو پوڃا ڪري آسيس وٺي اڃان.) ڪيس پوڃا ڪرڻ کان ڪنهن ۾ ڪونہ روڪيو. ان وقت سندس هار سينگار اهڙو ڪيل هو، جو جهن ڪيس ڏٺو ٿي، سو اتي جو اتي هوش وڃائي ٿي ويٺو.

ٻينڊي ڏني پال ۾ ويسر دم ڪت جات،
ان جهيڙي پهر ۾ يار ملڻ ڪو جات.

(پنهنجي پيشاني ۾ تي تاڪ هڻي، شو جي پوجا لاءِ پئي وڃي. سج لٽي مهل هوءَ پنهنجي يار سان ملڻ پيئي وڃي).

اندر مڙهيءَ ۾ گهڙي سارنگا، سڏيوت کي ڳولي. ڏنائين ته سڏيوت هڪڙي ڪنڊ ۾ اگهور نند ۾ ستو پيو آهي. ڪيس گهٽوئي جاڳايائين، پر هن کي هڻا نشي جا گهيرت، سو ڪٽي ٿو سجاڳ ٿئي! آخر جڏهن هرطرح کان نراس ٿي، تڏهن وڻ تي ويهل هڪڙي طوطي کي پنهنجو شاهد ڪري چيائين ته:

لعل ورڻ تو چونچ آ، سفيد رنگ تو آنک،
محبوب هماروجڏ جاڳي، پرجان ويرا! ساک.

(تنهنجي چهنب ڳاڙهي ۽ اک سفيد آهي. جڏهن منهنجو محبوب سجاڳ ٿئي، تڏهن منهنجي هٿي اچڻ جي شاهدي ضرور ڏج!) ائين چئي، وري خيال ڪيائين ته پنهنجي ڪا اهڙي نشاني چڏي وڃان جيئن سڏيوت ان کي ڏسي. سو چا ڪيائين جو آگر کي چهڪ ڏيئي آن مان رت ڪڍي، سڏيوت جي ٻهي هٿن تي لکيائين ته:

تکو لهي ليو هاسيو، پورا ڪات پچاس،
جهنگ آڏائو جهوپڙي، آت پچائون آس.

(تکو ڏاڍو ڪٽي جهنگ مان پنجاهه ڪاٺ جا ٽڪرا ڪهي، اتي جهوپڙي اڏي ويهج ته اتي ملاقات ڪريون.) اهو لکي سارنگا ڇڇ سان گڏ رواني ٿي ويئي.

صبح جو سجاڳ ٿيڻ سان سڏيوت جي نظر سارنگا جي لکيت تي وڃي پيئي. ڏاڍو ڏک ٿيس ته محبوب آيو، پر گڏجاڻي نه ٿي. ڏنائين ته ويل گاهه وري کائڻ موٽندي، سو يڪدم هڪڙي تکي گهوڙي تي چڙهي، رستو ڪپي وڃي سندن اڳ ورتائين ۽ هڪڙي جهوپڙي ٺاهي ان ۾ ويهي رهيو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ سارنگا جي ڇڇ به اچي اتي پهتي.

سڏيوت مڪر ڪري روئندي هن کي چيو تہ: منهنجي زال کي ويہ جا سور لڳا آهن، ڏاڍي جي واسطي منهنجي مدد ڪريو! پر ڇڇ مان ڪابہ عورت هن جي مدد لاءِ تيار نہ ٿي، جنهن تي سارنگا چيو تہ: هل، آءٌ ٿي هلان. ڪيس گهٽوئي چيائون، پر هُوءَ نہ مڃي ۽ سڏيوت سان گڏجي جهوپڙي ۾ گهڙي ويئي، ۽ ڇڇ اتي ڏرسي پئي. جهوپڙيءَ ۾ ٻئي هڪٻئي سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا. سارنگا جهوپڙيءَ مان نڪتي تہ سندس ڪپڙا گهنجيا پيا هئا، سندس ڏير، جو تمام چالاڪ هو، اهو ڏسي پنهنجي پاءُ کي چيو تہ:

ڪانڊچوئو ڪسمسيو، ساڙهي پرائي سَري،
ويرا! مَ وَرجيو، پاڻي ناهَ ڪسري.

(ادا! مون تو کي اڳ ئي روڪيو پر تو نہ مڃيو. هاڻي ڏس تہ سارنگا جو نئون وڳو سڄو گهنجي ويو آهي. اڄ سارنگا ساڳي نہ اٿئي.) سارنگا اهو ٻڌي سمجهي ورتو، تنهن ڪڏهن وراڻيو:

بودو ڪپڙو ٻَهُو رنگو، سڻ وارو آڏنگ،
ٽڙ ٽڻ ٽانڪا ٽُنيا، آرس سوڙي آنگ.

(سونڪي جيڪو وڳو پهريل آهي، ان جو هڪ تہ ڪپڙو سڙيل آهي، ۽ ٻيو تہ سڻ وارو ڪاريگر نہ آهي؛ ان ڪري آرس ڇڇ سان ٽوپو ٽٽي ٻيو ۽ ڪپڙا سڀ خراب ٿي ويا.) خير گالهہ آئي وئي ۽ ڇڇ اڳتي رواني ٿي. سڏيوت بہ ڇڇ جي پٺيان وڃڻ لڳو.

ٻيءَ رات هڪڙي بڙ جي وڻ هيٺ وڃي ٽڪيا. سڏيوت بہ اڪل ڪري انهيءَ وڻ تي چڙهي وڃي ويٺو جنهن جي هيٺان سارنگا ستل هئي. اڌ رات ٿي تہ سڏيوت محبوب جي جدائيءَ ۾ روئڻ لڳو، ۽ سندس لڙڪ سارنگا جي ڳلن تي اچي پيا. تڏهن سارنگا چوڻ لڳي تہ:

آنب جهَڙي آنبلي، پيڄي نَو سَر هارَ،
رس چس تو سپ چکيا، هاڻ چو روئين گينوار؟

(اي انب تنهنجي انبڙي! مان رس وهڻ ڪري منهنجو نو لکو هار

پُسي پيو، تو ته سڀ رس چکيا ۽ مزا ماڻيا آهن، هاڻي چوٽو روئين؟)
سارنگا جو ڏير ۾ ان مهل جاڳيو پئي، تنهن اهو ٻڌي سارنگا کي
چيو تہ: ڀاڃائي! اهو ڇا ٿي چوين؟ سارنگا گالهه کي بدلائي
ٻڌايس تہ:

آنب جهڙي آنبلي، پيڃي نَو سرهار،
ٻڌا ڏيکا ٻک مري، گاڏي هلاء گينوار.

(انب جي انبڑيءَ سان رس وهڻ کري منهنجو نو لکو هار پسي
پيو آهي. ڏيکا ۾ ٻڌا ٻک ٻيٽا مرن، تنهنکري گاڏي هکلي هلو)

بس گالهه کرڻ جي دير هئي، يڪدم قافلو اڳتي روانو ٿيو، ۽
ويچارو سڏيوت جهڙو هو تهڙو اتي رهجي ويو؛ پر سارنگا کي
سڏيوت کٽي ٿو وسري! سو وات تي روڪڏي ويئي.

هڪڙي ڏينهن سڏيوت کنهن تلاءُ مان پاڻي ٽي پيتو، پر
سندس هٿ تي سارنگا جا اکر لکيل هئا، تنهنکري هرڻ وانگر
ٽوڙي پاڻي پيئڻ لڳو. تلاءُ جي پاسي ۾ کي چار عورتون بيٺل
هيون. انهن مان هڪڙيءَ سندس اها حالت ڏسي چيو تہ:

هرڻ سمان پاڻي پئي، جل ٿا هات لڳاءِ،
هُون ڀُڃان اي سکي! تنهن جو آرٿ بتاءِ؟

(اي سرتي! انهي جو کهڙو سبب آهي جو هيءَ شخص هرڻ وانگر
پاڻي پيو پئي ۽ ان کي هٿ ٻنهه نٿو لڳائي؟) اهو ٻڌي سڏيوت
کيس جواب ڏنو تہ:

ٻڌي ٽي پنهار سان، هلڻ هو تنهن سات،
او روئي ۾ جهليو، کجل پراڻو هات.

(محبوب سان گڏ هلڻ جو انجام هو، پر آءٌ اڃ تي ترسي پيس،
سو محبوب پنهنجي کجل جي نشاني هٿن تي چڏي ويئي اٿم.)
تنهن تي بيءَ عورت چيو تہ:

اي مورک کات جا! کجل سڀ ڏي ڏوءِ،
جيئن جيئن کجل ٽو ڏسين، تيئن تيئن د کڙو هوءِ.

(اڙي چريا! اها نشاني ميساري ڇڏ، ڇو جو انهيءَ جي ڏسڻ سان ويتر ڏک ٿيندءِ.) هي پڌي ٿيءَ عورت وراڻيو:

اِهو پَر نارو گوگل هيو، گَيو آملاڻي سَٿ،
ڏڻ آيا، پرين نہ جاڳيا، ڳاهہ لکيندا هٿ.

(هيءُ ويچارو ڪو عاشق ٿو ڏسجي، پر ڪن املين جي سنگت ۾ گڏيو هو جو نشي ۾ چُور ٿي سمهي پيو هو. سندس محبوب آيو پر هيءُ نہ جاڳيو، تڏهن هٿ تي ڳاهہ لکي ويئي اٿس). آخر انهن عورتن ڪائنس سندس حال جي حقيقت پڇي، جا هن سربستي ڪري ٻڌائي. تنهن ٿي هڪڙيءَ عورت چيس تہ:

جهور پيي جهڪور ڀري، روڻ پٽي رڙي،
هوءِ گٽس گَٽي، تہ آءُ ملاوڻي.

(گولا قولهاڪر، تڪليفون سرتي سهي، پوءِ جيڪڏهن تقدير ۾ لکيل هوندءِ تہ ملي ويندءِ.)

ائين ڇڻي چارئي عورتون، پنهنجو گس وڻي هليون ويون. سڏيوت ويچارو ڪيترو وقت اتي ويٺو رهيو. سارنگا جي سڪ ۾ هن کي هڪ پل به پهر ڀئي لڳو، تنهنڪري اٿي پنڌ پيو ۽ پاڻ ڪر جا پونا ڇڏي، اڇي ڏارانگر ۾ پهتو. خيال ڪيائين تہ هاڻي سارنگا جو ديدار ڪيئن ڪجي؟ سو هڪڙي تلاءَ جي پر ۾ ويهي رهيو نيٺ هڪڙي ڳالهہ سمجهي آيس، سو چا ڪيائين جو جوگين وارو ويس ڪري، شهر ۾ سارنگا کي ڳولڻ شروع ڪيائين. آخر ڪار هڪڙي ڏينهن وڃي هن جي درتي سڻ هنيائين. سارنگا جنهن ڪيترن ڏينهن کان سڏيوت سان ملڻ لاءِ ڪانگ ڀئي اڏايا، سا هڪدم هن جو آواز سڃاڻي اندران سونهي ٿالهہ ۾ هيرا جواهر وجهي در تي آئي. ٻنهي چٽن هڪٻئي کي ڏنو ۽ ڏسي اڇي روئڻ ۾ چٽڪيا. ايتري قدر جو کين دنيا جي ڪا ڪل نہ رهي. سارنگا ٿالهہ ۾ جيڪي موتي ڪٽي آئي هئي، سي ڪانگ چگڻ لڳا، پر هنن ٻنهي کي انهيءَ جي سڌ نہ رهي، ۽ اکيون اٽڪايو ڏسندا رهيا.

انهي وقت ڏارا ننگر جو راجا پنهنجي راڻيءَ سان گڏ محلات جي دريءَ کان بينو هو، تنهن جو هيءُ تماشو ڏٺو، سو عجب سان راڻيءَ کي چوڻ لڳو تہ:

اِس ننگري ۾ مورک وسي، چتر وسي نہ کوئي،
کانگا موتي چگ گيا، کوکٽ نا کوئي.

(اي راڻي! هن شهر ۾ سڀ بيوقوف رهن ٿا، هڪڙو بہ سياڻو نہ آهي. چاکاڻ تہ هڪڙا قيمتي موتي کانگ پيا چگن، ۽ انهن کي هڪلڻ وارو ئي کونهي!)

راڻي بہ سياڻي هئي، تنهن يڪدم جواب ڏنس تہ:

اس ننگري ۾ چتر وسي، مورک وسي نہ کوئي،
بالاپڻ ري پريتڙي، ميٺ ميلا پو هوئي.

(اي راجا! هن شهر ۾ سڀ سياڻا رهن ٿا، ايڏو هڪ بہ نہ آهي، پر هي کي ٻئي نديي هوندي جا عاشق پاڻ ۾ ملندا آهن.)

انهيءَ گالهہ تي راجا ۽ راڻيءَ جو اچي ضد ٿيو، سو فيصلي کرائڻ لاءِ ٻئي هيٺ لهي آيا ۽ اچي بنهي کان خبر پڇيائون. سڏيوت هنن کي سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي. راجا کي هن جي حال تي ڏاڍو ارمان ٿيو، ۽ يڪدم حڪم ڪيائين تہ سارنگا، سڏيوت جي حوالي ڪئي وڃي. بادشاهي حڪم جي آڏو ويچاري سيٺ جي ڪابہ هلي نہ سگهي. جهڙيءَ طرح ماڻ ميٺ ۾ سارنگا کي وڃي آيو هو، تهڙيءَ طرح سڏيوت جي حوالي ڪيائين. راجا پوءِ کين تمام گهڻو انعام ڏيئي پنهنجي ملڪ ڈانهن روانو ڪيو ۽ هي محبت وارا حياتي جا باقي ڏينهن پيار ۽ پريت سان گذارڻ لڳا.

ڪيمرو ۽ لوڏڙ*

ڪنهن زماني ۾ ڄام ننگر جي "راول ڳوٺ" ۾، آهير قوم گهڻي انداز ۾ رهندي هئي. سندن مڪي ڪي ينهنجي اولاد سان سينهي ڪان نديي پٽ "ڪيمري" سان تمام گهڻو پيار هو، جو تمام سهڻو هوندو هو. ڪيمرو مائٽن جي پيار سبب تمام البيلو هوندو هو، ۽ سڄو ڏينهن گهوڙي تي چڙهي ڳوٺ جي آسپاس ۾ گهمندو هو.

هڪڙي ڏينهن انهي ڳوٺ جي ٻاهران هڪڙو قافلو اچي لٿو، جو گنگا جي تيرٿ تي ويو ٿي. آهيرن انهي قافلي وارن جي ڏاڍي آجيان ڪئي ۽ ٽن ڏينهن لاءِ ڪين پنهنجو مهمان ڪري ٽڪايو. قافلي جي اڳواڻ ڪي "لوڏڙ" ناليي ڏيئ هئي، جنهن جي سونهن ملڪان ملڪ مشهور هئي. لوڏڙ پنهنجي سڄي عمر عبادت ۾ گذاري هئي، ۽ قسم کنيل هئس تہ "هوءَ سڄي عمر نہ ڪنهن اوپري ماڻهو کي ڏسندي ۽ نہ وري سڄي ڄمار شادي ڪندي." آهيرن جي زالن کي جو اها خبر پيئي سو سهي سنيري اهڙي عورت کي ڏسڻ لاءِ نڪتيون. ڪيمري کي جڏهن انهيءَ گالهہ جي خبر پيئي ۽ لوڏڙ جي سونهن جي هاڪ ٻڌائين، تڏهن هن کي ڏسڻ لاءِ پنهنجي ڀاڄائين سان گڏجي هلڻ تي ضد ٻڌي ويهي رهيو. هن کيترو ئي سمجهايس تہ لوڏڙ ڪنهن بہ مرد ماڻهو جي منهن ڏسڻ جو قسم کڻي ڇڏيو آهي، پر هو نہ مڙيو. نيٺ جڏهن ڏٺائون تہ ڪيمرو ضد تان ڪونہ لهندو، تڏهن ڪيس زنانا ڪپڙا ڏڪائي پاڻ سان وٺي هليون.

---

* هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي ننگر پارڪر) منگهارام اوجها ڪان ملي.

لوڏڻ انهيءَ محل درياءَ کان ويڪي هئي. اوچتو سندس نظر وڃي ڪيمري تي پيئي، جو وڏيون وڏيون پرانگهون پريندو پئي آيو. ڪيس شڪ جاگيو ته اها عورت نه پر مرد آهي، جنهن جو هلڻ زالن کان ڪڙو تڙو ۽ البيلائي وارو آهي. ايڏا انهيءَ ويچار ۾ هئي ته آهيرياڻيون اچي طنبوءَ ۾ گهڙيون. لوڏڻ سڀني سان پاڪر پائي، ڏاڍي آڪير سان ملي ۽ ڪين عزت ڏنائين. ڪيمري سان ملڻ کان پوءِ ڪيس ڀڪ ٿي ته اهو مرد آهي. ڏاڍو ڏک ٿيس ته سڄي عمر جي ڪمائي ڪٽ ٿي ويئي، ۽ دل ۾ چيائين ته:

او تڙو آهير، پاڃاڻين پيڙو مڙي،
ورت اسان جا وير، ڪوٽا ڪرايا ڪيمري.

(هڪڙي آهير، پنهنجي پاڃاڻين سان گڏ اڇي منهنجي سڄي عمر جو ورت خراب ڪري ڇڏيو آهي.)

پوءِ ڪيمرو تمام سهڻو جوان نظر آيس، ۽ خيال ڪيائين ته هي پهريون ڀيرو مرد آهي، جنهن مونکي ڏٺو آهي. سو هاڻي انهي سان ئي شادي ڪندس. اهو پڪو پهه ڪري ويهي آهيرياڻين سان رهاڻ ڪرڻ لڳي. ڇڄ وقت کان پوءِ هڪڙي کان موڪلايائون.

هن جي وڃڻ کان پوءِ لوڏڻ کي اڇي آنڌ ماندڻ ٿي. سندس اهڙي حالت ڏسي، ساهيڙي کانئس پڇيو ته: توسان ڪهڙي ويڌن آهي؟ هن ڪيس سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي ۽ چيائينس ته: هاڻي ڇا ٻه ٿي پوي، شادي انهي سان ڪندس، پر هاڻي ڪا اٽڪل ڪري هن کي هٿي وٺي اڇ. ساهيڙيءَ ڪيس آٿت ڏنو ۽ انجام ڪيائينس ته: آءٌ ڪيمري کي رات جو وٺي ايندس.

رات جو لوڏڻ جي ساهيڙي، ڪيمري کي ساڻ و ٺي آئي. پئي پاڻ ۾ ملي ڏاڍا خوش ٿيا. ڪافي وقت رهاڻ ڪيائون، تڏهن ڪيمري کانئس پڇيو ته: تو مونکي زناني ويس ۾ ڪيئن سڃاتو؟ لوڏڻ ورندي ڏنيس ته:

تون ميڙتي ميڙيان، پُڄ پئي پيڙا ڪري،
تنهنجي نئم نراڻ، ڪَوا نيوڙيا ڪيمرا!

(اي ڪيمرا! توسان پاڪر پائي ملڻ وقت مون تنهنجون مضبوط بانهون ۽ ڪلها ڏسي سڃاڻي ورتو ته تون مرد آهين.)
آخر رهاڻ ڪندي اڇي پرهه ڦٽي. تڏهن هڪڙي ڪان موڪلائڻ لڳا. لوڏڻ ڪيمري کي چيو ته: ڪيمرا! اسين هاڻي وڃون ٿا، تيرٿ ڪري موٽي اچي پاڻ ۾ شادي ڪنداسين. اهو ٻڌي ڪيمري کي لوڏڻ جي جدائيءَ جو ڏاڍو ڏک ٿيو، سو سندس اکين ۾ پاڻي تري آيو. تنهن تي لوڏڻ چيس ته:

سنگهه سگهيرو جاءِ، ڪماريو ڪمي نهين،
رو مٽ راوليا! ڪوٽي مر ڪر ڪيمرا!

(ڪيمرا! هاڻي روئڻ ڇڏو ناهي، ڪلي موڪل ڏينم ته قافلي سان گڏ جي وڃان، مونکي هتي گهڻو وقت نه ترساءِ).
ڪميري جواب ڏنس ته: لوڏڻ! تنهنجي وڇوڙي ۾ ته آءٌ مري ويندس. جنهن تي لوڏڻ ورندي ڏنيس ته: دلگير نه ٿيءُ، آءٌ دوارڪا سان ٿي پنڌرهين ڏينهن وري موٽي ايندس، پوءِ پاڻ شادي ڪري آرام سان حياتي گذارينداسين. ڪيمري چيو ته: پلي وڃ، پر جيڪڏهن تون پنڌرهن ڏينهن ۾ نه ايندينءَ ته آءٌ پاڻ کي ماري ڇڏيندس. لوڏڻ کيس پڪ ڏني ته، دوارڪا هتان ستن جي ڏينهن جي پنڌ تي آهي، چوڏهن ڏينهن سفر ۾ لڳندا، هڪڙو ڏينهن تيرٿ تي رهبو، اهڙيءَ طرح انجام ڪيل ڏينهن تي خاطري سان پهچي ويندس. پوءِ ٻنهي ڇڻن هڪڙي ڪان روئي موڪلايو. هلڻ وقت ڪيمري کيس ٻه لوٽا ڏنا ته اهي گنگا جي پاڻيءَ مان ڀريو اچي. لوڏڻ جي دل خود ڪيمري کي ڇڏي گنگا وڃڻ تي نه هئي، پر خيال ٿيس ته متان ساڻهو ٿنول ڪن ته لوڏڻ جهڙي سيل واري عورت بـ عشق ۾ ڦاسي، خدا کي وساري وبهي رهي، تنهنڪري قافلي کي وٺي رواني ٿي ويئي.
اتان رواني ٿيڻ کان پوءِ لوڏڻ سڄي ڏينهن ۾ پوڃا نه ڪئي، ۽ ڪيمري جي يادگيري ۾ ويڳاڻي رهي. سندس اها حالت ڏسي ڪانئس پاءُ پڇيو ته: لوڏڻ! تون ويڳاڻي ڇو ٿي آهين؟ پهرين

تہ هن گهٹوئي نتايو، پر جڏهن ڏائين تہ پاٹس هوڏ تان نتو لهي، تڏهن چيائينس تہ:

او تڑو آهير، پاڇاين پيڑو ميڑي،
ورت اسان جا ويرا! کوتاکرايا کيمري.

(ادا! کيمرو نالي هڪڑو آهير پنهنجن پاڇاين سان گڏجي مون وت آيو، ۽ منهنجو سالن جو ورت ٹوڙي ڇڏيائين، انهيءَ گٹنيءَ ۾ ويڳاڻي آهيان).

پاٹس اها گالهه ٻڌي ڏاڍو کاوڙيو ۽ چيائين تہ: کيمري دولاب کيو آهي، آءٌ کيس ماري ڇڏيندس. پاءُ کي کاوڙيل ڏسي لوڏڻ چيو تہ:

آئي آپي ديش، گانجو کوئي گميو نهين،
پڙ روڑو راول ديش، کتيو دل ۾ کيمرو.

(ادا! آءٌ سڄو ملڪ گهمي ڦري آئي آهيان، راول ديس جو سهڻو کيمرو منهنجي دل ۾ گهر ڪري ويو آهي. ان تي کاوڙ نہ ڪر.) پوءِ پاءُ کي سموري حقيقت ڪري ٻڌايائين. اتي سندس پاءُ کي هيڪاري کاوڙ لڳي ۽ چيائينس تہ: لوڏڻ! تو کي ائين نہ جڳائي جو هڪڑي ڏارئي، ماڻهو کي پنهنجي دل ۾ جاءِ ڏني اٹيئي ۽ ان سان شاديءَ جو انجام ڪيو اٹيئي، هاڻي آءٌ ڪڏهن بہ اها شادي آن سان ڪرڻ نہ ڏيندس. پوءِ لوڏڻ پاءُ کي کيترين منٹون ڪيون، پر هن گالهه نہ مڃي.

لوڏڻ جنهن ڇاهہ سان تيرت پيٹڻ آئي هئي، هاڻي اُهو ڇاهہ نہ رهيو هو. پوڄا پاٹ سڀ وسري ويا هئس، سڄو وقت کيمري جي ياد گيري ۾ گذرندو هئس.

لوڏڻ جي پاءُ کي سموري حقيقت جي خبر هئي تہ پنهي ڇٹن پندرهين ڏينهن موٹي ملهہ جو انجام ڪيو آهي، سو دوارکا جي تيرت واري مسافري ۾ سمي ڪرڻ لڳو. پيٹس لوڏڻ سمجهي ويئي تہ پاءُ جي نيت کهڑي آهي، سا هن کي تکڑي پنڌ ڪرڻ ۽ انجام واري ڏينهن تي موٹي هلهہ لاءِ منٹون ڪرڻ

لڳي، پر وري به ڪين. دوارڪا ۾ پهچي قافلي وارا پوڄا ۾ لڳي ويا، پر لوڻڪ فقط ڪيري جا ڏنل ٻه لوٽا گنگا جي پاڻي ۽ مان ڀري موٽڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي.

لوڻڪ جو پاڻ هڪ نه پيو ڀهانو ڪري هاسيڪار ٿي ڏينهن اتي ترسي پيو. پاڻ جي اها هلت ڏسي، لوڻڪ کي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ ڪيس جلد موٽڻ لاءِ آزيون نيزاريون ڪندي رهي. جڏهن پاڻس ڏٺو ته لوڻڪ نه رهندي تڏهن واپس ورڻ جي هامر هنيائين. قافلو تيار ٿيو، ۽ واپس روانو ٿيو.

هوڏانهن ڪيري جي اڳين البيلائي ختم ٿي چڪي هئي، لوڻڪ جي عشق اندر ڳاري چڏيو هئس. سندس اها حالت ڏسي ياڄاين ڪانئس پڇا ڳاڇا ڪئي، پر هن ڪين کوبه جواب نه ڏنو. جيئن جيئن لوڻڪ جي ورڻ جا ڏينهن ويجها ٿيندا ويا، تيئن تيئن ڪيمري جي حالت وڌيڪ خراب ٿيندي ويئي. پنهنجو گهر چڏي لوڻڪ جي موٽڻ واري رستي تي وڃي ويهي رهيو. نه ڪائڻ ۽ پيئڻ، بت بنيو وينو رهيو. آخر آهو ڏينهن به اچي پهتو، جنهن تي لوڻڪ کي موٽڻو هو. سڄو ڏينهن گذري ويو، پر لوڻڪ جو قافلو ڪيس نظر نه آيو. ڪيمرو وڌيڪ جدائي جو ڏڳ سهي نه سگهيو، اتي جو اتي ساهه ڪري ويس. سندس سائنن کي جڏهن انهيءَ ڳالهه جي سڌ پئي، تڏهن آٽيئي سندس سماڌي نهرائي چڏيائون.

ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ، لوڻڪ جو قافلو به اچي پهتو، پر وقت گذري ويو، جيڪي ٿيڻو هو، سو ٿي چڪو. لوڻڪ آتي نئين سماڌي ڏسي زارو قطار روئڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ته: ڪيمري جيڪي چيو سو ڪري ڏيکاريو، اهو ڏوهه منهنجو آهي. وري قافلي وارن کي ورلاپ ڪندي چيائين ته:

مارگ ڪنئي مساڻ، اوجڙ ران آهير ٽڻاڻ،
پرڏيل مارو پراڻ، راولهور ويسائي گيو.

(رستي جي ڪپ واري مساڻ ۾، آهيرن منهنجو پرين سنهاري چڏيو آهي. هاڻي ڪيمرو سون کان رسي ويو آهي.)

ائين ڇئي، جيڪي ٻه لوٽا پائيءَ جا دوارکا مان آندا هئائين، سي سندس سماڏيءَ تي هاري ڇڏيائين. وري پنهنجي پاڻ کي، جو گهوڙي تي چڙهيل هو، چيائين تہ:

گهوڙي سوار! جائو وات، امين پاراپو گسان،
ديوي، ساري رات، تاري کانپي مٿي کيمرا!

(اي گهوڙي سوار! هاڻي پنهنجي وات ونڊي هليو وڃ، آءٌ جي آيس تہ پاڻهي پيرين پيادي ايندس. آءٌ اڃوڪي سڄي رات هتي ئي پنهنجي پياري جي سماڏي وٽ گذاريندس.)

قافلي وارن سندس اها حالت ڏسي، کيس اڻيٽي روئندو ڇڏي هليا ويا.

لوڏڻ پوءِ اڻيٽي رهي پئي، نہ کائيندي هئي نہ پيئندي هئي. آخر ٿوري وقت کان پوءِ اها بہ اڻتي ڏي سري ويئي، ۽ آهيرن سندس سماڏي بہ کيمري جي پرسان ناهي ڇڏي.



آلڻڊي ۽ ڊيورو *

آڳاٽي زماني ۾، ٿرپارڪر جي ڪنهن ڳوٺ ۾ آهير قوم جا ماڻهو رهندا هئا. سندن ٻڪي کي 'آلڻڊي' نالي هڪڙي ٻمار سهڻي ڏيءُ هئي. انهيءَ ڳوٺ ۾ 'ڊيورو' نالي هڪڙو غريب آهير پڻ رهندو هو. خدا جي قدرت جو آلڻڊي ۽ ڊيوري جو پاڻ ۾ نندي هوندي کان ئي پيار هوندو هو. جڏهن آلڻڊيءَ جي پيءُ کي هنن پنهي جي محبت جي خبر پيئي، تڏهن آلڻڊيءَ کي ڊيوري سان ملڻ کان منع ڪري، هن جو گهر کان ٻاهر نڪرڻ بند ڪري ڇڏيائين. ڊيورو تمام مسڪين هو ۽ آلڻڊيءَ جو پيءُ شاهوڪار هو، تنهن هڪڙي ٻڪئي پانگ سان پنهنجي ڏيءَ جو ملڻ بيعزتي ٿي سمجهي. پر هنن پنهي کي جا عشق جي لوري لڳل هئي، سي ڪٿي ٽا هڪيئي سان ملڻ کان سواء رهي سگهن! لڪوريءَ ٻيا پاڻ ۾ ملندا هئا.

چوندا آهن ته خون ۽ ڪتوري لڪ ٿوئي ڪونهي، سو هنن پنهي جي عشق جي خبر سڄي ڳوٺ کي پڄي ويئي. آلڻڊيءَ جي پيءُ خيال ڪيو ته جيڪڏهن آلڻڊي هن ڳوٺ ۾ هوندي ته وڌيڪ خواري ٿيندي، تنهن کان سواء هنن کي ملڻ کان روڪي به ڪونه سگهيو، تنهنڪري چونه آلڻڊيءَ جي شادي ٻئي ڪنهن ڳوٺ ۾ ڪري ڇڏجي. اهو خيال ڪري هڪڙي پرانهين ڳوٺ

---

* هيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي ننگرپارڪر) سان منگهارام اوجها کان ملي.

۾ 'ديولري' نالي هڪڙي شاهوڪار شخص سان آلڏيءَ کي پرڻائڻ جو سانباهو ڪيائين.

اها خبر جڏهن آلڏيءَ جي ڪن پيئي، تڏهن لڪي ڇپي وڃي ڊيوري سان ملي، ۽ سڄي حقيقت ڪري ڇيائينس تہ: تون وڃي بابي کان منهنجي سڳا جي گهر ڪر. اهو ٻڌي، ڊيورو پنهنجي غريبيءَ تي ڪاڪ لڳو. آلڏيءَ سمجهيو تہ ڊيورو ڪنڌ ٿو ڪيائي، سو روئڻهارڪي ٿي ڇيائينس تہ:

ڊيورا! ڪنڌ مَ ڪياءِ، دشمن ڏسي هير ڪسي،
تنهنجي هسڻ سان هاڻ! منهنجو جنم زهر ٿيسي.

(ڊيورا! نتاءِ نہ، نہ تہ اسان جا دشمن هوڏيرو خوش ٿيندا، تون تہ ڪلين پيو، پر منهنجي حياتي زهر ٿي ويندي.)

آلڏي جي اهڙي ڏک واري گالهہ ٻڌي، هن چيو تہ: مڙي، آءٌ خوشيءَ مان نٿو ڪلان، پر آءٌ پنهنجي حال تي ڪلان ٿو تہ، ڪٿي تنهنجو لڪاپتي پيءُ، ۽ ڪٿي آءٌ غريب! تنهنجو پيءُ اهڙو آهي، جو مرندي مري ويندو پر مون غريب جي گالهہ ڪين مڃندو. باقي تون وڃي ڇئينس، من تنهنجي گالهہ مڃي! پر جي نہ تہ پوءِ جيئن لکيو هوندو تيئن اوس ٿيندو. آلڏي چيس تہ: ڇڪو، جي ائين آهي تہ پوءِ آءٌ بابي کي منٽ ٿي ڪريان. پوءِ ٻئي ڇڙا هڪٻئي کان موڪلائي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويا.

آلڏي گهر وڃي پنهنجي پيءُ کي گهٽوئي ليلايو تہ مونکي ڊيوري سان پرڻاءِ! پر هو پنهنجي ضد تان نہ لٿو، ۽ چوڻ لڳو تہ: جيڪڏهن آءٌ ائين ڪندس تہ نيات وارا مون سان رستو ٽوڙي ڇڏيندا. پوءِ مٽس هيڪاري سختي ڪيائين تہ جيئن وري ڊيوري سان ملي نہ سگهي. آخر هن هڪڙي ڏينهن ديولري سان آلڏي جي شاديءَ جا ڏينهن ٻڌا. مقرر ڏينهن تي ڄڃ آئي. آلڏي، ديولري کي گهوڙي تي ويهل ڏسي اڇي روئڻ ۾ ڇڪي، ۽ پنهنجي سرتين کي روئندي روئندي ڇيائين تہ:

ٽاٽا گهوڙا ٽار، اڻ گهٽا آڻ ڪي چڙهي،
مڙي جو هسوار، ڏسجي منهنجو ڏيورو.

(هي گهوڙو منهنجي اکين ڪان ٽاريو جو اصل نٿو وٽيم، پر جيڪڏهن اڃي مڙي گهوڙي تي ڏيورو چڙهيل هجي ها تہ مونکي ڏاڍو وٺي ها.)

نبٽ ڇڄ مَنهن ۾ آئي، شادي ٿي ۽ ديولرو ڪنوار وٺي پنهنجي گهوٽ ڏانهن موٽي ويو.

آٽڏي ويچاريءَ کي اهڙو تہ ڏک ٿيو، جو نہ ڪائي نہ ٻيئي، سڄو ڏينهن ويني روئندي هئي. سندس اها حالت ڏسي، سس سمجهيو تہ شايد مائٽن کي ياد ڪري روئي ٿي، سو پرڀائڻ لڳيس تہ: اسين بہ تنهنجا اڻائي مائٽ آهيون، جهڙا ڇڏي آئي آهين. هاڻي اٿي ڪاهِ پيءُ! تنهن تي آٽڏيءَ جواب ڏنس تہ:

انهان مونکي آورا، پوڄن پاڻي نا،
دل ۾ وارون وار، ڏيورو مونکي سانڀري.

(مونکي توهان جا اهي ٽازا طعام نٿا وڻن، منهنجي من ۾ تہ رڳو ڏيوري جي ياد گيري آهي.)

سس ويچاريءَ جو اهو ٻڌڻ تنهن جا ٽپ ٽي ۽ ٽري ويا، ۽ مانڙي ڪري اٿي هلي وئي. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ وري سندس مڙس ديولري کي جڏهن خبر پيئي تہ آٽڏي ڪائي پيئي اصل ڪانہ ٿي، سو ماڻي ڪاراڻ لاءِ وٽس آيو ۽ ڪيس اڇي پانهن ڪان جهليائين، تڏهن آٽڏي ان کي جواب ڏنو تہ:

ديولرا نہ ڌار ڏوليو، ۽ جهل منهنجي پلنهن،
منهنجي مَن ائين ٽاڻ، دشمن ٽيندو ڏيورو.

(ديولرا! منهنجي پانهن ڪان نہ جهل، ڇاڪاڻ تہ جي ڏيوري ائين ڏسي ورتو تہ پوءِ تنهنجو دشمن ٿي پوندو.)

هن جي واتان ڏيوري جو نالو ٻڌي ديولري کي اڇي آڻ ٽڻ ٿي تہ، اهو ڪير آهي، جنهن جي ياد گيريءَ ۾ آٽڏي ڪائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنو آهي. پوءِ هن ڪان گهٽو ٿي پڇائين پر آٽڏي نہ ٻڌايس. تڏهن

چيائينس تہ: پلا جي ماني ٽکي نٿي کائين تہ گهڙي پل لاءِ آرام ڪري وٺ. پر هن ورائي ڏنس تہ:

سمهڻ وٽي نہ ديولرا! چيڙو چڙهيو چکڙوڙ،
هيردي ۾ گهمروڙ، دل ۾ ڪٽڪي ڏيورو.

(اي ديولرا! سونکي آرام ڪرڻ نٿو وٽي، چاکاڻ جو هروقت ڏيوري جي ياد گيري سبب آندڙ مائڊ اٿر.)

اتي ديولري کي پڪ ٿي تہ هن کي پريت جو ٻاڻ لڳل آهي. پوءِ آلڻڊيءَ کي اتي ئي چڏي، اوڏهہ مهل سهي سنيري، گهوڙي تي چڙهي، سندس گوٺ ڏانهن روانو ٿيو.

هوڏانهن ويچاري آلڻڊي، ڏيوري جي ياد گيريءَ ۾ روئندي رهي. جيڪا شيءِ ڏنائين تي، تنهن کي ٿي ڏيوري ڏانهن نياپو ڏنائين. سس صهري ۽ پين گهٽوئي سمجهايس، پر هن جي اکين مان لڙڪ بس ٿي نہ ڪن. نہ اکين کي آرام اچيس ۽ نہ هڪ هنڌ قرار، لچندي ڦٽڪندي رهي.

ديولرو آلڻڊيءَ جي گوٺ پهچي، ڏيوري جي پڇا ڪري وڃي ساڻس ملیو. ٿوري دير ۾ ئي کيس ڏيوري ۽ پنهنجيءَ زال آلڻڊي جي محبت جو داستان معلوم ٿي ويو. سو چا ڪيائين جو ڏيوري کي پانهن کان وٺي ڪٽي گهوڙي تي پيلهہ چاڙهيائين، گوٺ پهچڻ شرط آلڻڊي جي پانهن ڏيوري جي هٿ ۾ ڏيئي، سندس وهاڻ اتي ئي ڪرائي ڇڏيو. هي ٻئي وڇڙيل ٻاڻ ۾ ملي ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ ٻئي ديولري کي دعائون ڪندا گوٺ موٽي آيا. ٿورن گهٽن ڏينهن کان پوءِ ڏيوري پنهنجون ٻه ٻيٽون ديولري کي پرٽائي ڏنيون ۽ انهن سيني پنهنجي باقي عمر آرام سان گذاري.

—○—

راڻوسوندرو ۽ مانڊل راڻي*

ڪنهن زماني ۾ راڻو 'مينڊرو' راجپوتانا ۾ هڪڙي جاگير جو مالڪ هو. ڪيس 'سوندرو' نالي هڪڙو پٽ هو، جو تمام بهادر ۽ طاقتور هو. مينڊري جي به ساڻس ڏاڍي پريت هئي، ٻئي پاڻ هڪٻئي کان پل به جدا نه ٿيندا هئا.

هڪڙي ڀيري آٿي مينهن بنهه ڪونه آڻو، جنهنڪري سڄي جاگير سڪي نوٽ ٿي وئي، آبادي اصل کاڌ ٿي. ڪائيندي کوهه به ڪٽيو وڃن، سو جيڪو گاهه ٻڌو ۽ اناج رکيل هون سو ڪائي ڇيهه ڪيائون، آخر اچي ملڪ ۾ ڏڪار پيو. ماڻهو جاگير ڇڏي گذر لاءِ ٻين پاسن ڏانهن وڃڻ لڳا. جڏهن راڻي مينڊري کي اِها خبر پئي، تڏهن راج جي ماڻهن کي سڏائي چيائين ته: ڏٺيءَ سان اُميد نه لاهيو، آءٌ اڄ جوتشي گهرايان ٿو، آنهن کان پڇون ٿا ته مينهن وسندو يا نه، جي ونو ته پوءِ هتان لڏي هلڻ جو ضرور ڪونهي، نه ته پوءِ توهان کي جيڏانهن وڻي تيڏانهن وڃجو، منهنجي توهان کي جهل ڪانهي. ماڻهو هن جي ڳالهه موٽائي نه سگهيا، ۽ مان ڪري ويهي رهيا.

مينڊري انهيءَ مهل نجومين کي سڏايو ۽ کائن مينهن بابت پڇيو، جن حساب ڪتاب ڪري، ڪيس ٻڌايو ته: پنهنجي ملڪ جي اُتر واري پيلي ۾ هڪڙو ڪارو هرڻ رهي ٿو، جنهن جي سِڱ ۾ هڪڙو تعويذ ٻڌل آهي؛ جيڪڏهن هرڻ ماري اهو تعويذ

---

* هيءَ روايت ڏرپارکر (تعلقي ننگرپارکر) مان منگهارام اوجها کان ملي.

پاڻيءَ ۾ وڃهو تہ مينهن اوس وسندو، ۽ ملڪ تان ڏرت لهي ويندو. اهاگالهه ٻڌي مينڊرو ۽ ٻيا ماڻهو ڏاڍا سرها ٿيا. پوءِ نجومي انعام اڪرام وٺي هليا ويا.

ٻئي ڏينهن مينڊرو ۽ ٻاڦ سوندرو، ڪجهه ماڻهو ساڻ ڪري، گهوڙن تي چڙهي، نجومين واري ٻڌايل ڏس تي ٻيلي ڏانهن روانا ٿيا. سڄي ڏينهن جي جاکوڙ کان پوءِ، نيٺ وڃي ڪارو هرڻ هٿ ڪيائون، ان کي ماري، سڳ ۾ ٻڌل تعويذ ڪڍي پاڻيءَ ۾ وڌائون. بس مهل ئي اٿا، جڏ تہ ڪو جادو ٿي ويو، گهڙي ڪن ۾ جهڙ ٿي ويو ۽ مينهن وسڻ لڳو. مينهن وسڻ ٿي سڄي جا گير ۾ خوشيون ٿي ويون. پکي پکيڙ، ماڻهو سرون سڀ خوش ٿيا.

رات جو سيڻي ماڻهو گڏجي مينڊري وٽ ويا ۽ ڪيس چيائون تہ: راڻا! اسان کي موڪل ڏي تہ تنهنجي زمين تي آبادي ڪريون، پر ايترو ڪوڙ اڻون جو جيستائين فصل تيار ٿئي، تيستائين پڃڻ جو قوت گذر ڪريون. مينڊري کين خوشيءَ سان موڪل ڏني ۽ چيائين تہ: فصل لهڻ تائين توهان سيني جي مانيمون ٿي ٿيندي. پوءِ تہ سڀ سوندري سان گڏجي ماڻهو وڃي زمين آباد ڪرڻ کي لڳا. راڻي مينڊري جي زال وري ٻانهيون ساڻ ڪري روزانو وڃي انهن کي مانيڪارائيندي هئي.

هڪڙي ڏينهن مينڊري جي زال ٻهنجي ٻانهي سميت پت جي ديگ ڪٽائي ٻيءَ تي آئي، سيڻي هاري ناري اچي مڙيا ۽ پت کائڻ لڳا، پر سوندري هڪ گرانهه ۾ نہ ڪاڏو، تنهن تي ٻاجهائي کانئس پڇيو تہ:

هر چوڙي، سڄ سانوڻي، ٻيسي جيٺي ٻات،
ايڪنہ جيمي راڻوسوندرو، جيري من ۾ ڪهڙي ٻات؟

(سيڻي هر چوڙي اچي مانيڪائڻ ويٺا آهن، پر سوندرو نہ ٽوڪائي، الائجي سندس من ۾ ڪهڙي گالهه آهي؟)
سوندري جواب ڏنس تہ:

اڄ پاڻ ويڳو آونيو، گهٽي پيتي ڇاڇ،
مارو سر سيتل پئيو، منا نهين پياوي پات.

(پاڇائي! هڪڙو تہ آءٌ اڄ ننڊ مان ڏيرسان آڻيو آهيان، ٻيو وري صبح جو تمام گهٽي جهڙ پيتر، جنهنڪري گهر ٽي پيئي اٿم، هينئر مونکي پَت اصل نٿو وڻي.)

اها ورندي ٻڌي سوندري جي پاڇائي سمجهيو تہ سوندرو سندس رڌل پت تي چڙون ٿو ڪري، سو ڪاوڙجي چيائينس تہ:

جُوئو نہ رکان، آلُوٽو نہ رکان، نہ رکان واسي پات،
مان ري هات رو نہ جيمين، تو جيم مانڊل راڻي ري هات.

(موں نہ تہ جُوئو پت آندو آهي، نہ ڪو آلوٽو آندو اٿم، نہ ئي وري ڪو پاروٽو پت ڪٽي آئي آهيان، پر تنهن هوندي بہ جي تو ڪي منهنجي هٿ جو رڌل پت نٿو وڻي، تہ پوءِ مانڊل راڻيءَ جي هٿ جو رڌل وڃي کاءِ.)

پاڇائي جو اهو ويڻ ٻڌي سوندري ڪاوڙجي چيس تہ: هاڻي مانڊل راڻي ماڻي پوءِ هتي ايندس، ۽ ان جي هٿ جو رڌو تو ڪي کائي ڏيکارينداس. رڳو ان جي ماڳ، ڏس ڏينہ. ميندري جي زال سمجهيو تہ انهي پاسي وڃڻ هن جي وس ڪان ٻاهر آهي، سو يڪدم ڏس ڏنائينس تہ:

اتر پنٿ ڏي هڻو، 'ويسانگر' آونڙ رو گام،
'منگل' راجا ري ڏيڪري، مانڊل آونڙ رو نام.

(اترطرف ڏي ويسانگر آهي، جتي منگل راجا راڄ ڪري ٿو ان جي ڏيءَ جو نالو مانڊل آهي.)

مانڊل جا پار پتا وڻي، سوندرو اتان ئي سپني کان موڪلائي روانو ٿيو.

سوندري جي وڃڻ کان پوءِ سندس پاڇائي کي ڏاڍو ارمان ٿيو، پر ڪمان مان چٽل تير وري ڪيئن موٽي! پوءِ غمگين صورت سان هوءِ محلات ۾ موٽي آئي، جتي ميندري کانئس ان جو سبب پڇيو. جنهن تي راڻيءَ سڄي گهاڻهہ ڪري بڌايس ۽ چيائينس تہ: سوندرو اهڙي پاسي ويو آهي، جتان سندس موٽڻ مشڪل آهي. ايترو ٻڌي ميندرو ڏاڍي ارمان ۾ پئجي ويو. آخر ڪجهہ دير ويچار

ڪرڻ کان پوءِ پنهنجيءَ زال کان ڏس وڃي، گهوڙو سنجي، پاڻ جي پٽيان روانو ٿي ويو.

ميندرو هلندي هلندي گڇ وقت جي پنڌ کان پوءِ، آخر اچي سوندري کي پهتو ۽ کيس واپس ورڻ لاءِ منٿون ڪرڻ لڳو. سوندري ڏٺو ته پاڻ مون کان طاقت ۾ وڌيڪ آهي، متان زوري واپس وڃي هلي، تنهنڪري پريان ئي چيائين ته: منهنجي ويجهو نه اچ، اتي بهي گالهاءِ، چاکاڻ ته مون قسم کنيو آهي، سو موڻي ڪونه هلندس. جڏهن ميندري جي منٿن سان به سوندرو نه ترسيو، تڏهن چيائينس ته: چگو پلا، جيڪڏهن واپس نٿو هلين ته هي گهوڙو ۽ نائو پاڻ سان ڪٽي وڃ، متان ڪٽي انهن جي ضرورت ٿيئي. سوندري پاڻ جي اها گالهه قبول ڪئي. هڪيئي کان موڪلائڻ مهل سوندري، پاڻ کي هڪڙو تير ڪمان تي ڪشي ڏنو ۽ چيائينس ته: جيستائين هي تير ڪمان تي ڪٿيل هوندو، تيستائين سمجهج ته ته آءٌ جيئرو آهيان، پر جي اهو تير ڪمان مان ڪري پئي ته پوءِ خير ڪونهي. پوءِ سوندرو پاڻ کان گهوڙو ۽ نائو وڃي مانڊل راڻي جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو ۽ ميندرو گهوڙي تي پنهنجي گهر آيو.

سورهيه سوندرو ڏينهن جا ڏينهن گهوڙي تي سفر ڪندو، ڪشالا ڪيندو، نيٺ اچي مانڊل جي ملڪ ۾ پهتو. شهر جي باهران هڪڙو ماڻهو گڏيس، جنهن کان مانڊل راڻيءَ جو حال احوال پڇڻ لڳو. هن شخص پهرين ته ڪجهه ٻڌائڻ کان ٽتايو، پر پوءِ جڏهن سوندري ڏن جي لالچ ڏنس، تڏهن کيس ٻڌايائين ته، هن شهر جي اترئين پاسي هڪڙي ديويءَ جو مندر آهي، اتي روز صبح جو مانڊل پنهنجي سرتين سميت گل چاڑهڻ لاءِ ويندي آهي. جيڪڏهن تو کي ان سان ملڻو آهي ته وڃي ان مندر جو در جهلي ويهه. ائين چئي اهو ماڻهو هليو ويو ۽ سوندرو گهوڙو وڃي سڌو اچي ان مندر وٽ بيٺو. اڃا رات جو گڇ حصو باقي هو. سوندري گهوڙي کي مندر جي دروازي سان ٻڌي، پاڻ اندرئين پاسي پٽ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو. همراهه هو گهٽو ٽڪل، سو ويني ويني اتيئي نند کڻي ويس. تان جو اچي

اڇو صبح ٿيو.

قدرت خدا جي اهڙي ٿي جو اُنهي ڏينهن مانڊل جي طبيعت ڪجهه خراب ٿي پئي، جنهنڪري پوڄا لاءِ مندر ۾ نه آئي، رڳو سندس سرتيون، گل ڪڻي مندر ۾ آيون. سوندرو به مندر جي دروازي تي ستو پيو هو. مانڊل جون سرتيون هن جون حُسن ڏسي حيران ٿي بيهي رهيون. گهڻ دير گذرڻ کان پوءِ، خيال ڪيائون ته پوڄا ڪرڻي آهي، ۽ هي اڳهور نند ۾ ستو پيو آهي، جنهن کي جاڳائڻ گناهه آهي ۽ اورانگهڻ به چڱو نه آهي، پر لاچار مانڊل جي ڊپ کان هڪڙي ٿي سوندري کي اورانگهي، مندر ۾ ويون ۽ پوڄا ڪري، ساڳيءَ طرح موٽي آيون.

مانڊل راڻي، روزانو صبح جو پنجن ڳلن ۾ تَرندي هئي، پر آن ڏينهن پنج ڦٽر رکيائون، تڏهن به راڻي گهري ٿي پيئي. تڏهن مانڊل سرتين کي چيو ته: لاشڪ توهان کان اڄ ضرور پوڄا ۾ ڪا چڪ ٿي آهي، جو آءٌ گهري ٿي پيئي آهيان. پهرين ته سڀ مان ۾ رهيون، پر پوءِ مانڊل راڻيءَ جي ڏڪن تي هڪڙي ٻانهيءَ سڃي ڪئي ۽ چيائين ته: راجڪماري! ٻي ته ڪابه گهالهه ڪانهي، البت اڄ اسان مندر جي دروازي تي ستل هڪڙي سهڻي جوان کي اورانگهيو آهي. اتي راجڪماري کائڻ پڇيو ته: اهڙو ڪير ماڻهو آهي، جيڪو مندر جي دروازي تي ٽپو سمهي؟ مونکي هلي ڏيکاريو! پوءِ ڪاوڙجي انهي وقت سهيلين ساڻ ڪري، اچي مندر ۾ نڪتي. دروازي تي ستل سوندري جي سونهن ڏسي، سندس ڪاوڙ لهي وئي. پوءِ واپس محلات ۾ اچي، هڪڙي ٻانهي کي موڪليائين ته انهي ماڻهوءَ کي وٺي اچ، جو پنهنجو مزمان آهي.

انهيءَ وچ ۾ سوندرو سڃاڻي ٿيو، ۽ ديويءَ جي آڏو تازا گل ڏسي افسوس ڪرڻ لڳو ته، نياڳي نند مون سان ويل ڪيو، جو محبوب جو ديدار نه ڪري سگهيس. ايڏا انهن ئي پورن ۾ ئي هو ته ايتري ۾ ٻانهي اچي چيس ته: اڄ تنهنجي مزماني مانڊل راڻي جهلي آهي، تنهنڪري مون سان گڏجي هل. اهو ٻڌي سوندرو

ڏاڍو خوش ٿيو ته، واهه محبوب سان ٿي ملاقات ٿئي! سو پانهيءَ جي پنيان هلڻ لڳو. پانهي کا تمام چالاڪ هئي، تنهن سندس امتحان وٺڻ لاءِ پهرين کيس وٺي وڃي هڪڙي گندي جاءِ ۾ ويهاريو ۽ دل ۾ چيو ته، ڏسان ڇا ٿو ڪري! سوندرو اهڙي گندي جاءِ ڏسي ڪاوڙ ۾ ٿيو باهه ٿي ويو، ۽ پانهيءَ کي لڪ ۾ هڻي چيائين ته: مانڊل کي وڃي ڇڏ ته هن جاءِ ۾ رهڻ منهنجو شان ناهي. جنهن تي پانهيءَ کانئس معافي ورتي ۽ آڻسان وٺي کيس هڪڙي عاليشان عمارت ۾ چڙي، پاڻ واپس هلي ويئي.

هوڏانهن مانڊل کي به عشق جي لوري لڳي ويئي هئي، پر خيال ڪيائين ته جنهن سان پيچ ٿي پايان، پهرين اُن جي پرک وٺان. سو جڏهن مانيءَ جي محل ٿي ڏٺهن پانهيءَ هٿان کيس چوائي موڪلياائين ته: ماني تيار آهي پر ڪير کونهي، چو جو مينهن ۾ هڪڙو ويڑهو پاڏو وڃي پيو آهي، تنهنڪري کير کونه ڏڏو آهي، جيڪڏهن هڇيئي مڙسي ته وڃي ماري اڇينس. سوندري چيو ته: بس گالهه به ايتري! يڪدم تلوار ڪڍي کاهي وڃي پاڏي تي ڦهتو. پاڏو ڏاڍو ويڑهو هو، تنهن جو ماٺهو ايندي ڏٺو، سو اتان ڦٽ ڏيئي مٿس کاهه ڪري آيو، پر سوندري کيس هٿ جي هڪ تريءَ سان روڪي، ٻڪاءُ جو ڪرائي ترار ته سري ڏڙ کان ڌار ٿي وڃي پري پيس. سندس اها بهادري ۽ جوانمڙسي ڏسي، مانڊل راڻي ڏاڍي خوش ٿي ۽ سائس شادي ڪرڻ جو پڪو خيال ڪيائين.

رات جو مانڊل سوندري کي سڏايو، ۽ هڪڙي سان ملي ڏاڍا قرب وندياڻون. موڪلائڻ وقت سوندري، مانڊل کي چيو ته: هاڻي مون کان جدائي کانه سٺي ٿيندي، تنهنڪري مون سان گڏجي هل. مانڊل وراڻي ڏنس ته: سوندرا! اڄ نه، پر سڀاڻي رات جو تون، به ڀلا گهوڙا ۽ هڪڙو پنڌت وٺي اڇ، ته پوء شادي ڪري هليا هلنداسين. سوندري سندس اها گالهه مڃي، ۽ کانئس موڪلائي موتي آيو.

پيءَ رات مانڊل ڇاڪيو جو پنهنجا شاهي ويس وڳا لاهي

پنهنجي هڪڙي دل گهري ۽ رازدار ٻانهي کي پهرايا ۽ پاڻ ٻانهيءَ جا ڪپڑا پائي محلات کان ٻاهر نڪتي. جتي سوندرو اڳيئي ٻه گهوڑا ۽ پنڌت وٽيو هڪيو ٻيٺو هو. پوءِ ٻئي هڪيئي سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا. ٿوري دير کان پوءِ پنڌت سندن شادي ڪرائي جنهن کي هن انعام اڪرام ڏيئي واپس روانو ڪيو ۽ پاڻ گهوڙن تي چڙهي روانا ٿي ٿيا تہ مانڊل کي اڇي پنهنجو چندن هار ياد پيو، سو سوندري کي چيائين تہ: تون ٿوري دير ترس تہ آءٌ چندن هار ڪٽي اچان. ائين چئي، پاڻ محلات ۾ هلي ويئي.

انهي وچ ۾ سوندري کي جهنگ جو خيال ٿيو. قدرت سان آڻ وقت هڪڙو ريبهاري اڇي اتان لا نڪتو ٿيو، سوندري ان کي گهوڙا جهلڻ لاءِ ڏيئي، پاڻ ڪجهہ پريرو وڃي ويهي رهيو. اينري ۾ مانڊل راڻي ٻه اڇي ويئي، تنهن يڪدم ريبهاري کي هلڻ لاءِ چيو. ريبهاري سمجهيو تہ مونکي چڙهڻ لاءِ چيو اٿس، سو هڪڙي گهوڙي تي پاڻ چڙهيو، ٻئي تي راجڪماري مانڊل چڙهي. گهوڙن تي چڙهڻ سان گهوڙا وٽي اڏائا. سوندرو جو اتي اڇي ڏسي تہ ڪاريءَ وارا ڪک لڳا پيا آهن، ۽ نڪي گهوڙا ۽ نڪا راجڪماري! هاڻي تہ پ ٻ ويس ڇهہ ٻ ويس، گهوڙن پٺيان رسڻ جي اميد ڪانہ هئس ۽ گالهہ ٻ ظاهر ڪرڻي ڪانہ هئس، سو ميني ٻ مات مٽي ٻ مات ڪري ويهي رهيو.

هوڏانهن راجڪماري مانڊل ۽ ريبهاري هڪڙي ڏينهن جو بنڌ ڪري ويا، پر انهيءَ وچ ۾ ريبهاري هڪڙو اڪر ٻ ڪونہ گالهايو. راجڪماريءَ کي انهي تي ڏاڍو اچرج لڳو، تہ سوندرو سون سان گالهائي چو نٿو! نيٺ پاڻ هن سان گالهائڻ لڳي. جنهن وقت ريبهاري گالهايو، تنهن وقت راجڪماري سڃاتو تہ هي سوندرو نہ آهي، پر ڪا بي بلا آهي. ڏسي ڪٽي تہ اهو ”او گو“ ريبهاري هو. مانڊل ڪانئس پڇيو تہ: او گا! تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ تنهن تي هن وراڻيو تہ: مون کي ڪاب خبر ڪانهي، هڪڙو نوجوان جهنگ جي خيال سان ويل هو، سو آءٌ ان جا گهوڙا اجهلڻ ٻيٺو هوس تہ تو

هلڻ جو حڪم ڪيو. اتي راجڪماري کي ڏاڍو ارمان ٿيو. وري خيال ڪيائين تہ ڪنهن بہ نموني هن اوگي کان جند ڇڏايان. آخر ٿوري آچار وبچار کان پوء هڪڙي رٿ رڦي، اتي ئي ترسي پئي.

پئي ڏينهن صبح جو هن اوگي کي هڪڙي پني ڏکر تي ڪجهہ لکي ڏنو تہ وڃي بازار مان هي وکر وڪي اڇ! هو ويچارو هڪم جو بندو، سو انهي مهل وڃي پنڌ پيو. هن جي وڃڻ کان پوء مندل پاڻ مردانو ويس ڪري، 'ڪاشيءَ' ڏانهن روانو ٿي ويئي. هلندي هلندي هڪڙي خوفناڪ جهنگل ۾ رات پئجي ويس. جهنگلي جانورن جي خوف کان هڪڙي وڻ سان گهوڙو ٻڌي، ترار کڻي سڄي رات پهرو ڏيڻ لڳي. قدرت خدا جي سان جنهن وڻ هيٺان هوء ويٺي هئي، انهيءَ وڻ ٿي کي بہ پکي ويٺا هئا، جن پاڻ ۾ خبرچار پئي ڪئي. هڪڙي پکيءَ چيو تہ: جيڪڏهن ڪو ماڻهو هن وڻ جون پاڙون کپي، پاڻيءَ ۾ وجهي وهنجي تہ کڻي بہ کوڙهہ جي بيماري هوندي تہ لهي ويندي. وري ٻئي پکيءَ چيو تہ: هن وقت جيڪڏهن کو ماڻهن منهنجون وڻيون گڏ ڪري، پيهي سرسو نامي اکين ۾ وجهي، تہ کوڙو بہ اکين کان انڌو هجي تہ سڄو ٿي پوندو. راجڪماري اهي ٻئي گالهيون ٻڌي، يڪدم انهي وڻ جون پاڙون ۽ پکيءَ جون وڻيون هٿ ڪري ڪٽي رومال ۾ ٻڌيون ۽ باقي رات گذاري صبح جو اڃان اڳتي رواني ٿي.

گڇ ڏينهن کان پوء ڪاشيءَ جي شهر ۾ پهتي، بازار جي

وچ ۾ هڪڙي جاء سهواڻ تي وٺي، پاڻ کي حڪيم مشهور ڪري وهي رهي. قدرت الاهيءَ سان، ڪاشيءَ جي راجا کي کوڙهہ هئي. سڄي ملڪ جا حڪيم طبيب دوا دارون ڪري ٻيٺا، پر ورين سريو ڪجهہ بہ ڪونہ لاچار راجا سڏ ڪري ويهي رهيو. جڏهن راجڪماري ماندل کي انهيءَ جي سڏ پيئي، تڏهن يڪدم مرداني ويس ۾ سهي سنهري محلات ۾ آڻي ۽ اچي چيائين تہ: آءٌ راجا جو علاج ڪندس. پهرين تہ حڪيم طبيب هن تان ڪاڙ لڳا، پر پوء وزير

جي چوڻ تي هن کي پنهنجي دوا آزمائڻ جي موڪل ملي. راجا، مانڊل کي ڏسي چيو تہ: اي نوجوان! منهنجي مرض جو ڪو علاج ڪونهي، اجائي تڪليف نہ ڪر ۽ موٽي وڃ. پر مانڊل چيس تہ: راجا! سيڪي ڏٺي جي وس آهي... علاج آءٌ ٿو ڪريان، چڏائيندو آهو. راجا سندس اهڙو ضد ڏسي کيس چيو تہ: چڱو، جي آءٌ هن مرض ۾ ان نہ چڏيس تہ پوءِ تو کي ڪاٺ ۾ وجهائيندس، پر جي چڏيس تہ پنهنجي ڏيءَ ۽ اڌ راج ڏيندوسانءِ. مانڊل اهي شرط قبول ڪيا. جڏهن راجا جا اهي شرط شروط ٿي چڪا، تڏهن پاڻ چيائين تہ: اي راجا! ٻہ شرط منهنجا ٻہ آهن. راجا چيو تہ: چئو، تنهنجا کهڙا شرط آهن؟ مانڊل چيس تہ: پهريون شرط هيءُ آهي تہ، مونکي شهر جي وچ ۾ هڪڙي خلاصي جاءِ ڪپي، جنهن ۾ ڪوبہ بني آدم منهنجي موڪل ڪان سواءِ اندر نہ اچي. ٻيو، جيڪي ماڻهو ڪاشي جي تلاءُ ۾ پڏي مرڻ ٿا گهرن، سي سڀ منهنجي موڪل ونڊ ڪان پوءِ پڏڻ وڃن. راجا ٻہ سندس ٻئي شرط قبول ڪيا.

انهن ڏينهن ۾ دستور هوندو هو تہ ڪوبہ ماڻهو جيڪڏهن ڪو ڪڏو ڪم ڪندو هو، تہ پنهنجي روح کي آرام ڏيڻ لاءِ، اچي پاڻ کي ڪاشيءَ واري تلاءَ ۾ ٻوڙيندو هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو راجڪماري مانڊل دوا تيار ڪئي ۽ راجا کي اڻ دوا جي پاڻيءَ سان وهنجاريو. مالڪ جي مهرباني ٿي جو راجا جاڳي چڱو ڀلو ٿي ٻيو. راجا ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجو ڪيل واعدي پاڙڻ واسطي حڪيم کي چيو. پر مانڊل هئي زال، سا ڪيئن ٿي شادي ڪري سگهي! تنهنڪري راجا کي چيائين تہ: آءٌ مهيني کان پوءِ شادي ڪندس.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن سوندرو حيران پريشان دانهون ڪندو اچي اتي ڪاشيءَ ۾ ڀهتو ۽ راجا کي چيائين تہ: مونکي موڪل ڏي تہ پڏي مران. راجا کيس حڪيم ڏانهن موڪليو. مانڊل، سوندري کي ڏسڻ سان

سڃاڻي وئي، پر هن نه سڃاتس. جڏهن سوندري مانڊل کان پڏڻ جي اجازت گهرياٿين، تڏهن مانڊل پڇيس ته: ڀڏاءُ ٿم ڇوٽو ٿيڻ؟ ڇا ٿين ته: حياتيءَ کان ڪٿو ٿيو آهيان. جنهن تي مانڊل چيس ته: ٻه - ٽي ڏينهن ترس، پوءِ تنهنجو وارو به ايندو.

ٻئي ڏينهن صبح جو او گوريباري به پڏڻ لاءِ پگهو آيو. ان کي ست ڏينهن ترسڻ جو حڪم ڏنائين. ٽي ڏينهن وري سندس دل گهري ٿانهي، جنهن کي پنهنجا ڪپڙا پارائي آئي هئي، سا اچي سهڙي. مانڊل، ٿانهيءَ کان پڇيو ته: ڪر خبر ٿون ڇو ٽي ڏين؟ ٿانهيءَ وراڻيو ته: اي حڪيم! اسان جي راجڪماري مانڊل جو وهاڻ ڪنهن راجا سان رٽيل هو، آهو راجا شادي ڪرڻ لاءِ آيو. رسم موجب جڏهن هٿيالو هڪٻئي سان پڏڻ جو وقت ٿيو، تڏهن منهنجا هٿ ڏسي راجا کي شڪ پيو ته اهي راجڪماري جا هٿ ڪونهن. انهيءَ شڪ ۾ راجا مون سان چونريءَ ۾ ڦيرا ڪائڻ کان پوءِ مونکي چٽائي ڏنو، تڏهن بنهه پڪ ٿيس ته آءٌ راجڪماري مانڊل نه آهيان. سو يڪدم ترار سان پلاند ڪپي مونکي ڇڏي هليو ويو. هاڻي منهنجي عمر برباد ٿي، تنهنڪري جيئڻ کان ڇڪو آهي ته هتي پاڻ ٿاڻي ۾ پڏي پنهنجي روح کي آرام ڏيان. تنهن تي مانڊل چيس ته: جيڪڏهن آءٌ تنهنجي شادي ڪرايان، پوءِ ته ڪانه پڏندينءَ؟ ٿانهي اهو ٻڌي ڪجهه سرهي ٿي. پوءِ مانڊل ريباريءَ ۽ ٿانهيءَ جي شادي ڪرائي، ريباريءَ کي بادشاهي باغ کي پاڻي ڏيڻ لاءِ مقرر ڪرائي ڇڏيو.

چوٿين ڏينهن صبح جو راجڪماريءَ جو مڱيندو راجا به پڏڻ لاءِ اچي سهڙيو تنهن کان پڻ مانڊل سڄو احوال پڇيو ته: تون ڇوٽو پڏين؟ جنهن تي هن سموري ڳالهه ڪري ٻڌايس ته: ڇهڙيءَ طرح مانڊل راجڪماريءَ سان منهنجو مڱڻو ٽيل هو، سا الائجي ڪهڙي ڀاسي گم ٿي وئي ۽ هوءَ پنهنجي گوليءَ کي پنهنجو ويس ڏيکائي، پنهنجيءَ جاءِ تي ويهاري ويئي هئي، تنهن کي مون چونري ۾ ڦيرا ڀائيندي سڃاڻي ورتو، ته هيءَ راجڪماري نه آهي،

تنهنڪري ان سان شادي ڪرڻ ۾ پنهنجي بهڙتي ڄاتم. هاڻي ان خواريءَ کان مرڻ ڇڪو سمجهي هتي آيو آهيان، هاڻي موڪل ڏينم تہ ٻڌان. راجڪاريءَ هن کي چيو تہ: جي تون مرڻ تان هٽ ڪٽين تہ آءٌ ڪاشيءَ جي راجا جي ڌيءَ سان تنهنجي شادي ڪرايان. اِهو ٻڌي راجا خوش ٿيو ۽ اها گالهہ قبول ڪيائين. ٻئي ڏينهن، ڪاشيءَ جي راجا کان ٻہ ماندل اها گالهہ قبول ڪرائي. شاديءَ جي تياري ٿي ۽ ٻن ڇڻ ڏينهن کان پوءِ ٻهي جي شادي خير سان ٿي گذري، راجا هن کي تمام گهڻو ڏيج ڏاوڙ ڏيئي، روانو ڪيو.

هاڻي باقي وڃي سوندرو رهيو، سو روز اچي ماندل کي ستائيندو هو تہ، مونکي ٻہ جلد موڪل ملي! آخر هڪڑي ڏينهن ماندل هن کي چيو تہ: تو کي ڏن ڏينهن کان پوءِ موڪل ملندي. اڄ رات مون وٽ اچجانءِ، ٻاڻ ٻئي پرديسي آهيون، ويهي وندر ڪنداسون. ماندل جي چوڻ موجب، سوندرو رات جو حڪيم جي جاءِ تي آيو، جتي راجڪماري مردانو ويس لاهي، پنهنجو اصلوڪو زنانو ويس ڌاري، اڳيان چوپڙ رکي ويهي رهي. سوندرو جو آيو ۽ کنهن زال کي آڻي وينل ڏسي سمجهيائين تہ شايد حڪيم جي زال ويٺي آهي، ۽ ٻاڻ ڪونهي. تنهنڪري واپس موٽي ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو حڪيم هن کي نہ اچڻ جي ميار ڏني. سوندريِ جواب ڏنس تہ: اوهان جي ميار اکين تي، آءٌ رات آيو هئس، پر توهين ڪونہ هئو، هڪڑي زال ويٺي هئي تنهنڪري مناسب ڄاتم تہ موٽي وڃان؛ پر اڄ رات آءٌ ضرور ايندس. انجام موجب سوندرو وري ٻيءَ رات جو آيو، تہ ٻہ ساڳي ڪار ڏٺائين، اهو ڏسي وري واپس هليو ويو.

ٽئي ڏينهن صبح جو مرڻ لاءِ تيار ٿي اجازت وٺڻ لاءِ اچي حڪيروٽ پهتو، تڏهن ماندل چيس تہ: تون سياڻي اچ. اڄ تنهنجو وارو ڪونهي. سانجهيءَ ٻاڻ چوپڙ راند ڪنداسون پوءِ

تو کي مرڻ جي موڪل ڏيندس. وري به سوندرو ٻيوس ٿي واپس هليو آيو. رات جو ورتي اچي ڏسي ته ساڳي زال منهن ڏکيو چو ٻڌ رکيو ويني آهي. سوندرو به دل جهلي وڃي سامهون وينس.

مانڊل ڊارو هنيو، جڏهن سوندري جو وارو آيو تڏهن ڊارو هٿ ۾ ڪڍي اڇلڻ تي هو ته سندس نظر راجڪماريءَ جي هٿ تي وڃي پيئي، جنهن ۾ سوندري جي ڏنل منڊي پيل هئي. منڊي ڏسي اکين ۾ پاڻي پرجي آيس، ان تي راجڪماري ڏسي پڇيس ته: ڪر خبر روئين چو ٿو؟ جنهن تي سوندري کيس ورندي ڏني ته: هن منڊيءَ جهڙي منهنجي به منڊي هئي، جا مون مانڊل راجڪماري کي ڏني هئي، پر هينئر هوءَ مون کان جدا ۽ الائجي ڪٿي آهي. تنهن تي راجڪماريءَ چيس ته: ڏس متان هيءَ ئي اها منڊي هجي سوندري جواب ڏنس ته: آءٌ چئي نٿو سگهان، پر هيءَ منڊي آهي ساڳي اُن جهڙي. جنهن تي راجڪماري پنهنجي منهن تان ڪپڙو لاهي چيو ته: مونکي سڃاڻ ته ڪير آهيان. سوندري کيس ڏسڻ سان سڃاڻي ورتو. پوءِ ته ويڙهيل هڪٻئي سان ملي ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ ويهي رهاڻيون ڪرڻ لڳا. هڪٻئي کي سارو حال احوال ڏنائون ورتائون. اهڙيءَ طرح رهاڻيون ڪندي سڄي رات بسر ڪيائون. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سوندرو ۽ مانڊل راجا کان رخصت وٺي واپس گهوٽ روانا ٿيا. راجا هنن کي تمام املهه سوغاتون ۽ سو ڪڙيون ڏيئي روانو ڪيو.

سوندرو ۽ مانڊل منڙلون هڏا هڏا اڄي پنهنجي شهر جي ويجهو پهتا، ۽ شهر جي ٻاهران ترسي هڪڙو ماڻهو ٻاڻ ميندري ڏانهن موڪليو، پنهنجي اچڻ جي خبر ڏنائون. ٻاڻ اها خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هڪدم کي ماڻهو ساڻ ڪري سوندري کي گهر وٺي آيو. جڏهن سوندرو گهر پهتو تڏهن ٻاجائيءَ کي سڏي چيائين ته: ٻاجائي! تو مونکي مهڻو ڏنو هو، سو تنهنجو مهڻو ڏڻي جي فضل سان پورو ڪري آيو آهيان. اڇا مانڊل راڻي وينو

اٽئي. پاڇاڙس بدي ڏاڍي ڦڪي ٿي، ۽ ڪانڌس معافي ورتائين. پوءِ سيئي پاڻ ۾ خوش ٿي ملي جُلي هڪ ٿي ويا. اهڙيءَ شل طرح ڏڻي پاڪ سڀڪنهن وڇڙيل کي پنهنجي و ڳر سان ملائي!



لالي ۽ سدوري *

ڪنهن زماني ۾، ڪوٽ ڊيجيءَ ۾ "عبدالله" نالي هڪڙو غريب شخص پنهنجي ٻن پٽن "متل" ۽ "سدوري" سان گڏ رهندو هو. متل وڏو ۽ سدورو ننڍو هو. ٻئي ڀائر طاقت ۽ زور ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا، جهڙو تهڙو ماڻهو هنن سان هٿ ڪنڊ ڪري سگهندو هو.

هڪڙي ڀيري ڪنهن ڪچهريءَ ۾، هي ٻئي ڀائر ويٺا هئا، ڳالهين مٽان ڳالهيون ڪندي، هڪڙي ماڻهو ٻڌايو ته، ڪنهن شهر ۾ "لالي" نالي هڪڙي تمام حسين شهزادي رهي ٿي، جنهن جا ٽي شرط آهن، جيڪو به اهي شرط پورا ڪندو تنهن سان لاليءَ جي شادي ٿيندي. لاليءَ جي حسن جي هاڪ ٻڌي، هنن ٻنهي ڀائرن فيصلو ڪيو ته انهي لاليءَ کي ضرور ڏسنداسين. سو ماڻهن کان لاليءَ جي ماڳ مڪان جي خبر چار پڇڻ لڳا، سندن اها ڳالهه ٻڌي ماڻهو کلڻ لڳا، ۽ چوڻ لڳا ته: ڪٿي لالي، ڪٿي هي! جتي ڪٿين بادشاهه ۽ شهزادا ٿڪا پهچي سگهن، اتي هنن جو ڪٿي ٿو زور هلي. سگهي پر هي ٻئي ڀائر ڳالهه تي پختا ٿي بيٺا، چي: چا به ٿي پئي، هڪ دفعو ڪيس ڏسنداسون ضرور.

آخر هڪڙي ڏينهن ٻئي ڀائر سهي سنيري، ڪجهه ٽمر ساڻ ڪري اڏي پنڌ پيا. هلندي هلندي ڪين ڪي ڏينهن گذري ويا. گس تي ڪين لاليءَ جا ڪيترائي عاشق ملیا، جي فقير بنيا ٻئي

ڏريا. آنهن به ساڻن ساڳي گاله ڪئي ته: يارو! انهيءَ گاله کي
ڇڏي ڏيو، موٽي وڃي گهر سکيا ٿيو. لالي کنهن پاڳ واري کي
نصيب ٿيندي. پر هي ٻئي پاڙ، سيني جون گاله‌يون ٻڌندا سڏندا
توکل تي اڳتي وڌندا پئي ويا. نيٺ هڪڙي ڏينهن اڇي هڪ
رڻ پٽ ۾ پهتا، جتي کين هڪڙي جهوپڙي نظر آئي. ٻئي ڇٽا
جهوپڙي تي ڪاهي آيا. ڏسن ته هڪڙو درويش، جنهن جا ڀرون
اڇا هٿا ۽ ڏاڙهي ڏن ٽائين ڏگهي هئس، ڪنڌ جهڪايو مراقبي ۾ ويٺو
آهي. ٻئي پاڙ سلام ورائي، هڪڙي ڪنڊ وٽي ويهي رهيا. آخرڪار
پهر ڪن ڪان پوءِ، درويش ڪنڌ مٿي ڪئي، ڪانئن اڇ جو سبب
پڇيو. متل ڪيس سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي. درويش گاله ٻڌي
ٽهيءَ ۾ ٻڌي ويو. ڪجهه وقت ڪان پوءِ چيائين ته: جوان!
لاليءَ جو مون به رڳو نالو ٻڌو آهي، پر اها خبر ڪانه اٿم ته اها
ڪٿي ۽ ڪهڙي پاسي آهي. باقي اڳيان منهنجو وڏو ڀاءُ ويٺو اٿو
ڪيس منهنجا سلام ۽ هيءَ نشاني ڏجو، شايد توهان کي لاليءَ
جو ڏس ڏئي سگهي. ٻنهي پاڙن درويش جي مهرباني مڃي، ۽ ڏنل
نشاني ڪٿي آڻي پنڌ پيا.

ڇڻ پنجن ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ، اڇي آنهيءَ جاءِ تي
پهتا، جتي درويش جو وڏو ڀاءُ ويٺو هو. ٻئي پاڙ هٿ ٻڌي اڳيان
وڃي ويٺس. هن به ڪانئن اڇ جو مقصد پڇيو. متل ڪيس اڳئين
درويش جي ڏنل نشاني ۽ سلام ڏيئي ڪانئس لاليءَ جو ڏس پڇيو.
درويش چيس ته: ابا، مونکي پڪي سڌ ته ڪانهي، پر ٻڌو اٿم ته
هتان اتڪل سؤ ڪوهن جي پنڌ تي، هن رڻ جي ڇيڙي تي هڪڙو
"رڻ پنهار" رهندو آهي، آن جون آڻيون لاليءَ جي باغ مان
چري ايندينءَ آهن. توهين آن وٽ وڃو، شايد آهو توهان جي مدد
ڪري. متل ۽ سدورو درويش جا احسان مڃي اڳتي روانا ٿيا.

ڪن ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ اڇي رڻ جي ڪڍي
پهڙا ٿيا. آڻي ڏسن ته هڪڙو گرڙوڙ شخص ڪچ ۾ مٽ ڏاس جي
ويڑهي ۽ اڏ مٽ جي ديري لڙڪائيندو، ڪتيندو پيو اڇي.

پهي کي پڪ ٿي ته اهوئي رڙ پنوهار آهي، جنهن جو درويش ڏس ڏنو هو. هڪلي وٽس آيا. سلام ڪلام کان پوءِ رڙ پنوهار کي چيائون ته: تنهنجا مهمان آهيون. رڙ پنوهار چين ته: پلي آيا جيءُ آيا... منهنجون اکيون ٺڏيون، مونکي به هن رڙ ۾ رهندي سال ٿي ويا آهن، پر کنهن آدمزاد جي شڪل کان ڏٺي اٿم، پر اهو ته ٻڌايو ته هن رڙ ۾ ڪهڙي ڪم سان آيا آهيو؟ متل ڪيس سڄي گالهه ڪري ٻڌائي، جنهن تي رڙ پنوهار چين ته: هائو ادا! لالي جي هاڪ ٻڌي مون به آهي، پر خبر کانه اٿم ته اٿا آهي ڪهڙي پاسي. باقي منهنجون اکيون چرڙ ويندیون آهن، جي لالي جي باغ مان چري ايندیون آهن، انهن کي گس جي خبر آهي، پر اهو وڳ، اڄ ئي چرڙ ويو آهي، جو تن ڏينهن کان پوءِ موٽندو. اُن جي موٽڻ تي ڏي آءٌ اوهان جي کا مدد ڪري سگهندس، تيستائين توهين منهنجا مهمان آهيو. ائين چئي پنهي کي وٽي اچي هڪڙيءَ جاءِ ۾ ويهاريائين.

رڙ پنوهار جنهن هنڌ رهندو هو، اتي پاڻي به ڪو انسان ڪونه ايندو هو. چاڪاڻ ته رڳو رڙئي رڙ هو. هن کي "سدوري" نالي هڪڙي تمام سهڻي ڏيءَ هئي، جا اچي جوان ٿي هئي. سو رڙ پنوهار دل ۾ خيال ڪيو ته، حياتيءَ تي پروسو ڪونهي، الائجي اڄ مران يا سياڻي، ته پوءِ هن جوان نياڻيءَ جو چا ٿيندو! هينئر به سالن کان پوءِ هي به جوان ڏٺا اٿم، جي گهر ويني هلي آيا آهن، چو نه نياڻي انهن مان هڪڙي سان پرٽائي اهو بار سر تان لاهي ڇڏيان، وري الائجي ڪو هٿي اچي يا نه اچي. هي مڙس به پهلوان ٿا ڏسجن، جو هيڏا ڪشالا ڪيي هن رڙ ۾ اچي پهتا آهن.

هوڏانهن وري سدوري جو رڙ پنوهار جي ڏيءَ سدوريءَ کي ڏٺو، سو مٿس موهت ٿي پيو. متل کي انهيءَ گالهه جي ڪڙڪ پئجي وئي، سو اچي دپ ورايس ته رڙپنوهار کي جي انهيءَ گالهه جي خبر پئي ته مفت ۾ مارجي ويندا سين، تنهنڪري پاڻ کي چيائين ته: ادا! پاڻ به ڏينهن هن شخص جو نمڪ کاڌو آهي،

اهو پنهنجو وڃ ڪونهي جو ان جي ننگ ۽ اڪ وجهون، تنهنڪري اهو خيال ئي دل مان ڪڍي ڇڏ. جو ماڻهو پلائي ڪري، ان سان برائي نه ڪبي آهي. سدوري کي پاڻ جي ڳالهه دل سان لڳي، ۽ دل جو سور دل ۾ رکي مارڻي ڪري ويهي رهيو.

ڏئي ڏينهن شام جو اوپر طرف کان ڏوڙ اڏامندي نظر آيس. رڙ پنوهار هنن کي ٻڌايو ته: اُنين جو وڳ، چري موٽيو آهي. ٻئي پائر خوشيءَ مان اڇي ڪڙا ٽيا. ايتري ۾ اُنيون واءُ مينهن ڪنديون اچي مهڙيون. رڙ پنوهار ڏُهائيءَ لاءِ اڳ ۾ئي وڏيون گهاگهرون ناهي رکيون هيون، سو ڏُهائيءَ لاءِ سنبريو، پر متل ڪيس چيو ته: پهرين اسان کي لالاءِ جي ملڪ جو ڏس ڏي، پوءِ ٻيو ڪم. رڙ پنوهار ته من ۾ ڪا ٻي سيڃي هئي، تنهن پهرين ته ڪجهه نٽايو ۽ هنن کي ٻه چار ڏينهن ٽڪڻ لاءِ زور پريو، پر هي مڙس ڪٿي ٽا ترسن! تن ڪيس ٻڌايو ته: اسين تو وٽ ٽي ڏينهن ٻه الائجي ڪيئن ترسيا آهيون. پلائي ڪري اسان جي مدد ڪر ته جلدي وڃي اتي رسون. لاچار ٽي رڙ پنوهار کين چيو ته: جوانو! آءٌ توهان تي اهو احسان ڪريان ٿو، پر اوهين ٻه مون تي هڪڙو احسان ڪريو. متل جواب ڏنس ته: اي شخص! تون اسان کان سر گهرندين ته اهو ٻه حاضر آهي، اسين تنهنجي احسان جو عيوض ڏيئي ڏاڍا خوش ٿينداسين. اتي رڙ پنوهار کيس ٻڌايو ته: آءٌ مرڙ ڪنديءَ تي ويٺو آهيان، مرضي اٿم ته جيئري ئي پنهنجي سر تان نياڻيءَ جو بار لاهيان. اوهان کان وڌيڪ ٻيو ماڻهو، هن رڙ پٽ ۾ مونکي مشڪل سان هٿ ايندو، تنهنڪري اوهان پنهي پائرن مان هڪڙو، منهنجو نائي ٽيڻ قبول ڪري ته ڏاڍو چڱو.

ٻئي پائر پهرين ته ڏاڍي ويچار ۾ پئجي ويا هئا، پر جڏهن گهاڻ جو پتو پيو، تڏهن ٻئي هٿ ڪٽي اڪين تي رکيائون. متل ڪي پنهنجي پاڻ سدوري ۽ رڙ پنوهار جي ڏيءَ سدوريءَ جي عشق جي خبر هئي، تنهن يڪدم هن کي چيو ته:

ادا! اهو تہ اسان تي تنهنجو پيو احسان ٿيندو، جو تنهنجي ڏيءَ سان منهنجي پاءُ جي پريت ٿي ويئي آهي، جونہ انهن بنهي کي کٽي پرڻايون. بس پوءِ تہ اتي جو اتي قبولا قبولي کرائي، بنهي جي کٽي شادي کرائيون. تنهن کان پوءِ متل چيس تہ: هاڻي اسان کي ڏس ڏي تہ اڳتي وڃون، ۽ ورندي ستين ڏينهن حياتي هوندي تہ اسين تنهنجا مهمان آهيون، اڄي ڪنوار ونڻي ويندا سين. پوءِ رڙ پنوهار کين خوشيءَ سان موڪل ڏيئي، بنهي پائرن کي ساڻ ونڻي وڃڻ ۾ ويو ۽ وچ ۾ بيهي چيائين تہ: اي رزق مال منهنجا! خلقيل پاڪ خدا جا، جواب ڏيو تہ اوهان مان ڪهڙيون ڪهڙيون آڻيون لالييءَ جي باغ مان چري ايندیون آهن؟ انهيءَ سوال تي هڪڙي پوڙهي ڏاڇي، جا ٽنگ کان منڊي ۽ ڪنن کان ڏٻي هئي، سا رڙهي اچي سندس ويجهو بيٺي. سندس گوڏنرو ٻہ اڇي گڏ بينس. رڙ پنوهار، متل کي ٻڌايو تہ: ادا! هيءَ ڏاڇي لالييءَ جي باغ ۾ چرڙ ويندي آهي، هاڻي وٽيو تہ ڏاڇيءَ تي وڃو، وٽيو تہ گوڏنري تي چڙهي وڃو. متل ڏاڇيءَ کي پسند ڪيو. تڏهن رڙ پنوهار پنهنجي ڏيءَ کي پاڪڙي آڻڻ لاءِ چيو. ٽوريءَ ديـر ۾ سدوري پاڪڙو ڪٽي آڻي. متل ڪانئس پاڪڙو ونڻي، ڏاڇيءَ تي ڪشي ٽاهي چڙهي ويٺو، ۽ پاءُ کي سڏ ڪيائين، پر هو بئي زال مڙس پاڻ ۾ اکيون اٽڪائي بيهي رهيا. اشارن ئي اشارن ۾ انجام اڪرام ڪري، هڪ بئي کان موڪلايائون. متل ۽ سدورو، لالييءَ جي باغ ڏانهن روانا ٿيا.

ڏاڇي هئي ٽنگ کان منڊي، پر هلڻ سان هاڃا ڪري چڏيئين. منيهن واءُ ڪندي، اڻن پهرن جي پنڌ کان پوءِ شام ڏاري اچي لالييءَ جي باغ ۾ پهتي، جو ميلن ۾ پکڙيل هو. هنن ٻہ ڏاڇيءَ کي هڪڙي وڻ سان ٻڌي واءُ سواءُ لهڻ لاءِ باغ ۾ ڇڪر هنيا. نيٺ هڪڙو مالهي گڏجي ويـن، جنهن سان حالي احوالي ٿيا. مالهيءَ کين ٻڌايو تہ: لالييءَ جا تي شرط رکيل آهن، جيڪو ماڻهو اهي شرط پورا ڪندو، تنهن سان هوءَ شادي ڪندي. هاڻي ٽوهين هيئن ڪريو، جو سندس محلات جي باهران جيڪا پير

رکيل آهي، ان تي ڏوڻڪو هڻو. اندران ٻانهي ڏکري ايندي
جا توهان کي لاليءَ جا شرط ٻڌائيندي. پر منهنجي صلاح مڃو تہ
پوٽي موٽي وڃو، ڇو تہ انهن شرطن جي پوري ڪرڻ لاءِ هني
ڪئين پهلوان آيا، پر خوار خراب ٿي مارجي ويا، تنهنڪري
چڱائي انهيءَ ۾ اٿو تہ موٽي وڃو. پر هنن ٻانهي پائڻ سنڊس
انهيءَ ڳالهہ تي خيال ئي ڪونہ ڏنو، ۽ ڪانئس موڪلائي باغ
کان ٻاهر نڪتا. اتي منهن ميرِ بہ اچي ٿي هئي، تنهنڪري خيال
ڪيائون تہ هلي ڪنهن سراءِ ۾ رات گذارجي، ۽ صبح جو هلي
شرط پڇنداسين. اهو فيصلو ڪري هڪڙيءَ سراءِ ۾ اچي ٽڪيا.

صبح جو سويل متل ۽ سدورو ٿهي جڙي اچي لاليءَ جي
محلات پيڙا ٽيا. پير تي ڏوڻڪو هڻي، پنهنجي اچڻ جو اطلاع
ڏنائون. ٿوريءَ دير ۾ هڪڙي ٻانهي نڪتي، جنهن کانئن اچڻ
جو مطلب پڇيو. متل وراڻي ڏنس تہ: اسين لالي جا شرط پورا
پورا ڪرڻ آيا آهيون، هاڻي سيگهي ٿي پنهنجي سائڻ کان شرط پڇي
اچ! ٻانهي ڏاڍي ناز نخري سان جواب ڏنو تہ: توهين پلي ڪري
آيا، جيءُ ڪري آيا۔ اڄ تہ هلي مهمانخاني ۾ رهو، باقي سپاڻي
توهان کي شرط ٻڌائيندا سين. پر متل چيس تہ: مائي! اسين ماني
ڪونہ کائڻ آيا آهيون. اسان کي اڄ ئي شرط پڇي اچي ٻڌاءِ، جو
دير ٿي ٿئي. ٻانهي سندن ضد ڏسي، سڌي لاليءَ وٽ آئي، ۽
کيس هنن جي اچڻ جو مطلب ٻڌايائين. لاليءَ کيس چيو تہ: ٻانهي!
کين وڃي چئو تہ اسان جي اتر طرف واري ٻيلي ۾ هڪڙو کيهر
شينهن رهي ٿو، جنهن اسان جي مال ۽ ماڻهن کي ڏاڍو نقصان
رسايو آهي. هاڻي پهريون شرط اهو آهي تہ منهنجي شاديءَ وقت
اهو شينهن جيئرو حاضر هجي. ٻانهيءَ اهو شرط اچي هنن کي ٻڌايو.
ٻئي ٻاڙ يڪدم پوئين پيرين موٽيا. ڇا ڪيائون جو اچي هڪڙي
ٻکري ماريو ورتائون، پوءِ ڏاچيءَ تي چڙهي، ٻيلي ڏانهن روانا
ٿيا. ٿوريءَ دير کان پوءِ اچي ٻيلي ۾ پهتا. ٻنهي ٻاڙن صلاح
ڪري ٻکريءَ کي هڪڙي وڻ سان ۽ ڏاچيءَ کي ٻئي وڻ سان

ٻڌو، ۽ پوءِ متل پاڻ ٻڪريءَ جي پرسان ۽ سڌورو ڏاڇيءَ جي پرسان ڏنڊا ڪٽي ٻيهي رهيا، ۽ زور سان هوڪريا ڪرڻ لڳا. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪڙي پاسي کان ڪير شينهن گجندو ٻيلي مان ظاهر ٿيو، ۽ ٻڪريءَ کي ڏسي ان ڏانهن وڌيو. تنهن تي متل هڪل ڪيس ته: ڪلا ٿئي ٻليءَ جا پٽ! متان ويو آهين. شينهن متل جي هڪل ٻڌي، ٻڪريءَ کي ڇڏي ان ڏانهن وريو، ته ٻنيان سڌوري ڦيرو ڏيئي مغز ۾ اهڙو ته ڏنبو هنيس جو ڦيراڻيون پائي وڃي پٽ تي ڪريو. هنن به ورائي ڪٽي ٻڌس، ۽ ٽمگوٽالي ڪري آڻي، لاليءَ جي محلات آڏو اڇلايائون. پوءِ پير تي ڏوڪو هڻي، پنهنجي اچڻ جي خبر ڏنائون. ٻانهي نڪري آئي، جا دروازي جي اڳيان ڪير شينهن کي پيل ڏسي، ۽ ٻنهي پائرن کي سلامت ڏسي، حيران ٿي وئي. هنن هڪل ڪري چيس ته: ٻانهي! هي شينهن ٻڌو پيو اٿئي، هاڻي پنهنجي سائڻ کان ٻيو شرط پڇي اڄ ته وري ان جي گڏ ڪريون. ٻانهي سڌڻ بهادري ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، چوجو هن کان اڳ، جيڪي به ماڻهو ان شينهن کي جهلڻ لاءِ ويا هئا، تن مان هڪڙو به ڪونه موٽيو هو، سو يڪدم ڊوڙي وڃي لاليءَ کي ٻڌايائين. لاليءَ ٻانهيءَ کي چيو ته: کين اڇوکو ڏينهن پنهنجي مهمانخاني ۾ ترساءِ، ٻيو شرط سياڻي ٻڌائيبو. ٻانهيءَ ٻاهر نڪري کين اهو ٻڌايو، پر هنن چيو ته: ٻانهي! پنهنجي سائڻ کي وڃي چئو ته سياڻن جو چوڻ آهي ته اڄ جو ڪم سياڻي تي نه وجهجي، تنهنڪري جلدي ٻيو شرط ٻڌاءِ، جو اسان کي وري پوئتي ورڻو آهي. ٻانهيءَ سڄي گالهه وڃي لاليءَ کي ٻڌائي، جنهن چيو ته: جيڪڏهن ننڍا مڃين، ته پوءِ ٻيو شرط هي آهي ته اتر طرف واري ٻيلي ۾ هڪڙو سانڍ رهي ٿو جنهن اڄ تائين سوين شينهن ماريا آهن، ان کي جيئرو جهلي اڇو، جو منهنجي ڪاج ۾ ڪم ايندو.

اهو شرط ٻڌي ٻئي پائر سهي سنبري، وري انهيءَ ٻيلي ڏانهن روانا ٿيا. اتي وڃي ڏسن ته برابر هڪڙو متارو سانڍ ويٺو

قوڪون ڏئي. ٻنهي پائرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته سامهون هن سان پوري ڪونہ پونداسين، باقي پنيان اچي جهليونس. سو ٻئي ڇڙا لڪي لڪي اچي پٺيان ڪڙڪيس. ست ڏيئي متل هڪڙي پٺ ڪان ورتس ۽ سدوري وري ٻئي ڪان، ورائي ڪڍي گچ گچيءَ ۾ وڌونس. هن گهٽئي پاڻ ڇڏايو پر چڙيون هڻي ساڻو ٽي پئجي رهيو. پوء سان کي سڪ ڪري هڪلي آڻي لاليءَ جي محلات جي آڏو پڏائونس. لاليءَ پنهنجي ٻنهي شرطن جي پورائي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي، ۽ پانهيءَ کان هنن بابت پڇڻ لڳي. ٻانهي چيس ته: سائڻ! اهڙو خيال اٿيئي ته دريءَ مان هلي ڪين ڏس. سو لالي اچي دريءَ ۾ بيٺي، ۽ متل کي ڏسي مٿس موهت ٿي پيئي. دل ۾ خيال ڪيائين ته، ته سوال تہ هنن پورا ڪيا، پر ٽيو سوال تمام ڏکيو آهي، سو هنن کان پوروئي ڪونہ ٿيندو. اهو ويچار ڪري، ڪيس ڏاڍو ارمان ٿيو ته، هڪڙا سهڻا ۽ پهلوان جوان مري ائين ٿي ويندا؛ تنهنڪري چونہ ٻڌي ڏينهن ڪيس رهائي سندن مهماني ڪريان ۽ ساڻن رهاڙ ڪريان. سو پانهيءَ کي نياپو ڏيئي اماڻيائين، پر هنن سندس گالهہ ئي ڪانہ: ٻڌي. چي: اسان جو رڙ پنوهار سان ستن ڏينهن جو واعدو ٿيل آهي، تنهنڪري آرام ڪونہ ڪنداسين. اسان کي شرط ٻڌايو ته اوڏانهن وڃون. جڏهن پانهيءَ ڏٺو ته هو ڪنهن به حيلي نٿا رهن، تڏهن ٽيون شرط ٻڌايائين ته: هتان ڏکڻ طرف رڙ پٺ ۾ هڪڙو اجگر رهندو آهي، جنهن جي وات مان باهہ جا ٻالا نڪرن ٿا، هن کيترائي گوٺ سازي رک ڪري چڏيا آهن، تنهن کي جيڙو جهلي اچو. اهو شرط ٻڌي هي جوان ڪجهہ هٻڪيا، چوتہ اڳي ته ڪئي زور آزمائي جي گالهہ، هاڻي ٽيو نازڪ سان منهن ڏيڻو. پر خيال ڪيائون ته آگرين ۾ مٿو وجهي، مٿرين پر ڪونہ ڏيجو، جيڪي اللہ کي منظور هوندو آسو وس ٿيندو ڪوشش ته پاڻ به ڪريون ٿا، پوء ڪٿ ۽ هارائڻ آهي ربّ جي وس. اهو پهہ پچائي انهيءَ رڙ پٺ ڏانهن روانا ٿيا. هفتي ڪن ڪا پوء اچي انهيءَ اجگر جي حد ۾ پهتا. اول چا ڪيائون جو ڇ

چونڊي ، انهن جا ٿي وڏا ڏڳ ٺاهيائون ، ۽ پوءِ ويهي نانگ جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا . آخر ٻئي ڏينهن نانگ به ساهواري جي ڏپ ٿي اچي منهن ڪيو . ايندي شرط وٺي جو قوڪ ڏنائين ته ڇيٽن جو ڦهريون ڏڳ مڙي رک ٿي ويو . وري اڳتي وڌيو ته ڇيٽن جو ٻيو ڏڳ سامهون آيس ، ان کي قوڪ ڏنائين ته مڙ وارا ڇيٽا مڙي ويا ، ۽ ٻئي پاسي وارا رڳو لهسيا . آخر اچي ٽئي ڏڳ کي قوڪ ڏنائين ، جنهن کي ڪجهه به ڪونه ٿيو . اتي متل ۽ سدوري کي پڪ ٿي ته هاڻي نانگ جو زهر ختم ٿي چڪو آهي ، سو ٻوڙي وڃي ان جي ڪنڌ رسو وجهي ڪٽي سوگهو ڪيائونس . پوءِ ٻئي پائر ڪلها ڏئي اجگر کي گهلي اچي لالي ۽ جي محلات وٽ پهتا . جڏهن لالي ۽ کي سندن صحيح سلامت موٽي اچڻ جي خبر پئي تڏهن ڏاڍي خوش ٿي ، ۽ يڪدم بانهي ۽ جي هٿان چوائي موڪلياٸين ته توهان منهنجا شرط پورا ڪيا ، هاڻي آءٌ انجام موجب شادي ۽ لاءِ تيار آهيان . آخر شادي جي تاريخ مقرر ٿي ، جنهن تي لالي ۽ جا عزيز قريب اچي گڏ ٿيا ، ۽ سندس شادي متل سان ڪرايائون . لالي ۽ جي پي ۽ کين ڪافي مال ملڪيت ڏيئي ، لالي ۽ کي پنهنجي مڙس سان گڏ وڃڻ جي اجازت ڏني . هنن کي به رڙ پنوهار سان انجام پارڻو هو ، سو مينهن واءُ ڪندا اچي رڙ پنوهار وٽ پهتا . جو کين سلامت ۽ ڪامياب ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ، ۽ ٽن ڏينهن تائين هنن جي مهماني جهلي ، چوٽين ڏينهن سدوري ۽ کي تمام گهڻو ڏاج ڏيوڻ ڏيئي ، هنن کي موڪل ڏنائين .

ٻئي پائر شاديون ڪري ، پنهنجي گوٺ ڏانهن وريا . هلندي هلندي اچي وڏي درويش وٽ پهتا ، جو پڻ هنن کي سلامت ڏسي خوش ٿيو ، ۽ لالي ۽ ۽ سدوري ۽ کي پنهنجون نياڻيون ڪري ، کين تمام گهڻيون سوکڙيون پاکڙيون ڏيئي اڳتي وڃڻ جي موڪل ڏنائين . اهڙي ۽ ريت منزلون ڪندا وري اچي ٽئين درويش وٽ پهتا ، جنهن به هنن جي چڱي خاطري ڪئي ، ۽ کين سوکڙيون پاکڙيون

ڏنيون. آخرڪار منزلون ڪندا اچي گوٺ پهتا، جتي پنهنجن مائٽن سان گڏجي آرام ۽ امن سان رهڻ لڳا. جهڙو ميلو انهن جو ٿيو تهڙو شل جڳ جهان جو ٿئي- آمين!



جام پُونئرو *

عيسوي ڏهين صديءَ ڏاري ڪچ ۾ "جام پونئرو" راج ڪندو هو. وٽس مال متاع جي ڪمي ڪانه هئي، پر اولاد جي خوشي نصيب نه ٿي هئس، جنهنڪري رات ڏينهن ڳڻتين ۾ ٻيو ٿيو گرندو هو. اولاد جي لاءِ هن ڪيترائي پير فقير پوجيا، پر ٻيو ٿيو خير. سندس شهر "پٽر ڳڙهه" کان ڪجهه مفاصلي تي، هڪڙي نديءَ هئي، جنهن جي ڪپ تي، ڪي سٽ ڇٽا ساڌو فقير، رات ڏينهن پوڄا پاٺ ۾ مشغول هوندا هئا؛ جن جي ڪنهن بني بشر کي به خبر ڪانه هئي.

هڪڙي ڏينهن ڪو مهاڻو آڻي ڇيون مارڻ آيو، جنهن هنن کي ڏسي ورتو. اهو ويچارو به ڪو اولاد جو سڪايل هو. خيال ڪيائين ته من انهن فقيرن جي دعا سان ڪو اولاد ٿيئي. سو چار نديءَ جي ڪپ تي رکي، هڪلي ساڌن جي آستان تي ويو ۽ هٿ ٻڌي هڪڙي ڪنڌ ونسي ويهي رهيو. ساڌو پنهنجن ڪي خيالن ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيو ويٺا هئا. مهاڻي دل ۾ خيال ڪيو ته آستان ۾ ڏاڍو گند ڪچرو لڳو پيو آهي، سو چونه انهي جي صفائي ڪري وٺان! پوءِ ته يڪدم صفائي کي لڳي ويو. مٽ ۽ ڪي ويا هئا، سي به نديءَ تان ڏوئي ڏمالي ڀري آڻي رکيائين. آخر هڪڙي پيرسن ساڌو ڪنڌ کڻي ڪيس ڏنو ۽ چيائيس ته: اي شخص! تون ڪهڙي خيال سان هتي آيو آهين؟ مهاڻي هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته: سائين، ڏٺي جو ۽ توهان جو ڏنو ڏيوڪجهه اٿم، پر اولاد کونه

---

* هي ڳالهه ٺرپارڪر (تعلقي ننگرپارڪر) مان منگهارام اوجها کان ملي.

اٿم، ان لاءِ توهان جي دعا گهرجي. تنهن تي ساڏو چيس تہ:

جي تون مڇيون نہ مارين، ميلو رکين نہ من،
پيءُ ٽئين پٽن جو، اگهہ جهجهو آن".

(اي شخص! جي تون مڇيون نہ مارين ۽ دل کي ميرو نہ رکين تہ تون پٽن جو پيءُ ٿيندين، ۽ تنهنجي گهر ۾ گهڻي برڪت پوندي.)

مهاڻي ان ڏينهن کان پوءِ مڇين مارڻ کان توبهہ ڪئي ۽ ساڏن جو چوڻ بہ پورو ٿيو. مالڪ جي مهر سان ڪپس نائين مهيني هڪڙو چنڊ جهڙو پٽ جائو. بس پوءِ تہ سڄي ملڪ ۾ ساڏن جي درويشيءَ جو هلُ هلي ويو. نيٺ هڪڙي ڏينهن چام پونڙي کي بہ اهڙا خبر پئجي وئي. هو بہ هر هنڌان ناااميد ٿي چڪو هو، تنهن جو اها خبر پڏي، سو هڪ دفعو وري بہ اميد ٿيس. چا ڪيائين جو پنهنجي پٽ راڻي "راجَ ئِمن" کي سهائي سنيرائي، ساڏن جي آستان تي وٺي آيو. ساڏو تہ پنهنجيءَ عبادت ۾ مشغول هئا، پر راڻيءَ انهيءَ گالهہ جو خيال ئي ڪونہ ڪيو، ۽ وڏي آواز سان چيائين تہ:

راڻيءَ رٽ جوڙيو، آئي درويشن وٽ،
"وياءَ وڏايون مون ڏيو، تہ ماڪ ڏيانءُ مَٽ".

(راڻيءَ چيو: آءٌ رٽ تي چڙهي درويشن وٽ آئي آهيان. اي ساڏو! توهين جيڪڏهن مونکي اولاد ڏيارين، تہ ان جي عوض آءٌ توهان کي هيرن جواهرن جا مَٽ ڏيندس).

فقيرن کي پلا هيرن جواهرن جي کهڙي پرواهہ! ويتر راڻيءَ جو هنن جي عبادت ۾ خلل وڌو هو، سو رکو جواب ڏنائونس تہ:

اسين نہ اهڙا اولياء، جي ڏيون پين کي ٻار،
هيءُ نياءُ ات ٽئي، جت صاحب جي دربار.

(اي مائي! اسين اهڙا درويش ڪونہ آهيون جو پين کي اولاد ڏيندا وتون. آهو تہ سيکجهہ مالڪ جي هٿ وس آهي.)

ساڏن جو اهو جواب پڏي راڻيءَ کي ڏاڍو ڏک ٿيو، پروري بہ کين سٽائڻ لڳي تہ: اي ساڏو! توهان هڪڙي ـ هاڻي کي پٽ ڏنو آهي

پر هن ملڪ جي راجا کي نٿا ڏيو، چا اسين ان مهاڻي کان به گهٽ آهيون؟ تنهن تي وري به فقيرن کيس سمجهائيندي چيو ته:

ٻائي! ڏاهي ٿي، اسين نه ٽوڙها ٽڳ،
هڪڙو هينئر جهلي ڏيون، جي هجن اسان وٽ وڳ.

(اي مائي! ڏاهي ٿي، اسين نڳ، ڪونه آهيو جو تو کي ڪوڙو دلاسو ڏيون. اسان جي وس ۾ جي گالهه هجي ته هينئر ئي ڪٽي تو کي پٽ ڏيون.)

ساڌن جو رڪو جواب ٻڌي، راڻي اولاد جي آس اندر ۾ ئي سانديءِ مايوس ٿي محلات ڏي موٽي آئي، ۽ سموري حقيقت جام پونئري کي ٻڌايائين.

راجيئن۽ پونئري جام کي، چيون گالهيون چار،
مهاڻي ٽي مهر ٿي، اسان لئي انڪار.

(راڻي راجيئن، پونئري جام کي سڄي حقيقت ٻڌائي ته، ساڌن مهاڻي ٽي مهربابي ڪري ان کي اولاد ڏنو، پر اسان لاءِ انڪار ڪيائون.)

ساڌن جو اهڙو رڪو جواب ٻڌي، جام پونئري کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، سو چا ڪيائين جو ستن ئي ساڌن کي ڪٽي تهخاني ۾ بند ڪيائين، سمجهائين ته پاڻهي بک اڃ ۾ لاچار ٿي مرون لاءِ دعا گهرندا. ڏينهن گذري ويا پر ساڌن کي هڪ به ڪين ڪڍيو. تنهن تي راجا هيڪاري باهر ٿي ويو ۽ حڪم ڏنائين ته: هنن ساڌن کي تهخاني مان ڪڍي، هڪڙي کليءِ ميدان ۾ ٻڌي وهايو. حڪم جي دير هئي يڪدم هنن ويچارن کي تهخاني مان ڪڍي گهاٽي ۾ ٻڌائون، پر هو ڪٿي ٿا ظلم کان ڀڄي، راجا لاءِ دعا گهرن! صبر سان سڀ مصيبتون سهندا رهيا. ساڌو ويچارا رات ڏينهن گهاٽي ۾ وهندا رهيا ۽ ماڻهو وري مٿن چٽرون ۽ مسخريون ڪرڻ لڳا. ڪوبه هنن کي ساني ٽڪي ڪونه ڏيندو هو. آخر هنن کي هيڏي مصيبت ۾ ڏسي هڪڙي غريب حجام کي مٿن قياس اچي ويو. تنهن ماڻهن کان لڪچوري اچي هنن کي چيو ته:

توهان جو ڪو ڏڻي ڏوڻي آهي يا نہ. جو توهان کي هن آزار مان آجو ڪري؟ تنهن تي هڪڙي ساڏو چيس تہ: اسان جا سار لهڻ وارا تہ گهڻائي آهن، پر انهن کي اطلاع ڪير ڏئي؟ اسين ستئي هتي گهاڙي ۾ پيا آهيون. باقي جي ڪو ماڻهو اسان مان هڪڙي جي بدران هن گهاڙي ۾ وهي تہ جيڪر آهو وڃي مدد گارن کي سڏي اچي. هجام کين چيو تہ: جيڪڏهن توهان جي ائين جند ڇٽندي تہ آءٌ توهان مان هڪڙي جي پاران هن گهاڙي ۾ وهڻ لاءِ تيار آهيان. ائين ڇئي هڪڙي ساڏو کي کوليو، پاڻ ان جي پاران گهاڙي ۾ وهڻ لڳو.

گهاڙي سان ڇٽل ساڏو ٽورو پنڌ ڪري اچي هڪڙي ٽڪريءَ تي چڙهيو ۽ پنهنجي ديوتا کي سڏڻ لڳو تہ:

ڪٽن پائي ڪوکرا، ڏرس برابر ڏان،
رڻ ۾ راج اگهان، اڄان ڪونہ آيو!

(ڏرس چوڻ لڳو تہ، اسين هتي مصيبت ۾ ڦاٿا پيا آهيون، پر توهان مان اڃان تائين اسان جي مدد لاءِ ڪوبہ ڪونہ آيو آهي.)

ساڏوءَ جي پڪار تي ٽوري ڏي وقت کان پوءِ هنن جي مدد لاءِ ٻاهتر 'جڪ' اچي ڪڇ جي بندر "جکوئي" ٽي لتا. هنن سان گڏ هنن جي هڪ ٻيڙ "سانيري" پڻ آئي هئي. سانيري تمام چالاڪ هئي، تنهنڪري جکن هن کي جام پونئري جي طاقت ۽ معلاتن جي ڄڻهن رستن جي حقيقت لهڻ لاءِ معلات ۾ موڪليو. سانيري پنهنجي هوشياري ۽ چالاڪيءَ سان، راڻي راجئين ۽ جام پونئري جي گهر جي اٺ ويهڻ جي سموري حقيقت هٿ ڪري، جلد ئي موٽي آئي، ۽ جکن کي اچي ٻڌايائين تہ، جام پونئرو روز صبح جو وڏي ماڙيءَ جي اگهہ ۾ وهنجندو آهي، اهو وقت ۽ هٿ پونئري کي مارڻ لاءِ ٺيڪ ٿيندو. سانيري جي اها اڪل سيني کي وٺي ۽ ٻئي ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳا.

ٻئي ڏينهن هميشہ وانگر جيئن جام پونئرو وهنجڻ خاني ۾ ويو، تيئن "ڪڙ" نالي هڪڙي جڪ، ٽڪريءَ تان چڙهي

نشان چئي، اهڙو تہ تير هنيس جو چام پونئرو اتيئي ڦٽڪي مري ويو.

ڪَڪڙ ڪاني هنئين، ڪانيءَ کيو ڏکاءُ،
پُونئرو ويندي پاڻ، تيئن چپ پئي مٿان.

(ڪَڪڙ، چام پونئري کي اهڙو تہ تير هنيو، جو هو اتيئي مري ويو.)

اهڙيءَ طرح هن، ساڻن کي چام پونئري جي مصيبتن مان آزاد ڪرايو. جنهن ڏکريءَ تان ڪڙ جڪ تير هنيو هو، ان کي اڄ ڏينهن تائين بہ 'ڪَڪڙ پٽ' چوندا آهن.



حمير سومرو *

هيءَ ان وقت جي گالهه آهي، جڏهن حمير سومرو سنڌ جو بادشاهه هو. ان وقت "جام پوڻئرو" لوڙهيون هٽندو هو. آسپاس جي علائقن مان چوپايو مال هٽي پنهنجي ملڪ ۾ موڪلي ايندو هو. وڏو ظالم هو، جنهنڪري آسپاس جا راجا هن کان ڊڄندا هئا. کنهن کي به هن سان هٿ اٽڪائڻ جي همت نه هوندي هئي، پر پوئنئرو سڀني راجائن کي پيو ستائيندو هو.

انهيءَ زماني ۾ ڪاٺياواڙ جي دنگ تي "ويرگوجر" نالي هڪڙو تمام عادل ۽ سخي راجا راج ڪندو هو. هڪڙي ڀيري پوئنئري ان جي مال هٽڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو موڪليا:

پوئنئري ڪيا پَرياڻ، پڑي تي پَرَ ٻيا،
تنهين وڃي واريون، لوڏون لَڪ مٽان.

(پوئنئري، ويرگوجر جي ملڪ ۾ پرڙا پهاڙ ڏانهن لشڪر آماڻيو جنهن وڃي لکن مان مال هنيو).

ويرگوجر کي جڏهن انهيءَ گالهه جي خبر پئي، تڏهن يڪدم ئي پاسي وارن راجائن ۽ سردارن کي گڏ ڪيائين، جي پئ پوئنئري جا دشمن هئا، پوءِ هڪڙو وڏو لشڪر ٺاهي، ڪچ ملڪ تي ڪاهي آيو:

چانڊوَت ڪري چڙهيو، گُجر گهو ملايا،
پواڙا پونئري پيلڻهن، گهٽا وچ ڪيٽا.

---

* هن گالهه جي روايت ٽرپاڪر (تعلقي ننگرپارڪر) مان سنگهارام اوجها کان ملي.

(ويرگوجر، گهو ملي ننگر کان فوج وڃي، ڏاڍي کاوڙ سان چڙهائي ڪري آيو، پر پونڙي جي سردارن ساڻس ڇڳي جنگ ڏني.)

نيٺ هو لٽ مار ڪندو پونڙي جي ڪوٽ پٽرگڙهه وٽ اچي پهتو، ۽ ڪوٽ کي گهيرو ڪري ويهي رهيو. لڳاتار ٻه مهينا گهيرو هليو، پر هو پٽرگڙهه جو هڪ پٿر به هٽائي نه سگهيو. انهن ٻن مهينن جي عرصي ۾، ٻنهي ڌرين سان جڏهن به ڪنهن کي موقعو ملندو هو تہ ٻيءَ ڌر تي حملو ڪري ان جا گچ ماٺهو ماري ڇڏيندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ماٺهو مري ويا پر جنگ جو فيصلو نہ ٿيو. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن ٻئي طرف ڪمزور ٿيندا ويا. آخر ٻنهي ڌرين گڏجي فيصلو ڪيو تہ ٻنهي پاسن کان هڪ هڪ پهلوان ميدان ۾ اڇي، ۽ پوءِ جنهن به ڌر جو پهلوان ماري، تنهن کٽيو. انهيءَ فيصلي ٿيڻ سان ٻئي راجا، پونڙرو ۽ ويرگوجر، ميدان ۾ آيا ۽ پهرين پهرين زور آزمائي لاءِ ملهه وڙهيا.

سنيري سامنت اُٿيا، ڪينڪيا اڇي خان،
ويرموڙي مانَ، پَلَ ۾ پونڙي چام جو.

(ٻئي پهلوان تيار ٿي، ميدان ۾ آيا ۽ وڙهڻ لڳا، آخر ويرگوجر، پونڙي جو هٽ پڳو.)

پونڙي جڏهن ملهه ۾ هاريو، تڏهن هٿيارن سان جنگ ڪيائين، هٿيارن جي جنگ ۾به ويرگوجر کانئس سرسيءَ ۾ رهيو. پونڙي هاريو ۽ ويرگوجر کٽيو. هارائڻ کان پوءِ چام پونڙي ڏن طور ڪيترو مال، ويرگوجر کي ڏنو. آئينديءَ پڻ سال بسال ڏن ڏيڻ جو انجام ڪيائين. ويرگرجر جي موڻي وڃڻ تي، چام پونڙي جي حڪومت جو اڳيون زور ڪونہ رهيو، ۽ سيڻي سردار ڪيس ڏن ڀرو راجا سمجهي سندس حڪم ماڻڻ کان انڪار ڪرڻ لڳا. اها حالت ڏسي، پونڙي خيال ڪيو تہ اهو خواريءَ جو ڏکر پاڻ تان لاهجي، سو سنڌ جي بادشاهه حمير سومري کي دعوت موڪلياٿين تہ هو اچي ويرگوجر

سان جنگ ڪري ۽ انهيءَ جي عيوض ڏن طور ڏيءَ جو سڳو ڏيڻ جو انجام ڪيائين.

ماڙو هلايئين متر ۾ ڪوٽيئين سنڌ حمير،
سڳو ڏيان سومرا، پيا پٽر ڏيانءِ ويرا!

(پونڑي، حمير سومري ڏانهن ماڻهو موڪليو ۽ چوائي موڪلياٿينس ته: جي منهنجي مدد لاءِ ايندين ته توکي سڳو ٻه ڏيندس ۽ ان کان سواءِ منهنجي ملڪ جو ڪجهه حصو پڻ ڏيندوسيئن.)

پياڻي پياڻي لک ڏيان، گهوڑا ڏيان گچ،
سمي ڪارڻ سومرا! تون تان وهلو اچ.

(آءٌ توکي تنهنجي هر منزل تي لک روپيا ۽ بيشمار گهوڑا ڏيندس، پر اي سومرا! سمي جام جي مدد لاءِ جهٽ اچ)

حمير سومري کي جڏهن اهو نياپو پهتو، تڏهن هڪڙو وڏو لشکر تيار ڪري پونڑي جي مدد لاءِ ڪچ ڏانهن روانو ٿيو.

جيئن ڏونگر تيئن هاٿيا، جيئن کيريون تيئن چٽر،
حميراڻي فوج ڪٽر، آڳا آپ نڪنر.

(حمير سومري جي فوج ۾ جيڏن جيڏا بي انداز هاٿي، جن جي هنبارين جا چٽ کيرين جي پوٽن وانگر ڏسڻ ۾ ٿي آيا، ۽ حمير جي فوج به ائين ٿي لڳي جڻ آسمان ۾ تارا.)

ٿوري ٿي وقت ۾ سڄي ملڪ ۾ اها خبر باهه وانگر پکڙجي ويئي ته سنڌ جو حاڪم حمير سومرو، پونڑي جي مدد لاءِ پيو اچي، سو سڀني کي اچي سر سان لڳي.

اچي ساڻ آلڻيا، آڏاڙي پڻي،
راجئين نهاري ڪوڪ تان، آيو سنڌ ڌڻي.

(حمير سومري جا جوڌا جوان ڏوڙ آڏائيندا اڳتي ڏوکيندا پئي آيا، ۽ پونڑي جي زال راڻي راجئين پنهنجي محلات جي دريءَ مان نهاري ڏيو ته، سنڌ جو ڌڻي اچي ويو.)

حمير سومري جي پهچڻ تي پونڑو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ پنهنجا ماڻهو وٽي سندس آدر ياءُ لاءِ اڳيرو وڃي ساٿس مليو. پئي راجا پاڻ ۾

پاکر پائي ڏاڍي آکير مان ملیا. پوءِ پونئري کيس قلعي ۾ رهڻ لاءِ عرض ڪيو پر حمير سومري سندس اها گالهه نه مڃي ۽ چيائين ته:

واڙي وڃون پورجن، پاڻا نه پورجن پار،
آسين پٽر جا بادشاهه ڀڄون نه ڪنهن جي ڀاءِ.

(اي پونئرا! واڙي ۾ وڃون پوريون آهن ۽ نه پاڻا، اسين ميدان جا مرد آهيون، اسان کي ڪنهن جو ڊپ ڀاءُ ڪونهي.)

پونئري، حمير سومري جي اها گالهه ٻڌي ڪٽي مات ڪئي، ۽ حمير سومري، پٽر گڙهه جي قلعي آڏو پهنجو ديرو ڏياريو. ٻن ڏينهن جي آرام کان پوءِ لڙائيءَ جي تياري شروع ٿي. آخر هڪڙي ڏينهن ٻئي ڌريون اچي آهون سامهون ٿيون. وري ٻه ساڳيو فيصلو ٿيو ته پنهي پاسن کان پهلوان، ميدان تي نڪري وڙهن، تنهنڪري حمير سومرو ۽ ويرگوجر هٿيار پنوهار پهري ميدان ۾ آيا. ويرگوجر هاٿيءَ تي ۽ حمير سومرو گهوڙي تي سوار هو. ٻئي جوڌا جوان جڏهن هڪٻئي جي ويجهو ٿيا، تڏهن هڪٻئي کان اڳرا ٿي ڏسجڻ ۾ آيا. حمير چئي ته، پهرين تون وار ڪر، پر ويرگوجر چئي ته پهرين تون وار ڪر. ٻنهي گهڻي ريڙهه ڇڙهه کان پوءِ ويرگوجر، حمير سومري تي گرز سان وار ڪيو، جو سندس منهن ۾ لڳو. ڏاڍي لڳڻ سان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. حمير سومري جا ڪيترا ڏند ڇڄي پيا ۽ گهومائي ڪائي گهوڙي تان ڪري پيو. پونئري پهنجي محلات جي دريءَ مان سارو لڙاءُ ويني ڏٺو، تنهن حمير سومري کي گهوڙي تان ڪرندو ڏسي چيو ته:

گهاءُ لڳو گهڻج جو، چٽيو چٽر متان،
راڻي ائين پڪاريو، حمير ويو هٿان.

(حمير سومري کي گرز لڳڻ ڪري گهاءُ ٿي پيو ۽ هو گهوڙي تان ڪري پيو. اتي پونئري رڙ ڪري چيو ته حمير هٿن مان ويو.)

حمير سومرو تمام طاقتور شخص هو، سو اهو ڏڪ پچائي اٽي ڪڙو ٿيو، ۽ ويڙ گوجر کي هوشيار رهڻ لاءِ للڪاريائين. سندس للڪار سان لڙائيءَ جو سارو ميدان گونجڻ لڳو. ويڙ گوجر، حمير جي وار لاءِ تيار ٿيو ۽ حمير سومري مٿس پالي سان وار ڪيو. پاڻ سڌيٽ ڪندو وڃي ويڙ گوجر جي چاتيءَ ۾ لڳو، جو بولاٽي ڪائي ڪري پيو، ۽ اٽي ئي مري ويو. ويڙ گوجر جي مرڻ ڪري سندس لشڪر ۾ اچي پاج پيئي ۽ حمير جي لشڪر جي سوپ ٿي. پوءِ چوطرف خوشيون ٿي ويون.

پونڙي انجام موجب، پنهنجي ڏيءَ جو سڳ حمير سومري کي ڏنو، جا راڻي راجئين سان هئس. انهيءَ خوشيءَ ۾ سڄي پٽر گڙهه کي خوب سينگاريو ويو. حمير سومرو سوڙ پٽي چني ۾ آيو. سندس آڏر پاءُ لاءِ راڻي راجئين به هار سينگار ڪري اچي حاضر ٿي. حمير سومري جو ڪنڌ هيٺ هو، ڇو جو ويڙ گوجر سان مقابلو ڪندي سندس ڏند ڀڃي پيا هئا، اهو ڏسي هڪڙي لنگهي چرچي طور چيو ته:

جهڙو آڻ هرَ ڦٽرو، ٿهڙو وَرَ جي هوءِ،
ته ڪچو نه ڪري ڪوءِ، سَسُ پليين سَسترَ ڪري.

(جهڙي ڪنوار سهڻي آهي، اهڙوئي جيڪڏهن گهوٽ سهڻو هجي ها ته ڪوبه عيب جوئي نه ڪري ها، ۽ سَسَ کي به سينگار ڪرڻ سونهي ها.)

لنگهي جو چرچو حمير سومري کي ڏاڍو ڏکيو لڳو، ڪاوڙ ۾ ٽپي گاڙهو ٿي ويو، ۽ انهيءَ مهل چنو چڏي پنهنجي چانوٽيءَ ڏي موٽي آيو. حمير جي رسڻ تي، سڀني کي اچي ٻپ ورايو ته هاڻي الاڻجي ڪهڙو ڪيس ٿيندو. آخر وڏا وڏا امير گڏجي ڪيس پرچائڻ لاءِ ويا، پر حمير سومري هڪ به نه ٻڌن. نيٺ گهٽي سَت ستاءُ ڪان پوءِ حمير چين ته: انهيءَ شرط سان شادي قبول ڪندس ته ڪڇ ۾ سدائين منهنجو نالو قائم رهي. هنن اها گهالهه به قبول

ڪئي ۽ ڪيس چني ۾ آندائون، جتي شاديءَ جي رسم پوري ٿي.
ان ڏينهن کان وٺي ڪچ ۾ سنڌس نالو قائم رکڻ لاءِ زمين
جا دستاويز لکڻ وقت "اگهات حمير وارا" لکڻ جو رواج پيو.

آهو ڪوري هاڻو

آڳاٽي زماني ۾، 'آهو' نالي هڪڙو مشهور هاڻو ٿي گذريو آهي، جو ذات جو ڪوري هو. اڪيلي سر مال هٻندو هو، ۽ نهايت چالاڪيءَ سان وڳن جا وڳ ڪاهي ويندو هو. پهلوان به اهڙو هو جو ڪير به ساڻس مقابلو ڪري نه سگهندو هو. پاڳيا ۽ سالوند ماڻهو رات جو جڏهن پنهنجو مال پهرائيندا هئا، تڏهن اها خبر ڪنهن کي به نه ڏيندا هئا تہ مال ڪهڙي پاسي پهرايل آهي، جيئن آهي ڪوريءَ جي ڪن نه پوي، ۽ جي ڪيس جهنگ ۾ مال جي سٽس پئي تہ مال ويو.

هڪڙي ڀيري ڪنهن پاسي مال هٽ ويو. سج لٿي مهل ڳوٺ جي ٻاهران جهنگ ۾ وڃي ويٺو، انهيءَ انتظار ۾ تہ ڪڏيءَ مهل ٿو مال پهرجي. اتي هڪڙي لٽڪهي رهندي هئي، جنهن وٽ به هڪڙي ڏاڇي هئي. سندس ڏاڇي اڇي قَدَ تي ٻڌي، پر ڪو ڏهڻ وارو ڪونہ هو. مائيءَ خيال ڪيو تہ متان ڏاڇي وڙي نہ ٿي وڃي، سو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي تہ من کو ماڻهو نظر اچي. اوچتو سندس نظر وڃي آهي ڪوريءَ تي پئي، جو انتظار ۾ ٻيٺو هو. مائيءَ سڏ ڪري چيس تہ: ابا! مونکي ڏاڇي تہ ڏهي ڏي! پر آهي جواب ڏنس تہ: مائي، آءٌ ڏاڇي ڏهي ڪونہ ڄاڻان. تنهن تي مائيءَ ٽنول طور چيس تہ: ابا، ڏاڙهيءَ سان مڙس اڇي ٿيو آهين، اڃا ڏاڇي ڏهڻ ئي ڪانہ ٿي اڇئي! آهو، مائيءَ جو ويڙهه سهي ڪونہ سگهيو، ۽ يڪدم چوڪري ڪٽي ڏاڇي ڏهڻ ٻيٺو.

ڏاڍهيءَ نالي ڏسريو، عمر چوءِ آهان،
کير ڏڻائين کٽکهو، ڏمر ڏاچيءَ مان.

(سچي عمر ٻڌريون ڏيئون هئائين، سو ڏاڍهيءَ جو ويڙ ٻڌي آهو ڏسريو، ۽ کازو سان ڏاچي زور ڏيڻ لڳو.)

اڳي هن کڏهن به ڏاچي کانه ڏڌي هئي، تنهنڪري سندس هٿ ڦٽجي ٻيا، ۽ انهن سان رت ريلا ڪري وهڻ لڳو. مائيءَ سندس هٿن جو اهو حال ڏسي کائنس پڇيو تہ: تون آهين ڪير؟ تنهن تي هن جواب ڏنس تہ: مائي! آءٌ ڪوري آهيان. اتي مائيءَ ڏهه ڦهه چيس تہ:

هڪڙو رڪ پڇنڙ وٺرئين، ٻيو چاپڙ واڳڙيا،
هينئن تنهنجي هٿڙين، آڏاڻا نہ هٽا.

(ايا، مونکي خدا نہ پلائي تہ آهو ڪوري تون آهين. ڏاچي ڏهندي تنهنجا هٿ رتو رت ٿي ٻيا آهن، انهيءَ ۾ تنهنجو ڏوهہ ڪونهي، ڇوتہ تون رڳو نالي جو ڪوري آهين. تنهنجي هٿن کڏهن به آڏاڻا ڪونہ هلايا آهن، پر تنهنجو ڪم آهي هڪڙو ترار هٿ ۽ ٻيو وڳ ڪاهڻ.)

آهي چيو تہ: مائي! برابر. آهو هائو آءٌ آهيان، ۽ هن ڳوٺ مان مال هٽ لاءِ آيو آهيان. اها ڳالهہ ڪنهن کي به نہ ٻڌائج. رڳو اهو ٻڌائيجہ تہ ڳوٺ وارا اڄ ڪهڙي طرف مال پهرائيندا؟ مائي کي اچي پنهنجي ڏاچيءَ جي ڊپ ورتو، تہ متان اها ٻہ ڏاهي وڃي، سوچيائينس تہ: هن وقت مونکي اها خبر ڪانهي تہ اڄ رات مال ڪهڙي پاسي پهرائيندا. باقي رات جو هڪڙي هنڌ پئنڊ آهي، تون اتي اچي لڪي ٻيهجئين. اتي ضرور اها خبر نڪرندي. پوءِ اوساري ٻڌائيندياسانءِ تہ مال فلاڻي طرف پهريل آهي. رات جو لنگهي اوڏانهن ويئي جتي پنڊ هو. آهو ٻہ سندس پٽ وٽي، جاءِ جي ٻاهران لڪي ويهي رهيو. لنگهيءَ وڃي ماڻهن جو منجهہ ڪيڙي پڪ ڪئي تہ مال ڪهڙي پاسي پهريل آهي. پوءِ ٻين زالن سان گڏ ويهي اوساريندي اوماريندي آهي کي ڳاهہ ڏنائين تہ:

تيسين تون نہ آئيو، جيسين 'ٽگو' هو ڪيڻان،
هاڻي 'مٽيرو' سيڻان، وڃي واڳهہ آڪنيون.

(ڏڌهن تون نہ آئين جڏهن ٽگو ساڻن هو. هاڻي مٽيرو ساڻن آهي، جي واڳهہ اڪري ويون.)

آهو انهيءَ گاهہ مان سمجهي ويو تہ: اڳ ہر آئين سان 'ٽگو' پهريل هو، هينئر انهن سان مٽيرو پهريل آهي. اهي آئيون هن وقت واڳهہ جو ڏورو بہ اڪري ويون آهن. آهي ڪي پڪ ٿي تہ آئين سان هڪڙو همراهہ 'مٽيرو' پهريل آهي، ۽ واڳهہ جي ڏوري جي بہ خبر هئس، تنهنڪري مائي لنگهيءَ جو ڏس ٻڌي، ان مهل ئي آڻي آئين پنيان روانو ٿيو.

هوڏانهن هڪڙي پيرسن جو اها گاهہ ٻڌي، سو ڏاڇين سان پهريل جتن، ۽ واڳهہ جي ڏوري جا نالا ٻڌي سمجهي ويو تہ، لنگهي مڙئي ڪنهن ڪي اهڃاڻ پئي ڏني:

پرئي مڙس پروڙيو، لنگهيءَ لاتڙين،
اڄ ٻڙ آهو آئيو، سيان وڳ، هڻجن.

(پير مرد لنگهيءَ جي گاهہ مان سمجهي ورتو تہ آهو اڄ آيو آهي، ۽ سپاڻي سيني جو مال هڻي ويندو.)

سو اتي ويٺلن ڪي چيائين تہ:

هيءَ لنگهي پرائي پٽڻين، ڪير جو ويئي چوءِ،
سور پنهنجو روءِ، ٽي ٻڌائي ٻين ڪي!

(ٻڌو ٿا تہ هيءَ لنگهي پرائي پٽ تي چا ٿي چئي؟ سور پنهنجا پئي روئي اهڃاڻ ٻين ڪي پئي ڏني.)

پر پير مرد جي گاله ڏانهن ڪنهن خيال ئي ڪونہ ڏنو.

ويچاري همراهن ڪي گهٽئي دانهون ڪيون تہ: لاشڪ اڄ آهو ڪوري اچي ويو آهي، سپاڻي سيني جو مال هڻي ويندو، تنهنڪري مال انهي پاسي نہ پهرايو، اٽلائي ڪنهن بيءَ جوءِ تي موڪليو، پر سيني مٿس ٽٽولي ڪري چيو تہ:

آهير اوٺاري ڪڇيو، وجهو ڏڙڪ مٿانئس.

(آهير کي اوٽارو ٿيو آهي، شايد فقير آيو اٿس، تنهنکري مٿان رلي وجهي ڇڏيوس.)

ويچاري پير مرد جي ڪنهن ۾ دانهن ڪانه پڏي. هوڏانهن آهو لنگهيءَ جي ڏس تي، واڳ۾ جو ڏورو آڪري، سندن سمورو سال هٽي پنهنجي ملڪ موڻي ويو.

بداماڻي پُنرو

سمن جي آخري دور ۾ ڪنڈي، يعني سنڌ ۾ ڪچ جي سرحد وٽ 'ڪاڇي' واري حصي ۾ 'پُنرو' نالي هڪ سورهيه سردار رهندو هو. جنهن پيٽيءَ ۾ هو رهندو هو ان جو نالو 'بدام' هو، ۽ ڪي چون ٿا ته ذات جو 'بدام' هو، جنهنڪري 'بداماڻي پنرو، جي نالي سان مشهور هو. هي ۽ وڏو هاڏو هو. ڏورانهن هنڌن تان مال هڻي ايندو هو. سنڌس ساڻي به وڏا سورهيه هئا، پر پنرو سڀني ۾ سرس هو. چون ٿا ته مال هڻڻي همراهن جي حوالي ڪري، انهن کي اڳوات روانو ڪري ڇڏيندو هو، ۽ پاڻ پوئتان اڪيلي سر واهر پليندو هو. يا وري پاڻ اڪيلو مال ڪاهي روانو ٿيندو هو، ۽ پويان سنڌس سڀئي همراهه گڏجي واهر پليندا هئا.

پنري ڪنهن به ڪاهه ۾ ڪڏهن به هار کائڻ کاڌي، هو سدائين سوپارو ٿي موٽندو هو. آسپاس جي سردارن ۾ سنڌس اهڙو ته ڏاڪو ويڙل هو، جو جڏهن خبر پوندي هئي ته پنرو لوڙهه هڻڻ لاءِ چڙهيو آهي، تڏهن ماڻهو پنهنجا ماڳ، چڏي ويندا هئا.

ڪنڈيءَ سور ڪيڪيو، وڳن واجهايو،
بداماڻي پنرو، جو پُڄهي سو آيو.

(هوڏانهن بداماڻي پنرو لوڙهه هڻڻ لاءِ ڪنڈيءَ مان نڪتو، هيڏانهن مالوند ماڻهن ۾ ڦڙڦوٽ پئي، ته جيڪو بداماڻي پنرو بڏوهين پئي، سو اچي ويو.)

پنرو به تمام پري پري تائين وڃي لوڙهيون هڻندو هو. سنڌس غير حاضري ۾ پٺ پئي ڪنهن کي همت نه ٿيندي هئي ته ڪاڇي تي ڪاهي. اچي پنري هڪڙو ڪوٽ اڏائي چڏيو هو، جنهن ۾ سنڌس

ڪتب ۽ مٽ مائٽ رهندا هئا. اهو ڪوٽ سندس ڏاڏي پڙ ڏاڪي جو نشان هو.

هڪڙي پيري سندس پرپٽ ڪو مغل سردار ڪاڇي تي ڪاهي آيو. پنرو ان وقت پنهنجي سڀني سائين سان گڏ ڪنهن پرانهين هنڌ تي مال هڻڻ ويو هو. چون ٿا تہ ڪن پالارين، مغل جي سونهپ ڪئي هئي. رات جي وڳڙي ۾ مغل جي لشڪر اچي پنري جي ڪوٽ کي گهيرو ڪيو. پنري جي ڪُڙم جون کي زالون ڪوٽ تي چڙهيون، جن دشمن جي لشڪر کي ڏسي پنهنجن مردن کي چاڻ ڪيو.

ان وقت ڪوٽ ۾ گهٽو ڪري رڳو پيرمرد هئا، ۽ فقط پنري جو هڪڙو پاڻ سو موجود هو. هيءُ جوان مغل جي ڪاهي اچڻ جو ٻڌي تلوار سنباهي ڪوٽ جي دروازي جي اندران ٽي ويٺو. مغل جا ماڻهو دروازي مان لوگهو ڪري، هڪڙو هڪڙو ٽي اندر ٽي گڙيا. بس جيڪو ٽي اندر گهڙيو، تنهن کي ٽي قتل ڪيائين. اهڙيءَ طرح دشمن جا گهٽا ماڻهو مارجي ويا. تڏهن مغل پنهنجي لشڪر کي حڪم ڪيو تہ: ڪوٽ جي پٺ پڇي اندر گهڙو! مغل جي لشڪر پوءِ سمورو زور ڪوٽ جي پٺ پڇڻ تي لاتو. پنري جو پاڻ دروازي واري لوگهي وٽ ويٺ ماڻهن کي ٻيهاري پاڻ ان هنڌان وڃي ويٺو، جتان مغل جي لشڪر ڪوٽ جي ٻانهين ٽي پڳي. پر اڪيلي سر ڪٿي ٽو سڀني سان مقابلو ڪري سگهي؟ آخر ڪلر ڪوٽ جي ٻانهين پڇي، مغل جو لشڪر ڪوٽ اندر ڪاهي ويو. اتي پنري جي پاڻ، پنهنجي سورهيه پاڻ کي ياد ڪندي چيو تہ:

اڄ گهرجين هت، بداماڻي پنرا!
مڻان پڳي پت، ويرين واٽون لائيون.

(اي بداماڻي پنرا! اڄ هن موقعي تي تون هتي گهرجين، جو دشمن ڪوٽ جي پٺ پڇي، ان مان اندر ڪاهي ويو آهي.)

پر پنرو سؤ ڪوهه پنڌ تي ڪيئن ٽو پاڻ جو سڏ ٻڌي سگهي! نيٺ

دشمن اڇي سر تي ڪڙڪيس، تڏهن تلوار ڪٽي ڪٽڪ ۾ ڪاهي پيو ۽ بهادريءَ سان مقابلو ڪرڻ لڳو. پر ڪٽي سمورو لشڪر ۽ ڪٽي اڪيلو سر! تڏهن وري به پاڻ کي سڏيائين تہ:

اڄ گهرجين تون، بداماڻي پنرا!
مٿان اڇي مون، ويرين واٽون لائيون.

(اي بداماڻي پنرا! اڄ هتي تون گهرجين، جو دشمن مون اڪيلي مٿان اڇي ڪڙڪيو آهي.)

آخر ڪار سورهيائيءَ سان دشمن جو مقابلو ڪندي اتيئي مارجي ويو، پر پڇاڙيءَ تائين پنهنجي سورهيه پاڻ پنري کي سڏيندو، سندس مدد لاءِ واڇائيندو رهيو:

اڄ گهرجين يار، بداماڻي پنرا!
ڪاڇي ٻانهي پار، اڇي ويرين ويڙهيا.

(اي يار! اڄ تون هتي هجين ها تہ ڇڏو هو، ڇو تہ ڪاڇي کي پنهي طرفن کان ويري وڪوڙي ويا آهن.)

بداماڻي پنري جي پاڻ ڪاڇي ۽ ڪڙم تان سرقربان ڪري ڪَرَ کي آڳاريو. ان جي مارجڻ کان پوءِ مغل جو لشڪر ڪوٽ ۾ ڪاهي پيو ۽ نالي کي هڪڙو ڪڪ به نہ ڇڏيائون. ان سان گڏ سڀ زالون پڻ اول ڪري پاڻ سان نيائون. انهن زالن ۾ پنري جي 'سڳي ماءُ'، 'ماڻيجي ماءُ'، 'امّلهه' نالي سندس ٻه هڪڙي سوناري عورت، جنهن تي پنرو عاشق هو، سي به شامل هيون. پنرو انهي رات پنهنجن يارن سميت، ڪاڇي کان سؤ ڪوهه پنڌ تي ستو پيو هو. اُنين جو وڳا ۽ پيو مال هٽي اڇي اُتي آرامي ٽيا هئا. ڪيس آڏيءَ رات جو اڇي کي پسڻ پيا، سو ستي اوچتوئي اوچتو چرڪ پري اُٿي ويهي رهيو. سندس همراهه به سڀ اُٿي ويٺا، جن چرڪ پرڻ جو سبب پڇيس، تڏهن چيائين تہ: منهنجي هنئين ۾ گهوڙن جا سُم پيا لڳن. دوستن ڪيس اوري پري جون گهالهيون ٻڌائي سندس دل تان اوٽنار لاهي ڇڏيو. پر وري پنري کي پسڻ پيو ۽ ساڻين سان گڏ سڏو پنهنجي ڪوٽ ڏانهن رخ ڪيائين.

هيڏانهن پنري جون مائرون ڪاڇي جو ڪوٽ چڏي، مغل جي لشڪر سان گڏ ٻان طور هلڻ لڳيون، ۽ پنهنجي ملڪ جي بربادي ڏسي پنري کي ياد ڪيائون. ماڻيجي ماءُ پڻ آهه ڀري پنري کي وقت سر پڇڻ لاءِ سڏيو ته:

بداماڻي پنرا! اڄ گهرجين آءُ،
ماڻيجي ۽ ماءُ، ٻئي وڃن ٻانڀر.

(بداماڻي پنرا! تو کي اڄ هتي پڇڻ گهرجي، جو تنهنجي ماڻيجي ۽ سڳي ماءُ، ٻئي ڇڏيون قيد ۾، ضامن طور پيون وڃن.)

ان وقت ڪاڇي جو هڪڙو ماڻهو، جو پڻ مغل جو قيدي هو، تنهن اهو ورلاپ ٻڌو، ۽ خيال ڪيائين ته، ڪهن طريقي سان پنري کي انهي واقعي جي خبر ڪجي. سو اڏڪل سان لشڪر سان کسڪي ويو. پڳل قيدي پنري کي ڳولي اڇي هٿ ڪيو ۽ سامهون بيهي چيائين ته:

بداماڻي پنرا! پٽ ٻانهن و ناگڻيان،
وڙهي ورچي چڏيو، اهڙين گهٽين گهلڻيان.

وري چيائين ته:

ڪهون واڻا ورسي، ڪهون واڻا ڏار،
بداماڻي پنرا! پٽ ڪاڇي جا ڳهار.

ائين چئي پنري کي مغل جي ڪاهه، سندس ياءُ جي مارجڻ، مائرن، ڀينڙ ۽ سونارين جي گرفتار ٿيڻ جي سموري حقيقت ٻڌايائين ۽ پڻ سندس ماڻيجي جو ورلاپ ڪيس سڌايائين. پنرو سڄي گهاڻ ٻڌي جوش ۾ اچي ويو، ۽ چيائين ته:

ماڻيجي! تو مٺو مونکي، پلي ڪري ڏنو،
آءٌ ڪاهي مغل ماريان، وٽي جو هليو.

(ماڻيجي ماءُ! تو پلي مونکي طعنو ڏنو، هاڻي آءٌ قسم ٿو کڻان ته جيسين مغل کي نه ساريندس تيسين ڪائڻ پيئڻ وهه اٿم.)

پوءِ انهين مهل ئي ساٿين کي ساڻ ڪري واءُ مينهن ڪدو، انهين پاسي روانو ٿيو، جيڏانهن مغل کي وڃڻو هو. سڄي ڏينهن جي

پنڌ ڪان پوءِ ، نيٺ اچي جبل جي لڪ وٽ پهتو ، جتان مغل جو لشڪر پڻي لنگهيو . لڪ سوڙهو هو جنهنڪري لشڪر ٿورو ٿورو ٽي پڻي اڪريو ؛ مغل جي لشڪر جو ڪجهه حصو لڪ مان آڪري ويو هو ، باقي لشڪر پنري ۾ سندس ساٿين لڪ ۾ پورو ڪري ڇڏيو .

بداماڻي پنرو ، جهلي بيٺو لڪ ،
ماري مغل مٽاڪرا ، تن جو پورو ڪيائين لڪ .

خود مغل سردار ، جو پنهنجي لشڪر جي حفاظت لاءِ پويان بيٺل هو ، سوبه جيئن لڪ مان لنگهيو ته پنري پنهنجي سر حملو ڪري ، ڪيس ۾ سندس گهوڙي کي اتي پورو ڪري ڇڏيو .)

بداماڻي پنرو ، جهلي بيٺو سڏ ،
ويي مغل گهوڙي سوڌو ، ڪري اڌو اڌ .

پنري جون ماڻرون ۽ پيون اهي عورتون جي مغل گرفتار ڪري ساڻ وٺي ٽي ويا ، سي آزاد ٿيون . حملي ڪان پوءِ جانچ ڪن ته پنري جي پٺ آسلهه ۾ سندس محبوبه سوناري آهن ٿي ڪين . پوءِ سمجهيائون ته اسلهه ۾ سوناري مغل جي لشڪر جي اڳئين حصي ۾ هيون ، جو لڪ اڪري چڪو هو . پنري پنهنجي ساٿين سميت ڊاڍي گهولا ڪئي ، پر اهو لشڪر هٽ ئي ڪونه آيس . آس پاس به گهٽئي ماڻهو ڊوڙايائين پر پٺو ڪو نه ٻيو .

هوڏانهن وري مغل جا ماڻهو سوناريءَ کي ڪنهن شهر ڏانهن آماڻي ، آسلهه کي ڪٽي پنهنجي شهر ۾ آيا ، جتي ويچاري رات ڏينهن ٻاءُ کي ياد ڪندي هئي . هڪڙي ڏينهن اتفاق سان اتي ڪاڇي جي پامي جو ڪو فقير اچي نڪتو ، آسلهه کيس سڃاڻي ٻاءُ پنري ڏانهن سنيهو موڪليو ته :

”نالو جنهن املهه ،
تنهن سڳا سيون هٿ ۾ ، ويني ٽڳي جهلّ .“

فقير املهه جو نياپو آڻي پنري کي ڏنو . پنرو پٺ ڏانهن وڃڻ لاءِ يڪدم تيار ٿي فقير ڪان ڏس پتو پڇڻ لڳو . سندس ساٿين گهٽو

چيو تہ: اسين بہ گڏجي هلون. پر هي انڪار ڪري اڪيلي سر پنهنجي 'نيلوفري' گهوڙيءَ تي چڙهي روانو ٿي ويو. هلندي هلندي وڃي انهيءَ شهر ۾ رسيو. مخفي طور پڇا گاڇا ڪري وڃي انهيءَ جاءِ هيڻان ٻينو، جتي سندس پٽ قيد هئي. املهہ، جنهن ان وقت بہ دريءَ کان پئي پنهنجي ملڪ جي وات ڏٺي، تنهن جي نظر جڏهن پنري تي پئي تہ بي اختيار لهي اچي پاءُ ڪي پاڪر پاتائين. املهہ جي ٻانهان ٻانهان، ٻانهيون ۽ پهريدار ڊوڙندا آيا، پر پنري پٽ ڪي ٻانهن کان جهلي يڪدم ڪٽي پاڻ سان گڏ نيلوفريءَ تي ٻيلهہ ويهاريو، ۽ گهوڙيءَ کي اڙي هنيائين تہ اڏامي آڻي هلي، ۽ پنرو سلامتيءَ سان اچي ڪاڇي ۾ پهتو. پنري جي موڻي اڇ تي سڄي ڪاڇي خوشي ملهائي. بداماڻي پنري مغل کي ماري، ڪاڇي ۾ ٽيل ڪيس جو بدلو ورتو، ماڻرن کي موتايو ۽ پٽ بہ آڻي وڳر ٻيڙي ڪئي، پر سندس دل کي اڃا آرام نہ آيو هو، چاڪاڻ تہ سندس ساهہ سدا سهڻي سونريءَ ۾ هو، جنهن جو اڃا ڪيس پتو نہ پئجي سگهيو هو تہ ڪهڙي پاسي قيد آهي ۽ ڪهڙي حال ۾ آهي. هڪڙي ڏينهن ڪيس ڪنهن ماڻهو هٿان سونريءَ جو نياپو اچي پهتو تہ:

بداماڻي پنرا! پليون سپ ڪياءِ،
ٻيون تان سپ وڻي وئين، هڪ گوئيي وسرياءِ.

(بداماڻي پنرا! تو سپ پالي ڪئي ۽ پاڻ ملهايئي، پر هڪڙي ڳالهہ جو ارمان اٿر تہ ٻيون (عورتون) سپ چڏائي وڻي وئين، ۽ رڳو هڪڙي گونائڻ (محبوبہ) وسري ويئي.)

سونريءَ جو اهو نياپو پڏي پنرو انهيءَ مهل ٽپ ڏيئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ نياپي آڻيندڙ کان پار پنڌ پچي نيلوفري گهوڙيءَ تي چڙهي وڃي آٿي رسيو. سپاهين سان وڙي ويڙهہ ڪائي سونري چڏايائين، جنهن کي پاڻ سان گڏ نيلوفريءَ تي ٻيلهہ ڪٽي اچي ڪاڇي ۾ پهتو. ان کان پوءِ پنري جي حياتيءَ ۾ وري ڪنهن کي بہ ڪاڇي تي ڪاهڻ جي همت نہ ٿي.

بداماڻي پنري جي مرڻ کان گهڻو پوءِ مشهور لوڙائو "لاکو ڏاڙي" ساماڻو، جنهن ڪاڇي ۾ به لوڙهيون هنيون. تڏهن اتي جي ماڻهن پنهنجي سورهيه سردار کي ياد ڪيو، ۽ ڪنهن سگهڙ چيو ته:

"پيٽي ناهه بدام، تڏهن لاکو ٿو لوڙهيون هڻي."

بدام جو ڪوٽ پوءِ ڦٽي ويو، پر جنهن پيٽي تي اهو اڏيل هو، اتي هڪ درڙي جا آثار رهجي ويا، جنهن کي پوءِ "بداماڻي بٽ" ڪري سڏيندا هئا. ڪونجون هميشه اتي ولر ڪري اچي لهنديون هيون ۽ عام ماڻهو ائين پائيندا هئا ته ڪونجون اتي بي ڏيهون پيون چگن، جو پائڻين ٿيون ته هو سورهيه پنري جي سام ۾ آهن. شڪاري به ساڃاهه وارا هئا جو سورهيه پنري جي ماڳ مڪان جو خيال رکي اتي ڪونجن کي ڪين مارينداهئا. پر وقت گذرڻ بعد جڏهن ٻاهرين طرفن جا ماڻهو ۽ ماري انهي جوءِ ۾ اچڻ لڳا ته ويچارين ڪونجڑين لاءِ به خطرو پيدا ٿي ٿيو. انهي ٻوڙين دور واري حالت ۾ پٽائي صاحب ٻڌ ڪونج کي خبردار ڪيو ته:

چيتا ڪيو چيٽڇ، بداماڻي بٽ ۾،
نيٽين نند مر ڏڇ، چيڑون چپر آئيون.



V.N.13

ڪپريو ڪاهوڙي ۽ راڻي ڪاداري*

ڪنهن زماني ۾ 'جهرڪن' ۾ 'ماجيراء' نالي هڪڙو سردار رهندو هو. وٽس پي ته ڪنهن ڳالهه جي ڪمي ڪانه هئي، پر اولاد ڪونه هئس. ڪئين پير فقير، ساڌو سنت پچايائين پر سندس مراد پوري ڪانه ٿي. هڪڙي ڏينهن ڪيس ڏس ملیو ته اولهه طرف وارين ٽڪرين ۾ هڪڙي چُر آهي، جنهن ۾ هڪڙو فقير رهي ٿو، تنهن وٽ وڃ. شايد تنهنجي من جي مراد پوري ٿئي. ويچارو نااميد ته ٿي چڪو هو، پر وري به اُميد ڪري، ڏس ملیل ٽڪرين ڏانهن روانو ٿيو. ٿوري پنڌ ڪان پوءِ، اچي انهيءَ غار وٽ پهتو. اندر گهڙي ڏسي ته برابر هڪڙو پيرسن فقير ڪنڌ هيٺ ڪيو مراقبي ۾ ويٺو آهي، جنهن جا پيرون به اڇا ٿي ويا هئا. هيءُ به سلام ورائي هڪڙي ڪنڊ وٽي ويهي رهيو. ڪجهه وقت گذرڻ ڪان پوءِ فقير ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ ڪيس ڏسي چيائين ته: ماجيراء، توکي هڪڙي ڏيءَ جمندي. ائين چئي فقير وري ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيو، ۽ ماجيراء سلام ورائي پوئين پيرين موٽي آيو.

فقير جو چوڻ سچو ٿيو، سندس زال کي اميد واري ٿي، ۽ نائين مهيني هڪڙي سدا ملوڪ ڏيءَ جايس، جنهن جو نالو "ڪاداري" رکيائين. جنهن جي معنيٰ آهي "غار مان ڪڍيل." ڪاداريءَ جي جنم تي چو طرف خوشيون ٿي ويون. ماجيراء جي خيرات مان غريب غربو ڏاڍجي ويو.

---

* هيءَ ڳالهه لاڙ (تعلقي ٽنڊي) مان عبدالله گدريڪان ملي.

ڇڏيءَ جي رات، دستور موجب ڪيترائي پنڊت ۽ نجومي گهرايا ويا، جي پوٿين ۽ ٽپا ڪولي، ڪاڏاريءَ جو پاڻ ڏسي مات ڪري ويهي رهيا، ۽ ماڃيراءَ کي ڪجهه به نه ٻڌايائون. تنهن تي هن سمجهيو ته ڳالهه ۾ مڙئي کي رولو آهي، سو نجومين کي چيائين ته: نياڻيءَ جي پاڻ ۾ جيڪي لکيل هجي اهو ٻڌايو. آخر هڪڙي نجوميءَ ڏکندي ڏکندي هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته: سردار! جيئدان ملي ته ڪجهه ٻڌايان. ماڃيراءَ چيس ته: توکي جيڪي چوڻو آهي، سو جلدي چئو. جنهن تي نجوميءَ ٻڌايس ته: اي سردار، ڪاڏاري تمام سلڇڻي ۽ پاڻ واري آهي، سدائين سکي رهندي، پر سندس لکيو توسان آهي. اهو ٻڌي ماڃيراءَ جي منهن جو پنوئي لهي ويو، ڏاڍو ڏک ٿيس، پر ڏٺيءَ جي رضا جي آڏو انسان جو ڪهڙو وس آهي. سو چيائين ته: چڱو جڏهن اهو وقت ايندو تڏهن ڏٺو ويندو.

ڪاڏاري ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان پلجڻ لڳي، اڃ نندي سيان وڏي، اڇي جوان ٿي. سندس سونهن جي هاڪ ملڪان ملڪ مشهور ٿي ويئي. ڪيئي راجا ۽ شهزادا سندس سڳ ونڊ لاءِ اڇڻ لڳا، پر ماڃيراءَ سيني کي ٽاريندو آيو.

انهن ڏينهن ۾ جهرڪن جيپي پريان هڪڙو پهتل فقير رهندو هو. جنهن کي "ڪپريو ڪاهوڙي" ڪري سڏيندا هئا. هن وٽ هڪڙو ڪرامتي 'ڪنو' هو، جنهن جي وسيلي هو جتي به چاهيندو هو اتي وڃي پهچندو هو. ڪنيءَ اها به حڪمت رکيل هئي جو 'جيڪڏهن عورت ذات انهي کي هٿ لائيندي ته سندس ڪرامت ختم ٿي ويندي.' جڏهن انهي فقير ڪاڏاري جي حسن جي هاڪ ٻڌي ۽ اهو به پتو پيو ته سندس لکيو، پنڊتن جي چوڻ موجب پيءُ سان ٿيندو، تڏهن پکو پهه ڪيائين ته ڪهن حيلي ڪاڏاري کي محلات مان ڪيڻي اڇجي ۽ ڪيس انهي گناهه کان بچائجي. سو پهرين واءَ سواءُ وڻي اڇڻ جي خيال کان

ڪستو ڪئي صدائون هٽندو اچي ماجيراءِ جي در تي ٽڪين هنيائين. پانهي نڪري آئي جنهن ڪيس خيرات ڏني، پر هن وٽ ڪا انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ: اسين پانهين جي هٿان خيرات ڪونہ وٺون. وڃي سائٽ کي چئو تہ اها پاڻ اچي خيرات ڏئي. پانهيءَ وڃي ڪاڀاريءَ سان گالهہ ڪئي تہ، فقير هيٺن ٿو چئي. ڪاڀاري خيال ڪيو تہ فقير ٿيندا آهن الله لوڪ، آنهن جي گالهہ موٽائڻ چڱي ناهي، سو هڪڙي ٽالهيءَ ۾ خيرات ڪڍي باهر نڪتي.... سبحان الله ڪهڙي گالهہ ڪجي! فقير سندس حسن جي جيڪا هاڪ ٻڌي، تنهن کان چار رتيون سرس ڏٺائين. ڪپريو ڪاهوڙي هو تہ فقير، پر شڪل صورت ۾ شهزادن کي بہ شهہ ڏيو ٻيٺو هو، سو ڪاڀاري بہ مٽس موهت ٿي پئي. ٻئي هڪٻئي ۾ اکيون اٽڪائي بيهي رهيا. ڪجھ دير گذرڻ کان پوءِ ڪپريي پاڻ سنيالي، هن کان خيرات ورتي ۽ موٽي وڃڻ لڳو، تنهن تي ڪاڀاري چيس تہ: فقير! پيرو نہ ڇڄ. ڪپريي جواب ڏنس تہ: راڻي! ايندس، پر هاڻي فقير ٿي نہ اينداس. ائين چئي ڪپريو ڪاهوڙي رمندو رهيو.

ڪاڀاريءَ کي اچي عشق لڳو هو، سو سڄو ڏينهن وياڪل ۽ ويڳاڻي ٿي ويٺي هوندي هئي، نہ ڏينهن جو سک نہ رات جو آرام، بس رڳو فقير جي يادگيري هوندي هئس.

هوڏانهن ڪپريي جي بہ ساڳي حالت هئي. آخر خيال ڪيائين تہ زور زبردستي منهنجي ڪانہ هلندي، ۽ نڪي وري ماجيراءِ پنهنجي ڌيءَ ڪاڀاري جي شادي سون سان ڪندو، تنهنڪري اهڙي ڪا اٽڪل ڪجي جو ڪاڀاريءَ کي محلات مان ڪڍي اچجي. گهٽئي خيال ڊوڙايائين پر گالهہ سمجهہ ۾ ئي نہ پئي اچيس. انهن ڳٽتين ۾ ويٺو هو تہ سندس نظر هڪڙي ڪانيءَ تي وڃي پيئي، جنهن مان کي ماکوڙا آر پار پئي آيا ويا. اتي خيال آيس تہ چونہ هن غار کان وٺي سرنگهہ هٽجي، جا وڃي ڪاڀاريءَ جي محل سان لڳي. پوءِ يڪي سر ٻيٺو

سرنگهه ڪوٽ. رات ڏينهن هڪ ڪري چڏيائين پر محلات تائين پهچي نه سگهيو. ڇهن پيرن جي ناڪاميءَ کان پوءِ، ستين دفعي سڏو ڪاڌاريءَ جي ڪمري ۾ وڃي نڪتو. پوءِ ته ٻئي پاڻ ۾ ملي، ڏاڍو خوش ٿيا. ڪپڙي چيس ته: هاڻي مون سان گڏجي هل. ڪاڌاريءَ به ڪٽي هائوڪار ڪئي، سو يڪدم ڪيس اتان ڪٽي سرنگهه جي محلات واري در کي لٽي، اچي پنهنجي آستان پهڙو ٿيو.

هوڏانهن محلات ۾ ڪاڌاريءَ جي گم ٿي وڃڻ جي خبر باهر وانگر پکڙجي ويئي. ماڃيراءَ سڄي ملڪ ۾ ماٺهو ڊوڙايا، پر ڪٿان به ڪاڌاريءَ جو پتو پڌجي نه سگهيو. آخر روئي پٽي مات ڪري ويهي رهيا.

ڪاڌاري سکن جي پليل سا ڪٽي ٿي هڪڙيءَ ڇر ۾ رهي سگهي! جيتوڻيڪ هن کي ڪيريي سان عشق هو، پر تنهن هوندي به هوءَ ساڻ پيءُ ۽ مٽن سائٽن کان سواءِ ويڳاڻي رهڻ لڳي. ڪاڌاريءَ جي اهڙي حالت ڏسي، ڪپريو هڪڙيءَ رات ماڃيراءَ جي ڪوٽ ۾ ويو، ۽ پنهنجي ڪرامتي ڪني جي مدد سان، ڪاڌاري جي خاص ٻانهيءَ جون اکيون بند ڪري ڪٽي آيو ۽ اچي ڪاڌاريءَ جي حوالي ڪيائين. اتي ڪاڌاري جي دل ڪجهه پريي. پوءِ روز رات جو ڪپريو ٻانهيءَ کي چر ۾ ڪٽي ايندو هو، جتي ڪاڌاري ۽ ٻانهي ٻئي پاڻ ۾ رهاڻيون ڪنديون هيون. وري صبح ٿيڻ ٽي ٻانهي کي ڪوٽ ۾ چڏي ايندو هو. ڪپريي ٻانهيءَ کي ڊپ ڏئي چڏيو هو ته، جيڪڏهن اها ڳالهه ڪٽي ٻاهر ڪيندينءَ ته تنهنجو خير نه ٿيندو.

هوڏانهن ماڃيراءَ پنهنجي سکيلڙي ڏيءَ جي ڏک ۾ روئي روئي بيحال ٿي پيو هو، نه کائڻ نه پيئڻ، رڳو ويٺو ڏيءَ کي ياد ڪندو هو. ٻانهيءَ کان سندس اهو حال ڈٺو ڪونه ٿيو، سو هڪڙي ڏينهن وڃهه وٽي کيس دلداري ڏنائين ته: سائين! تون دلجاءَ ڪر! ڪاڌاري مون ڏني آهي. هوءَ جتي به آهي اتي سلامت

۽ خوش آهي. اهو بڌي ماجيراء کيس ڪٽي قابو ڪيو، جي: سچي ڪر، ڪاڌاري کي ڪٽي ڏنو اٽئي؟ اتي پانهيءَ کي اچي سر سان لڳي، سو گالهه نٽائڻ لڳي. پر ماجيراء کيس ڏڙڪا ڏهمان ڏيئي سچي ڪرائي. هن ٻڌايس تہ: ٻي تہ مون کي خبر ڪانهي، پر روز رات جو هڪڙو ماڻهو ايندو آهي، جو منهنجون اکيون ٻڌي ڪٽ تي سمهاري، رات وچ ۾ ڪاڌاري وٽ ڪٽي ويندو آهي، ۽ وري صبح ٽيڻ ڪان اڳ هتي ڇڏي ويندو آهي.

ماجيراء يڪدم پنهنجا صلاحڪار گهرايا. ڪنهن گهڙي صلاح ڏني ڪنهن ڪهڙي. نيٽ اهو رايو ٻيئو تہ ٻي تہ ڪابہ واهہ ڪانهي، باقي ساوڻيءَ جي شروعات ۾ ڪٽ جي پيراندي۽ ڪان سرنڌهہ جون ڳوٽريون ٻڌي انهن کي سوراخ ڪري ڇڏجن، جيئن پانهي ڪٽ ٽي ڪجي پئي ويندي، تيئن انهن ڳوٽرين سان سرنهہ ڪرندي وڃي، پوء مينهن پوڻ تي جڏهن سرنهہ ڦٽندي تڏهن انهي نشان وسيلي چور جهلي سگهبو.

قصو ڪوتاهہ، سانوڻ ہ آيو، خيرن سان مينهن وڻا، ۽ سرنهہ جو پڃ ہ ڦٽي ظاهر ٿيو. ماجيراء چا ڪيو جو پنهنجي لشڪر سميت سرنهن وارو گس وٽي، ڪاهيندي اچي ڪات ڪپريي جي مڪان کي گهيرو ڪيو. ڪپريو ڪاهوڙي انهيءَ وقت عبادت ۾ مشغول هو، جنهنڪري ڪيس ڪابہ خبر نہ پئجي سگهي، باقي سندس ڪرامتي ڪنو انهيءَ گهڙي، پاڻمرادو مياڻ مان نڪتو. اتفاق سان ڪپريي ڪاهوڙي ڪاڌاريءَ کي ڪني جي ڪرامت واري گالهہ ڪانہ پڌائي هئي، سو هن جو مياڻ مان ڪنو نڪرندو ڏٺو، تيئن سٽ ڏيئي ڪٽي جهلياٿينس. پوء تہ گهڙيءَ ڪن ۾ ڪني جي ڪرامت پوري ٿي وئي. ايتري ۾ ماجيراء جو لشڪر ہ چڙ ۾ ڪاهي آيو، جنهن يڪدم ڪپريي کي عبادت ڪندي ماري وڌو. اهو حال ڏسي ڪاڌاري سهي نہ سگهي، تنهن ہ اتي جو اتي پاڻ کي ماري ڇڏيو. ماجيراء کي انهي جو ڏاڍو ڏک ٿيو.

پوء راجا ماجيراء، ڪاڌاري ۽ ڪپريي ڪاهوڙيءَ کي

دفن ڪرائي چڏيو. ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڏسن تہ اهي قبرون گڏجي هڪ ٿي ويون. اڄ ڏينهن تائين هنن جي اها قبر موجود آهي.

پُراڻ درياءَ جو سوداگر*

سومرن جي حڪومت جي آخري دور ۾، سنڌ جي لاڙ واري حصي مان سڌو درياءَ وهندو هو، جنهن کي "پراڻ" ڪري چوندا هئا، جنهنڪري لاڙ تمام ساڻو ۽ سٽابو حصو ليکيو ويندو هو. پراڻ جي ٻنهي ڪنڌين تي وڏا ۽ عاليشان بندر هئا، جن تي پري پري جا غوراب ۽ ٻيڙا اچي لنگر هڻندا هئا. انهن بندرن ۾ "علي بندر" سڀني کان مشهور هو.

هڪڙي ڀيري هڪڙو ڪشميري سوداگر، جنهن جو واپار ڪشمير کان ڪچ تائين هلندو هو، مال اسباب جا غوراب پرائي پنهنجي زال ۽ ٻئي وڏي ساٿ سميت واپار ڪرڻ لاءِ سفر جو سانباهو ڪيو. روانو ٿيڻ کان اڳ سوداگر پنهنجي سموري ساٿ کان انجام ورتو تہ، جيڪڏهن ڪنهن ۾ ماڻهو منهنجي حڪم جي عدولي ڪئي، تہ ان کي اتي جو اتي ساٿ کان جدا ڪيو ويندو. اهو شرط سڀني قبول ڪيو. ٻئي هڪڙي ڏينهن ڀاويهه ٻيڙا سامان سان ڀري ڪڍي الله توهار ڪيائين. وات تي واپار ڪندو، منزلون هڻندو، ڪيترن مهينن کان پوءِ اچي "علي بندر" تي لنگرانداز ٿيو. سوداگر وٽ مال جهجهو هو، سو ڪجهه ڏينهن اتيئي ترسي واپار ڪرڻ لڳو. ڪجهه وڪيائين، ڪجهه خريد ڪيائين، جنهن مان ڪيس گهڻوئي فائدو ٿيو.

هڪڙي ڏينهن شام جو، سوداگر ۽ سندس زال سير ڪرڻ

---

* من گالهه جون ٻہ رواتيون مليون، هڪ وچولي (تعلقي ٽنڊي الهيار) مان الله بچائي جرڙار کان، ۽ ٻي لاڙ (تعلقي ٽنڊي باگي) مان محمد طالب لوهار کان ملي.

لاءِ درياءَ جي ڪپ تي ويا، گهمندي گهمندي سندن نظر هڪڙي ڪرار تي وڃي پئي، جنهن ڪرين کي پاڻي پئي پياريو. ڪرار ٻاڻ ۾ ڪرين وانگر گوڏا کوڙي پاڻيءَ ۾ ٻوٽ وڃهي پئي پاڻي پيتو. اهو لڏاءُ ڏسي، سوداگر پنهنجي زال کي چيو تہ: اهو سڀ تخم جو تاثير آهي، جو ڪرار ۾ ڪرين وانگر پاڻي پيو پيئي. ان مان سمجهجي ٿو تہ هيءُ کو گهٽ ذات جو آهي. جيڪڏهن کو خاندان ۽ اصل نسل وارو هجي ها، تہ هوند ائين نہ ڪري ها. انهيءَ تي سوداگرياڻيءَ جواب ڏنو تہ: نہ سائين! ائين ڪونهي، اهو سڀ صحبت جو اثر آهي، جو ڪرين سان گڏ رهندي، ڪرار کي بہ انهن وانگر پاڻي پيڻ جي عادت پئجي ويئي آهي. سوداگر زال جو اهو جواب ٻڌي چيو تہ: تو کي اها اها گهالهہ قبول ڪرڻي پوندي، نہ تہ منهنجي حڪم جي عدوليءَ سبب تو کي سات ڪان جدا ڪيو ويندو. جوٽس وراڻي ڏني تہ: سائين! تون چا بہ چئين، پر سچ نيٺ سچ آهي. سوداگر هڪڙيءَ تي، زال پيءَ تي؛ نيٺ جڏهن جوٽس سندس گهالهہ ڪانہ مڃي؛ تڏهن چيائينس تہ: تو منهنجي گهالهہ ڪان انڪار ڪيو آهي، تنهنڪري آءٌ تو کي پاڻ سان ڪونہ وڃي هلندس. اڄ ڪان تنهنجو رستو جدا ۽ منهنجو رستو جدا؛ پوءِ پلي پئي انهيءَ کي صحبت جو اثر سمجهہ. اهو ٻڌي سوداگرياڻيءَ کي ڏاڍو ارمان ٿيو. ۽ مڙس کي چيائين تہ: ميان! آءٌ انهيءَ سزا سهڻ لاءِ تيار آهيان، پر تو کي ٻڌائي ٿي ڇڏيان تہ، تنهنجو اهو ضد اجايو آهي، هاڻي ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ تہ هڪڙي ڏينهن تو کان انهيءَ سڳي ڪرار جي جُٺي ڇڏائي، سمجهائيندیس تہ اهو صحبت جو اثر هو ۽ نہ ڪي تخم جو تاثير. سوداگر سندس گهالهہ اڻٻڌي ڪري پنهنجي سات ڏانهن موڙي ويو، ۽ يڪدم ٻڙا سمبراڻي علي بندر تان روانو ٿي ويو.

سوداگرياڻي ڪا وڏي داناءُ عورت هئي، تنهن دل ئي دل ۾ ڪو پهہ ڪيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن انهي هنيلي سوداگر

کان ساڳئي ڀکرار جي جُٽي ڪٽائيندیس. اهو ڦهه پڇائي يڪدم ڀکرار وٽ آڏي ۽ چيائينس تہ: ميان ڀکرار! مون سان شادي ڪندين؟ غريب ڀکرار جنهن سڄي عمر ڪنهن زال سان گالهايو ۾ ڪين هو، تنهن کي جو مفت ۾ زال ٿي ملي، سو يڪدم ڪٽي هائوڪار ڪيائين. پوءِ تہ ڀکرار ڪيس پنهنجي گهر وٽي آيو ۽ ڀکريون واڙي ڪائنس خبرون چارون پڇڻ لڳو، جنهن تي هن ٻڌايس تہ: آڃ فلاڻي سوداگر جي زال آهيان، جو ڪنهن گالهه تان ناراض ٿي، مونکي تنهنجي حوالي ڪري ويو آهي. ڀکرار اهو ٻڌي ڪجهه وقت تہ مات ۾ رهيو، پر پوءِ هن کي چيائين تہ: آڃ هڪ غريب ڀکرار آهيان، جيڪڏهن غريباڻي جهوپڙيءَ ۾ رهڻ مناسب سمجهين تہ رهه، نہ تہ منهنجي ٽوٽي گاهه روڪ ڪاٿي. پر سوداگرياڻيءَ چيس تہ: مون کي رهڻو ٿي هٽ آهي، ٻئي هنڌ آڃ ڪين ويندیس. لاچار ڀکرار ڪٽي مات ڪئي، ۽ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ پاڻ ۾ شادي ڪري ويهي رهيا.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سوداگرياڻي پنهنجو موتين جو هار ڀکرار کي ڏنو تہ وڃي بازار ۾ وڪڻي اڇ. ڀکرار اهو هار شهر ۾ وڪڻي، پيسا آڻي سوداگرياڻيءَ کي ڏنا. هن چا ڪيو جو پهرين ڪجهه پئسن مان تمام اڇو ڪپڙو گهرائي ڀکرار لاءِ ٻہ ٽي وڳا تيار ڪرايا. ڀکرار جڏهن ڪپڙا لاهي، وهنجي سهنجي نوان ڪپڙا پاتا، تڏهن وڃي ڪجهه ڏسي جهڙو ٽيهو پوءِ ڪيس چيائين تہ: اڃ کان تون ڀکريون نہ چاريندين. ڀکرار ٿي زال جو ايترو اثر هو، جو جيئن ٿي چيائينس ٿي تيئن ڪيائين. پوءِ ڀکرار کي چيائين تہ: هاڻي شهر سان ڪنهن مولوي کي وٺي اڇ. ڀکرار يڪدم وڃي هڪڙي پرسن مولوي کي وٺي آيو. سوداگرياڻيءَ ڀکرار جي ٻانهن مولوي جي حوالي ڪري چيو تہ: مولوي صاحب! هن کي علم سان گڏ اخلاق ۾ سيکاريو. جنهن لاءِ اوهان کي سنو اجورو ڏينديس. ٻئي ڏينهن کان وٽي ڀکرار وٽس پڙهڻ لڳو.

ٿوري گهڻي عرصي کان پوءِ ڀکرار هڪڙو علم ۽ فضيلت

وارو بنجي ٿيو. انهيءَ کان پوءِ سوداگرياڻيءَ مولوي سان صلاح ڪري ٻڪرار کي شهر جي هڪڙي عقلمند امير جي صحبت ۾ موڪليو. اهو امير روز هن کي بادشاهه جي دربار ۾ وٺي ويندو هو. جتي آهستي آهستي بادشاهي اٺڻي ويهڻي ۽ گاله ٻولهه مان ٻڌ واقف ٿيڻ لڳو. اهڙيءَ طرح ڪجهه عرصي گذرڻ بعد، اهو ساڳيو ٻڪرار، هڪ جهنگلي ماڻهوءَ مان قري هڪڙو هوشيار ۽ عقلمند انسان بنجي ٿيو، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ سڄي شهر ۾ "شيخ معروف جيئاڻي" جي نالي سان مشهور ٿي ويو.

انهي زماني ۾ علي بندر جهڙي سڪئي ستابي ۽ آباد شهر ٿي جَت قوم جو سردار وڏو لشڪر وٺي ڪاهي آيو. علي بندر جو بادشاهه جنگ جي لاءِ تيار ئي ڪونه هو، پر تڏهن به ٿورو گهڻو لشڪر گڏ ڪري شهر جو بچاءُ ڪري ويهي رهيو ۽ پنهنجي ملڪ جي دستور موجب هڪڙو ڪنو ميدان ۾ ڪوڙائي ڇڏيائين. جنهن جو مطلب هو ته جيڪڏهن ڪو جوڌو جوان هجي ته وڃي دشمن سان مقابلو ڪري. اهو ڪنو ساندهه ٿي ڏينهن ميدان ۾ ڪنو ٿيو هو، پر ڪنهن به جوان ان کي ڪٽڻ جي پاڻ ۾ همت ڪانه ساري. اها حالت ڏسي بادشاهه کي اڇي سِر سان لڳي ته شايد اسان جي ملڪ ۾ هاڻي بهادري نه رهي آهي، تنهنڪري پڪ ملڪ کسجي ويندو. سو نڪي ڪائي نڪي ٿيئي، ۽ انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ گرندو ويو. آخر اها خبر سوداگرياڻيءَ جي ڪنن تائين پهتي، تنهن يڪدم شيخ معروف کي چيو ته: تون وڃي ڪنو ڪٽي، چمي اکين تي رک ته بادشاهه کي ڪجهه دلجاءِ ٿئي. پوءِ اڄ ته وڌيڪ صلاح ڪريون.

ٻئي ڏينهن صبح ٿيڻ سان شيخ معروف ميدان تي آيو ۽ ڪنو ڪيڙي چمي پنهنجي اکين تي رکيائين. ماڻهن جو اهو ڏڏو سو چوڏاري واهه واهه ٻڌجي ويئي. شيخ ڪنو ڪٽي سڌو پنهنجي گهر آيو ۽ پوءِ ٻئي زال مڙس صلاح ڪري، زرهون پائي بادشاهه وٽ آيا ۽ دشمن سان مقابلي ڪرڻ جي اجازت ملڻ لاءِ عرض ڪيائون.

بادشاهه هنن کي بهادرن جو وڏو لشکر ڏئي روانو ڪيو. هي ٻئي زال مڙس لشکر وٺي، اوچتو وڃي دشمن تي ڪڙڪيا ۽ سخت لڙائيءَ کان پوءِ دشمن جي لشکر کي ماري پڃائي ڪيائون.

جڏهن بادشاهه کي خبر پهتي ته شيخ معروف دشمن کي پڃائي ڪيو آهي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شيخ کي انعام اڪرام ڏيڻ لاءِ پنهنجي دربار ۾ گهرايائين. شيخ دربار ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار ٿيو، تہ زال کيس سمجهايو تہ: بادشاهه کي انعام ڏيئي ته نہ ونجاڻ ۽ ان جي عيوض عرض ڪج تہ مونکي علي بندر تي ايندڙ غورابن کان ڏڻ اڳاڙڻ جي اجازت ملي. زال جي اها گالهه خيال ۾ رکي دربار ڏانهن روانو ٿيو.

دربار اڳ ۾ ئي وزيرن ۽ امير سان ڀري پئي هئي. شيخ معروف جي پهچڻ تي سڀني درٻارين اٿي هن جي آجيان ڪئي ۽ ڪيس هڪڙي عاليشان جاءِ تي وهاريو. اتي بادشاهه شيخ جي بهادري جي تعريف ڪئي ۽ چيائين تہ: تنهنجي بهادريءَ جو تہ ڪو عوض آهي ئي ڪونہ، پر جيڪي منهنجي وس ۾ آهي ان مان جيڪي گهرندين سو ملندءِ. شيخ ادب سان هٿ ٻڌي عرض ڪيو تہ: بادشاهه سلامت! مونکي ڏٺيءَ جو ڏنو ۽ اوهان جو ڏنو سڀوڪجهه آهي، جيڪڏهن سائينجن جي اها مرضي آهي تہ پوءِ مونکي علي بندر مان لنگهندڙ واپاري غورابن کان محصول اڳاڙڻ جي اجازت ملي. انهيءَ تي بادشاهه پنهنجي امير ڏانهن منهن ڪري حڪم ڪيو تہ: جيئن شيخ معروف چئي ٿو تيئن ڪيو وڃي. حڪم ملڻ جي دير هئي، گهڙيءَ کن ۾ هڪڙي سوني پڙچ تي علي بندر جي آمدنيءَ جو پروانو لکجي هن کي مليو.

انهيءَ ڏينهن کان وٺي علي بندر جو مالڪ شيخ معروف هو. هن بندر جي ويجهو هڪ عاليشان جاءِ ٺهرائي، ان ۾ پاڻ پنهنجي زال سميت ڏاڍو خوش گذارڻ لڳو. هو روز شام جو بندر تي آيل غورابن جي فهرست ڏاهي، پنهنجيءَ زال جي اڳيان آڻي رکندو هو ۽ صبح جو انهن ٻڙن جي مالڪن کان محصول

وصول ڪري، ڪين لنگر ڪٽڻ جي اجازت ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح ڪيترو ئي عرصو گذري ويو.

هڪڙي ڏينهن ڪشميري سوداگر جي غورابن جو سات ٻ وڻج واپار ڪندي، اچي علي بندر تي لنگر هنيو. شيخ معروف شام جو غورابن جي فهرست تيار ڪري زال کي ڏني، جنهن ڇڪاس ڪندي جڏهن ڪشميري سوداگر جو نالو پڙهيو، تڏهن شيخ کي چيائين تہ: پهن سوداگرن کي وڃڻ جي اجازت ڏي، باقي هن ڪشميري سوداگر کي ترسائي ڇڏ؛ هن جي محصول جو فيصلو پوءِ ڪنداسين. پئي ڏينهن پهن سوداگرن کي وڃڻ جي اجازت ملي، پر ڪشميري سوداگر جي ڪابہ شنوائي ڪانہ ٿي. ائين ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. اتي سوداگر ٻہ اڇي حيران ٿيو. ٽيٽ ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي، لنگر ڪٽڻ جي اجازت ونڻ لاءِ شيخ جي گهر آيو. ان وقت شيخ معروف ٻ گهر ۾ ئي هو، تہ نوڪر سوداگر جي اچڻ جو اطلاع ڏنس. سوداگر ياٽيءَ اهو ٻڌي، شيخ کي ڪجهہ سمجهائي غسلخاني ۾ تڙ ڪرڻ لاءِ آماڻي ڇڏيو ۽ نوڪر کي چيائين تہ: سوداگر کي آڻي پر واري ڪمري ۾ ويهار. پوءِ پاڻ مٿي ماڙيءَ تي چڑهي دري کولي ويهي هيٺ ڏسڻ لڳي. نوڪر حڪم موجب سوداگر کي آڻي انهيءَ ڪمري ۾ ويهاريو.

جڏهن شيخ معروف وهنجي غسلخاني مان نڪتو ٿي تہ ڏسي تہ سندس جُتي اونڌي ٿي پئي آهي. انهيءَ تي نوڪر کي سڏ ڪيائين تہ، اچي جتي ڪٽي ڏي. ڪيترن سڏن ٿي ٻ ڪو جواب ڪونہ مليس، لاچار سوداگر کي سڏ ڪري چيائين تہ: ادا! معاف ڪج. مهرباني ڪري اها جتي چندي اڳتي ڪري ڏي! سوداگر دل ۾ چيو تہ، جٽ تہ چگي ٿي، پر پنهنجي گتيءَ خاطر اهو ڪم ٻ ڪرڻو پوندو، سو مان مهٽ سان جتي ڪٽي اڇي غسلخاني جي در وٽ رکيائين. اتي سوداگر ياٽي، جنهن مٿان دريءَ مان اهو لقاءُ پئي ڏٺو، رڙ ڪري چيو تہ: هنيلا سوداگر! اهو تخم جو تاثير آهي يا صحبت جو اثر؟ تو جهڙو سوداگر هڪ اهڙي ٻڪرار کي

جتي چنبي پيو ڏئي، جنهن ڪرين سان گڏ گوڏا کوڙي پائي ويٺو هو! اتي سوداگر جون اکيون کليون ۽ پنهنجي کيل غلط فيصلي تي ڏاڍو شرمندو ٿيو. پر وري به پنهنجي هٺ کي قائم رکڻ لاءِ جواب ڏنائين تہ: تو برابر پنهنجو قول پاڙيو، پر هاڻي علي بندر جو محصول به تو جيڪي ورتو سو ورتو، هاڻي انهيءَ لاءِ تون به سگهندينءَ. ائين چئي سوداگر ٻڙا چوڙائي روانو ٿي ويو.

چون ٿا تہ انهيءَ واقعي کان پوءِ سوداگر پنهنجي خرچ سان پراڻ درياءَ جو منهن بند ڪرائي چڏيو، جنهنڪري درياءَ علي بندر کي چڏي ٻئي هندان وهڻ لڳو. آهستي آهستي اهو شهر ڦٽي برباد ٿي ويو.



سارو سَنگهار *

چون ٿا تہ ڪنهن سمي سنڌ ۾ ڪچ جي سرحدي پاڳي ۾ "سارو سنگهار" نالي هڪڙو پاڳيو رهندو هو. وٽس بي انداز چوپايو مال هو. ڏاڍين، مينهن، ريڍ، ٻڪرين، ۽ ائٽن کان سواءِ، وٽس ڪڪڙين جا ٻ ولر هوندا هئا. سندس چوپايو مال پهرجي هلندو هو، تہ ڪوهن ۾ رڳو مال ئي مال نظر ويندو هو. ايترو چوپايو مال ڪنهن ٻ ٻئي پاڳئي وٽ ڪونہ هو. خود بادشاهہ وٽ ٻ ايترو چوپايو مال ڪونہ هو.

ساري سنگهار ڪي هڪڙي هنڌ ٽڪاءُ ڪونہ هوندو هو؛ مال جي سڄي سان ڳڏهن ڪٽي تہ ڪڏهن ڪٽي. جنهن ٻ هنڌ ڏاپو ڪندو هو، اتي پنهنجو ڪو نہ ڪو يادگار ضرور ڇڏيندو هو. جنهن تلاءَ يا ٽوبي تي اڇي مال وهاريندو هو، تہ اهو سندس نالي سان سڏجڻ ۾ ايندو هو؛ يا جنهن هنڌ وٽاڻ ڪري اڇي رهيو تہ اهو سندس ئي نالي سڏجڻ ۾ آيو. سندس اهڙا آستان سنڌ ۾ ڪچ توڙي گجرات، ۾ موجود آهن. تعلقي عمر ڪوٽ ۾ نبي سر جي ويجهو چار تلاءَ پيماس، صاحب ٽڻ، ليٽڪو، ۽ ڏٻٽو هن وقت ٻ سالم حالت ۾ آهن جي ساري سنگهار جا تلاءَ ڪري سڏبا آهن. اهي تلاءَ سانوڻ جي مند ۾ پربا آهن تہ پاڳيا ماڻهو مال ڪاهي انهن جي آس پاس رهندا آهن. جوڌپور علائقي ۾ ٻ ڇهوٽڻ جبل تي ساري سنگهار جا آستان آهن جتي وڏا حوض ٺهيل آهن. انهن مان ڪي تہ اڪثر ٻارهو ئي پريل رهن ٿا؛ اهي ٻ ساري سنگهار جي نالي سان مشهور آهن. تعلقي ننگر پارڪر ۾

* هن ڳالهہ جو سدار مختلف روايتن تي آهي، جي سنڌ جي جدا جدا پاڳن مان مليون

ويرا واهر جي ويجهو هڪ وڏو تلاءُ آهي، جنهن کي "سانگاهر" ڪري سڏيندا آهن، چون ٿا تہ اتي ٻ ساري سنگهار جا وڻاڻ هئا. مطلب تہ ناري، ٽر، سنڌ ۽ ڪچ جي سرحد، توڙي ڪچ ۾ اهڙا ڪافي هنڌ لهندا جيڪي سندس نالي سان سڏجن ٿا.

ساري سنگهار کي چوپائي مال جي سڃاڻ، ۽ انهن جي خاصيتن ۽ بيمارين وغيره سمجهڻ جي قدرت کان ڏات ملهل هئي. سندس انهي دانائي جي ڪري کيس پاڳين جو بادشاهر ليکيو ويندو هو. چون ٿا تہ ٻئي سڀ مال جي خاصيت جي خبر پوندي هئس، پر ڪيتري عرصي تائين ماهي مال کي سمجهي نہ سگهيو. ڇوتہ مينهون گرميءَ ۽ هرديءَ کي هڪجهڙو ڪري پائيندیون آهن. هڪڙي ڏينهن افسوس ڪندي چيائين تہ: مونکي خبر نٿي پوي تہ مينهون باهر جي پيدائش آهن يا پاڻيءَ جي! وس جي منڊ ۾ هڪڙي ڏينهن او گهر اهڙو اچي ٿيو جو ماڻهو ڇيڙو سڀ پگهر ۾ شل ٿي ويا. هرڪو ساهواڙو حيران پريشان هو. سارو سنگهار انهيءَ هنڌ موجود هو، سو ڏسي تہ مينهون کاڙهي جي سامهون بيٺيون آهن. اتي ساري سنگهار کي هڪڙي اڪل سمجهي آئي سو ڏنارن کي يڪدم ڇيڙن گڏ ڪرڻ لاءِ چيائين. ٿوري دير ۾ ڇيڙن جو ڏڳ، لڳي ويو. هن انهيءَ ڏڳ، کي باهر ڏياري، تہ مينهون ٻ اچي باهر تي گاهٽ ٿيون. سارو سنگهار منجهي پيو، پر پوءِ ڏنائين تہ مينهون پيشاب ڪنديون، پوءِ تي ويهنديون وڃن. تڏهن چوڻ لڳو تہ: مون سمجهيو، مينهون پاڻيءَ جي پيدائش آهن، ۽ نہ باهر جي.

هڪ دفعي سارو سنگهار ڪنهن ڪر سانگي ٻئي ملڪ ڏانهن ويو، جتي کيس گهڻا ڏينهن لڳي ويا. ان سال ملڪ ۾ سخت ڏڪار پيو. ساهر وارا بک مرڻ لڳا. آخر ماڻهن مينهن وسڻ لاءِ الله کي ستايو. خدا جي قدرت سان اهڙو تہ منيهن ونو، جو ان ۾ ساري سنگهار جون ست ويهون گانيري گئون مري ويون. سارو سنگهار ٻ باهران ٿي وريو تہ وات تي پنهنجو ماڻهو ملهس

جنهن کان خبر چار پڇائين. هن ٻڌايس تہ: سخت مينهن وٺا ۽ تنهنجون سٽ ويهون گهانيري گئون مري ويون. ٻڌي چيائين "مر تہ مينهن وسن". ان سال مينهن وسندا رهيا ۽ ساري سنگهار جو مال پئي مئو تہ ٻہ پئي چيائين تہ "مر تہ مينهن وسن."

ساري سنگهار کي ٻہ ڏيئون ۽ چار پٽ هئا. مرڻ کان اڳ هن جڏهن چوپايو مال وغيره ورهايو ٿي، تڏهن وڏي کان پڇيائين تہ: تو کي هن مان ڪهڙو مال گهرجي؟ پٽ چيس تہ: مونکي ان ۽ گهوڙا ڏين. وري ٻئي پٽ کان پڇيائين جنهن وري ڏاڍين جي گهر ڪئي. ٽئي پٽ ريون ۽ ڪريون گهريون. ۽ چوٽين پٽ چيس تہ: بابا! تو وٽ جيڪا محبت آهي، سا مونکي ملي. چون ٿا تہ سموري مال پنهنجي ٻين پٽن کي ورهائي ڏنائين ۽ چوٽون پٽ پاڻ سان رهايائين. خدا جي قدرت جو محبت واري وٽ مال جا ڪينجهر لڳي ويا. هڪڙي ڏينهن هڪڙو غريب ساري سنگهار کان ڏس پڇڻ آيو تہ: آئون ڪهڙو چوپايو مال ڏاريان جنهن ۾ برڪت پئي؟ سارو سنگهار ان وقت ننڊ ۾ ستو پيو هو. سندس ڏيءَ ان شخص کان خبر چار پڇي، صلاح ڏنيس تہ: وڃي ريون ڏار. اهو پڙلاءُ ساري سنگهار جي ڪن تي ٻيو، يڪدم آٿي ڏيءُ کي چيائين تہ: اما! اهو ڏس ان کي ڏجي، جنهن کي پنهنجي نياڻي ڏجي.

ان زماني ۾ گجرات علائقي سان مهر ندي وهندي هئي. هڪ سال سارو سنگهار ٻہ گجرات طرف مال ڪاهي ويو ۽ وڃي انهيءَ نديءَ جي هڪڙي وڏي ٻيٽ تي ڊاهو ڪيائين جتي هو هميشہ ايندو هو، ڪيس نديءَ جي لاهن ۽ چاڑهن جو چڱيءَ طرح تجربو هوندو هو، تنهنڪري بيفڪر ٿي آٿي ويٺو رهيو. هڪڙيءَ رات اتفاق سان نديءَ ۾ پاڻي تمام تيزيءَ سان چڙهيو، ۽ ساري سنگهار سميت ڪافي مال ٻوڙي هليو ويو. باقي کو اهڙو ماٺهو ڪونہ بچيو، جيڪو رهيل مال کي ڪاهي، نديءَ مان نڪري اچي. تنهنڪري باقي جيڪو چوپايو مال سلامت بچيو، سو

جهنگ ۾ رهي جهنگلي ٽي ويو. چون ٿا تہ اڄ بہ انهيءَ مهر نديءَ جي پٽ ۾ جهنگلي گئون، مينهون ۽ ڪڪڙ وغيره نظر اچن ٿا، جي ماڻهو کي ڏسيو پڇيو وڃن.

مالدار ۽ پاگيا ماڻهو، اڄ بہ ڪٿر گئون يا مينهن کي ساري سنگهار جو قسم ڏيندا آهن. پين حالتن ۾ بہ مال کي ساري سنگهار جو قسم ڏيندا آهن. ڏاڑن جو يقين هوندو آهي تہ چوپائي مال کي ساري سنگهار جو قسم وجهيو تہ مستي چڏي ڏيندو.

ساري سنگهار جو 'نهيرو' مشهور آهي جو هيرل واهہ جي تيرهين ميل کان الهندي طرف، مير محمد هالپوٽي جي گوٺ ۽ شهلي ڏهري گوٺ جي پرسان، ڏاڏي آدم جي پٽ ۾ ڪٽل آهي. حقيقت ۾ اهو هڪ ڏگهو تاريخي پٿر آهي، پر تر جا ماڻهو ان کي ساري سنگهار جو نهيرو سڏين.

کارائڙيو سمون *

"کارائڙيو" سمون پينگھر چام جو پٽ ھو ۽ ڪچ ۽ گرڙي ابڙاسيپي جو رھاڪو ھو. ھو ھڪ وڏو سورھيہ شخص ھو. گھٽو ڪري راجائن ۽ سردارن جي محلاتن مان موتين جي چوري ڪندو ھو، ۽ محلات جي راڻين ۽ ٻانين ڪي اوڍائيون پھرائڻ ي موتي ۽ زيور ڪڍي ويندو ھو. چوريءَ تي ھميشہ اڪيلي سر ويندو ھو ۽ ڪوبہ سنگتي ساڻي ساڻ نہ ڪٽندو ھو. آسپاس جي علائقن ۾ سندس چوريءَ جو ڏاڪو ويڙھ ھو. اڪثر سڀئي سردار ڪانئس ڪن ھٽندا ھئا.

ھڪڙي ڀيري کارائڙيو سمون پڇم واري ڪاري جبل ڏانھن ڪاھي ويو، جنھن جي اتر واري پيٽ ۾ "نيئر واري واءُ" مشھور آھي، جا "ساري سنگھار" جي واءُ سڏجي ٿي. سارو سنگھار بہ انھن ڏينھن اتي ڊاھو ڪيو ويٺو ھو. ھن ڪي "ميچاچُل" ۽ "ڪَچُورئين" پڻ ڏيون ھيون، جي تمام ھڻيون ھيون، ڪَچُورئين نديءَ ھئي، جا وڏي پھلوان بہ ھئي. اڪيلي سر واءُ سان ڪوس چڪي ويندي ھئي، جو ھوند سانھ بہ مشڪل سان چڪي. کارائڙيو بہ گھمندي ڦرندي اچي واءُ تي پھتو. انھيءَ مھل ڪَچُورئين، واءُ سان پريل ڪوس چڪي ٻاھر ڪڍيو. کارائڙيو ھڪڙي خوبصورت نازنين جي سگھ ۽ سونھن ڏسي مٿس عاشق ٿي پيو. پوءِ ڪَچُورئين کان خبرچار ونڊي، اچي ساري سنگھار جو مھمان ٿيو. کارائڙيو ملکان ملڪ مشھور ھو، سو ڪَچُورئين بہ مٿس عاشق ٿي پئي. آخرڪار ساري سنگھار کان ڪَچُورين

---

* ھن گاالھ جي روايت خليفي صابر درس ويڙل "ابن جو تڙ" (تعلقي ميٽي) کان ملي.

جو سگ، گهريائين، جو هن قبول ڪيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندس شادي ٿي ويئي، ۽ ٻئي ڇڻا عيش آرام سان گذارڻ لڳا.

شاديءَ کان پوءِ به ڪارائڙيءَ جي عادت نه ڇڏي: جڏهن وجهه لڳندو هوس، رات جو هليو ويندو هو ۽ صبح جو موٽي ايندو هو. ڪَپُورئين تمام گهڻو سمجهايس ته پاڻ وٽ هينئر سپو ڪجهه آهي، جيڪڏهن سڄي عمر ويهي کائيندا سين ته به ملڪيت پاڻ کائي کتائي ڪم ٿيندي، تنهنڪري هاڻي چوري ڪرڻ ڇڏي ڏي. پر "هارهياڙي جي هير" وانگر ڪارائڙيءَ اها عادت نه ڇڏي.

هڪڙيءَ رات ڪارائڙيو، ڪڇ جي راجا جي محلات مان چوري ڪرڻ لاءِ سهي سنهري نڪتو. راجا جي موتين جي ڏاڍي هاڪ پئي هئائين، پر اتي رسڻ جو وجهه ڪڏهن به ڪونه لڳو هئس. راجا کي به هر وقت ڪارائڙيءَ مان ڊپ رهندو هو، تنهن ڪري پنهنجي وزير "ڪامل" کان صلاح پڇي ته هڪڙيءَ طرح ڪارائڙيءَ کان بچاءُ ڪجي. ڪامل تمام داناءُ وزير هو، تنهن راجا کي چيو ته: اي راجا! جيڪڏهن ڪارائڙيو محلات ۾ ٿيٻي آهي ته پوءِ اسان جا پهريدار ساڻس پڄي ڪين سگهندا، چاڪاڻ ته هو تمام بهادر شخص آهي. باقي هڪڙي انڪل سڃهيم ٿي ته سڄي محلات جي چوڏاري ڪاهي ڪٽائي ان ۾ پالا کوڙائي ڇڏجن، پوءِ جڏهن ڪارائڙيو محلات ۾ ٽپي اچي، تڏهن يڪدم محلات جي چوڏاري ڇيٽن جو ڏڳ ڪري انهي کي ڪٽي باهه ڏجي. دونهين ۾ ساهه منجهي پوندس، پوءِ پاڻهي نڪري ٿيندو باهر، ۽ پاڻ حملو ڪري ڪٽي جهلينداسينس.

راجا ۽ وزير ڪامل ڳجهه ڳوهه ۾ اهو سمورو بندوبست ڪري ڇڏيو، جنهن جي خبر ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪانه هئي. ڪارائڙيو به رات جي وڳڙي ۾ لڪي ڇپي اچي محلات وٽ پهتو، ۽ ڪمند رستي محلات تي چڙهي، هڪڙي دري ٽپي وڃي اندر رهيو. پهريدار جانڇيو ينا هئا، تن ڏوڙي وڃي ڪامل وزير سان خبر ڪئي، جنهن حڪم ڏنو ته ڪاهي ڇيٽن سان ٻري باهه ڏيو. ڇيٽا

اڳئي گڏ ٿيا رکيا هئا، جنهن پاسي کان هوا پئي لڳي، انهيءَ پاسي چيٽن جو ڍڳ ڪري وڃي باهه ڏنائون. گهڙيءَ کن ۾ سڄو محلات دونهين سان ڀرجي ويو. ڪارائڙيءَ جو ساهه اچي منجهڻ لڳو، ۽ دونهين ۾ ڏسڻ ۾ ڪجهه نه ٿي آيس. دونهين ۽ ماڻهن جي هلڻ مان سمجهي ورتائين ته پهريدارن ڏسي ورتو آهي، تنهنڪري پڄاڻ جي واهه ڳولياٿين. محلات جي دروازي تي لشڪر اچي گڏ ٿيو هو، تنهنڪري محلات جي هڪڙي دريءَ مان ڪٽي ٽپ ڏنائين. ڪارائڙيو هيٺ ڪاهي ۾ ڪتل پالن تي اچي ڪريو، ۽ اتيئي ساهه ڏنائين. سندس مرڻ تي ڪنهن شاعر چيو ته:

'ڪارائڙيءِ' ٽينڪ ڏنو، مٿان گيلڙي،
'ڪامل' ڪير پڙيا، رهيو آٿ آڙي،
آءُ وينجهارل وري، اسان اچڻ ايترو.

ڪارائڙيءِ سمي جو اولاد "ماريي وارا ميارا" جي نالي سان سڏجن ٿا، جي ڪڇ جي رياست جي حد کان ٻاهر 'ماريي' ۾ رهن ٿا، جتي ڪڇ جي ڪوئر جي حڪمراني آهي.



راجا ڪنئرو *

ڪنهن زماني ۾ جيسلمير رياست تي "ڪينئرو" نالي هڪڙو بهادر ۽ انصاف پسند راجا راڄ ڪندو هو. ڪيس "ڪامل" نالي سهڻي ۽ سلجهي راڻي هئي. راجا جو پنهنجي راڻيءَ سان اهڙو ته پيار هوندو هو جو هڪ گهڙي به هن کان جدا نه ٿيندو هو ۽ سڄو ڏينهن محلات ۾ هن سان گڏ ويٺو رهائيون ڪندو هو.

هڪڙي ڏينهن ڪينئري جا کي دنگئي راجا شڪار ڪرڻ لاءِ نڪتا. انهن پاڻ ۾ صلاح ڪئي ته ڪيترن ڏينهن کان ڪنئري سان رهاڻ کانه ڪئي اٿئون، سو آن سان به ملاقات ڪندا هلون ۽ ڪيس شڪار تي به وڃي هلون. اها گالهه گڏي جيسلمير ڏانهن پنڌ پيا ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ اچي ڪنئري جي راڄ ۾ رسيا. ڪنئري پنهنجي يارن جي آجيان ۾ وڻڻ کين گهٽايو. بن چئن ڏينهن جي مهمانيءَ کان پوءِ، يارن هن کي شڪار تي هلڻ جي دعوت ڏني. ڪنئرو، جنهن پنهنجي راڻيءَ کان گهڙيءَ لاءِ به جدا ٿيڻ نه ٿي گهريو، سو پهرين ته نٽائڻ لڳو، پر جڏهن جند نه ڇڏيس، تڏهن اندر محلات ۾ وڃي راڻيءَ سان انهيءَ جو ذڪر ڪيائين. راڻيءَ ڪلي چيس ته: راجا! تون پلي پنهنجن دوستن سان شڪار تي وڃ، انهيءَ ۾ چا آهي. تڏهن لاچار ٿي ڪنئرو سنگتين سان گڏجي شڪار تي روانو ٿيو.

هلندي هلندي، هڪڙي اهڙي جهنگ ۾ اچي پهتا، جتي سڀها تمام گهڻا هئا. راجائن هڪدم پنهنجا شڪاري ڪتا ڪٽي انهن تي ڇڏيا، جن وڃي سڀا پڪڑيا. راجا ڪنئري کي سهن حي

---

* هيءَ گالهه اتر (تعلقي ميرپور ماٿيلي) مان محمد عالم "شور" خانپوري کان ملي.

ڪل تمام نرم لڳي، سو دل ۾ خيال ڪيائين ته چونہ راڻيءَ لاءِ ڪٽي سهن جي ڪلن جو بسترو ٺهرايان، سو گهڻ جيترا سها ڦاسارائي، اڳتي شڪار تي وڃڻ جو خيال لاهي، پنهنجي ملڪ موٽي آيو.

راجائي حڪم ٿي ويو، هڪڙيئي ڏينهن ۾ سهن جو ڪلون لٽيون، جن مان بسترو ٺهي تيار ٿيو ۽ راڻيءَ ڪي سوڪڙي ٿي ملي، پر راڻيءَ اهو هنڊ ڏسي ڪنڙي ڪي چيو ته: راجا! آءٌ هن بستري تي نہ سمهندیس. راجا حيران ٿي ويو ۽ راڻيءَ کان ان جو سبب پڇيائين. راڻيءَ ٻڌايس ته: راجا! هتان کان مهيني پنڌ تي منهنجي ساهيڙي "آپل" رهندي آهي. هڪڙي ڀيري اتفاق سان اُن جي بدن تي سهي جو وار لڳي ويو. ڪيس اهڙو زخم ٿيو، جو ڪيترا ڏينهن پئي علاج هليو، تڏهن مس مس وڃي زخم ڇٽو. سو مونکي هن بستري تي سمهڻ کان ڊپ ٿو ٿئي. راجا عجب ۾ پئجي ويو ۽ وچارڻ لڳو ته، مار! اهڙو نازڪ بدن، جنهن کي سهي جي وار لڳڻ سان زخم ٿي پوي! اهڙي حور پري ته ضرور ڏسڻ گهرجي. مطلب ته راجا ڪنڙو بنان ڏني آپل تي عاشق ٿي ويو. سو نہ هُس رات جي ننڊ، نہ ڏينهن جو آرام؛ سڄو وقت دل ئي دل ۾ آپل جا خيال پيو پچائيندو هو. آخر ڪجهہ ڏينهن رکي آپل کي ڏسڻ جو پڪو پهہ ڪري، راڻيءَ وٽ آيو ۽ هن کان شڪار جي بهاني سان موڪل ونڊي گهوڙن جي ڪڙهہ ۾ آيو ۽ خيال ڪرڻ لڳو ته ڪهڙي گهوڙي تي چڙهي وڃان. هرهڪ گهوڙي کي ڏسندو ڏسندو اچي هڪڙي نيري رنگ جي ساوندي گهوڙي وٽ بيٺو ۽ گهوڙي کي چيائين ته:

نِيلا! تُہ ڊِيلو قِرين، پَڪا پهن ٽي ڏور،
آپل سندي ڪامڻي، مَنا ميل ضرور،
اوپا! مَنا ميل ضرور!

(اي نيرا! تون آهستي نہ هلجئين، ڇو جو پنڌ تمام پري آهي ۽ مونکي سُهڻي آپل سان ملڻو آهي، تنهنڪري جيترو جلد ٿي سگهي مونکي اتي رساءِ!)

تنهن تي گهوڙي وراڻي ڏني تہ:

مٺا تو سردي لاگي، کارڪ تي پڄوءِ،
آيل سندي کامٽي، جهٽ پلڪ ۾ جوءِ.
او ٻئي! جهٽ پلڪ ۾ جوءِ.

(اي راجا! مونکي سيءُ ٿو لڳي، پر جي بنان ڪڪڙين ڪارڪون ڪارائين، تہ پوءِ آيل جي مٺاڪ ڪين پلڪ ۾ پهچائين.)

اها گالهہ ٻڌي راجا، سئيس کي حڪم ڏنو تہ: هن گهوڙي کي بنان ڪڪڙين ڪارڪون ڪارائي ءِ سڄ وڃي آڻي حاضر ڪريو. هڪدم حڪم جي تعميل ٿي ويئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ راجا ڪٺرو سامونڊي گهوڙي تي چڙهي آڻي هليو.

گهوڙو راجا کي کڻي ونڊي آڏاڻو ءِ سڄ لٿي کان اڳ ــ اچي آيل جي ملڪ ۾ پهتو. راجا گهوڙي کي هڪ هٿ ٻيهاري، پاڻ شهر ۾ چڪر هڻڻ لڳو. شهر ۾ هڪٻئي کان وڌيڪ سهڻا محلات هئا. هن آيل جي محلات جي ڏاڏي ڳولا ڪئي پر پتو نہ پيس ءِ نہ وري کو ڏس مليس. تنهنڪري ٻي ڪا صورت نہ ڏسي، سڌو انهيءَ تلاءُ تي آيو، جتان شهر جا ماڻهو پاڻي پريندا هئا. اوڏيءَ مهل تلاءُ تان ڪن زالن پاڻي پئي پريو. ڇا ڏسي تہ هڪجهڙي پوشاڪ ۾، هڪٻئي کان وڌيڪ سهڻيون چوڪريون پاڻي پيون پرين. سندن سونهن ءِ لوڏ ڏسي ڪٿري جو عقل چرخ ٿي ويو ءِ خيال ڪرڻ لڳو تہ هي سهڻيون چوڪريون لاشڪ آيل جون سهيليون آهن يا ٻانهيون. ٿي سگهي ٿو تہ هنن ۾ آيل به هجي. سو انهن کي چيائين تہ:

گهاٽي گهاٽي جَل پَريو، آهيو به هڪي نهار،
ڪهڙي آيل کي ٻانهڪي، ڪهڙي لعل ڪنوار؟
او ٻئي! ڪهڙي لعل ڪنوار؟

(اي چوڪريون! اوهين وڏي چاهہ ءِ چوڄ مان پاڻي پيون پريو، ۽ آهيو به هڪجهڙيون سهڻيون، مونکي شڪ ٿو پوي تہ اوهين آيل جو ٻانهيون آهيو. تنهنڪري ٻڌايو تہ اوهان ۾ ڪهڙي سائڻ آهي ءِ ڪهڙيون ٻانهيون؟)

آهي چوڪريون هيون ۽ آپل جون پانهيون، سي اچي راجا ڪي ڪاوڙيون، چي: هي وري ڪير آهي جو آپل جو نالو ٿو ونڊي. ڪا چئي ت: هن کي ڪاٽ ۾ وجهايو. ت ڪا وري چوڻ لڳي ت: هن کي گهاٽي ۾ پيڙايو. پر انهن ۾ ڪا رحمدل ۽ هئي، تنهن ٻين کي چيو ت: اديون! هي ويچارو کو آپل جو عاشق ٿو ڏسجي، تنهن کي پورو ڏس ڏجي ت ڇڏو. پر ٻيون پانهيون چون ت: اسان کي پاڻ مارائڻو ڪونهي، باقي تون ڏس ڏينس ت ٻلي. آخر آن پانهيءَ ۽ ڏس ڏيڻ کان نٽائي، ڪيڙي کي چيو ت:

گهاٽي گهاٽي جَل پريون، آهيون ۽ هڪ نهارَ،
اسين سڀ آپل ڪيون پالڪيون، محلين لعل ڪنوار،
او ٻئي! محلين لعل ڪنوار.

(اي مسافر! تون سچ ٿو ڇئين، اسين سڀ آپل جون نوڪرياڻيون آهيون، پر آها گاڙهي ڪنوار، جنهن جي تون پڇا ٿو ڪرين، سا پنهنجي محل ۾ اٿئي).

ائين چئي پانهيون دلا ڪٽي هليون ويون. اتي ۽ راجا کي پورو ڏس ڪونه ملیو، سو وري هڪ پاسي آڻي هليو. اڃا ٿورو پنڌ ڪيائين ت هڪڙو رونقدار باغ نظر آيس. ساهي پٺ لاءِ باغ ۾ گهڙي ويو ۽ هڪ ڪوهه جي پڇهه تي ويهي رهيو. خيال ڪيائين ت هتي ڪنهن ماڻهو کان ڏس نٿو ملي، من ڪوهه کان پٺو ڇڏي، سو ڪوهه کي چوڻ لڳو ت:

ڪوئا! تون سڀاڻهين، سڀاڻهي توتي بات،
آپل گهڙا پَرندِي، ڏي اگهما گَهات.

(اي ڪوها! تون سڀاڻهڙو ٿو ڏسجين، ۽ توتي پل واڌ ۽ ڏاڍي نفيس ۽ سهڻي ٽي ڏسجي، پائنجي ٿو ت آپل تو مان پاڻي پريندي آهي، جي ائين آهي ت پوءِ پلائي ڪري سونڪي سندس ڏس ڏي.)

اتفاق سان اهو ڪوهه ۽ باغ ۽ ڪو آپل جو هو، سو

کوهه اهو بدي ڏڃي ويو، خيال ڪيائين ته جي سچي گالهه ٻڌائيندس ۽ آپل کي خبر پڄي وئي ته منهنجي سير سير ڪري پٽرائي چڏيندي. ٽنهنڪري ماڳهين جواب ڏنائين ته:

هُون" کي سڀاڻهيو، سڀاڻهو ته چمن، سڀاڻهي جنهن تي ٻاٽ،
آپ-ل گهڙا پَرندي، ڏي اگهاڻ گاٽ.

(آءٌ ڪهڙو سڀاڻهو آهيان، سڀاڻهو نه باغيچو آهي، جنهن ۾ سڀڻي وات ٿهيل آهي. آپل گهڙا پرڻ لاءِ انهيءَ تان هلندي آهي، ٽنهنڪري ان کان وڃي پڇ.)

ڪنئري، ڪوهه جو اهو جواب بدي دل ۾ چيو ته، هتان به خبر ڪانه پئي. هاڻي پلا باغ کان پڇان ته من اهو کا خبر ٻڌائي. سو سڏو باغ وٽ آيو ۽ چيائين:

چمن! تون سڀاڻهيو، سڀاڻهي توتي ٻاٽ،
آپل گهڙا پَرندي، ڏي اگها گاٽ.

(اي باغ! تون سڀاڻهو ۽ سڀاڻهي ٽنهنجي واڙي، جنهن تان آپل گهڙو کڻي نازسان هلندي آهي. ٽنهنڪري هاڻي مونکي سنڊس ڏس ڏي.)

چمن کي اڃي پنهنجي خوف ورايو ته جڪڏهن آپل کي خبر پئي ته مونکي آجاڙ ڪرائي چڏيندي، ٽنهنڪري چو نه آءٌ به نٽائي چڏيان. اهو خيال ڪري ڪنئري کي ٻڌايائين ته:

پٽيي! هُون کي سڀاڻهيو، سڀاڻهيو ته گهڙو،
هٿ چمي، لهريون ڏي، سر تي جنهن ري ٻاٽ.

(يار! آءٌ وري ڪهڙو ڇڪو آهيان، ڇڪو ته گهڙو آهي، جيڪو سنڊس هٿ ۾ لوڏا کائي ۽ سنڊس هٿن کي چمي.)

آخر اتان به ناميد ٿي، راجا گهوڙو هڪلي سڏو شهر ۾ آيو. هڪ هڪ گهٽيءَ جو چڪر هڻڻ لڳو ته من کٽان کو آپل جو پتو پئي. ٽيٽ هلندي هلندي هڪ گهٽيءَ ۾ هن کي عاليشان محلات ڏسڻ ۾ آيو. کنئرو آڻب بيهي رهيو ۽ دل ۾ جوڙ لڳو ته، ههڙو سهڻو محلات ضرور ڪنهن وڏي ماڻهو جو هوندو، يا ٿي

سگهي ٿو ته آپل جو هجي! ائين ويچاري محلات جي هڪڙي دري، جا رستي واري پاسي ڪليل هئي، انهيءَ جي سامهون ماڻ ڪري بيهي رهيو ۽ خدا کي سوال ڪرڻ لڳو ته، محبوب جو ديدار ڪراءِ، جنهن جي سڪ هت آندو اٿم.

قدرت خدا جي اهڙي ٿي جو ٿوريءَ دير کان پوءِ ڏکڻ کان مينهن پرجي آيو، ۽ ويرم ئي کانه گذري ته مينهن برسڻ شروع ڪيو. اهڙو سخت مينهن پيو جو ٿوريءَ دير ۾ ڪنڀري جي رکيبن تائين پاڻي اچي ويو ۽ جتي ڪنڀرو بينل هو، اُن جي بلڪل مٿان چِت ۾ ڪو نارو هو، جنهن جو پاڻي هن جي مٿان پئي ڪريو. هڪڙو سخت مينهن، پيو مٿان پاڻيءَ جو ڪِرڻ، اتي ڪنڀرو منجهي پيو. چوته جيڪڏهن دريءَ کان ٿو هتي ته دل جي مراد نٿي پوري ٿئيس. نيٺ هڪڙي اٽڪل سُجهي آيس ۽ سو ڇا ڪيائين جو پنهنجي ڏال تي پئيءَ تان چوڙي ڪڍي متي تي رکيائين. ناري جي پاڻيءَ جو ڏال تي زور سان ڪرڻ ڪري اهڙو ته آواز ٿيو جو چڙ ته آسمان تي ڦاٽو. اُهو محلات واقعي آپل جو هو. تنهن جو هيڏو آواز ٻڌو، سو هڪدم هراسجي ويئي ۽ پانهيءَ کي سڏ ڪري چيائين ته: ڏس ته هيءُ آواز ڇا جو آهي؟ پانهيءَ دريءَ مان جو باهر ڏيو پاتو ته سندس نظر وڃي ڪنڀري راجا تي پئي. پانهي ان جي سونهن جي جهلڪ ڏسي هڪ دانهن ڪَري ڪِري پئي. دانهن تي آپل شهزادي به ڊوڙندي آئي. اچي ڏٺائين ته پانهي بيهوش ٿي پئي آهي. دل ۾ خيال ڪيائين ته شايد ڪرن جي گجگوڙ جي آواز کان بيهوش ٿي ويئي آهي، سو گلاب جو پاڻي ڪڍي اچي پانهيءَ جي منهن تي ڇڪاريائين. ڪجهه مهل کان پوءِ پانهي سڃاڻي، ٿي، شهزاديءَ پڇيس ته: ٻڌاءِ خبر، بيهوش ڇو ٿي وئين؟ تڏهن پانهيءَ جواب ڏنو ته:

دري ڪنارو ڏور ڪري، جاري منجهان ته جوءِ.

آپل شهزاديءَ جيئن اتي دريءَ مان نهاريو ته سندس نظر وڃي ڪنڀري راجا تي پيئي. راجا جي نظر ته اڳيئي دريءَ ۾ ڪتل

هئي، تنهن شهزادي ۽ کي ڏنو. ڏسڻ شرط ٻئي چٽا هڪٻئي تي عاشق ٿي پيا. اتي ڪنڌرو ٻ ڏاڍو سرهو ٿيو. آپل ههڙو سهڻو جوان ڏسي دل ۾ خيال ڪيو ته هي ضرور ڪو راجائي ٻار ٿو ڏسجي. پر وري ٻ پڪ ڪرڻ لاءِ ڪانئس پڇيائين ته:

ڪين راجا ڪو بيٽو، ڪي هڻي تارو نانءُ؟

(ڪهڙي راجا جو پٽ آهين ۽ تنهنجو نالو ڇا آهي؟) ڪنڌري وراڻي ڏنس ته:

پرتمسنگ روڏيکرو، گرچوٽيلو گانءُ،
آپل ڏيکڻ آئيو، ڪنڌرو هون رو نانءُ.
او ٻئي! ڪنڌرو هون رو نانءُ.

(آءٌ پرتمسنگ جو پٽ آهيان ۽ گرچوٽيلو منهنجو گوٽ آهي. هتي آپل کي ڏسڻ آيو آهيان ۽ ڪنڌرو منهنجو نالو آهي.)

اهو ٻڌي آپل ڏاڍي خوش ٿي، ڇاڪاڻ جو هن خود ڪنڌري جي سونهن ۽ بهادريءَ جي هاڪ ٻڌي هئي ۽ ڪيترن ڏينهن کان هن جي ڏسڻ جو شوق هئس؛ پر ڪنڌري ته خود اڇي ڳولي لڌو هئس. تنهنڪري چيائينس ته:

پلين پلين آئين، هوڻ ٻ نهاري تاري ٻات،
ڪنواري ڪرشون ڳالهڙيون، پرٽي ڪرشون نات.
ٻئي! پرٽي ڪرشون نات.

(اي ڪنڌرا! پلي پلي آئين، جو مون ٻ تنهنجي وات ويٺي نهاري، ڪنواري هوندي ته رڳو ڳالهيون ڪنداسين ۽ شاديءَ کان پوءِ ڏاڍا عيش ڪنداسين).

پوءِ اڌ رات تائين اتان بيٺي بيٺي هڪٻئي سان رهاڙ ڪيائون. ڪنڌري ٻ دل ۾ پڪو ارادو ڪيو ته ڪنهن ٻ حيلي، آپل سان شادي ضرور ڪندس، سو سائس اهڙو واعدو ڪري، واپس پنهنجي ملڪ تي موٽي آيو.

پنهنجي ملڪ موٽي اچڻ کان پوءِ ڪنڌرو راجائي ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويو، هن کي آپل جي يادگيري دل تان لهي ويئي. هوڏانهن

آپل ويچاريءَ جو ته سمهڻ ئي وهه ٿي ويو. ڏينهن رات ڪنڌي جي تات لڳي پئي هئس. هوءَ هروقت محلات جي دريءَ مان ويلي ڪنڌي جي واٽ نهاريندي هئي، پر هو نه اچڻو هو سو نه آيو. نيٽ هڪڙي ڏينهن دل ۾ خيال ڪيائين ته ڪنڌو ته ٻيوفا ٿي ويو. پر آءٌ ته بيوفا ڪاڏ ٿيندس، هاڻي مونکي پاڻ ڪنڌي جي پنهان وڃڻ گهرجي. اهو خيال ڪيائين ته سهي، پر وري پيءُ جي ڊپ ۽ ماڻهن جي خواريءَ کان لاچار ٿي سمجهه ڪري ويهي رهي.

اهي پور پڇائيندي آپل وڃي ڪٽ داخل ٿي. گهٽي ويڃ طبيب آيا پر ڪاهه سُٽي ڪي هن تي اثر نه پيئي ڪري. سندس هڪ جيڏين، مهيلين ڪيترو ئي ڪائنس پڇيو ته: ڪهڙي بيماري اٿئي جنهن کان ڪرندي نڇهرندي وڃين؟ پر هيءَ پنهنجي اندر جو حال ڪنهن سان ٿي ڪانه پئي اوري، چي: مونکي ته ڪجهه به ڪوٺ ٽپو آهي. نيٽ سندس حالت ڏينهون ڏينهن خراب ڏسي 'جوري' نالي سندس هڪڙي دل گهُرِي سَرتي، جا تمام چالاڪ ۽ هوشيار هئي، تنهن آپل کان سر جو قسم ڏئي سچي حقيقت پڇي؛ جنهن تي هن سچي گالهه ڪري ٻڌايس. جوري، گالهه ٻڌي پهرين ته ٿيءَ ۾ پئجي ويئي، پر آخر ڪجهه دير کان پوءِ هڪڙي اٽڪل سمجهي آيس، سو آپل کي چيائين ته: پيءُ کي وڃي چئو ته فلاڻي شهر ۾ هڪڙو ڏاهل بزرگ آهي، جنهن کيترن مريضن کي مرض کان ڇڏايو آهي، مونکي به موڪل ڏيو ته وڃي ان کان علاج ڪرايان. آپل کي به جوري جي اها صلاح وڻي. سو رات جو پيءُ کان مسافريءَ جي موڪل گهريائين، پهرين ته بادشاهه انڪار ڪيو، پر جڏهن ڏٺائين ته هوءَ ضد تان نٿي لهي، تڏهن لاچار موڪل ڏنائيس. بس پوءِ ته پڪدم سفر جون تياريون شروع ٿي ويون ۽ پئي ڏينهن هڪڙو قافلو تيار ڪرائي، آپل پنهنجي سهيلي سميت، ڪنڌي جي ڳولا ۾ نڪتي. جنهن وقت قافلو روانو ٿيو،

تنهن وقت سندس پاڃاڻن ـ جي پاڻ ۾ صلاح ڪيو ويٺيون هيون ـ تن چيو تہ متان آپل سمجهي تہ سندس عشق جي ڪنهن کي سڌ ڪانهي، تنهنڪري هاڻي پڇاڙيءَ ۾ ڇو نہ ٻڌائي ڇڏيونس. سو جنهن وقت آپل سندن ڀرسان اچي لنگهي، تنهن وقت هڪڙي پاڃائي ٻيءَ کي چيو تہ:

ڪنول سنگ ري ڏيکري، لڳي ڪنئري بالوچاڻي سات،
او ٻئي! لڳي ڪنئري بالوچاڻي سات.

(ڪنول سنگ جي ڏيءَ جي پريت وڃي ڪنئري بالوچاڻي سان ٿي آهي.) آپل، پاڃاڻن کي جواب ڏنو تہ:

پاڃي! هوَن لنگهڻ گهڻا ڪيا، لنگهڻ ڪيو نہ جائي،
مڪڻ ماکي ڇوڙڪي، پهڻ ڪير کائي؟
او ٻئي! لنگهڻ ڪيو نہ جائي.

(پاڃائي، موَن عشق ۾ گهڻئي ٻڪوڻ ڪاڻيون. هاڻي ڪنئري جو عشق ويهڻ نٿو ڏئيس، نہ تہ هتي جا سڪ، ۽ مڪڻ ماکيون ڇڏي ڪير وڃي جبل جا پنڌ کائي.)

خير، سيني کان موڪلائي آپل روانو ٿي. پڇا گاڇا ڪندي اچي ڪنئري جي شهر وڃ پهتي. شهر جي باهران هڪڙو عاليشان باغ ڏسي، سڃي سات کي اتي ترسايائين ۽ پوءِ پنهنجي سهيلي جوري کي ساڻ ڪري باغ ڏسڻ ويئي. باغ ۾ مالهي ويٺل هو، جنهن ٻڌاين تہ: هيءُ باغ خاص راجا ڪنئري جو آهي. آپل هئي تمام چالاڪ، تنهن جو اهو ٻڌو سو پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنائين تہ: هن مالهيءَ کي ٻڌي ڏاڍي مار ڪيي ڇڏي ڏيوس؛ ۽ پوءِ باغ ۾ منزل ڪري جيڪي به ميويدار وڻ آهن، سي کپي پنهنجي آڻن کي کارايو. حڪم ملڻ شرط قافلي جي ماڻهن مالهيءَ کي کڻي ٻڌو ۽ ڏاڍي مار ڪيائونس. پوءِ سڀ ميويدار وڻ کپي آڻن کي کارائي ڇڏيائون. مالهي ويچارو روئندو ڪرلندو سڌو راجا جي دربار ڏي ويو ۽ وڃي ڪيس دانهن ڏنائين تہ: اي راجا! اهڙو ڪو

جبرو غنيم چڙهيو آيو آهي، جنهن تنهنجو باغ ناس ڪري ڇڏيو آهي ۽ مونکي به ڏاڍي مار ڪيي اٿن. ڪنڀري جو اها خبر پڌي، سو ڪاوڙ ۾ ڀاڙهو ٿي ويو ۽ چيائين ته: اجهو ٿو سندس بندوبست ڪريان. ائين چئي پنهنجن ماڻهن کي تيار ٿيڻ جو حڪم ڏئي پاڻ زرهه پائڻ لاءِ محلات ڏانهن روانو ٿيو.

هن کي اهڙي تکڙ ۽ جوش ۾ ڏسي راڻيءَ پڇيس ته: راجا! خير ته آهي جو اڄ اهڙي سنبت پيو ڪرين؟ تڏهن ڪنڀري ڪيس مالهيءَ واري سڄي حقيقت ڪري ٻڌائي. راڻيءَ اهو سڀڪجهه پڌي ڪيس چيو ته: راجا! سيائڻ چيو آهي ته تکڙ ڪم شيطان جو. پهرين پڪ ڪر ته اهو ڪير آهي، دشمن آهي کي دوست، فيصلو پوءِ ٿيندو. ڪنڀري کي به اها گالهه دل سان لڳي، سو ستڙ سماءُ وڻ لاءِ سپاهي ڊوڙايائين. جنهن اچي خبر ڏني ته: سائين! برابر هڪڙي شهزادي آهي، جا چئي ٽي ته اسين سير تي نڪتا آهيون، اسان کي خبر ڪانه هئي ته ڪو هي باغ راجا جو آهي. اسان جي ملڪ ۾ اهڙا جهنگ آهن، جي وڏي اٿن کي ڪارائيندا آهيون. ڪنڀرو اهو پڌي عجب ۾ پئجي ويو، تنهن تي راڻيءَ چيس ته: آءٌ ٽي ڏسي اچان ته اها ڪير آهي. اتي ڪنڀري چيس ته مونکي به پاڻ سان وڃي هل ته اها شهزادي ڏسان. راڻيءَ چيس ته: ائين ڪين ٽي سگهندو، باقي جيڪڏهن تون زنانا ڪپڙا پائي هلين ته شايد تنهنجي من جي مراد پوري ٿئي. راجا ته انهيءَ چوڪريءَ جي همت تي پرپٽ ٿي عاشق ٿي پيو هو، تنهنڪري هن ڪنهن به طرح سان اٿن کي ڏسڻ ٿي گهريو، سو پنهنجيءَ پيٽ ڪان ڪپڙن جو هڪ وڳو وڃي آيو. زال ڪان انهيءَ ڪري ڪپڙا نٿي ورتائين ته متان ڪڏهن مهڻو نه ڏي.

قصو ڪوتاهه راجا ۽ راڻي ٻئي ڇڻا سنپري باغ ڏانهن روانا ٿيا. اتي پهچي ڏسن ته هڪڙو ڏڏو مٽو بانهو طنبوءَ جي دروازي تي ستو پيو آهي. راڻي ته بانهي جي پيٽ تي لت رکي اندر گهڙي وئي؛ پر جڏهن راجا وڃڻ جي ڪئي ته بانهي هڪدم ڪٽي ٽنگ،

مان جهليس ۽ چيائينس تہ: تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ راجا کي اچي سر سان لڳي تہ اجها ٿي خواري ٿئي، سو يڪدم هٿ مان پنهنجو سونو ويندو لاهي ڪٽي پانهيءَ کي ڏنائين. پانهي کي جو لب مليو، تنهن يڪدم ٽنگ مان ڪٽي هٿ ڪيس ۽ هو بہ اندر گهڙي ويو. اندر طنبوءَ ۾ وڃي ڏسي ٿہ، مار! آپل ويني آهي. اتي ڪنڀري کي پنهنجيءَ ويسر تي ڏاڍو ڏک ٿيو. آخر هيءُ بہ ڪنڌ وٺي ويهي رهيو. ڪيس سڃاتو ڪنهن بہ ڪونہ، جو زنانو ويس پهريل هئس. ٿوري دير رهڻ ڪرڻ کان پوءِ رائي ڪامل ڪنڀري سان گڏجي محلات ۾ موٽي آئي. راجا محلات ۾ آيو تہ سهي پر آرام ڪٽي؟ آخر خدا خدا ڪري سج لٿو. پيڙ جا اهي ڏي زنانا ڪپڙا پائي اچي آپل جي طنبوءَ ۾ ٽڪاءُ ڪيائين ۽ ڪيس پنهنجا اهجاڻ ڏنائين. اتي آپل بہ ڪيس سڃاتو، بس پوءِ تہ ٻئي وڇڙيل پاڻ ۾ ملي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ هڪٻئي ۾ گڇهيون گالهيون ڪرڻ لڳا. تان جو اڌ رات اچي ٿي. انهيءَ مهل ڪنڀري محلات ۾ وڃڻ جو ارادو لاهي اها رات اتي ڏي ترسي ٻيو. جڏهن پلنگ تي ستا تڏهن چا ڪيائين جو آپل ۽ پنهنجي وچ ۾ ترار اگهاڙي ڪري رکي ڇڏيائين، ۽ چيائينس تہ: مون کڏهن بہ ڪنهن عورت جو سواءِ حق جي انگ نہ ڏٺو آهي.

صبح جو راجا آپل کان موڪلائي پنهنجي محلات ۾ آيو ۽ ڪپڙا پيڙ کي واپس ڏنائين، جنهن ٿوري دير کان پوءِ اُهوئي وڳو ڪٽي پاتو. مڃاڻ انهيءَ ڏينهن پيٽس جو مڙس بہ ڪو شڪار تان موٽيو هو. سو محل ۾ پهچڻ سان وهنجي سهنجي ڪپڙا بدلائي جڏهن زال جي ڀر ۾ اچي ويٺو، تڏهن ڪيس زال جي ڪپڙن مان ڪنهن مرد جي پگهر جي بُوءِ آئي، سو اچي شڪ جاڳيس تہ لاشڪ هيءَ ڪنهن ٻئي ماڻهو سان قتل آهي. تڏهن زال کان پڇيائين تہ: ڪر خبر، اڄ تنهنجي ڪپڙن مان غير مرد جي بوءِ ٻئي اچي؟ زال جواب ڏنس تہ: سائين! محلات ۾ نر جڙي کي بہ حڪم نہ آهي سو هتي اوهان کان سواءِ ٻيو ڪير ٿو اچي سگهي؟

پر مڙس کي انهيءَ ڳالهه تي اعتبار ڪونه آيو ۽ چيائين ته: ضرور ڪير آيو آهي. محلات ۾ ڪو آيو هجي ته زال به ڪٽي ڏيندي. نيٺ قسم کڻي چيائين ته: ڪير به ڪونه آيو آهي. جڏهن مڙس ڏٺو ته هيءُ سچي نٿي ڪري، تڏهن يڪدم ڪيس ڏيڻي اگهاڙو ڪري پٽ تي سمهاري، سندس هٿن تي ڪٽ جا پاوا رکي، اُن تي چڙهي سمهي رهيو. محلات ۾ هڪڙو پيرسن فقير روز خيرات وٺڻ ايندو هو، سو به اُنهي مهل اچي آڏي سهڙيو. ڪنڀري جي ڀيڻ جي اها حالت ڏسي ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ يڪدم ڪنڀري سان اچي حقيقت ڪيائين. اهو ٻڌي، ڪنڀرو ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي ويو، يڪدم ترار کڻي ٻاهر هليو، چي:

فقير! تو هٿ جائومان، اچي ٽي ريس،
ڪيي ڪنو جهڙپس، سر ڌڙ ڪان ڌار ڪريس.

(فقير! تون پري ٿي وڃ. آءٌ هينئر ئي تلوار ڪڍي سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندس.)

ائين چئي نه ڪيائين هَر نه تَر، تلوار کڻي سڌو اچي ڀيڻ جي محلات ۾ پهتو. پنهنجي اکين سان ڀيڻ جي اهڙي حالت ڏسي، هن کي اهڙو ته جوش آيو جو کڻندئي تلوار، هڪڙي ڏڪ سان هڏي مڙس جي سمي ڌڙ کان ڌار ڪري ڇڏيائين. پوءِ اکيون پوري ڀيڻ جي هٿن تان ڪٽ پري ڪري، ڪيس پنهنجي چادر اڇلائي ڏنائين، جنهن اها مٽان ڪئي. جڏهن ڀيڻ کي خبر پيئي ته ڪنڀري سندس مڙس کي قتل ڪري ڇڏيو آهي، تڏهن اچي پاءُ تي ڪاوڙي. چي: منهنجي مڙس تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو، جو تو ان کي ماري مونکي رنڊ ڪري ڇڏيو؟ هاڻي تون منهنجو وڏو دشمن آهين. ڪنڀري جو پنهنجي ڀيڻ جا اهي لفظ ٻڌا، سو ڏاڍو ڏک ٿيس ۽ مانڙي ڪري محلات ڏانهن رخ ر ڪيائين.

هيڏانهن وري ڀيڻس پنهنجي صهري کي، مڙس جي رت مان خط لکي موڪليو ته، ڪنڀري تنهنجي پٽ کي قتل ڪري، مونکي رنڊ ڪري ڇڏيو آهي، هاڻي جي توهين پلاند نه وٺندا ته

آءُ پاڻ پنهنجو سر وڌي چڌيندیس. سندس صهري خط ڏسي شرط کاوڙجي ڪئي جنگ جو اعلان ڪيو ۽ ڪنڀري ڏانهن قاصد موڪيائين ته: تيار رهج، انين ڏينهن توسان لڙائي آهي. ڪنڀري کي جڏهن لڙائي جو اطلاع مليو، تڏهن هن کي به ڏاڍو ڏک ٿيو، پر هاڻي چاڻي ڪري سگهيو. نيٺ خيال ڪيائين ته ڏوهه به مون ڪيو آهي سو منهن به آءُ ڏيان، رعيت کي ڇو هروپرو مصيبت ۾ وجهان. اهو فيصلو ڪري پاڻ پنهنجي سر لڙائي جي تياري ڪرڻ لڳو.

نيٺ آٿ ڏينهن پورا ٿيا. سانجهيءَ جو دشمن جو لشکر به اچي ڪنڀري جي ملڪ جي ٻاهران لٿو. ڪنڀرو به تلوار ٻڌي تيار ٿي پنهنجي ساموندي گهوڙي تي سوار ٿيو، سڏو دشمن جي لشکر ۾ آيو ۽ انهن کي چيائين ته: اوهان کي مون سان جنگ ڪرڻي آهي؛ ۽ نه منهنجي رعيت سان، تنهنڪري آءُ آيو آهيان، هاڻي مون سان جنگ ڪريو. انهيءَ ٻڌڻ سان جنگ جو طبل وڄي ويو، گهڙيءَ کن ۾ سڄو لشکر جنگ لاءِ صفون ٻڌي تيار ٿي ويو. ڪنڀرو به دشمن جي لشکر ۾ ڪاهي ويو ۽ جيڏانهن ٿي رخ ڪيائين، تيڏانهن صفن جون صفون ٽي چٽ ڪيائين. ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجي بهادريءَ سان دشمن جي لشکر جا حواس خطا ڪري ڇڏيائين. اها حالت ڏسي دشمن جي لشکر ۾ اچي هراس ٿيو، سو وڻي پوئين پيرين ڀڳا ۽ ٿوريءَ دير ۾ ميدان خالي ٿي ويو. اهو ڏسي ڪنڀرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پڙ چوندڙ لاءِ گهوڙي تان لهي ڏنو. ايتري ۾ ڏٺائين ته هڪڙو مڪنو هاڻي بينو آهي. خيال ڪيائين ته انهي کي به پورو ڪري، ڏوءِ اڳيو ڏوءِ پڙ چوندیان. سو تلوار کڀي هاڻي ڏانهن وڌيو، ۽ جهڙوئي مٿس وار ٿي ڪيائين، تهڙو هاڻي يڪدم سوندو سندس ڪچيءَ ۾ ڪٽي وڌي ۽ اتي ئي گهٽو ڏيئي ماري ڇڏيائينس.

جڏهن ڪامل ۽ آپل کي انهيءَ ڪالهه جي خبر پئي تڏهن پئي چٽيون منهن مٿو پٽيندیون آيون. ڪامل روئي، آپل کي

چيو تہ: منهنجي مڙس ڪنڀري ڪي توئي مارايو آهي، نہ تون اچين ها ۽ نہ ڪا جنگ ٿئي ها! پنهنجي ساهيڙي واتان اهڙا لفظ ٻڌي آپل ڪي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ روئندي روئندي چيائين تہ: جيڪڏهن تنهنجو اهو خيال آهي تہ آءٌ ہ پاڻ ڪي ڪنڀري سان گڏ ماريان ٿي. ائين چئي بڪدم پنهنجي ماڻهن کي حڪم ڏنائين تہ: آءٌ ڪنڀري سان ستي ٿي ٿيان، تنهنڪري مچ ٻاريو. ٿوريءَ دير ۾ سمورو بندوبست ٿي ويو. آپل ہ سهي سنهري ڪنوار ٿي اچي اتي پهتي. ستي ٿيڻ کان اڳ ڏٺي پاڪ کان دعا گهريائين تہ: اي ٻاجهارا مالڪ! مون تي ٻاجهہ ڪر ۽ ڪنڀري کي نئين حياتي ڏي! قدرت خدا جي، آپل جي اها دعا قبول ٿئي ۽ ٿوري دير ۾ ڪنڀري کي ساهہ پيو، اهو ڏسي سڀ ڏاڍا خوش ٿيا. پوءِ تہ چوطرف ڏاڍيون خوشيون ٿي ويون. راڻي ڪامل جي دل مان ہ آها ڳالهہ نڪري وئي. ہن ٽن ڏينهن کان پوءِ آپل، ڪامل راڻي کان موڪل ونڊي ڪنڀري سان شادي ڪئي، ۽ پوءِ سڄي عمر ٻئي ساهيڙيون پنهنجي گهوٽ سان، تمام پيار ۽ قرب سان گذارڻ لڳيون.



پريو گاروڙي *

گالهه ٿا ڪن ته جيسلمير جي پاڻين جي پنجهن پيڑهي تي "پاڙ" نالي هڪڙو راجا راج ڪندو هو. پاڙ جو ٻيڪو هنڌين ماڳين مشهور هو. ڪيس "سپرو" ۽ "مورو" نالي ٻه پٽ هئا. قدرت سان سپرو نندي هوندي ئي گذاري ويو، تنهنڪري پاڙ جي مرڻ ڪان پوءِ ملڪ جو والي مورو ٿيو. سندس راج مان امير وزير غريب غربو، سڀ خوش هئا، جو هو تمام نيڪ ۽ عادل راجا هو. وٽانئس عدل ۽ انصاف هرڪنهن کي پلئي پوندو هو. رعايا ته گهڻوئي خوش هئي، پر ويچارو مورو سدائين ملول ۽ اداس رهندو هو، جو ڪيس کي اولاد ڪونه هو. ڪيترائي ساڌو سنت پوڄيائين، خير خيراتون ڪيائين، پر ڏٽي کي ڪيس اولاد ڏيڻ منظور نه هو، سو سدائين انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ پيو گرندو هو، ته مون کان پوءِ تخت ۽ تاج جو الائي ڪير مالڪ ٿيندو!

هڪڙي ڏينهن خبر پيس ته هڪڙو سامي فقير شهر جي ٻاهران دونهين ڏکايو ويٺو آهي، ۽ هر ڪنهن جون مرادون پوريون ڪري. مورو به اولاد جو اڃايو، دل ۾ مراد رکي راجائن وارو نٽ ناڳر چڙي سڌو فقير وٽ آيو، ۽ ساميءَ جي پيرن تي هٿ رکي ڪيس پنهنجي دل جي مراد ٻڌائي. سامي پهرين ته سندس گالهه ٻڌي ٽٻيءَ ۾ پٽجي ويو، پر پوءِ دونهين مان چار جي چپٽي پري هن کي ڏيئي چيائين ته: تنهنجي مراد پوري ٿيندي، تو کي پٽ ڄمندو پر وڏي هوندي گاروڙي (فقير) ٿيندو.

سامي ڏنيِ چپٽي، ٻيوت مان پري،
پٽ ايندو موروا! پڻ گاروڙي گهري.

---

* هيءَ گالهه ٺرپارکر (تعلقي ننگر پارکر) مان منگهارام اوڇها کان ملي.

(سامي، راجا کي چار مان چٻڙي پري ڏيئي چيو تہ: اي موروا! تو کي پٽ جمندو جو گاروڙي ٿيندو.)

راجا اولاد جو سڪايل هو، تنهن چيس تہ: سائين! جي موري کي موالي پٽ ٿيو تہ بہ چڱو، وانجهائي جو ٽکو تہ لهي ويندو. تڏهن فقير دونهينءَ مان چار جي ٻي چٻڙي بہ پري ڏنس ۽ چيائينس تہ: راجا! تو کي ٻيو پٽ بہ ٿيندو، اهوئي تنهنجي مرڻ پڇاڙا حڪومت جو وارث ٿيندو. راجا چار وڻي سامينءَ کي نمسڪار ڪري موڻي آيو ۽ اها رک پاڻيءَ ۾ ملائي، راڻيءَ کي پياري چڏيائين.

سامينءَ جو چيو پورو ٿيو، ۽ نون مهينن پڇاڙا موري کي بہ پٽ جاوا. پٽن جي جنم جو ٻڌي مورو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل کولي خيرات ڪيائين.

پاڻوي ڪنور 'پيريو'، 'ڪيهر' ٿيو ٻيو،
هي جيسلمير جو راجيو، هُو گاروڙي ٿيو.

(سامينءَ جي دعا سان، موري کي بہ راجڪمار جاوا، هڪڙي جو نالو پريو ۽ ٻئي جو ڪيهر رکيائين. هڪڙو وڃي فقير ٿيو ۽ ٻيو جيسلمير جو راجا بنيو.)

سامي جي چوڻ موجب پريو نندي هوندي کان ئي دنيا جي ڳالهين کان پري رهيو. سڄو ڏينهن پاڻ بہ ويٺو مرليون وڄائيندو هو ۽ پنهنجن سنگتين کي بہ مرليون وڄائڻ سيکاريندو هو. اهڙيءَ طرح پندرهن سال گذري ويا. انهيءَ عرصي ۾ پريي پنهنجي سنگتين کي، جي ادائي سؤ کن هئا ۽ هروقت پريي سان گڏ گذاريندا هئا، تن کي مرلين وڄائڻ ۾ هوشيار ڪري چڏيو.

موري پٽ جي اها حالت ڏسي کيس گهٽوئي سمجهايو تہ: پٽ! تون هاڻ وڏو ٿيو آهين، سياڻي راڄ هلائيندين، تنهنڪري فقيراڻيون ڳالهيون چڏي ڏي. پر پريي تي انهن سمجهاڻين جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو. نيٺ هڪڙي ڏينهن پٽس ڪاوڙجي چيس تہ: تو کي ستن ڏينهن جي مهلت ٿو ڏيان، انهيءَ وچ ۾ تون انهن سيني ڳالهين کي چڏي ڏي، نہ تہ تو کي جوگي سزا ڏني ويندي. پر پريو سا ڳئي

حال کي ڪٿي ٿو ڇڏي سگهي. نيٺ موري کي ب جا آئي ڪاوڙ هو حڪم ڪيائين ته سڄ اپرائي کان اڳ پريو ۽ سندس سنگتي ملڪ ڇڏي هليا وڃن. پريو ب کو آتو وينو هو، سو پيءُ جو حڪم پڏي پنهنجو سات سنڀرائي، سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. ڪن ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ سنڌ جي اپرندين سرحدوت "پڇمائي ڏونگر" تي اچي ديرو دمايئون. سفر ب گهڻو ڪيو هٿائون، سو فيصلو ڪيائون ته ڪجهه ڏينهن اتي آرام ڪري، پوءِ ڪنهن پئي پاسي هلبو.

هڪڙي ڏينهن پريو پنهنجن پورن ۾ هڪڙي پٽ ڪي ٽيڪ ڏيو وينو هو ته اوچتو سندس ڪن تي کو آواز پيو. ٿوري خيال ڏيڻ تي خبر پيس ته کو گرو پنهنجن چيلن کي وينو پڙهائي. پريو ب خيال ڏيئي گروءَ جي گاله سمجهڻ لڳو. تان جو پورو هڦتو ڪيس ائين گذري ويو. ائين ڏينهن گرو پنهنجن چيلن کي سبق پڙهائي دنگ ڪيو ۽ ڪائن سوال پڇڻ لڳو، پر چيلا منجهي بيهي رهيا ۽ ڪوب جواب نه ڏيئي نه سگهيو. اتي پريو رڙهي ويجهو ٿيو ۽ گروءَ جي سوالن جا صحيح جواب ڏيڻ لڳو. گرو اوڦٽو ماڻهوءَ جي واتان سندس سوالن جا جواب پڏي ڏاڍو عجب لڳو. سو پڇيائينس ته: اي گاروڙي! تو کي هي علم ڪنهن سيکاريو؟ پريي هٿ پڏي سڄي گاله ڪري پڌايس، جنهن تي گرو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن کي پنهنجو چليو بنائي وڏيڪ سکيا ڏيڻ لڳو.

اچي آءٌ آت رکيو، جت گرو لعلئون لعل،
رچيو جيئن ڪلال، گاروڙي ڪر گهوٽ ٿيو.

(پريي اتي اچي ڌاپو ڪيو جتي پهتل گرو وينو هو، هو گروءَ جي صحبت ۾ سمورو علم سکي رچي لعل ٿيو.)

نيٺ هڪڙي ڏينهن پريي سمورو علم حاصل ڪري پنهنجي گرو کان موڪلايو. گرو چيس ته: گاروڙي! هائي گهڙو ب خوفناڪ نانگ هجي، پر ان جي طاقت تنهنجي اڳيان تچ برابر آهي. نانگ جي چڪ تي رڳو تنهنجي نظر پوندي ته نانگ اڦٽ مري ويندو

۽ ان جي زهر جو اثر ختم ٿي ويندو، پر جيڪڏهن نانگ تو کي اهڙي هنڌ چڪ هنيو، جتي تنهنجي نظر نه پئجي سگهي، تہ پوءِ ٿون مري ويندين. پي هيءَ گاله به نه وساريج تہ جيڪڏهن تو درياءُ اورانگهيو تہ تنهنجو سڄو علم ختم ٿي ويندو. ائين چٽي گرو ڪيس موڪل ڏنسي. پوءِ پريو۽ سندس دوست منزلون ڪندا واپس ڪڇ روانا ٿيا.

ڪن ڏينهن جي مسافريءَ کان پوءِ پارڪر جا پهاڙ لتاڙي، ڪڇ جي اتر واري هڪڙو ٻيٽ تي اچي ڌاهو ڪيائون. پوءِ پريي پنهنجن سنگتين کي پنجن پنجن جي ٽولين ۾ ورهائي نانگن جهلڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ موڪلي ڏنو.

پريي ٻيلي ڌار ڪيا، ٽولي ٽولي پنج،
ڪلنگيون جن ڪپار ۾، ڪر 'ماڻا سر' جا هنج.

(پريي پنهنجن سنگتين کي پنجن پنجن جي ٽولين ۾ ورهائي ملڪ ۾ روانو ڪيو، جن کي ڪلنگيون مٿي ۾ هيون، اهي ائين ٿي ڏسجڻ ۾ آيا جيئن "ماڻا سر" جا هنج هجن.) گاروڙين جا ٽولا، نانگ ڪلهن ۾ وجهي سڄي ڪڇ ۾ پکڙجي ويا.

هڪڙي ڏينهن انهن گاروڙين جي هڪڙي ٽولي "شيشا پٽ" جي ميدان ۾ اچي لٿي. انهيءَ شهر تي "سنگهار" قوم جي هڪڙي راڻي "سڳئي سنگهار" نالي راج ڪندي هئي. راڻي سڳئي جهڙي هئي صورت ۾ سرس، تهڙي هئي علم ۾ برڪ. هن پنهنجي علم جي زور تي سڀني نانگن کي پنهنجي وس ۾ ڪري ڇڏيو هو. انهن کي سڳئي جيئن حڪم ڪندي هئي تيئن ڪندا هئا. مارواڙ ۾ "پتنگراج" نالي نانگن جو راجا رهندو هو، جنهن کي نمائڻ لاءِ هن جو علم بيڪار ثابت ٿيو هو. هوءَ سدائين انهيءَ خيال ۾ رهندي هئي تہ ڪنهن به حيلي سان انهيءَ نانگ کي هٿ ڪريان. ڪيس جڏهن اها سڌ پيئي تہ اڄ ڪي گاروڙي هن شهر ۾ آيا آهن، تڏهن پنهنجي سرتين کي ساڻ ڪري، آديسين وٽ آئي ۽ ڪائنئن خبر چار پڇيائين تہ:

ڪٽان اچو گاروڙيا، ڪيهو اوهان جو ڏيهه؟
سڳئي پڇي سي، نانگ ڏيکاريو نانگڙا.
(اي گاروڙي! خبر ڏيو ته ڪٽان ٽا اچو ۽ توهان جو ملڪ ڪهڙو آهي؟ ۽ اوهان وٽ ڪهڙا نانگ آهن، سي ڏيکاريو.)
سڳئي جي سوال تي هڪ آديسي جواب ڏنس:
اسين گاروڙيا آٽي جا، جتي جيسلمير،
گرو اسان جو پريو، پورو چيل چگير.
(اسين جيسلمير جا گاروڙي آهيون، ۽ اسان جو گرو پريو آهي.)
اهو جواب ڏيئي سامين جيئن ئي پنهنجي ڪارين جا ڏڪ مٿي ڪنيا، تيئن سمورا نانگ گم ٿي ويا. چاڪاڻ ته سڳئي پنهنجي علم سان نانگن کي گم ڪري ڇڏيو هو. ڪارين ۾ وڏن نانگن بدران فقط ٻه - منهين جا ننڍڙا بچا وچي بچيا هئا. گاروڙين پنهنجا منتر جنتر هلايا، پر سڳئي جي اڳيان هنن جا منتر صفا ڪونہ هلي سگهيا.
نانگ ويا نڪري، جن جي مٿي مٽي،
ٻه منهين سندا بچڙا، رهيا ڪر ڪٽي.
(جن نانگن جي مٿي ۾ مٽ هٿي سي گم ٿي ويا، انهن جي جاءِ تي ٻه - منهين جا بچڙا پئي جڙيا.)
گاروڙي نيٺ سڳئي کان هار کائي. اهي ڏسڻا ۽ ڪاريون اتي ڇڏي پريي وٽ موٽي آيو. هن جو ڪين ائين هٿين ڦلهو ايندو ڏٺو سو، پڇيائين:
ڪا، ڪو گڏيو ٻيٽ، ڪا، ڪو گڏيو شينهن؟
ڪٽ وڃايا ڪاريا، ويس وڃايا ڪيئن؟
(توهان کي ڪو ڦورو گڏيو يا ڪو شينهن گڏيو، جنهن جي ڊپ کان سامان ڇڏيو، هٿين ڦلها پيا اچو، ٻڌايو ته اوهان کارا ۽ ويس ڪٽي ڇڏيا؟)
جو گين جواب ڏنس ته:
نہ ڪو گڏيو ڪو ٻيٽ، نہ ڪو گڏيو شينهن،
سگهڙ نار سڳئي، جنهن لٽيا ڏوري ڏينهن.
(اسان کي نہ ڪو شينهن گڏيو، نہ ڪا بي آفت، پر اسان کي

سڳئي نالي هڪڙي سڳهڙ زال ڏينهن ڏني جو ڦري ويئي آهي.)
جو ڳين جو جواب ٻڌي پريو ڪاوڙجي باهر ٽي ويو ۽ سڳئي جي سڳهڙ پائي پر ڪڻ لاءِ سامين کي ساڻ ڪري اوڏانهن روانو ٿيو. سڳئي ته پربي جي تعريف اڳئي ٻڌي هئي، تنهن جو ٻڌو ته پريو خود اچي ويو آهي، سا ڏاڍي سرهي ٿي ۽ پنهنجيون نوَ ورڻيون، ست سؤ سهيليون ساڻ ڪري پريي سان ملڻ لاءِ، چم چم ڪندي اچي انسي نڪتي، جتي پريو اڇي رهيو هو. پريي ۽ سندس ساڻين سڳئي جي آجيان ڪئي ۽ کين مانيءَ جي دعوت ڏني، پر سڳئي ڪلندي وراڻيو ته: فقيرا! تنهنجي اوتاري ۾ ست سؤ ماڻهن جو ڪاڏو ڪٽان آيو؟ پريي چيس ته: راڻي! تون ويهه ته سهي پوءِ جيڪا رکي سکي هوندي سا حاضر ڪنداسين. پريي جو راض ڏسي سڳئي پنهنجي سرتين سميت اتي ترسي پيئي ۽ پريي به ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجي علم جي زور سان سيني لاءِ ماني تيار ڪري ورتي. پريو هو ته فقيراڻي ويس ۾ پر اصل راجائي هار هو، سو سونهن ۽ اٽڪي ويهڻي ڏسي سڳئي مٿس عاشق ٿي پيئي. هوڏانهن پريو به سندس سونهن ۽ علم تي موهت ٿي پيو هو. مطلب ته ٻئي هڪٻئي تي هرڪ هاري وينا. پريي کي اها گاله ئي وسري ويئي ته هو ڪو سڳئي کان پنهنجي سنگنين جو ويرِ وٺڻ آيو آهي. نيٺ پريي کيس شاديءَ لاءِ چيو. سڳئي چيس ته: پريا! مون انجام ڪيو آهي ته جيڪو به ماڻهو پجنگ نانگ کي وس ڪري ايندو، آءٌ ان سان شادي ڪنديس. پريي چيس ته: انهي نانگ کي آءٌ وس ڪري ايندس. ائين چئي هيءَ سنگنين ساڻين کان موڪلائي، مرلي ڪٽي مارواڙ ڏانهن روانو ٿيو.

مارواڙ ۾ اچي هن ڏونگر جو هڪ هڪ پٿر ڪري نهاريو، پر ڪٽان به نانگ جو گس نه مليس. نيٺ هڪڙي ڏينهن ناميد ٿي جيئن هڪ وڏي پٿر تي ويٺو، تيئن هن کي هڪڙو ٻير نظر آيو. هي خوشيءَ وچان ٽپ ڏيئي ان ٻر وٽ آيو. پڪ ٿيس ته اهوئي پجنگ جو ٻير آهي، سو مرلي ڪڍي وڄائڻ لڳو. ٿوريءَ دير

گذرڻ کان پوءِ ڇنگ نانگ ٻر ٻاهر نڪتو، پر پريي کي ڏمڻ شرط وٺي ڇڏيو. پريو ٻ سندس ٻڌيان ڪاهي ٻيو. نانگ ڇڪندو ڇڪندو اچي ننگر پارکر جي ڪارونجهر جبل ۾ لڪو. گاروڙي ٻ سندس پٺ وٺي اتي وڃي نڪتو. نانگ وري ٻ اتان وٺي ڇڏيو ۽ ڪڇ جو درياءَ ٽپي ڇڄ ڏانهن رخ رکيائين. پريو جوش ۾ نانگ جي پويان درياءَ ۾ ٽپي ٻيو ۽ پار پهچڻ تي هن کي پنهنجي گرو جو قول ياد ٻيو. اتي هن ڏٺو تہ سندس اڏ علم ختم ٿي ويو، پر سڳئي جي عشق ۾ ان جي ڪا پرواهہ نہ ڪري نانگ جي پويان هلندو ويو.

رات جو نانگ اڪل ڪري سهڻي لٽ ٻڌجي وات تي پڌجي رهيو، جيئن ئي پريو اتان لانگهائو ٿيو، تيئن نگاهہ وڃي لٽ تي پيس. ههڙي سهڻي لٽ ڏسي هن ڪٽي ڪاهي تي رکي ۽ اڳتي هلڻ لڳو. نانگ اهو موقعو ڏسي هڪدم ڪيس پڻن ۾ چڪ هنيو. جيئن تہ پريي جي نظر ان جاءِ تي نہ پڌجي سگهي، تنهنڪري زهر جي اثر کان اتيئي بيهوش ٿي ڪري ٻيو.

هوڏانهن پريي جي شاگردن کي پسڻ پيا تہ اڄ پريي جوخير ڪونهي. سو پيرو ڪٽندا ڪوليندا ڪوليندا اچي پريي وٽ پهتا، پر هو فقط چند گهڙين جو مهمان هو. چيلن کي آيل ڏسي ايترو چيائين تہ: منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجو ماس ائين نہ وڇائجو، توهين سڀ گڏ ٿي اهو کائي ڇڏجو، تہ توهان جو علم وڌندو.

پريي جي مرڻ کان پوءِ سندس چيلن هن جي جسر کي ويڙي، ڪنرا ڪترا ڪري ڪٽي ڪنيءَ ۾ چاڙهيو. ان وقت اوچتوئي اوچتو هڪڙو برهمڻ گهمندو ڦرندو اچي اتان نڪتو، تنهن کين ڏسي چيو تہ: فقيرا! هتي ڪهلو چا پيو ڪرين؟ گاروڙين وراڻيو تہ: مهراج! اسان جو گرو پريو گذاري ويو آهي، ان جي حڪم پٺاندر سندس جسر کي کائڻ لاءِ پيا رڌيون. اها ڳالهہ ٻڌي برهمڻ چين تہ: اڙي! گرو جو ماس چيلا ٿا کائو! انهيءَ کان تہ ٻڌي وڃي مرو. برهمڻ جي ڳالهہ تي سڀني گاروڙين کي ويساهہ اچي ويو ۽ هڪدم رڌل ڪڻو ڪٽي درياءَ ۾ ڦٽو ڪيئون. انهي جو

واس ڪن چيلن کي آيو جي علم ۾ تمام قابل ٿي ويا، ۽ اڳڪٿيون ڪندا ڦرندا هئا. چون ٿا تہ اهو ڪنو اُتان ترندو ترندو ڪامروپ ديس ۾ آيو، جتي جي عورتن کي هٿ لڳو، تن اهو گوشت ڪائي ڇڏيو، جنهنڪري اتي جون زالون علم ۾ اهڙيون قابل ٿي ويون جو مردن کان بہ گوءِ ڪٿي ويون.

هوڏانهن جڏهن سڳئي کي ڀريي جي مرڻ جي خبر پيئي، تڏهن ڏاڏو ڏک ٽيس ۽ يڪدم سهي ڌيري لال ڪنوار ٿي، اتي ويئي جتي ڀريو مئو هو ۽ ان جاءِ تي باهم جو مچ ٻارائي پاڻ کي سازي ڇڏيائين.



N.B

سونل پري*

ڪنهن زماني ۾ پاور پر ڳٽي ۾، وڪيو سنگهار ۽ ڪردر نالي ريهاري ۾ گهرا دوست رهندا هئا. هڪڙي ڏينهن پنهي يارن بيلي ۾ پنهنجا ڍور ڇڏي چاريا تہ اوچتو ڪنهن عورت جي روئڻ جو آواز ڪنين پڌائون. ٻئي جڏا اچرج ۾ پئجي ويا تہ هڪڙي بيلي ۾ جتي مرد ماڻهو به اچڻ جو سٽ ساري نہ سگهندا آهن، اتي عورت ڪٿان آئي! آخر ٻئي جڏا عورت کي هيڏانهن هوڏانهن گولڻ لڳا. گولا ڪندي ڪندي اچي هڪڙيءَ ٻڑهيءَ وٽ پهتا، جتان اهو آواز ٻڌي آيو. اندر وڃي ڏسن تہ هو تمام سهڻي عورت ويٺي آهي. وڪيو ۽ ڪردر سندس اهڙو حسن ڏسي بيهوش ٿي ويا. ڪجهہ دير کان پوء جڏهن سامت ۾ آيا، تڏهن ويڇهو اچي پڇيائون، تہ معلوم ٿين تہ اها "سونل پري" هئي. جنهن ڇس تہ: مونکي گهر وٽي هلو. هاڻي پنهي ڇڻن جي وچ ۾ اچي جهڙو هليو، تہ سونل کي ڪير پنهنجي گهر وٽي وڃي! وڪڻي نيٽ ڪردر کي پنهنجو سمورو مال ڏيئي ڪانڌس سونل جي جند ڇڏائي.

جڏهن وڪيو سونل وٽ آيو، تڏهن هوء پنهنجو روپ مٽائي شينهن بنجي ويهي رهي، اهو ڏسي وڪيو کي اچي ڊپ ورايو، سو وٽي ڀڳو ۽ ڪردر کان پنهنجو مال وٽي سونل جي پچر ڇڏيائين. پوء ڪردر سونل وٽ آيو ۽ اچي چيائيس تہ: تون منهنجي ڏيءَ جي برابر آهين. هاڻي هي جهنگ ڇڏ ۽ هلي سون وٽ رهہ، پوء جيڪا رکي مکي قسمت ۾ لکيل هوندي سا کائي

---

* هيءَ روايت ٽرپارکر (تعلقي ننگرپارکر) مان سنگهارام اوجها کان ملي.

گذر ڪندا سين. اهو ٻڌي سونل ساڻس گڏجي اٿي هلي. انهيءَ ڏينهن کان سونل ڪرڙ جي مال جي سنيال ڪرڻ لڳي. قدرت خدا جي اهڙي ٿي جو جيئن پوءِ ٽيئن ڪرڙ جي مال ۾ برڪت پوندي ويئي. نيٺ مال وڏندو وڏندو وڃي جام قول جي سرحد سان لڳو.

هڪڙي ڏينهن سونل متي ٽي مٽ ڪڍي، هٿ ۾ ڏهن مينهن جا رسا جهلي، انهن کي ڪاهيندي جام قول جي محل وٽان اچي لانگهائو ٿي. انهيءَ مهل رستي تي ٻه پاڙا پاڻ ۾ پئي وڙهيا، جنهنڪري اڄ وڃ جو رستو بنهه بند ٿي ويو هو. پاڻ جي وچ مان لنگهڻ جي ڪنهن کي به همت نٿي ٿي. رستي جي ٻنهي پاسن کان ماڻهن جو ميڙو لڳي ويو هو، سونل کي به دير ٿي ويئي هئي، سا ماڻهن کي هٽائيندي پئي ويئي. اهو تماشو جام قول پنهنجي ماڙيءَ جي دريءَ مان پئي ڏٺو. ماڻهن جي ٽٽ مان سونل کي وڏندو ڏسي ڏاڍو عجب لڳس، ته هيءَ ڇوڪري پاڻ جي وچان ڪيئن لنگهندي!

پر سونل مينهن کي بي ڏپائي سان ڪاهيندي جڏهن پاڻ کي ويجهو آئي، تڏهن مينهن جا رسا پير هيٺان ڏيئي، پاڻ کي ڪنڌ کان جهلي، هڪڙي هڪڙي چمات ٻنهي کي وهائي ڪيائين. چمات لڳڻ سان پاڙا وڃي ڀڳا. اهو ڏسي سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا. پر سونل کنهن ڏانهن به خيال ڏنو ۽ تڪڙي تڪڙي پنهنجو رستو وڃي هلي ويئي. جام قول اهو سمورو لڦاءُ ڏسي حيران ٿي ويو. اهڙي پهلوان ۽ سهڻي زال هن ڪڏهن به ڪانه ڏٺي هئي؛ تنهنڪري هن سان شادي ڪرڻ جو ارادو ڪيائين ۽ يڪدم حڪم ڪيائين ته: وڃي ڏسي اچو ته اها عورت ڪٿي ٿي رهي ۽ سندس نالو ڇا آهي. حڪم جي دير هئي، يڪدم ماڻهو انهيءَ پاسي ڊوڙيا ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ سڄي خبرچار آڻي جام قول کي ٻڌايائون ته: سائين! اها سهڻي ۽ پهلوان زال ڪرڙ ريباريءَ کي جي ڏيءَ آهي ۽ سندس نالو سونل آهي. اهو ٻڌي جام قول ڪرڙ کي پاڻ

وٽ گهرائي کانئس سونل جو سڳ گهريو. ڪردار هن کان انڪار ڪري نه سگهيو. ۽ نه ڪي وري سونل پريءَ، جام قول سان پرٽجڻ کان انڪار ڪيو، تنهنڪري ڪردار وڏيءَ خوشيءَ سان راجا جي اها آڇ قبول ڪئي. پوءِ ٽورن ئي ڏينهن ۾ سونل جي شادي جام قول سان ٿي:

وڪيي ڪردار بن ۾، لڏي اندر پري،
سا سوغات ساري، اچي پرٽائي قول کي.

(وڪيي ۽ ڪردار جهنگ مان جڏ هڪ اندر جائي حسين عورت لڏي، ۽ اها سوڪڙي سمجهي قول سان پرٽائي.)

شاديءَ کان پوءِ سونل ۽ جام قول ٻئي ڏاڍا خوش گذارڻ لڳا.

هاڻي سونل روز صبح جو سج اپرڻ کان اڳ، سرتين ساهيڙين سان گڏ تلاءَ تي وهنجڻ ويندي هئي. هڪڙي ڏينهن دستور موجب هوءَ تلاءَ ۾ پئي وهنتي ته الائجي ڪٿان هڪڙو گل تري اچي سندس سامهون ٻيٺو. هوءَ اهو گل کڻي سونگهڻ لڳي.

مٿو ڏوئي ميٽ، اپي سورج سامهين،
سمو اچريو پيٽ، سونل ڦل سونگهيو.

(ميٽ سان مٿو ڏوئي سونل سج سامهون بيهي گل سونگهڻ لڳي ان ڏينهن سمون سندس پيٽ ۾ سرجيو.)

گل سونگهڻ کان پوءِ، سونل اهو گل پنهنجي دل گهري ساهيڙي لالي ۽ کي ڏنو، جنهن ڀڙ اهو گل سونگهيو.

سونل ڦل سونگهيو، پوءِ لالي ۽ سونگهيو،
ڏٺي کڻي هٿ ڪيو، پوءِ ڪواڙ ڪنيو.

(سونل اهو گل سونگهيو، پوءِ سندس خاص پاڻهي جنهن جو نالو لالي هو، تنهن سونگهيو. ان کان پوءِ رامسري نالي ڏومڻ سونگهيو ۽ پوءِ وري ٽي سهيلي لکي ۽ سونگهيو.)

ڏڻيءَ جي مهر ٿي، سونل ۽ سندس ٽنهي سهيلين کي اميدواري ٿي، ۽ نائين مهيني سونل کي پٽ جائو.

سنبت نو سو چاهتر، ٻيڄ تيڙي ڪارتڪ ماس،
تنهن ڏيٺهن لاکو جنميو، سورج جوت پرڪاس.

(سنبت نو سو چاهتر، ڪتي مهيني جي ٻي تاريخ لاڪو جام جائو.)

سونل لاڪو جنميو، لڪيءَ ڏاڻ جائي،
لاليءَ ڪوري ڪِلُ ٿيو، رامسري گهر ڏائي.

(سونل کي "لاڪو" جائو، لڪيءَ کي "ڏاڻ" نالي پٽ جائو، لاليءَ کي "ڪل" پٽ ٿيو ۽ رامسريءَ کي "ڏائي" نالي ڏيءَ جائي.)

اهڙي طرح سونل جي ٽن سرتين کي جن پٽ گل سونگهيو هو، پار جاوا. جنهن ڏينهن جام لاڪو جائو، تنهن ڏينهن جام قول ڪنهن راجا سان لڙائي تي سنبريو هو، پر انهيءَ هوندي ب نندڙي جام لاڪي جي جنم تي سڄي ملڪ ۾ خوشي ٿيڻ لڳي. خزاني جا دروازا ڪلي ويا ۽ غريب غربو ڏاڍجي ويو. هاڻي لاڪو ڏاڍي لاڏ ڪوڏ سان نپجڻ لڳو:

هٿين هٿيريون، لاڪي ڪن لوريئا،
اندر آپسريون، لاڪو لوڏڻ آئيون.

(دايون ڀانهيون لاڪي کي هٿن تي ڪٽي ڪوڏائڻ ۽ لوليون ڏيئي نيائڻ لڳيون، جڏ تہ پريون اندر لاڪي جو پينگهو لوڏڻ آيون.)

جام قول جون ٻيون راڻيون اڳيئي سونل کان سڙنديون هيون، وري جو ڪيس پٽ جائو سو هيڪاري حسد ڪرڻ لڳيون. آخر سڀني راڻين گڏجي صلاح ڪئي تہ: امين اڳيئي جام قول جي دل تان لٿيون ٻيون آهيون، هاڻي وري جو پٽ جائو اٽس سو تہ ماڳهين ڏسندو ب ڪونہ. تنهنڪري چو نہ اهڙي ڪا حرفت ڪجي جيئن جام قول، سونل ۽ لاڪي کي ماري ڇڏي. نيٺ گهڻي سوچ ويچار کان پوء هڪڙي رٽ رڦي جام جي انتظار ۾ ويهي رهيون.

ٻن ٽن هفتن کان پوء جام قول سوپارو ٿي موڪي آيو. ٻين راڻين حرفت ڪري وڃي سندس اڳ ورتو ۽ ڪيس ٻڌايائون تہ: لاڪو تنهنجو پٽ ڪونهي. انسان ويچارو، ڪاڪ مهل ڪنهن جهڙي، سو جام کي مٿن وساهہ اچي ويو، تنهن ڪڏهن سونل کي

چوائي موڪليو تہ: مونکي خبر پيئي آهي تہ لاکو منهنجو پٽ ڪونهي، تنهنڪري جيڪڏهن تون سچي آهين تہ لاکي سميت باهر مان لنگهي، سلامت نڪتينءَ تہ تون سچي آهين، نہ تہ تو کي تنهنجي ڪئي جي سزا ملندي. چام جو اهو حڪم پڌي سونل کي ڏاڍو ڏک ٿيو، پر هاڻي ڪري چا ٿي سگهي. سو چوائي موڪلياٿينس تہ: آءٌ انهيءَ لاءِ تيار آهيان. شهر جي وچ ۾ آڙاهہ تيار ٿي ويو ۽ سڄي شهر ۾ پڙهو گهمي ويو تہ سونل اڄ پنهنجي سٽ جو امتحان ڏيندي. اها گهالهہ پڌي ماڻهن جا حشام اڇي گڏ ٿيا، ايتري ۾ سونل بہ پنهنجي پٽ لاکي سميت اڇي پهتي ۽ آڙاهہ جي مٿان بيهي چوڻ لڳي:

ڪوري ساڙهي ۾ پَرِي، انگ مَ لڳي داغ،
لاکو هوئي قُل جو، تہ سورج پرجان ساک.

(منهنجي ڪوري ساڙهي اصل نہ سڙي، ۽ جسم کي باهہ جو ذرو بہ اثر نہ ڪري: جيڪڏهن لاکو چام قول جو هجي، تہ اي سچ! تون ساک ڏجئين.)

ائين چئي هوءَ پٽ سميت آڙاهہ ۾ ٽپي پئي. ڪجهہ دير کان پوءِ وري جهڙي هئي تهڙي سلامت باهر نڪري آئي. اهو ڏسي چام قول کي ڏاڍو ارمان ٿيو تہ چو نہ کنهن سوچ ويچار جي پنهنجي دل واري زال تي شڪ ڪيم. اهو ڏسي ساڙ سڙيون پهاڇون سڙي ويون ۽ اڇي ساهہ سان لڳن تہ هاڻي الاجي چا ٿيندو. ٿوريءَ دير کان پوءِ چام قول انهن سڀني رائين کي گهرائي چيو تہ: سونل پنهنجي سٽ جو ثبوت ڏنو، هاڻي اوهين سڀيون آهيو تہ هن باهہ مان اُڪرو. پوءِ تہ سڀني کي اڇي سر سان لڳي. نيٺ مرندي جهرندي باهہ ۾ گهڙيون ۽ اتيئي سڙي مري ويون. انهيءَ کان پوءِ راڻي سونل چام قول سان سڄي عمر قرب ۽ آرام سان گذاريو.

وڪيو ڏاتار *

جام لاکو ڦلاڻي سنڌ جي مشهور ڏاتارن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. سندس سخاوت ۽ سورهيائيءَ جي سڃي ملڪ ۾ ڏاکو جميل هو. سندس دستور هو تہ مهيني جي ڪن مقرر تاريخن تي پنهنجي محل ۾ سموريون راڻيون سڏائي محفل ڪندو هو، جنهن ۾ سڄي ملڪ ۽ ٻاهر جون ڳالهيون ٻولهيون ٿيندیون هيون. لاکي جام کي پنهنجي سخاوت ٽي کو ڏاڍو ٻانور هوندو هو، سمجهندو هو تہ جهڙس کو سخي ملڪ ۾ نہ ٿيو نہ ٿيندو. تنهنڪري هڪڙي ڀيري انهيءَ محفل ۾ پنهنجي راڻين سان رهاڻ ڪندي ڪائنڪ پڇيائين تہ: توهان هن ملڪ ۾ سون جهڙو ڪو ٻيو سخي سڄهي.

لاکي راڻيون پڇيون، وهاري هار وهار،
سڀون پٽرو سڄهيو ٿو، ڏيهہ ۾ ڪو ڏاتار؟

راڻيون جام لاکي جو اهڙو سوال ٻڌي ماٺ ۾ پئجي ويون. دل ۾ خيال ڪيائون تہ جيڪڏهن نالو ٿيون ٻڌايون، تہ پوندیونسين آزار ۾، تنهنڪري اهڙي ڪا اٽڪل ڪجي جو لعل به ليي ۽ پريت رهجي اچي. سو چاوڙي نالي راڻيءَ چيس تہ:

لاکا! راڻيون نہ پڇجن، پڇجن مڱڻهار،
جن کي سڄهن گهٽ ۾، ڏيهن جا ڏاتار.

(لاکا! اها ڳالهہ راڻين کان نہ پڇ، وڃي مڱڻهارن کان پڇ، جن کي ملڪ جي ڏاتارن جي سڌ آهي.)

لاکي کي راڻيءَ چاوڙي جي اها ڳالهہ دل سان لڳي،

---

* هن ڳالهہ جي وراڻ ٿرپارکر (تعلقي ننگر پارکر) مان منگهارام اوجها کان ملي.

سو انهيءَ مهل حڪم ڪيائين تہ: سڄي ملڪ ۾ پڙهو ڏياريو تہ جيڪي بہ مڱڻهار جتي بہ هجن، تن جي جام لاڪي دعوت ڪئي آهي. حڪم ملڻ شرط ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهو پڙهيو گهمي ويو. نيٺ مقرر ڏينهن تي ڪتان ڪتان جا مڱڻهار اچي لاڪي جي دعوت تي گڏ ٿيا. لاڪي انهن سمورن مڱڻهارن کي دربار ۾ گهرائي پڇيو تہ: هن ملڪ ۾ مون جهڙو سخي ڪو ٻيو ڏٺو؟

لاڪي جام پچايا، ميڙي مڱڻهار،
ٻليڙا! ٻيو ڏٺو، ڏيهه ۾ ڪو ڏاتار؟

جام لاڪي جو اهو سوال پڌي ڪيترا فقير تہ سندس ساراهہ ڪرڻ لڳا تہ: تو جهڙو سخي مرد اسان نہ ڏٺو نہ ٻڌو. باقي هڪڙو "سومنگ" نالي چارڻ مات ڪيو ويٺو هو. لاڪي کيس چپ ڏسي پڇيو تہ: اي ڀارٽ! تون مات ڪيو ويٺو آهين، تو کي بہ جيڪي چوٽو هجي سو بنا ڊپ جي چئي ڏي. اتي سومنگ بہ دل جهلي چوڻ لڳو تہ: اي لاکا! ملڪ ۾ پلان پليءَ جو چيهہ ئي ڪونهي، ۽ نہ کي هن ڏيهہ ۾ ڏاتارن جو ڏڪار آهي. اسان جي ملڪ ۾ ڏهہ ڏاتار ڳڻبا آهن. جن مان هڪڙو تون بہ آهين. اهو ٻڌي لاڪي جو منهن ٽامٽي هٽي ويو. پر وري بہ ٻاهريون ٻنو رکي چيائينس تہ: چارڻ! باقي نَوَن جا نالا تہ ٻڌاءِ! تنهن تي سومنگ هٿ ٻڌي چيو تہ: هائو سائين! ٻهريون سخي سڀڙ چوٽاٽي آهي، جيڪو گهر وڃي خيرات ڏيندو آهي:

گهر آئي منگڻي، دان سيکو ڏئي،
سڀڙ سو ساري، جيکو جهوپڙين ۾ جهيکا.

(گهر آئي فقير کي تہ هرکو خيرات ڏي، پر "سڀڙ چوٽاٽي" جي ڳالهہ ئي ٻي آهي، جو هڪ هڪ جهوپڙيءَ ۾ وڃي خيرات ڏئي ٿو.)

ٻيو ڏاتارن ۾ "جام اوٺو" جڪراٽي آهي، جنهن خيرات ۾ ايترا تہ گهوڙا، اٺ، ڏاند ۽ ڏيگيون مينهون ڏنيون، جو انهن جي هلڻ سان جيڪا دز آڏامي سا سڄي زمين آسمان تي چانڊجي ويئي، جنهن

۾ جهان جا سيئي ڏاتار ڏڪجي ويا:

اوڻي جي دانهن، ڪيهون ابر لڳيون،
رڄ پيئي راڻين، ڏاتار تيت ڏڪجي ويا.

ويڄهو، وڪيو ۽ جڪرو اهي ٿي ڏاتار ٻه پنهنجو مٺ پاڻ آهن،
جي قلعي جيڏا ڏڳ ڪڙي جا ڪيرات ۾ ڏين ٿا:

چڱا پلا اُوٽريِ، ويڄهو، وڪيو ۽ جڪرو،
ڪڙي جا ڪوت ڪري، ڏين ٿا ڏڻ ڪي.

ڇهون ڏاتار سمون "هڏ ٽڏياڻي" آهي، جو سخاوت جي ڪري ڏيهن ۾ مشهور آهي:

ٽڏي ٽڄ ڏناس، سمون ساهڙ جي پٽ ۾،
پڏرو پُر ڪنداس، هڏ ٽڏياڻي ٽيو.

ستون ڏاتار چام اوياڻي جڪرو آهي، جنهن ماڙيءَ تان ويهي سخاوت جو مينهن وسايو. ان جو مقابلو ٻه ٻيو ڪونه ٿو ڪري سگهي:

چڙهي ميڙي ماڳ، اوچو اڏرڪي ونو.
تارا ڪيين نه تاڳ، چام اوياڻي جڪرو.

انون سخي چام ڪرن آهي، تون لک ٿو بخشين تہ هو ڪروڙ ٿو بخشي ڇڏي. هرڪو ٻيو چوي تہ: لاکي لک بخشيا، ڪرن بخشي ڪروڙ.

نائون ڏاتار راه ڏياچ ٿيو، جنهن جهڙو سورهيه ٻه نه ڪو ٿيو نه ڪو ٿيندو، جنهن چارڻ جي سوال تي پنهنجو سر ويڍي ڏنو:

ٻٽو ويرم راه، پوٽو رانگڙ جڪري،
ڏنو "راه ڏياچ" مٿو مگڻهار کي.

۽ ڏهون ڏاتار تون آهين.

سومنگ چارڻ جا اهي ٻول ٻڌي، چام لاکي کيس ڪاوڙ مان چيو تہ: اڙي ٻارت! جڏهن سخي سردار خيرات ۾ پنهنجو سر ڏيندا هئا، تنهن وقت ۾ چارڻ ٻه اهڙا هوندا هئا، جو پنهنجي ڏاتارن سان گڏ مرندا هئا. چام لاکي جو اهو مهڻو ٻڌي سومنگ چيو تہ: مونکي ٻه جي پنهنجو مٿو ڏيين تہ آءٌ ٻه مرڻ لاءِ تيار آهيان.

کاوڑيو، پر وري به ڪاوڙ جهلي سومنگ کي چيائين ته: تو ڏاتارن جا نالا ڳڻايا آهن، هاڻي انهن جو امتحان به ته ونڊي ڏي ته پوءِ خبر پوي. سومنگ چيس ته: حاضر، حڪم ڪر. لاکي چيس ته: وڪڻي جي ملڪ ۾ چينائي ٻيلي ۾ تمام گهڻا ٻيرون ٿيندا آهن. مونکي ان کان رڳو هڪڙي لپ ٻيرن جي آڻي ڏي ته پوءِ خبر پوي. اهو ٻڌي سومنگ وراڻيو ته: چام! لپ ته چا پر آءٌ تو کي مٽين ٻيرون آڻي ڏيان، پر هينئر ته ٻيرن جي موسم ئي ڪانهي تنهنڪري وڪيو ڪٿان ڏيئي سگهندو؟ تنهن تي لاکي چيس ته: بس، گالهه به ايتري، وڪڻي جهڙو ڏاتار جيڪو پاڻ کي ٻيلي ڏڻي ٿو چوائي، سو تنهنجي اها گهر ۾ پوري ڪري ڪانه سگهندو! اهو ٻڌي سومنگ ٽٻيءَ ۾ پئجي ويو. سمجهه ۾ نه پيو اچيس ته پنهنجي گالهه کيئن مٿي کريان! تڏهن وري به لاکي چيو ته: هاڻي چا به ٿي پئي، اسان کي وڪڻي کان ٻيرون ضرور آڻي ڏي، جي ٻيرون نه ملنئي ته سندس سر ڪٽي پوءِ اچج. منهنجي ملڪ مان هينئر جو هينئر نڪري وڃ، جيڪڏهن رات هتي پئجي ويئي ته سر جو خير نه هوندءِ:

مٿو مگج مگٽا! کا ٻيرون مگج وات،
اڄ اسان جي راج ۾، چارڻ! مَ رهج رات.

(اي مگٽهار ٻيرون جي نه ملنئي ته پوءِ کائس سر جي گهر ڪج، پر اڇوکي رات اسان جي راج ۾ نه رهج.)

چام لاکي جا اهي لفظ ٻڌي، سومنگ ساڻي ڪري وڪڻي ڏاتار جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو. سومنگ چارڻ، وڪڻي کي ڏڻو ڪڍهن ڪونه هو، فقط سندس سخاوت جي سارا ٻڌي هٿائين. وڪيو ڏاتار چينائي ٻيلي جو ڏٺي هو، سندس ملڪ اتان ڪجهه ڏينهن جي پنڌ تي هو. سومنگ ٿورن ڏينهن کان پوءِ اچي اتي پهتو. ڪيس وڪڻي جي دربار جي حد ڪاڌ هئي، سو هڪڙي مسافر قاتل پراڻن ڪپڙن واري شخص- جنهن هڪڙي گهوٽي کي

پئي پٽيون ٻڌيون ـ ڪان درٻار جو ڏس پڇيائين، جنهن هن کي اوڏانهن وڃڻ جو رستو ڏيکاريو.

مڃاڻ ته سومنگ چارڻ کي رستو ڏيکارينڊڙ وڪيو پاڻ هو، جيڪو ان وقت چمڙا پوش ڪيو پئي گهميو. جڏهن سومنگ سندس ڪڇهريءَ ۾ آيو، ڪيس يڪدم سڃاڻي ورتائين ته هيءُ ساڳيو اهو ماڻهو آهي جنهن گهيٽي کي پٽيون پئي ٻڌيون. خيال ڪيائين ته جنهن ماڻهو گهيٽن کي پئي پٽيون ٻڌيون، سو ڪهڙي خيرات ڏيندو. ناميد ٿي مائڙي ڪري هڪڙيءَ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو. وڪيو سندس حالت ڏسي سمجهي ويو، سو چيائيس ته: چارڻ! ڇو تنهنجي منهن جو پنو ئي لٽو پيو آهي. تنهن تي چارڻ ٿهه پهه جواب ڏنس ته:

ڦلاڻي لاکي وت، مون وڏو ڪيو ٿي وات،
گهيٽن پٽيون ٻڌي، سو ڏيندو ڪهڙو ڏات!

(مون لاکي ڦلاڻي وٽ تنهنجي ڏاڍي نيکي ڪئي هئي، پر ڏسان ٿو ته جيڪو اڃا گهيٽن کي پٽين ٻڌڻ ۾ پورو آهي، سو ڪهڙي سخاوت ڪندو.)

اهو ٻڌي وڪيو چيس ته: چارڻ! آءٌ گهيٽن کي پٽيون ٻڌي سگهان ٿو ۽ سر ٻ ڏيئي سگهان ٿو؛ پر پهريں تون پنهنجون خبرون ٻڌاءِ ته تنهنجو نالو ڇا آهي ۽ ڪٽان پيو اچين؟ اهو ٻڌي سومنگ کي خاطري ٿي ته هي مڙس مڙڻ وارو ڪونهي، سو چيائين ته: سائين! منهنجو نالو سومنگ آهي، لاکي ڦلاڻيءَ جو پٽ آهيان؛ تنهنجي سخا جي ساراهه ٻڌي کيرا ڪوٽ مان ڪهي هتي آيو آهيان. تنهن تي جام وڪيو چيس ته: پلي ڪري آئين چارڻ! تون ڏات ونڻ لاءِ تمام پري نڪري آيو آهين، لاکي ڦلاڻيءَ جي سخا ته سڄ مثل آهي، تون ان جو چارڻ ٿي ڪري مون وٽ ڏات لاءِ آيو آهين، تڏهن سمجهان ٿو ته منهنجي پرک ونڻ آيو آهين. تنهنڪري هاڻي گهر جيڪي گهرٽو اٿئي. سومنگ

وراڻيو تہ: اي ڏاتار! انجام ڪر تہ منهنجي گهر پوري ٿيندي.
وڪڻي چيس تہ: آءٌ توسان انجام ٿو ڪريان تہ جيڪي ٻ گهرندين سو ملندءِ. انجام وٺي سومنگ چيس تہ: ڏاتار! مونکي ٽورا پيرون گهرجن، سي ڏي تہ هينئر ئي پنتي موڪلان.

چارڻ جي اِها گهر ٻڌي ڇام وڪيو ڏاڍو حيران ٿيو، چي: چارڻ! پيرن جي تہ موسم ئي ڪانهي، ٻيو ڪجهہ گهر تہ ڏيئين. پر چارڻ چئي تہ: مونکي پيرون گهرجن، تہ مون سان واعدو ڪيوآهي، سو تون ضرور پورو ڪندين. منهنجي گهر واريءَ کي اميدواري آهي، ان کي پيرون گهرجن، تنهنکري پنڌ ٻيو آهيان. اتي وڪيو اڃي حيران ٿيو تہ هاڻي ڇا ڪجي. سومنگ کي ڪيترو ئي سمجهايائين، پر هو پنهنجي ڳالهہ تان نہ لٿو. تڏهن چيائينس تہ:

انبن لڳي نہ ڪيري، چارين لڳي نہ چٹڻ
وري چارڻ! مات ڪر، جيسين آڇي وٺڻ

(اي چارڻ! انبن ۽ انڙيون ۽ چارين ۽ پيرون اڃا ڪونہ لڳا آهن، تنهنکري ايستائين مات ڪري ويهہ، جيستائين انهن جي موسم اچي.)

پر چارڻ چيس تہ:

وٺڻ اچي تيسين ويهان، تنهن کي لڳي وڃي،
جيءُ چارڻيءَ جو وڃي، سو واري ڏيندو ڪير؟

(جيستائين وٺ لهي تنهن کان اڳ، منهنجي گهر واريءَ جو الاجي ڪهڙو حال ٿيندو، جي ساهہ نڪري ويس تہ اهو ڪير ورائي ڏيندو؟)

وڪيي جڏهن ڏٺو تہ چارڻ راضي ٿيڻ وارو ڪونهي، تڏهن ڏن جي لالچ ڏيڻ لڳس تہ:

پُورُون ڏيان پنج سؤ، پيا انّ جا آڻ پراءِ،
چارڻي چترائي سان، مر تري پچائي ڪائي.

(اي چارڻ! پنج سؤ گهيٽا ۽ پيا انّ جا آڻ پرائي وڃي پلي تہ تنهنجي زال آرام سان اهي پچائي ڪائي.)

پر چارڻ چئي ته جيڪي مون گهريو آهي اهو ئي ملي:
انڙ ڪي اوڏي نه ٽئي، پڪو ماس نه ڪاءَ،
چارٽي چترائي سان، پيرون وينيءَ پڇاءِ.
(اي ڏاتار! هوءَ ته انڙ ڪي ويجهو ئي ڪانءِ وڃي، ۽ نه ڪي گوشت ئي ڪائي، اها فقط پيرون پئي ڪري.)

چارڻ جو ضد ڏسي وڪيو پڏر ۾ پئجي ويو. آخر ڪجهه دير کان پوءِ چيائينس ته: ڇڪو هاڻ ڪجهه وقت ترس، آءٌ ماڻهو موڪليان ٿو. ائين چئي هن جدا جدا پاسن ڏي ڪيترائي ماڻهو موڪليا، پر سڀ ائين ئلها موٽي آيا ۽ ڪٽان به پيرون نه ملي سگهيا. اتي وڪيو منجهي پيو ته هاڻي ڇا ڪجي؟ نيٺ هڪڙي ماڻهوءَ کيس صلاح ڏني ته، ڇو نه سون جا پيرون ٺهرائي انهن تي حلوائي کان چاش چاڙهائي ڏجن. چارڻ کي هنهين خبر کانءِ پوندي ۽ هو سونا پيرون ڪٽي هليو ويندو. اهڙيءَ طرح چارڻ ماڻ جند ڇٽي پوندي. جام وڪيي انهيءَ مهل ئي ڪاريگر سونارا گهرائي کين بي انداز خزانو ڏيئي سونا پيرون ٺهرايا:

وڪيي جام ويهي، سونارا سڀ ڪوٺايا،
ماڪ مٽ ڏيئي، پيرون گهڙايا سون جا.

پوءِ انهن تي هڪڙي هوشيار حلوائي کان اهڙي نموني چاش چاڙهايائين جو اهي هُو بَهُو پيرُن جهڙا ٿي پيا. وڪيي سوني ٿالهه ۾ اهي پيرون وجهي آڻي چارڻ جي اڳيان رکيا. پيرون ڏسي چارڻ کي ڏاڍو عجب لڳو ته هن منڊ ۾ پيرون ڪٽان آيا؟ آخر به چار پيرون ڪٽي وات ۾ وڌائين ته ڏند پُرڻ لڳس. تڏهن وڪيي کي چوڻ لڳو ته: اي ڏاتار! تو جيڪي پيرون ڏنا آهن، انهن سان ته ڏند ئي پڇي ٿا پون، مونکي اهي پيرون ڪپن جي چارين جا پڪل هوندا آهن:

وڪيي جا ڏات ڪئي، تنهن سان ڏند جهُرن،
چارڻ پيرون او مگي، جي چارين منجهه پچن.

چارڻ جو ساڳيو سوال ٻڌي وڪيي چيس ته: چارڻ! هن موسم ۾ ته اهڙائي پيرون ملندا. چارڻ چيو ته: اي وڪيا! جيڪڏهن اڄ

منداڻا پيرون نٽا ملن تہ پنهنجو سر وڍي ڏي. اهو ٻڌي وڪيي کي خاطري ٿي تہ چارڻ ڪنهن جو پڙهايل آهي، سو هاڻي سر ڏيڻو پوندو، پر وري ٻہ سومنگـــ، کي سمجهائڻ لڳو تہ: اي چارڻ! تو کي پيرن جي عيوض سونءَ سنجيل گهوڙا، ڪيترين متاويون مينهون ۽ ٽري اڻن جي قطار ڏيان، جي خوشيءَ سان ڪاهي هلين ويج، پر چارڻ چئي تہ: اي ڏاتار! پيرون ڏيار، يا سر ڏي. ڏڌهن چيائينس تہ: هاڻي مونکي هڪڙي ڏينهن جي مهلت ڏي، جي پيرون هٿ نہ آيا تہ سر ڏيندوسئين. چارڻ ڪيس خوشيءَ سان هڪڙي ڏينهن جي مهلت ڏني.

جام وڪيي کي ٻہ راڻيون هيون، هڪڙي راجا دلوراءِ جي ڏيءَ ۽ بي سڳ چوٽاڻيءَ جي ڏيءَ هئي. وڪيو پهريائين دلوراءِ جي ڏيءَ وٽ ويو، ۽ ڪيس ساري حقيقت ٻڌايائين. سڄي گالهہ ٻڌي راڻيءَ چيو تہ:

چارڻ ناهي، هيءُ چورٽو، ڪوڙو آهي ڪنيار،
ڪاهڻ هاڻيءَ جي پگهي، ڪا تان ڪڍ تلوار.

(هيءُ سڄو چارڻ ڪونهي پر ڪوڙو ڪنيار ٿو ڏسجي، تنهنڪري هن کي هاڻيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارائي ڇڏ، يا تہ تلوار سان ختم ڪرائي ڇڏ.)

راڻيءَ جا اهي لفظ وڪيي کي ڏاڍا ڏکيا لڳا، تنهنڪري يڪدم اتان اٿي ٻي راڻيءَ وٽ آيو، ۽ ان کي ساري گالهہ ڪري ٻڌايائين. اها سخي سڳ چوٽاڻي جي ڏيءَ هئي، جا سخيءَ جي گهر ۾ ڄائي نپي ۽ جنهن کي سوالي‌ءَ جو قدر هو، تنهن يڪدم جواب ڏنس تہ:

سڳ چوٽاڻي ڏيءَ، محل وڪيو آيو،
پهرين مٿو منهنجو، پوءِ تنهنجو ڏيج.

(اي وڪيا! جي سوالي‌ءَ جو سوال پورو نہ ڪري سگهين تہ پهرين منهنجو سر ڏج ۽ پوءِ پنهنجو؛ پر سوالي‌ءَ کي خالي نہ موٽائج.)

هن راڻيءَ جا اهي لفظ ٻڌي وڪيو ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ ٻئي ڏينهن

سومنگ چارڻ ڪي سر ڏيڻ جو پڪو انجام ڪيائين. اتان اٿي وڪيي هڪڙي نجوميءَ ڪي گهرايو، جنهن حساب ڪري ٻڌايس ته: اڄ ڪان اڻين ڏينهن ست پرياتي مينهن جي ڪير سان وهنجي وڃي سر ڏجئين. اهو ٻڌي وڪيي پنهنجي ميهار "وسائي" ڪي حڪم ڏنو ته اها مينهن جا ستن پيڙهين ڪان پاڻ وٽ موجود هجي، ان جو ڪير فلاڻي ڏينهن صبح جو سوير حاضر ڪجئين.

اها گالهه شهر جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويئي ته اڻين ڏينهن وڪيو ڏاتار، سومنگ، چارڻ ڪي پنهنجو سر ويڙي ڏيندو. ماٺهو اچي ڪاوڙيا، ڪو ٻيو چئي ته چارڻ ڪي پٽ ۾ بند ڪرائي لنبائي ڇڏجي، ته ڪو ٻيو چوي ته پالي جي منهن ۾ ٽنبائي ڇڏجيس. پر وڪيي پنهنجيءَ دل ۾ سر ڏيڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو. آخر مقرر ڏينهن ٻه اچي پهتو. صبح جو سوير وڪيي ڪي سر ڏيڻو هو، جو ان وقت تائين ڪٿان ٻه پيرون هٽ نه اچي سگهيا هئا. وسائي ڪي اسر مهل ڪير پهچائڻ لاءِ حڪم هو.

وڪيي جون ست هزار مينهون هيون، جن ڪي وسايو چاريندو هو. جيڪا مينهن ستن پيڙهين ڪان وٽن هئي، تنهن جو نالو "ماڪي" هو. ان جي عادت هئي ته ڪٽي ٻه هوندي هئي ته پهرئين سڏ تي اچي نڪرندي هئي. اسر مهل مقرر ڏينهن تي وسايو مينهن ڪي سڏڻ لڳو. ڏاڍو عجب لڳيس ته ٽن ڇڻ سڏڻ ڪان پوءِ ٻه ماڪي ڪانه آئي. سو اچي سر سان لڳس ته جي ماڪي اڄ نٿي اچي ته ڏاتار جو قول ڪوڙو ٿيندو ۽ آءٌ مارجي ويندس. هيڏانهن هوڏانهن مينهن ڪي ڳولڻ لڳو. اوچتو سندس ڪن تي ماڪيءَ جي رنپ جو آواز پيو. اهو آواز هن سڃاتو، اتي ڪجهه مڙئي پيٽ ۾ ساهه پيس، ۽ يڪدم آواز واري طرف وڃي ڏسي ته ماڪي اڳ ئي واڙي وٽ بيٺي آهي پر سندس سڳن ۾ هڪڙي ڏاري اڪي پئي آهي. مڃاڻ اها ڏاري ڪا پيرن جي هئي. پيرون ڏسي سندس وات ئي ڦاٽي ويو.

وسايو آيو واڙ تي، مينهن جو ميهار،
رتڙن ڏونڙن پيروئن، پڇي پيس ڏار.

پڪدم ڇا ڪيائين جو ٽاري مينهن جي سڳن مان ڪيي سڏو جام وڪيي جي محلات ڏانهن ٻڪيو. وڪيو پيرون ڏسي حيران ٿي ويو ۽ ڪانئس ان بابت پڇيائين. جنهن تي وسائي سڄي گالهه ڪري ٻڌايس. پوءِ ته سڄي محلات ۾ خوشيون ملهائجي ويون. وسائي کي خوب انعام اڪرام مليو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ سومنگ چارڻ، وڪيي کان سر جي خيرات وٺڻ لاءِ ڪڇهريءَ ۾ روبرو حاضر ٿيو، پر ٽالهه ۾ سر جي بدران پيرن سان پرپور سائي ٽاري ڏسي حيران ٿي ويو. جام وڪيي کيس ٽالهه ڏيندي چيو ته:

ڪُ منڊ ۾ اهڙا گهرين، ڏاتارن وٽ ڏان،
وٽ ٽون چارڻ ڪوڙا! وڪيي ڏنئي ڏان.

(اڙي ڪوڙهيا چارڻ! ڏاتارن کان اهڙا اڻ منڊائتا ڏان ٿو گهرين، چگو هاڻي هي ڏان وٽ، جو تو کي وڪيي ڏنو آهي.)

سومنگ کي ان پاراتي سببان ان وقت کان وٺي ڪوڙهه جو ساڙو شروع ٿيو. پر حالي هو ڪوري مٽ ۾ پيرون وڃي ڪٽي روانو ٿيو، ۽ آخر اچي جام لاکي جي ڪڇهريءَ ۾ پيرن وارو مٽ آڏو رکيائين:

لاکا! آپٽي نهار، ڪجاڙو آهي مٽ ۾،
تو گهڙيا سون مڳيا، ڏنا وڪيي ڏاتار.

(لاکا! هي ڏس ته مٽ ۾ ڇا آندو اٿم. تو جيڪي گهريو سو مون آندو آهي. اها سخاوت وڪيي ڏاتار جي آهي.)

پر لاکي کاڌ ورندي، کانه ڏنيس. تڏهن سومنگ کيس گهٽئي منٿون آزيون ڪيون ته، اسين تنهنجا چارڻ اهيءَ زماني کان آهيون، جڏهن تنهنجا وڏا اوسر پهاڙ تان لٿا هئا، تنهنکري سونکي ڏکار نه. پر جام لاکو، جو اڳئي کانئس ڪتريل هو،

تنهن وڪيي جي تعريف پڌي هيڪاري مٿس ڪاوڙ ڪئي. پوءِ سومنگ، چارڻ ۽ ڪيراڪوت چڏي چام وڪيي وٽ آيو. جنهن سندس خراب حالت ڏسي مٿس قياس آڻي پاڻ وٽ رهايو. ۽ درويشن جو پڙهيل پاڻي گهرائي اول پنهنجي هٿ سان چنڊا هنيائين ۽ ان بعد سومنگ کي وهنجارايائين. جنهن کان پوءِ سومنگ، کي ڪوڙهه چڏي ويو، رڳو سندس نراڙ تي هڪ ٿورو داغ باقي وڃي رهيو. چون ٿا تہ سومنگ، چارڻ جي پوين ۾ اڄ ڏينهن تائين اهو نراڙ وارو نشان هلندو اچي.



جسوڏن بادشاهہ *

سمو راءَ "جسوڏن بادشاهہ" آڳاڻي وقت ۾ لاڙ جي هڪ وڏي اراضي جو حاڪم هو. جسوڏن کي جسيڏن به ڪري سڏيندا هئا. سنڌس حڪومت ٺٽي جي بادشاهيءَ کان اوير طرف هئي جنهن مان پٽيهل درياءُ وهندو هو. انهيءَ پٽيهل ڏوري سڀان سنڌس سڄي ملڪ ۾ آبادي ٿيندي هئي، ۽ انهيءَ ڪري جسوڏن کي ملڪ جا ماڻهو پيار وچان "ڏوري ڏڻي" يا "ڏور ڏڻي" به ڪري سڏيندا هئا. سڀ ماڻهو سڪيا ستابا هئا، مال متاع جام هو ۽ ان گيهہ جام هوندو هو. ملڪ ۾ ڪنهن به شيءِ جا اڻاٽ کاڻ هئي.

اوچتو هڪ سال پٽيهل درياءَ ۾ لاهو آيو ۽ سال بسال اهو ڏورو سڪڻ لڳو. ڏوري جو اهو حال ڏسي ماڻهن ۾ اچي هراس پکڙيو. پاڻي جي اچي اڻاٽ ٿي، ڏينهون ڏينهن ويا. جسوڏن جي ڏاڳ به اچي پوڻيان پير ڪيا. سنڌس هٿ ۾ آها برڪت نہ رهي. اها حالت ڏسي ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ ماڻهو ڏوڙايائين تہ خبرچار لهي اچو تہ چا ڳالهہ آهي ۽ ڪهڙي سبب کان ڏورو پيو سڪي! ڪي داناءُ ماڻهو ويا ۽ وڃي سڄي ڏوري کي جانچيائون. ڏاڻائون تہ مار! ماڳهين ڏورو ابتو پيو وهي! تڏهن موڻي آيا ۽ اچي ٻڌايائونس تہ: اسين ڏسيو پيا اڇون تہ اڄ ڏورو ماڳهين ابتو پيو وهي، جنهنکري پاڻي نٿو پهچي. فصل ختم ٿي ويا آهن ۽ زمينون سڪي ٽکر ٿي ويون آهن؛ ۽ ماڻهو به هتان لڏڻ جي پيا ڪن.

اهو ٻڌي جسوڏن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن دل ۾ خيال ڪيو تہ ماڻهو لڏي ويا تہ ملڪ ڪٿي ويندو... جيستائين سون وٺ

---

* هي ڳالهہ جي روايت مرحوم حاجي علي محمد خان بگهيڙ ۽ حاجي سوڍي خان بگهياڙ (تعلقو ميرپورساڪرو) کان ملي.

ڪي ڪجهه آهي، سو ڏيئي ماڻهن ڪي رهايان، پوء ٿي سگهي ٿو ته ڏڻي من پنهنجي ٻاجهه ڪري. اهو ٻڌ ڪو ڪري، گڏ ٽيل ان" ماڻهن ۾ ورهائڻ شروع ڪيائين. نيٺ اهو ان" به ڪٽي ويو، تڏهن وري خزانو ورهائڻ لڳو. نيٺ مند موڻي آئي پر ديورو نه وهيو سو نه وهيو... جيئن پوء ٽيئن سڪندو ويو. هاڻي ماڻهن ۾ به سڻڪ ڪونه هو سو ڇڄ جي ڪرڻ لڳا.

جڏهن جسوڏن ڪي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي تڏهن ماڻهن ڪي چيائين ته: ڪجهه ڏينهن ترسو. آءٌ سوڻ خاطر به ٽنر ٽو چڏيان، جيڪڏهن اهي موڻي آيا پوء توهان پلي وڃجو، جي نه ته پوء پڪ ڇاڻو ته اسان جا ويل ڏينهن جلد موڪلندا، ماڻهن سندس اها ڳالهه مڃي، هن ٽنرن جي جوڙي جهلائي، به-ٽي ڏينهن بڪ ڏيئي، اڏائي چڏي، سڀ ماڻهو انهي تماشي ڏسڻ لاء اچي گڏ ٿيا. ڪيترو وقت گذري ويو پر ٽنر نه وريا، اتي مڙني ماڻهن جي منهن تي سرهائي آئي. پر سڄ لٽي مهل ڏسن ته ٻئي ٽنر آهستي آهستي اڏامندا پيا اچن. سيني جا منهن لهي ويا. گهڙي ڪن ۾ ٻئي ٽنر اچي جسوڏن جي پيرن وٽ ڪريا. ۽ آتي جو اتي مري ويا. اهو رنگ ڏسي جسوڏن، ماڻهن کي چيو ته: هاڻي اوهان کي موڪل آهي جيڏانهن وٽيو ٽيڏانهن وڃو. پر پاسي ۾ ڪٽي به نه پاڻي آهي نه آن".

اها ڳالهه ٻڌي سيني جسوڏن کان موڪلايو ۽ جدا جدا پاسن ڏانهن روانا ٿي ويا. فقط جسوڏن، سندس زال، ٻانهي ۽ ڏهه ڇٽا پيا، جملي تيرهن ڇٽا وڃي سجي شهر ۾ رهيا. هنن کي به جڏهن ڪائڻ لاء ڪي ڪين رهيو. تڏهن شهر چڏي روانا ٿيا. وات تي ڪنهن جاه تي ڪين بک ڏاڍو پريشان ڪيو. اتي هڪڙي هنڌ جسوڏن کي گدرو نظر آيو، سو وڃي پٽياٽين، پر رڳو پاڻ نه ڪاڏائين پر ان کي تيرهن ڦارون ڪري سيني ساٽين کي ڏنائين. پر هڪڙي گدري جي ڦار مان ڪتان ڏئو ٽئي. ڪجهه پنڌ ڪرڻ کان پوء وري به اچي بک ستاين. تنهن تي جسوڏن پنهنجن ساٽين کي چيو ته: آءٌ، راڻي ۽ ٻانهي هڪ طرف ٽا وڃون، ۽ توهان

بي پاسي وڃو. پوءِ جنهن جي جيتري قسمت هوندي اوترو نصيب ٿيندو. اهو فيصلو ڪري، ٻه ٽوليون ڪري روانا ٿيا.

اهي ڏهه ماڻهو اڃا ٿورو اڳتي وڌيائي ڪين ته هڪڙو ڏگهو ڏاڙهون، هنن کي هڪ بڪ سو آئيي ڏڳي کي ڏسي، پڇائي ڪاڍ ويندا. جڏهن کائي ڏؤ ڪيائون ۽ باقي ڪجهه وڃي بچايائون، تڏهن ڏاڙهون ته جسوڏن بادشاهه، راڻي ۽ ٻانهي ٽيئي پيا اچن. هنن کي ايندو ڏسي يڪدم باقي گوشت ڪٽي ڏيڪيائون، پر جسوڏن جي نظر پئجي ويئي جنهن تي چيائين ته:

اسان جنين سان، تہ وڃي تيرهن ڪيو،
تنين اسان کان، ڏگهو ڏيکي ڪاڍو.

(اسان جن سان تر ۾ تيرهن حصا ڪري ڪاڍو، تن اڄ اسان کان ڏگهو لکائي ڪاڍو.)

اهو ڏوراپو پڌي هنن ڏهن ڇڻن شرم کان ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيا، ۽ ڪين ويهڻ جي صلاح ڪيائون، پر جسوڏن چين ته: اسان جي قسمت اسان سان آهي، توهان پلي ويندا ڏؤ ڪريو. ائين چئي هي ٽيئي ڪانئن جدا ٿي اڳتي روانا ٿيا.

هلندي هلندي اڃي هڪ شهر کي ويڃها پيا. راڻي چيوته: انهيءَ شهر ۾ منهنجا مائٽ آهن، انهن وٽ هلي ڪجهه ڏينهن ترسي آرام ڪريون، پوءِ جيئن قسمت هوندي تيئن ڪنداسون. جسوڏن راڻيءَ جي اها گالهه قبول ڪئي، يڪدم اوڏانهن رخ ر ڪيائون، جڏهن ان شهر ۾ پهتا ته سندن ڏاڏي آجيان ڪئي وئي ۽ ڪين ڏاڏي مان شان سان رهايو ويو. راڻي جي ڀاڄائي خاص طرح هنن جي ڏاڏي خدمت چاڪري ڪئي.

هڪڙي ڏينهن راڻي پنهنجي ڀاڄائي سان گڏ اندر آٽ ۾ ويئي، جتي سندس ڀاڄائي پنهنجو هار لاهي ڪٽي آٽ واري ڪيري ۾ ٽنگيو ۽ پاڻ ويڻيون ڪٽڻ ۽ گالهيون ڪرڻ. قدرت اهڙي جو ڪيري هڪڙو هڪڙو مٽيو ڪري سڄو هار کائي ويئي. راڻي اهو سمورو لقاءُ ويئي ڏٺو، پر ڀاڄائيءَ سان گالهه ڪانه ڪيائين. پوءِ

پاڃائيءَ هار جي سنيار ڪئي. راڻيءَ ڪيس ٻڌايو تہ: مڙيو مڙيو ڪري اها ڪيري هار ڪائي وئي. پر هوءَ مڃي ئي نہ، چي: هار پڪ تو لڪايو آهي. گهڻائي قسم سُنهن ڪنيائين، پر هوءَ مڃي نہ، چئي: بس هينئر جو هينئر هتان نڪرو. لاچار راڻي مائڙي ڪري جهڙي هئي تهڙي مڙس ۽ ٻانهيءَ سان ٻاهر نڪتي. وري به هي ٽيئي ڇڻا پنهنجي قسمت کي ڏوهہ ڏيندا ٻئي پاسي روانا ٿيا.

اتان هلندي هلندي اڇي ڪنهن جي وٽاڻ تي پهتا. هيڏانهن هوڏانهن ڏنائون پر ڪو ماڻهو نظر نہ آيئ، وري سڏ ڪيائون تہ ٿوري دير کان ٻوءِ هڪڙو شخص آيو، جنهن هنن کان خبرچار پڇي، جنهن تي جسوڏن ڪيس ٻڌايو تہ: آءٌ هڪڙو غريب پورهيت آهيان، ۽ پورهي جي ڳولا ۾ هت اڇي نڪتو آهيان، جيڪڏهن تو وٽ کو ڪم ڪار هجي تہ ڏس. اهو هن انهي ڪري چيو جو خيال ڪيائين تہ جيڪڏهن آءٌ پاڻ کي بادشاه سڏائيندس تہ پهريائين تہ هيءُ مڃيندو ڪونہ، پر جي مڃيائين تہ رهائڻ ۾ هيڪ ڪندو. جنهن تي پاڳيي ڪيس چيو تہ: ادا! آءٌ پاڻ پورهيت آهيان، پر آءٌ ڏسان ٿو تہ تون کو پريان ڪهي آيو آهين، تنهنڪري پلي ۾ تي ڏينهن رهي ٻئو. جيترا ڏينهن اوهان جو هتي پاڳ، هوندو پيا ڪائيندؤ. جيڪي مون وٽ آهي، سو حاضر آهي. پوءِ ماني ڪٽي آڻي ڏنائين جا هنن ڏؤ ڪري ڪاڌي.

رات جو پاڳيو وڃي سمهي رهيو. آڌيءَ رات جو سڀ مينهون اٿيون، پر پاڳيو نہ اٿيو، اتي جسوڏن جي اک کلي ٻئي، ۽ زال کي اڃاري چيائين تہ: اسان هن جو نمڪ کاڌو آهي، تنهنڪري ڪجهہ ڪم ڪار ڪرڻ کپي. هاڻي آءٌ مينهون پهرائڻ ٿو وڃان ۽ تون پويان رهہ. تنهنجي لڇ ڏٺيءَ تي آهي. ائين چئي سيئي مينهون ڪاهي ٻيلي ڏانهن ويو. پوءِ تہ هن جو اهو دستور ٿي ويو. رات جو پاڳيو سمهي رهندو هو ۽ هي مال پهرائڻ ويندو هو. ائين ڪندي ڪي ڏينهن گذري ويا.

هڪڙي رات پاڳيي خيال ڪيو تہ ڏسان تہ سهي هي

مينهون کيئن ٿو سنپالي. سو جنهن مهل هي روانو ٿيو، تنهن مهل پاڻ ۾ لڪي هن جي پويان لڳو، سڀ مينهون اچي ٻلي ۾ بينيون، ۽ جسوڏن وچ ۾ بينو رهيو. جڏهن ٻيو اوچو (ويهڪ) ڪري آٽيون تڏهن هڪڙو پاڏو ڪير ڏائڻ لاءِ ٻوڙندو آيو، جنهن جي آواز تي مينهن ساڳائي. اهو ڏسي جسوڏن هڪل ڪئي ۽ ٻوڙي وڃي پاڏي کي پري پڇائي ڇڏيائين، ۽ پاڻ ويهي مينهن جو ڪير پٽ تي ڏهي ڇڏيائين! پاڳيي جنهن اهو سڄو لقاءُ ٻڌي ڏ ٺو سو ڏاڍو حيران ٿيو ۽ يڪدم نڪري اچي ڪائنس پڇيائين تہ: يار! ڏي خبر! تو ڪير هارڻ سهسايو، پر پاڏي کي نہ پياريو، هارڻ کان تون ئي ڪير پي چڏين ها. جسوڏن چيس تہ: ادا! وڏڙن چيو آهي تہ 'ماڻهو هرڻي کان شينهن هريو چڱو،' سو جي آءٌ اڄ ڪير پيان ها تہ هري پوان ها، تنهنڪري هاري چڏڻ مناسب چاتم، جي پاڏي کي پياريان ها تہ پوءِ وٺاڙ تي ڪونہ ويهي ها، ۽ جي ڪير نہ ڏهان ها تہ مينهن ٽڻ ڦٽائي چڏي ها، انهيءَ ڪري ائين ڪيم. پاڳيو هن جي ايمانداري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، پر چيائينس تہ: يار! تو جهڙي سمجهو ۽ لائق ماڻهو جي سون وٽ زوري ڪانهي. ائين چئي گهر اچي انهن پنجن ڇهن راڻين جي خاصي مزوري ڏيئي، ڪين روانو ڪيائين.

هي ٽيئي هلندا هلندا اچي هڪڙي ٻئي شهر ۾ پهتا. اتي پهچي جسوڏن خيال ڪيو تہ حياتي الاجي ڪيترا ڏينهن آهي. هي جيڪي پيسا آهن، تن مان ڪو ڇڱو ڇو ڪو طعام تيار ڪرائي ڪائجي، سو ٻانهيءَ کي چيائين تہ: آءٌ سامان ونيو ٿو اچان، تون ڪيئن بہ ڪري اڄ مونکي بادشاهي طعام تيار ڪري کاراءِ. ٻانهي حڪم جي بندي، تنهن چيو تہ: سائين! ٻلي. پوءِ وٽس جيڪي بہ پيسا هٿا تن مان گوشت، چانور ۽ مصالحا ونڻي آڻي ٻانهي کي ڏنائين، ۽ ڪجهہ شراب پنهنجي غم ٽارڻ لاءِ ونڻي آيو. ٻانهي ڪٽان آڌارا سڌارا ٽانو ونڻي ماني تيار ڪرڻ لڳي. جسوڏن خيال ڪيو تہ اڪيلو شراب پيئڻ روا نہ آهي، کو مڙئي ساڻي ضرور هجي

سو پيو ته ڪوبہ ڪونہ هو، باقي پر ۾ ڪئي جو هڪڙو ٻر ڏنائين، تنهن کي پنهنجو نديہ بنائي، اڌ گلاس ڏر ۾ هاريائين ۽ اڌ پاڻ پيتائين. ٿوري دير کان پوءِ پانهي ٻہ ڪاڏو تيار ڪري آڻي سندس اڳيان رکيو. جسوڏن جان ڪٽي ڏسي ته چانور ڪينئان ٿيا پيا آهن. اتي ڪل نڪري ويس ۽ چيائين ته: نياڳ وڃي چوٽي ڪئي آهي. ڏکيا ڏينهن گذري ويا ۽ هاڻي ڏاڍي ورندو.

قدرت خدا جي جنهن ٻر ۾ شراب اوتيو هئائين، اُن هيڻان کي سٽن بادشاهن جو خزانو پوريل هو. ٻر واري کوئي کي اچي نشن ورايو سو يڪدم زمين کوٽڻ لڳو، ۽ وڃي خزاني تائين پهتو ۽ اتان هڪڙو لعل ڪڍي ٻاهر آڻي ڏر جي مٿان چڏيائين. جسوڏن جي نظر وڃي لعل تي پيئي، سو پهرين ته حيران ٿي ويو پر پوءِ ان کي ڏئي جي مهرباني سمجهي ڪنيائين ۽ سڏو ڪڍي شهر ڏي ويو جتي وڪڻي ان مان ٻہ اچن ڪپرن جا وڳا ٺهرايائين ۽ باقي پيسن مان اهڙا زمين خريد ڪري، چوڌاري ڪوٽ ڏياري، وڻي ڪوٽيائين. پن ڏينهن کان پوءِ اهو سڄو خزانو ظاهر ٿي پيو. پوءِ اهو خزانو ڪڍائي راڻي ۽ پانهي سميت واپس پنهنجي ملڪ ڏانهن موڪليا. موڪلندي رستي تي پنهنجي راڻي جي مائٽن وٽ ٽيٽ (ميار) لاهڻ آيا. قدرت سان آٽي ۾ راڻي جي پاڇائي ڏسي ته کيري هڪڙو هار جو مٽيو پيئي ٻاهر ڪڍي، انهي ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ته ناحق هنن کي تڪليف ڏني، اهو خيال ڪري راڻيءَ وٽ اچي ڪائين معافي ورتائين ۽ بن ڏينهن تائين ڪين پاڻ وٽ مهمان ڪري ترسايو.

اڃا جسوڏن اتي ئي هو ته سندس ملڪ جا ڪي ماڻهو ڪيس ڪوليندي ڪوليندي اچي پهتا، جن ڪيس ٻڌايو ته: سائين! مبارڪون هجنو، ديورو تار پيو وهي ۽ هاڻي موڪي پنهنجي ملڪ هلو. اها ڳالهہ ٻڌي جسوڏن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهيءَ مهل واپس پنهنجي ملڪ موٽيو. ديوري ۾ جو پاڻي آيو سو وري آبادين ٿي ويون، ۽ ماڻهو سکيا ٿي ويا، پر ڪين اهو ڪين وسريو ته سندن

هر دلغزيز حاڪم جسوڏن سائن ڪڙا پال پلايا هئا.

جسوڏن هڪ هر دلعزيز بادشاهه ۽ سيني جي خير گهرڙ وارو هو. هو يارن جو يار هو ۽ ڏکيي وقت ۾ به جيڪي ڪي هٿس سو يارن سان وندي ڪاڏائين. انهي ڪري ڏي ڪانئس پوء به سندس نالو رهجي ويو، تان جو ۱۸ صدي ۾ جڏهن پٽائي صاحب پٽيهل جو ڪتل ڏورو وڃي ڏنو تڏهن چيائين تہ:

ڏور نہ اڳينءَ ڏار، مهند ملاحن لڪيو،
موڙي ڇڏيائون مَڪڙا، پسي پاڻيءَ پار،
جسوڏن جيها يار، پيا ويرَ وياس ۾.



گامون سچار - ١ *

اٹڪل يارهين صدي هجريءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌ جي اتر واري پاڳي جو نواب، غازي خان مرڙائي نالي هو. سندس ملڪ ۾ "بابل" نالي هڪڙو وڏو زميندار رهندو هو، جنهن پنهنجي زمين تي هڪڙو ڪوٽ ٺهرايو هو، جتي سڄي عيال سان رهندو هو. بابل کي اولاد ڪونه هو، تنهنڪري رات ڏينهن رب سائين جي درگاهه ۾ اولاد لاءِ ٻاڌائيندو رهندو هو.

بابل کي شڪار جو گهڻو شوق هوندو هو، تنهنڪري هو ڏينهن جا ڏينهن ڪوٽ کان ٻاهر گذاريندو هو. سندس دستور هو ته جڏهن ٻاهر ويندو هو تڏهن ڪوٽ جو ٻاهريون دروازو بند ڪري ويندو هو؛ ان لاءِ ته ڪوبه مرد ماڻهو ڪوٽ اندر نه اچي، ۽ نه وري ڪو ماڻهو ڪوٽ کان ٻاهر وڃي. هڪڙي ڏينهن بابل شڪار تي ويو ته پٺيان هڪڙو درويش ولي الله گهوڙي تي سوار ٿي اچي ڪوٽ جي دروازي تي پهتو. بند دروازي کي ٺري هنيائين ته ڪلي پيو، ۽ اهو درويش گهوڙي سميت اندر ڪوٽ ۾ هليو ويو. بابل جي زال هن کي ڏسنديئي دانهن ڪئي ته: اي خدا جا بندا! تون ڪير آهين ۽ ڇو اماڪ ڪوٽ ۾ گهڙي آيو آهين؟ منهنجي مڙس کي جي خبر پئي ته تو کي توڙي مونکي ماري ڇڏيندو. هن درويش جواب ڏنو ته: مائي! آءٌ خدا جي حڪم سان اوهان کي پٽ ڄمڻ جي بشارت ڏيڻ آيو آهيان. هاڻي تون پنهنجي مڙس کي منهنجا سلام چئج ۽ اها خوشخبري به ٻڌائج. مائيءَ جواب ڏنو ته:

---

* هن ڳالهه جي روايت اتر (تعلقي روهڙي) سان عبدالرزاق سيٺ کان ملي.

سائين! هو منهنجي گالهه تي اعتبار کونه ڪندو. اوهين مهرباني ڪري ڪا اهڙي نشاني ڏيو جنهن تي هن کي اعتبار اچي.

بابل جي گهر ۾ ڪجيءَ جو هڪڙو وڻ ٻيئل هو، جو ڪيترن ڏينهن کان سکي ويو هو. درويش انهيءَ ڪجيءَ ڏانهن نظر ڪئي ته انهيءَ دم سائي ٿي پيئي ۽ ڦر جهلي بيٺي. ان بعد درويش وڃڻ جي ڪئي، تنهن تي مائيءَ مڙس جي اڇڻ ٿائين ترسائڻ لاءِ تمام گهڻو زور ڪيس پر هو نه ترسيو. درويش جي وڃڻ کان پوءِ، مائي وهنجي سهنجي هار سينگار ڪري، گاڙهي کٽ تي هنڊ وڇائي بالم ٽي ويهي رهي. شام جو بابل آيو، ڏسي ته ڪوٽ جو دروازو کليو پيو آهي. وري اندر اچي ڏسي ته زال پاڻ سينگاريو ويٺي آهي، ۽ تمام بهار ڏهڙ ۾ پيئي اچي، ويتر زمين تي گهوڙي جا پير لڳل نشان ڏسي دل ۾ شڪ آيس سو يڪدم ترار ڪيي زال تي الر ڪري آيو ۽ چيائينس ته: سچ ٻڌاءِ ته ڪهڙو ماڻهو اڄ ڪوٽ ۾ اندر آيو هو؟ زال ادب سان چيس ته: سائين! پهريائين ڪجيءَ ڏي نظر ڪريو، پوءِ پلي مونکي ماريو، منهنجي خطا هجي ته آءٌ حاضر آهيان. بابل ڪجيءَ جي وڻ ڏانهن نهاريو ۽ گالهه کي يڪدم سهي ڪري ويو، تڏهن تلوار ميان ۾ وجهي زال کي چيائين ته: اي بدنصيب! اهڙو مرد سوليل جو اسان وٽ آيو، ته تو چونه چيس ته آءٌ به ڪجيءَ وانگر سڪل آهيان، ۽ مونکي به سائو ڪري وڃ. مائيءَ چيس ته: تو کي سلام چيا اٿس ۽ چئي ويو آهي ته اوهان کي پٽ ڄمندو، پر ان جو نالو "گامون" رکجو. اتي بابل ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پٽ ڄمڻ جي بشارت تي خوب خير خيراتون ڪري ڏٺي تعالىٰ جا شڪرانا بجا آندائين.

ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ بابل کي پٽ ڄائو. هن جو نالو گامون رکيائون. گامون اڇا نندو ئي هو ته پٽس بابل کورائي فوت ٿي ويو. هاڻي هيءُ ماءُ جي سنڀال هيٺ رهيو. اڄ نندو سيان وڏو، اچي ڏهن ٻارهن سالن جو ٿيو. هن کي نندي هوندي کان ئي سچ گالهائڻ جي عادت هئي. چا به ٿي پوي پر ڪوڙ اصل نه

ڳالهائيندو هو. انهيءَ ڪري هو "ڳامون سچار" جي نالي سان مشهور ٿي ويو. جيئن ته سندن ٻيو ڪو مٽ مائٽ ڪونه هو، جو زمين جي سنڀال ڪري، تنهنڪري مائيءَ هارين جي اعتبار ٿي سڄي ٻني انهن جي حوالي ڪري ڇڏي هئي. پيدائش مان جيڪو ٻ حصو پٽي سندن ٿيندو هو، سو هاري کين گهر ويڻي پڄائي ڇڏيندا هئا. وٽن ڏاندن جو ٻلو جوڙو هو. مائيءَ خيال ڪيوته اهو جوڙو مرشد کي ڏينڌبس. هڪڙيءَ رات جڏهن ڳامونءَ سان اها خبر ڪيائين ته اهو ڏڳن جو جوڙو مرشد داتا گنج بخش لاهوريءَ کي ڏيڻو آهي. تڏهن ڳامونءَ چيو ته: اما! اهو ڪم آءٌ ڪندس. اول خير ته سياڻي صبح جو ڏاند ڪاهي لاهور ويندس. ان رات ڪو چور هنن جي گهر ۾ چوريءَ ڪرڻ جي ارادي سان آيو هو، تنهن سموري حقيقت ويني ٻڌي. چور دل ۾ خيال ڪيو ته چو نه صبح جو اهو جوڙو ڏاندن جو چوڪري کان ڪسي وٺان، منهنجي لاءِ اهائي چوري بس آهي. سو آهستي آهستي لڪي گهر مان نڪري ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڳامون، ڏڳن جو جوڙو ڪاهيو پٽي وٺو. وات ۾ چور اڳئي سندس گس جهليو ٻيٺو هو، تنهن اڇي ڏڳن جي رسن ۾ هٿ وڌو. ڳامونءَ پڇيس ته: تون ڪير آهين؟ ۽ چو ٿو ڏاندن ۾ هٿ وجهين؟ تڏهن چور جواب ڏنس ته: ابا هي ڏاند منهنجا آهن. تو ۽ تنهنجيءَ ماءُ رات ڳالهه پٽي ڪئي ته هي ڏاند مرشد داتا گنج بخش جا آهن، سو اهو گنج بخش داتا آءٌ آهيان. مونکي لاهور ۾ئي خبر پئجي ويئي، جيئن ته تو کي تڪليف ٿيندي تنهنڪري آءٌ پاڻ وٺڻ آيو آهيان. ڳامون اها ڳالهه ٻڌي، ڏاند ان چور جي حوالي ڪيا، ۽ چيائينس ته: سائين! مونکي پنهنجو مريد ڪر. چور چيو: ابا! تنهنجي مريد ٿيڻ ۾ امتحان آهي. چوڪري چيو ته: بيشڪ مون کان امتحان وٺو. پوءِ چور ڳامونءَ جون اکيون ٻڌي ويندو رهيو. ڪوبه ماڻهو چوڪري جون اکيون ڪٽيو ڪولي ته ان کي منع ڪري، چي: جنهن ٻڌيون آهن سو پاڻهي اچي کولينڌو.

گامونءَ کي انهيءَ حالت ۾ ٻه ڏينهن گذري ويا، نيٺ اهو ساڳيو درويش، جنهن جي دعا سان جائو هو، تنهن چور جي شڪل ۾ اچي گامونءَ جون اکيون چوڙيون ۽ مريد ٻ ڪيائينس. گامونءَ عرض ڪيو تہ: سائين! ٻيو ڪو حڪم هجي تہ بندو حاضر آهي. درويش سندس صداقت ڏسي چيو تہ: ابا! کنهن جي نوڪري نہ ڪج؛ پر جيڪڏهن ڪرين تہ مالڪ جو وفادار نوڪر ٿي رهج. ٻيو تہ ڪوڙ اصل نہ گالهائج، ۽ جنهن جي منهن ۾ مهر ڏسين اُن جي خدمت ڪجانءِ. گامون مرشد جي نصيحت ياد ڪري ٿئي ڏينهن پنهنجي گهر موٽي آيو.

گامونءَ جي جلد موٽڻ تي ساٿس ڪي شڪ جاڳيو، دل ۾ سمجهيائين تہ شايد ڏاند هن کان وات ۾ ئي ڪو ڪسي ويو آهي، ۽ لاهور وڃڻ بدران وات تان موٽي آيو آهي. سو پڇاڳاڇا ڪيائين. گامونءَ سڄي گالهہ ڪري ماڻ ڪي ٻڌائي. هن ويچاريءَ کي گالهہ تي اعتبار اچي ويو. سمجهيائين تہ مرشد داتا گنج بخش ٻ وڏو ولي آهي سو اچي پنهنجا ڏاند ونڻي ويو هوندو.

گامون کي ٻ- ٻيءَ وانگر شڪار جو شوق هوندو هو. هڪڙي ڏينهن شڪار ڪندي ڪندي، هڪڙي هرڻ کي ٻوڙائي نواب غازي خان جي بادشاهيءَ ۾ وڃي ماريائين ۽ هرڻ ڪڍي شهر ۾ آيو. گهوڙو هڪڙي وڻ سان ٻڌي، پاڻ ان وڻ هيٺ ويهي هرڻ پچائڻ لڳو. اڃا سيخ مس تيار ڪيائين تہ اوچتو هڪڙي ڏڙڻ مان، هڪڙو ڪئو نڪري باهر آيو، جنهن جي وات ۾ سونو مُهر هُئي. گامونءَ کي مرشد جي گالهہ ياد آئي. هن سمجهيو هو تہ مرشد جو حڪم آهي، تہ جنهن جي مُنهن ۾ مِهر ڏسين انّ جو ادب ڪج. سو مِهر کي مُهر جائي ڪُئي جي اڳيان ادب سان بيهي رهيو، ۽ عرض ڪيائين تہ: سائين! بندو حاضر آهي. ڪئو چرڪ پري وات مان مهر ڦٽي ڪري ڏڙڻ ۾ هليو ويو. گامونءَ مهر کڻي دل ۾ چيو تہ مهيني جو پگهار تہ اڳواٽ ڏيئي ويو آهي، هاڻي هن جي نوڪري ڪبي؛ سو سيخ تيار ڪري رکيائين تہ پهرين اچي

مالڪ ڪائي، ته پوءِ آءٌ ڪائيندس ۽ پاڻ پري ٿي ويئو. ٿوري ويرم گذري ته وري اهو ساڳيو ڪئو، ٻي مهر وات ۾ ڪٽي ڏرڙ مان نڪري آيو ۽ مهراتي ڦٽي ڪري گوشت ڪائڻ لڳو. جڏهن ڪائي ڏؤ ڪري ڪئوواپس ڏرڙ ۾ هليو ويو. هن جي وڃڻ کان پوءِ گامون باقي بچيل گوشت کائي، ٻي مهر به ڪٽي قابو ڪئي. دل ۾ چيائين ته، مالڪ ٻئي مهيني جو پگهار به اڳواٽ ڏنو آهي، تنهنڪري به مهينا ته سندس نوڪري ضرور ڏيڻي اٿم. اهو خيال ڪري هو مهر ڪٽي بازار ۾ ويو. ٽاڻءِ سيڊو سامان ۽ ٻيون به جيڪي ضروري شيون ڪپنديون هٽس، سي وٺي اچي انهيءَ ساڳيءَ جاءِ تي گهر ڪري ويٺو.

قصو ڪوتاهه، ڪئو روزانو ايندو هو. ڪاڏو به ڪايو ويندو هو ۽ هڪڙي مهر به چڏي ويندو هو. هڪڙي ڏينهن گامون مهر ڪٽي شهر ۾ ويو. هڪڙي دڪان تان ٻئي متايائين ته نواب غازي خان جي خزانچيءَ ڏسي ورتس. هن کان پڇيائين ته: تو هيءَ مهر ڪٽان آندي آهي؟ گامون جواب ڏنس ته: جنهن جو آءٌ نوڪر آهيان، ان ڏني آهي. خزانچيءَ سمجهيو ته ڪو چور آهي، تنهنڪري چيائينس ته: هلي پنهنجو مالڪ مونکي ڏيکار. گامون به خزانچي کي وٺي انهيءَ جاءِ تي آيو. ڪيس ويهاري ڪاڏو تيار ڪرڻ لڳو. خزانچيءَ هيڏانهن هوڏانهن ٻيو نهاري، ته هن جو مالڪ هتي سچ ۾ ڪيئن ايندو. گامونءَ چيس ته: تون ڪچ ٻڇ اصل نه، ويٺو رهه، متان منهنجو مالڪ تنهنجو ڳالهائڻ ٻڌي ڪاوڙجي نه وڃي. اهو ٻڌي خزانچي چپ ڪري ويهي رهيو. گامونءَ انهيءَ وچ ۾ ڪاڏو تيار ڪيو. اڃا ٿوري ويرم ٿي ته ڪئو به مهر وات ۾ وجهي، ڏرڙ مان نڪري ٻاهر آيو ۽ مهر زمين تي ڦٽي ڪري ڪاڏي کي لڳي ويو. خزانچيءَ اهو حال ڏسي دل ۾ خيال ڪيو ته جي منهنجي عزت خراب ڪندو ته هيءُ ڪئو ڪندو. سو ڪيڏيئي پير مان پادر، ڏکاءُ ڪيائين ته ڪئو مري پيو. گامونءَ کي جاآئي چڙ سو، وري ڪٽيڏيئي ڏنبو هٽهي ڪٽي خزانچيءَ کي ته

اهو به دنيا کان موکلائي ويندو رهيو. پوءِ گامون پنهنجي مالڪ ڪُٽنبي جي ڏک ۾ ويهي روئڻ پٽڻ لڳو. هن جي روئڻ تي ماڻهو اچي گڏ ٿيا، ڏسن ته خزانچيءَ کي به ماري وڌو اٿس؛ سو سڌو ويا نواب غازي خان وٽ ۽ وڃي حقيقت ٻڌايائونس. نواب حڪم ڪيو ته: هڪدم گامونءَ کي وٺي اچو. ماڻهن اچي چيس ته: گامون! هل، تو کي نواب صاحب گهرايو آهي. جواب ڏنائين ته: حاضر ادا! پهرين پنهنجي مالڪ کي دفن ڪريان، ۽ ٿي ڏينهن سندس تڏو آجاريان ته پوءِ هلندس. نواب جا نوڪر چاڪر ويندا رهيا، ۽ وڃي اها حقيقت ٻڌايائون؛ جنهن چيو ته: چڱو، ٽن ڏينهن کان پوءِ وٺي اچجوس.

گامونءَ مزورن کي هڪڙي هڪڙي سونهي مهر ڏني، جن ملان آندو ۽ ڪفن دفن جو سامان گڏ ڪري، ڪٽي کي دفن ڪيو. هي ٽي ڏينهن تڏو وڄي ويئو. ڪانڊين کي به پاڻ وٽ رهايائين، انهن جي کاڌي پيتي جو انتظام به رکيائين، ۽ هڪڙي هڪڙي مهر به کين ڏنائين. نيٺ ٽي ڏينهن پورا ٿيا ۽ هي سڌو نواب غازي خان جي دربار ۾ اچي حاضر ٿيو. نواب صاحب پڇيس ته: گامون! خزانچيءَ کي ٿو ماريو آهي. گامونءَ جواب ڏنو ته: هائو سائين، مون ماريو آهي. جيڪڏهن آءٌ توهان جو نوڪر هجان، ۽ توهان جو ڪو دشمن هجي ته آءٌ ان کي ڇڏي ڏيان؟ اوهان جي خيال ۾ هو ڪٿو هو، پر آءٌ ته هن جو پگهاردار نوڪر هوس، سو ان جي دشمن کي ڪٿي ٿو ڇڏيان؟ نواب صاحب کي هن جو جواب ڏاڍو وڻيو ۽ کيس چيائين ته: اڄ کان وٺي تون منهنجو نوڪر ٿي رهه ته توتان خون معاف ڪريان. گامونءَ چيس ته: سائين! جي منهنجو مالڪ جيڏرو هجي ها ته آءٌ کنهن وٽ به نوڪري ڪاڻ ڪريان ها، پر هاڻي جڏهن هو مري ويو هو، تڏهن توهان وٽ نوڪري ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان.

قصو ڪوتاهه، گامون نواب غازي خان وٽ نوڪري ڪرڻ لڳو. سندس سچ گالهائڻ تي نواب کيس تمام گهڻو پائڻ لڳو ۽

ڏينهون ڏينهن سندس پگهار ۾ عهدو وڌائيندو ويو، تان جو نواب ڪيس پنهنجو وزير مقرر ڪيائين. نواب غازي خان وٽ پيو ۽ هڪڙو وزير بشارت خان حتوئي هوندو هو. گامون تي نواب صاحب جو ايترو راض ڏسي اهو پيو سڙندو هو. هروقت نواب صاحب جي اڳيان اها شڪايت پيو ڪندو هو ته: نواب صاحب! ڇا جو گامون سچ ٿو ڳالهائي، هو وڏو ننگ آهي، اوهان جي دل تي خالي وهم ويهي رهيو آهي ته گامون سچار آهي. نواب صاحب چيو ته: بشارت خان! گامون ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائيندو. تون ثابت ڪري ڏيکار ته ڪيئن گامون ڪوڙو آهي! بشارت خان عرض ڪيو ته: سائين! توهين گامون کان پڇي ڏسو ته سندس پيءُ جو نالو ڇا آهي. پوءِ جي نالو ٻڌايائين ته چئو ته ڪوڙو آهي. نواب صاحب هڪدم ماڻهو موڪلي گامون کي ڪچهريءَ ۾ گهرايو ۽ ڪانئس پڇيائين ته: گامن خان! تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ تنهن تي گامون جواب ڏنو ته: سائين! مونکي پوري پڪ ڪانهي ته آءٌ ڪنهن جو پٽ آهيان. تنهنڪري پيءُ جو نالو ٻڌائي نٿو سگهان، باقي اها پڪ اٿم ته اما جو چٽيل آهيان، وڏيڪ خاطري ونڊي اٿو ته اما کان پڇي پوءِ ٻڌائي سگهندس. نواب صاحب، بشارت خان کي چيو ته: ٻڌئين گامونءَ جو جواب! هو ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائيندو. خاطري نه هئس ته پيءُ جو نالو ۽ نه ٻڌايائين. وزير ڪٿي مات ڪئي پر دل جو سور دل ۾ رهجي ويس، ۽ خيال ڪيائين ته وري ڪا ٻي تجويز هٿ ڪري، گامونءَ جو ڪوڙ ضرور ثابت ڪندس.

هڪڙي ڏينهن ڪچهريءَ ۾ نواب صاحب سڀني نوڪرن کي چيو ته: اوهين سڀئي نوڪر رڳو چاپلوس آهيو، جيڪڏهن سچو نوڪر آهي ته گامون آهي. مونکي پڪ آهي ته سر وڃڻ جو به خيال نه ڪندو، مگر ڪوڙ به اصل نه ڳالهائيندو. موقعو ڏسي وزير جواب ڏنس ته: سائين! آءٌ گامون کي ڪوڙو ثابت ڪري ڏيکاريندس. هيءُ ڪوڙ ڪيئن نه ڳالهائيندو!

ڪوڙ ڪان سواءِ اصل هلي ڪين سگهندو، پر هڪڙي مهرباني ڪريو جو ڪيس مهري آڻ چارڻ لاءِ ڏيو ته وڃي باغ ۾ چاري. پوءِ پاڻهي ڪوڙ نه ڪوڙ جي خبر پئجي ويندي. نواب صاحب اها گالهه قبول ڪئي ۽ گامونءَ کي سڏائي چيائين ته: گامڻ خان! امان جو جت بيمار ٿي پيو آهي، تو ڪان سواءِ بئي ڪنهن ۾ پروسو به نه ٿو ٿئين، تنهنڪري منهنجي سواريءَ جا به مهري آڻ، تون پاڻ وڃي وڃي باغ ۾ چار، جيستائين جت چگو پلو ٿئي. گامون حاضر ڇئي، آڻ ڪاهي باغ ۾ اڇي چارڻ ويئو. وزير حسد جو ماريل سڏو پنهنجي گهر آيو ۽ پنهنجي ڏيءَ کي اڇي چيائين ته: تون باغ ۾ وڃ، اتي گامون ويئو نواب غازي خان جا آڻ چاري، ڪنهن به ترڪيب سان انهن مان هڪڙو آڻ ڪهارائي وڃهنس، نه ته پنهنجو خير ڪونهي. وزير جي ڏيءَ، پيءُ جو حڪم ٻڌي انهيءَ مهل ئي باغ ۾ آئي، ۽ اتي گهمڻ ڦرڻ لڳي. گامونءَ سمجهيو ته شايد نواب صاحب جي پاڻي جي پهر آهي، سو وزيرزادي سامهون اچيس ته منهن ڦيرايو ٻئي پاڻي ٿي ڪيائين. وزيرزادي به وري وري اچيو سندس اڳيان بيني ته سن گامون گالهائي، پر پيو ٿيو خير. آخر گامون جڏهن ڏٺو ته هيءَ منهنجي پڇر نٿي ڇڏي، سو پڇيائينس ته: ڪير آهين جو بيگانن وانگر ٻئي ڦرين؟ چوڪريءَ نرمائيءَ سان جواب ڏنس ته: آءٌ وزيرزادي آهيان، تو وٽ ڪنهن تمام لاچاري ڪم لاءِ آئي آهيان. اهو هيءُ ته مونکي آڻ جو هيانءُ ڪپي ٿو، سو پلائي ڪري آڻ کهي، سندس هيانءُ ڪيڏي ڏي. گامون اهو ٻڌي چيس ته: جي آءٌ نواب صاحب جو آڻ کهي تو کي سندس هيانءُ ڪيڏي ڏيان، ته هو مارائي ڇڏيندم، پر اهو به سر تي ڪٽي سهاڻ ۽ تنهنجو ڪم ڪريان پر تون ان جي عيوض مونکي ڇا ڏيندينءَ؟ چوڪريءَ جواب ڏنس ته: جي تون منهنجو چوڻ مڃي اهو ڪم پورو ڪندين، ته پوءِ منهنجو سر به تنهنجي اڳيان حاضر آهي. گامون يڪدم رسو ڪٽي، آڻ کي مضبوط ٻڌي ڪٽي دسيو، پوءِ کهي هيانءُ ڪيڏي چوڪريءَ جي حوالي ڪيائين. چوڪريءَ

چيس تہ: هاڻي لوڙ ۽ مرچ ڪڍي اڇ تہ هيءُ هيانءُ ٻچائي ٻئي گڏجي ڪائون. وزيرزادي تمام سهڻي هئي، ٻيو تہ سندس قرب وارين گهاڙهين ڪيس موهي وڏو هو، تنهنڪري جيئن هن چيس تيئن ئي ڪيائين. سو چوڪريءَ جي چوڻ موجب ويو لوڙ مرچ ڪڍڻ ۽ پٽيان چوڪري وجهه وڻي هيانءُ ڪڍي ويندي رهي. گامون موٽي اچي ڏسي تہ مار، هيءَ تہ ٽنگي ڪري مون کان نواب صاحب جو آٽ ڪهائي ويندي رهي. هاڻي نواب کي ڪهڙو جواب ڏينداس. پوءِ دل ۾ چوڻ لڳو تہ: ٻيلي گامڙ، هاڻي مارجي وئين، پهرين ئي ڏينهن هڪڙو آٽ ڪنو اٽيئي. اٽيئي گڏين ۾ ويهي رهيو. آخر خيال ڪيائين تہ ڪنهن کان مڙئي صلاح ونان. آسپاس ڏنائين تہ ماڻهو چيڙو هئو ئي ڪونہ، رڳو ٻوڙا ٻيٺا هئا، سو چا ڪيائين جو ٽن ٻوڙن کي گنديون ڏيئي، انهن مان هڪڙي تي گندي، ٻئي تي چولو ۽ ٽئي تي پٽڪو رکيائين. پوءِ گنديءَ واري ٻوڙي کان پڇيائين تہ: جيڪڏهن نواب صاحب پڇي تہ گامڙ، اٿن چري ڏؤ ڪيو، ۽ آءٌ جواب ڏيانس تہ، سائين، هڪڙي اٽ کي شينهن ماري ويو؛ تہ نواب صاحب اعتبار ڪندو؟ وري پاڻ کي پاڻهي چوڻ لڳو تہ: نواب صاحب چوندو تہ شينهن جو پيرو هلي ڏيکار. ٻيلي گامڙ! اها گهاڙهہ بہ ڏهي تہ ڪانہ، ڪوڙو ٽي پوندين. ڪٽي آهي شينهن جو پيرو؟ اهڙيءَ طرح وري چولي واري ٻوڙي کان بہ ائين پڇيائين تہ: جيڪڏهن نواب صاحب کي ٻڌايان تہ ڏاڙيل آيا، جي آٽ ماري ويا. تہ وري بہ نواب صاحب چوندو تہ هلي اهي ڏاڙيلن جا پير ڏيکار. پير ڪٽي آهن؟ ٻيلي گامڙ! اها گهاڙهہ بہ ڏهي تہ ڪانہ، ڪوڙو ٽي پوندين. وري پٽڪي واري ٻوڙي کان بہ اهڙيءَ طرح پڇيائين. اتان بہ نااميد ٽي پاڻهي پاڻ کي جواب ڏنائين تہ: گامڙ خان! چا بہ ٽي پوي، گهاڙهہ نواب صاحب سان سچي ڪبي. نواب صاحب چوندو تہ، پرواهہ ناهي. اٽ ڪنو تہ ارمان ڪونهي، ڪوڙ تہ ڪونہ گهاڙهايو اٽئي!

گامون دل ۾ اهارت رٽي، باقي هڪڙوآٽ وٽي موٽي آيو. ان کان اڳ، بشارت خان وزير، اٽ جو هيانءُ ڪڍي وڃي نواب

صاحب جي اڳيان رکيو، ۽ بڌايائينس تہ: سائينجن جي سواريءَ وارو آڻ، اڄ گاڏ خان کهي ڇڏيو آهي، هي آڻ آڻ جو هيانءُ آهي. شام جو گامون، باقي هڪڙو آڻ بڌي ڏو نواب صاحب جي ڪچهريءَ ۾ آيو. نواب صاحب پڇيس تہ: گاڏ خان! ڪيئن آڻن ڪائي ڏؤ ڪيو؟ گامون هٿ بڌي عرض ڪيو تہ: سائين! هڪڙو آڻ مون کهي ڇڏيو. نواب صاحب حيران ٿي پڇيس تہ: ڇو؟ تنهن تي هن سموري گالهہ ڪري ٻڌائي، ۽ چيائينس تہ: ڇوڪري هئي تمام سهڻي، تنهنڪري مون ٻہ ڪٽي سندس چوڙ مڃيو، وري جو انجام ٻہ ڏنائين تنهن تہ هيڪاري مجبور ڪري وڌو. هاڻي مون کان خطا ٿيٽي هئي سا ٿي، وڌيڪ سائينجن مالڪ آهن، آءٌ برابر ڏوهاري آهيان. وزيرزادي‌ءَ جو کوبہ ڏوهہ کونهي، سزا جيڪا ڏيو تنهن لاءِ آءٌ حاضر آهيان. نواب صاحب گالهہ بڌي يڪدم اڻي گامون کي ڀاڪر پاتو ۽ چيائينس تہ: گاڏ خان! تنهنجي سچ گالهائڻ تي مونکي ايتري خوشي ٿي آهي، جو جيڪڏهن آڻن جو سڄو گلو کهي ڇڏين، تہ بہ پرواهہ نہ آهي. پوءِ نواب صاحب بشارت خان کي چيو تہ: ڏٺئي! مون اڳئي چيو هو تہ گاڏ خان مرڻ قبوليندو پر ڪوڙ اصل نہ گالهائيندو. هاڻي تنهنجي ڏي‌ءَ گامون‌ءَ سان انجام ڪري آڻي آهي، تنهنڪري جلدي اهو سڳ هن کي ڏي. وزير پري ڪچهريءَ ۾ اها گالهہ بڌي اندر ۾ وڃي پچي ويو. لاچار نواب صاحب جي حڪم موجب ڏي‌ءَ جو سڳ ڏيڻو پيس.

جيئن جيئن وزير، گامون جي خلاف گهات گهڙيندو رهيو، تيئن تيئن نواب صاحب جو هن جي مٿان وڌيڪ راض ٿيندو ويو. آخرڪار وزير ڪو ارادو ڪيو تہ ڪنهن بہ طرح گامون‌ءَ کي ڪوڙو ثابت ڪرڻو آهي. آخر هڪڙي رت رڻي نواب صاحب کي چيائين تہ: سائين! ڪچهريءَ ۾ سيني کي حڪم ٿئي تہ واري سان سيڪو ڪو نہ ڪو نقل ضرور ٻڌائي.

گامونءَ کي ٻه چئجي، تہ اُهو ٻه کو نقل ٻڌائي. نواب صاحب چيو تہ: بيشڪ ائين ٿيڻ کپي، ڪچهريءَ ۾ آکاڻي ٻڌائڻ ٻه ڪچهريءَ جي نزاکت آهي. سڀني ڪچهريءَ وارن کي حڪم ٿيو، جي واري واري تي ننڍيون وڏيون آکاڻيون ٻڌائيندا ويا. ڇاڙيءَ جو وارو گامون تي آيو ۽ کيس حڪم ٿيو تہ کو نقل ٻڌاءِ. دراصل وزير جو خيال هو تہ گامون ٻه ضرور ڪا آکاڻي ٻڌائيندو، ڪوڙ کان سواءِ آکاڻي ٺهندي ڪانہ، پاٺهي ڪوڙو ثابت ٿيندو. پر گامون اڳئي اها گالهہ سمجهي ويو هو، تنهن نواب صاحب جي حڪم تي هن طرح قصو شروع ڪيو:

هڪڙي هنڌ عقل بادشاهہ پنهنجي ڏيان وزير، لياقت راڻي، مروّت پاڻهي، قرب ڪوتوال ۽ داناءُ لشڪر سان رهندو هو. عقل بادشاهہ کي پٽ جائو، نالو رکيائينس عشق. عشق شهزادو جڏهن وڏو ٿيو، تڏهن ڏيان وزير چيو هن کي پڙهائجي؛ وجود جي ڪوٽ ۾ رهائجي، ۽ قرب جو قاضي، محبت جو ملان سندس آستاد مقرر ڪجن. هن جي خدمت ۾ صحت ۽ راحت ۽ پانهيون، ۽ نياز نوڪر پٽ ڏنا وڃن. عشق شهزادو جڏهن پڙهي قابل ٿيو، تڏهن قرب جي قاضي ۽ محبت جي ملان بادشاهہ کي چيو تہ: شهزادي جو امتحان ونو. بادشاهہ امتحان ورتو جنهن ۾ شهزادو پاس ٿيو. پوءِ ڏيان وزير سان صلاح ڪيائين تہ هاڻي هن کي ڪنهن ملڪ جي حڪومت ڏجي تہ بادشاهيءَ جو ڪم سکي. وزير هن کي توبهہ جي ڪوٽ جي نوابي ڏيڻ جي رٽ ٻڌائي. بادشاهہ قبول ڪيو. توبهہ جي ڪوٽ ۾ ٺهڻو راڄ، ڇڻو مهاڇ، ڪرکسو زميندار ۽ شيطان مُکي رهندا هئا. تن جو عشق شهزادو جي اچڻ جي خبر ٻڌي، تڏهن صلاح ڪيائون تہ اڳ عقل بادشاهہ هو، پر هينئر عشق بادشاهہ ٿيو آهي، تنهنڪري چو نہ سڀئي شهر چڏي هليا وڃون تہ عشق بادشاهہ شهر خالي ڏسي پاڻهي واپس هليو ويندو.

عشق بادشاهہ کي طمع جو تازي، لالچ جو لغام، رهاڻ جا

رکيب، ٹانڍهر جا ٽڙيل آلٽ پلٽ جي انڌاري، حيرت جو هنو ۽ چالاکيءَ جو چهڪ ڏنائون. هي ان تي سوار ٿي، نظر وزير ۽ ظلم کوٽوال سان ڪري اچي توبهه جي ڪوٽ ۾ پهتو. چا ڏسي تہ کابہ رسائي ٽيل ڪانهي. نظر وزير کان پڇيائين تہ: هن جو سبب چا آهي؟ وزير چيوتہ: هتي جارهندڙ تنهنجي اچڻ ۾ ناراض آهن، جنهنڪري ائين ٿيو آهي. عشق بادشاهہ، وزير کي چيو تہ: پوئتي موٽي هلون ۽ بابي کان ڪنهن ٻئي ملڪ جي حڪومت وٺون. ظلم کوٽوال چيو تہ: سائين! آءٌ ماڻهن کي وٺي ٿو اچان، پهريائين انهن کان احوال پڇو پوء پلي واپس هلو. بادشاهہ اهاڳالهہ قبول ڪئي. ظلم کوٽوال ماري ڪٽي، سيني ماڻهن کي آڻي عشق بادشاهہ جي اڳيان حاضر ڪيو؛ جنهن کر ڪسي زميندار ۽ شيطان مڪيءَ کان پڇيو تہ: اوهين ڪهڙي سبب کان شهر ڇڏي ويا آهيو؟ هنن جواب ڏنو تہ: بادشاهہ! تون جي اسان کان پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات گهرين تہ اهو اسين ڪٿان آڻي ڏيندا سون! عشق بادشاهہ اهو ٻڌي، حڪم ڪيو تہ اهو پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات هڪدم آڻي ڏيو. سيني ماڻهن جواب ڏنو تہ: اهو اسين آڻي ڪونہ سگهنداسون. بادشاهہ پڇيو تہ: پلا، اهو ڪٿان ايندو ۽ ان جو ڏس پتو ٻڌايو. هنن چيو تہ: اولهہ طرف وحدت جو درياءُ آهي. ان جي پرينءَ ۾ دل بادشاهہ جي حڪومت آهي. ان جي ڏيءَ حسن افروز وٽ پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات آهي. عشق بادشاهہ، نظر وزير کي سموري خبر چار وٺي اچڻ جو حڪم ڪيو.

هڪڙي ڏينهن عشق بادشاهہ محلات ۾ ويٺو هو تہ دروازو کڙڪيو. بادشاهہ پڇيو تہ: ڪير آهي؟ جواب مليو تہ: نفس بادشاهہ توهان جي ملاقات لاءِ آيو آهي؛ ساڻس شيطان وزير، حرامي کوٽوال، لچائي راڻي، حرڪت بانهي ۽ بدمعاش لشڪر بہ آهي. عشق بادشاهہ هن کي اندر گهرايو. هنن پاڻ ۾ گڏجي حال احوال ڪيا. عشق بادشاهہ کانئس پريم رس جي پيالي ۽ آبحيات جو ڏس پڇيو ۽ چيائينس تہ: مون پنهنجو وزير بہ اوڏانهن خبر لهڻ لاءِ موڪليو

آهي. نفس بادشاهه چيس تہ: پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات هٿ اچڻ سولو ڪم نہ آهي. مون سان گڏجي هل تہ آءٌ توکي اوڏانهن وٺي هلان. چريائيءَ جو چارو ڏئي، سچائيءَ جي سڙڪ وٺي اڳتي هلداسين تہ پيائيءَ ڇي پيڙي ايندي، جنهن تي چڙهي درياءَ جي پيءَ پر دل بادشاهه جي ملڪ ۾ هلنداسون. جنهن جي شهر ۾ پاور جي پوليس ڪي، بانور جون بندوقون هونديون. آءٌ توکي ڏکن جي ڏاڪڻ رکي، ڪاليت جي ڪوٽ تي چاڙهي چڏيندس. پوءِ تون قرب جي ڪنگرن ۾ پٽڪو ٻڌي هيٺ لهي وڃج، اتي حسن افروز وٽ ٻہ ٻانهيون آهن: هڪڙي نندءِ بي غفلت؛ آرام ۽ قرار ٻہ نوڪر هوندا. تون پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات پي هليو اڇج، تہ پوءِ موٽي ايندا سون. اها صلاح بيهاريائون تہ اوچتو وري در کڙڪيو. عشق بادشاهه پڇيو تہ: ڪير آهي؟ چيائون تہ: فساد بادشاهه، نقصان وزير، جهگڙو ڪوتوال، جدائي راڻي، ڪلفت ٻانهي ۽ هڪل لشڪر سميت ملاقات لاءِ آيو آهي.

عشق بادشاهه نوڪرن کي حڪم ڪيو تہ: اندر آڻيوس. فساد بادشاهه سان حال احوال ڪيائين ۽ چيائينس تہ: آءٌ نفس بادشاهه سان گڏجي، پريم رس جو پيالوءِ آبحيات پيئڻ وڃان ٿو. فساد بادشاهه چيس تہ: تون ناحق نفس سان گڏجي وڃين ٿو، تون مون سان گڏجي هل تہ آءٌ لڙائي ڪري ٻہ اتان جي بادشاهي ٻہ توکي وٺي ڏيان ۽ پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات ٻہ پياريمن. اهو ٻڌي عشق بادشاهه ساڻس پڪي رٽ بيهاري. اڃا ٿوري ويرم ئي ڪين گذري تہ وري در تي ٽڪ ٽڪ ٿي. عشق بادشاهه پڇيو تہ: ڪير آهي؟ جواب مليس تہ: شانّ بادشاهه آيو آهي. ساڻس مانّ وزير، قرب ڪوتوال، ڪُڙ راڻي، مروّت ٻانهي ۽ حياءَ لشڪر ٻہ آهي. بادشاهه چيو تہ: اندر آڻيوس. شان بادشاهه اندر آيو، پاڻ ۾ حال احوال ڪيائون. شان بادشاهه چيس تہ: خبردار، متان انهن فسادين جي چوڻ تي اوڏانهن وڃين، جيڪو توکي پيائيءَ جي پيڙيءَ تي چاڙهيندو، سو ڪيئن پار پچائيندو؟ اتي توکي چور ڪري ڪٽي ٻڌن تہ اها تنهنجي

بيعزتي آهي. تنهنڪري صلاح اها آهي ته جيسين نظر وزير موٽي اچي، تيسين صبر ڪر ته وڌيڪ صلاح پوءِ ٻيهاريندا سين. اڃا ٿوري دير مس گذري ته وري دروازي تي آواز ٿيو. بادشاهه پڇيوتہ: ڪير آهي؟ جواب ملیس تہ: دردبادشاهه آهي. ساڻس غم وزير، فراق ڪوتوال، گهٽتي راڻي، جهوري ٻانهي ۽ سوداءُ لشڪر به آهي؛ ملاقات لاءِ آيو آهي. عشق بادشاهه ڪيس اندر گهرايو. بادشاهه جي نظر درد تي پيئي ته يڪدم روئي ڏنائين. آڏي جا ننڍ ٻانهي سا يڪدم بادشاهه ڪي وٺي ويئي.

هوڏانهن نظر وزير، وحدت جي درياءَ تي پهتو. جتي ٻاجهه جي ٻيڙي، محبت جا ملاح، ويچار جا ونجهه، رمز جون رسيون، سڪ جا سڙهه ۽ برهه جون ٻيرقون ڏنائين. محبت جي ملاحن کي چيائين تہ: پٽ ڏيندو سانڊ، پرمونکي هن پرٽپايو. محبت جي ملاحن چيوتہ: ٻاجهه جي ٻيڙيءَ تي بادشاهه چڙهندا آهن، توکي نہ چاڙهيندا سين. اڳيان ٻيو پٽ اٿئي، اتي وڃ. نظروزير ٻئي پٽ تي ويو. اتي ٻيائيءَ جي ٻيڙيءَ تي مصيبت جا ملاح، وسواس جا ونجهه، ساڙ جا سڙهه ۽ بحث جون ٻيرقون ڏنائين. انهن کي چيائين تہ: مونکي هن پر ٽپايو. مصيبت جي ملاحن چيو تہ: اسان ٻيائيءَ جي ٻيڙيءَ تي ڪڏهن به ماڻهو نہ ٽپايو آهي. جيڪو به ٻيائيءَ جي ٻيڙيءَ تي چڙهيو سو ٻڏو. تنهنڪري تون وري به ٻاجهه جي ٻيڙيءَ تي پهچ تہ اها توکي پار اڪاري ڇڏيندي. نظر وزير موٽي انهيءَ پٽ تي آيو ۽ اچي منٿون ڪيائين. محبت جي ملاحن چيس تہ: تون توڪل جو ترهو ٻڌي، وحدت جي درياءَ ۾ گهڙي پئو، تہ اهو توکي اڪاري پار وٺي ويندو. نظر وزير توڪل جو ترهو ٻڌي، وحدت جي درياءَ ۾ گهڙي پيو تہ ڪجهه وقت کان پوءِ هن پر وڃي پهتو. اڳيان هڪڙو ماڻهو بيٺو هو، ان کان پڇيائين تہ: هي شهر ڪهڙو آهي؟ هن جواب ڏنس تہ: هي شوق جو شهر آهي، هتي دل بادشاهه جي حڪومت آهي. ان کان پڇيائين تہ: پلا شهر ۾ اندر ڪٿان وڃبو؟ هن جواب ڏنس تہ: وسواس گهٽي وٽي، برهه

جي بازار ۾ وڃي پئو. آڻان دلبريءَ جو دروازو ٿيل آهي، سو لنگهي اندر وڃج. اڳيان وري ڪمالبت جو ڪوٽ اٿئي، جنهن کي قرب جا ڪنگرا به آهن. دروازي تي پاور جي پوليس بيٺي آهي، انهن کي بانور جون بندوقون آهن، ۽ تڪرار جون توبون به وٽن آهن.

نظر وزير ڏس پتو پڇي ان رستي کان ويو. وسواس جي گهٽي لنگهي، برهم جي بازار ۾ آيو. چا ڏسي ته سبحان‌الله! دڪان سڀ ڪليا پيا آهن. دڪاندار به دڪانن تي وينا آهن. هڪڙي وڏي دڪان تي شريعت، طريقت، معرفت ۽ حقيقت جو وڪر رکيو آهي. دڪاندار سودي ڏيڻ لاءِ سڏ پيا ڪن. وري ٻئي دڪان تي مام جون ململون، سڪ جون سلکون ۽ ويڑ جو وائلو رکيل ڏسڻ ۾ آيس. ٽئي دڪان تي وري اورچائيءَ جا انب، فڪر جون قريون، ڏکن جا ڏاڙهون ۽ خوشيءَ جون ڪارکون رکيل هيون. چوٽين دڪان تي وري فقط ڪڙيءَ جو هڪڙو وڪر رکيل هو. اهو دڪاندار پيو چوي ته: اچو ته سودو سستو ۽ گهٽو ڏيانو.

نظر وزير فقط هڪ پائيءَ جي ڪڙي ورتي پر اها کٽي ته کٽي نه سگهي، جي گهلي ته گهلي نه سگهي ۽ چڏي ته چڏي نه سگهي. دڪاندار کي چيائين ته: هن مان جند ڇٽندي يا عمر ٿي ويئي؟ دڪاندار چيس ته: قياس ۽ لحاظ مزور آهن، انهن کي ڇؤ ته مزوري ڪن. هن انهن کي چيو، پر انهن به مزوري ڪرڻ قبول نه ڪئي. چيائونس ته: دل بادشاهه جون به بانهيون، هيڻائيءَ ۽ ڪمزوري آيون ته تنهنجو چٽ ڪونهي، باقي جي پيون به بانهيون جرئت ۽ طاقت آيون ته اهي تو کي چڏائيندیون. تقدير سان هيڻائي ۽ ڪمزوري بانهيون به اچي سهڙيون. هن انهن کي منٽون ڪيون، پر انهن مان هڪڙيءَ جواب ڏنو ته: چيلهه ۾ سور اٿم. بيءَ جواب ڏنو ته: منهنجو منڍ ٽو ڦري، اسين مزوري ڪانه ڪنديونسين. ايتري ۾ جرئت ۽ طاقت به بانهيون اچي ويون. انهن کي چيائين ته: مهرباني ڪري منهنجي جند چڏايو. هنن ڪڙيءَ

جي وکر کي مروڙي سروڙي ڪٽي هڪڙيءَ کڻ ۾ اڇلايو، ۽ هن جي جنڊ آزاد ڪيائون. پوءِ نظر وزير وسواس جي گهٽي لنگهي، دليريءَ جي دروازي کان ٽپي، دل بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ پهتو. وڏي وڏي سلام ڪيائين. بادشاهه هن کان احوال پڇيو. نظر وزير، عشق بادشاهه جو سمورو احوال پيش ڪيو، ته پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات گهرجي، ان لاءِ آيو آهيان. بادشاهه پڏي جواب ۾ چيو ته: اڄ رات هتي ترس سپاڻي تو کي جواب ڏيندا سون.

قصو ڪوتاهه، رات ٿي ته بادشاهه جون به راڻيون هڪ لڄ ۽ بي شرم، ۽ به پٽ حياءُ ۽ شرم، به بانهيون صلاح ۽ مصلحت ۽ ويچار وزير اڇي گڏ ٿيا. دل بادشاهه سڀني کي پڌايو ته: عشق بادشاهه جو وزير آيو آهي. پريم رس جي پيالي ۽ آبحيات جي گهر ٿو ڪري. صلاح ۽ مصلحت جواب ڏنو ته: حسن افروز کي گهرائي جواب ان کان وٺو، چو ته ڪم به انهيءَ جو آهي، ۽ اهي شيون به ان وٽ آهن. حسن افروز ڏي ماڻهو ويو. هوءَ پنهنجون ڇهه سهيليون هستي، مستي، خودي، خوءِ، تڪڙ ۽ ڪاوڙ: ۽ به نوڪر فخر ۽ غرور پاڻ سان وٺي اچي حاضر ٿي. اڇ تي ڪيس سڄي گالهه ڪري پڌرائون ۽ چيائونس ته: هاڻي پڌاءِ ته کهڙو جواب ڏجي؟ حسن افروز کان اڳ، تڪڙ ۽ ڪاوڙ جواب ڏنو ته: سڏائي ٿو عشق ۽ ويهي ٿو توبهه جي ڪوٽ ۾! پاڻ هتي روبرو ايندو ته پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات ڏيندا سون. صبح جو دل بادشاهه، نظر وزير کي جواب پڌايو ته: جي تنهنجو بادشاهه هتي ايندو ته سندس ڪم ٿيندو. نظر وزير عرض ڪيو ته: سائين، مون گهڻي تڪليف ورتي آهي، ڏاڍو ٽڪجي پيو آهيان، اوهين مهرباني ڪري پنهنجو ماڻهو موڪلي عشق بادشاهه کي احوال ڏيو ته ڏاڍو چڱو! دل بادشاهه اها گالهه قبول ڪري پنهنجا به نوڪر، نياپو ۽ سنيهڙو موڪليا. جڏهن نوڪر عشق بادشاهه وٽ پهتا، ۽ سمورو احوال پيش ڪيائون، تڏهن بادشاهه يڪدم هلڻ لاءِ تيار ٿيو. ايتري ۾ عقل بادشاهه کي خبر پئجي ويئي. جنهن چ و ته: عشق ويندو ته وري نه ايندو. هن

انڌار لشکر چاڑهي موکليو، جنهن ۾ گهبراهٽ جا گهوڑا ۽ حيرت جا هاڻي هٿا. جن اچي توبهه جي ڪوٽ جا دروازا بند ڪري، پهري جو انتظام رکيو.

نياپو ۽ سنيهڙو پڇندا آيا ۽ اچي دل بادشاهه کي احوال ٻڌايائون تہ: عشق، توبهه جي ڪوٽ ۾ قيد ٿي ويو. دل بادشاهه چيو تہ: پرواهه نہ آهي. اسين به ٻانهيون رمز ۽ تمز موڪليون ٿا، آهي عشق بادشاهه کي گهلي ايندیون. جڏهن اهي ٻئي پهتيون تڏهن کيڏانهن ويا گهوڑا نہ کيڏانهن ويا هاڻي. ٻانهين توبهه جي ڪوٽ جا دروازا کوليا، عشق بادشاهه کي ڪن ڪان وڻي آڻي ٻاجهه جي ٻڙيءَ ۾ چاڑهيو. ٻاجهه جي ٻڙيءَ تان ٽپائي، وسواس جي گهٽي وڻي، برهه جي بازار مان ٽپي، اچي دل بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ پهتا. عشق بادشاهه زار زار روئي پيو تہ رمز ۽ غمز منهنجا ٻئي ڪن پٽي ڇڏيا آهن. دل بادشاهه چيس تہ: فڪر نہ ڪر، ڏک جا ڏينهن ٿورا آهن.

خير سان اچي رات ٿي، دل بادشاهه، حسن افروز کي چيو تہ: عشق بادشاهه وڏو ڪشالو ڪري هٿي پهتو آهي. هاڻي هن کي پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات پيار. حسن افروز چيو تہ: آءٌ اڪيلي ڪانہ ايندیس، پر پنهنجن نوڪرن ۽ سهيلين ساڻ ايندیس. پوءِ هوءَ هار سينگار ۽ ناز نخرو نوڪر، محبت ۽ صحبت، حيرت ۽ عبرت، خوشي ۽ خوبان سهيلیون تيار ڪري پاڻ ساڻ وٺي، اچي عشق بادشاهه جي اڳيان بيٺي. پوءِ پريم رس جو پيالو ۽ آبحيات به پياريائينس. صبح ٿيو تہ دل بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ عشق بادشاهه حاضر ٿيو. دل بادشاهه چيس تہ: پٽ! هاڻي موڪي پنهنجي ملڪ وڃ. هن‌نهه پهه جواب ڏنس‌تہ: هاڻي آءٌ تنهنجو آهيان، ۽ تو وٽ ئي رهندس. منهنجو عقل بادشاهه سان ڪوبہ واسطو ڪونهي، ۽ نڪي ان کي سڃاڻان. پوءِ عشق بادشاهه انسي ئي رهڻ لڳو.

نواب غازي خان جي اڳيان، گامون سچار اها گالهه ڪري

پوري ڪئي. نواب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس پاڪر پائي چيائين تہ: گامڻ خان تو ڪي ڪوڙو ڪير چوي. تون دعا جو ٻچو آهين، سو ڪنهن ڪي وڻ ئي ڪونہ ڏيندين؟ هاڻي گهٽائي ڏينهن گذري ويا آهن، پنهنجي ماءُ جي ٻ وڃي خبرچار وٺي، ۽ري اچ. هي انعام اڪرام ٻ ڪٽي وڃ. گامون هن کان موڪلائي پنهنجي گهر آيو. ماڻس، جا پٽ جي جدائيءَ ۾ روئي روئي اندي ٿي پيئي هئي، سا پٽ سان ملي ڏاڍي خوش ٿي.

N.B

گامون سچار-۲ *

ڪنهن زماني ۾ 'غازي خان' نالي بادشاهه هوندو هو. سندس وڏي وزير جو نالو 'بشارت خان' هو. هڪڙي ڏينهن گامون سچار بادشاهه جي دربار ۾ آيو ۽ بادشاهه کي اچي سلام ڪيائين. گامون جون خبرون چارون پڌي غازي خان مٿس مهربان ٿي پيو ۽ پنهنجي وزير بشارت خان کي چيائين ته: هي تمام داناءُ شخص ٿو ڏسجي، تنهنڪري تون هن کي في الحال پاڻ وٽ رهاءِ، پوءِ آءٌ هن کي وزير بنائيندس. بشارت خان حڪم موجب گامون کي وڻي وڃي پاڻ وٽ رهايو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بشارت خان کي اچي ڪٽڪو ٿيو ته بادشاهه گامون تي تمام گهڻو مهربان ٿو ڏسجي، شايد مون کان وزارت کسي هن کي ڏئي. تنهنڪري هن کي پڃائڻ گهرجي. سو هڪڙي ڏينهن گامون کي چيائين ته: اسين هن بادشاهه وٽ اڳ ۾ ئي گهڻا وزير آهيون، تنهنڪري: تون وڃي ڪنهن ٻئي بادشاهه وٽ ٻيهر. تڏهن گامون چيس ته: جيڪڏهن ائين آهي ته آءٌ سياڻي بادشاهه کان موڪلائي هليو ويندس. ٻئي ڏينهن گامون اچي بادشاهه کان موڪلائڻ لڳو. تڏهن بادشاهه پڇيس ته: موڪلائين ڇو ٿو؟ هن چيو ته: سائين! توهان جو وزير بشارت خان چئي ٿو ته وڃي ڪنهن ٻئي بادشاهه وٽ ٻيهر، تنهنڪري وڃان ٿو. بادشاهه کي ان ڳالهه تي ڏاڍي چڙ لڳي، سو گامون کي يڪدم ڪٽي پنهنجو آندرون بنايائين. اهو حال ڏسي بشارت خان ويتر سڙي ويو ۽ هن جي ٽڙڻ لاءِ نيون رٿون سوچڻ لڳو.

---

* هيءَ روايت 'گامون سچار' جي نالي سان ڇپيل هڪ ڪتابڙي تان ورتل آهي، جو مولوي بخش علي سنه ۱۹۱۵ع ۾ ڇاپيو.

آخر هڪڙي ڏينهن بشارت خان ارادو ڪيو تہ گامونءَ کي آزمائش خاطر کا اهڙي ڳجهارت ڏجي، جو هو منجهي پوي ۽ بادشاهہ کيس تڙي ڪيي. اهو ارادو ڪري هڪڙي ٻنيءَ جي ٽڪر ۾ نانگلي پو کايائين. جڏهن نانگلي پڪي، تڏهن ڪڙميءَ کي چيائين تہ: تون وڃ هٿ کاڻي ٻير جي ٻيلنگهہ وڃي، تنهن جي مٿان ٻيهو ناهہ تہ اسين ۽ بادشاهہ فلاڻي تاريخ هتي ايندا سون. ان وقت نانگلي ۾ تون گڏهہ چوڙي ڇڏجانءِ تہ ٻيئا کائين، ۽ تون ٻہ گڏهن ڏي منهن ڪري ٻيٺو جهار هڪلج. اهو ڪم ڪڙميءَ کي سمجهائي، بادشاهہ وٽ موڪي آيو. ڪن ڏينهن کان پوءِ بادشاهہ کي چيائين تہ: سائين! اڄ ملڪ جي سيرتي هلجي. بادشاهہ سندس گالهہ مڃي ۽ ٻئي ڏينهن سڀ وزير بادشاهہ سان گڏجي سير تي روانا ٿيا.

بادشاهہ، بشارت خان، گامون سڃار ۽ ٻيا جڏهن گهمندا ڦرندا، انهيءَ ٻنيءَ جي ٽڪر ۾ آيا، ڏٺن تہ گڏهہ ٻيا نانگلي چرن، ۽ ڪڙمي گڏهن ڏي منهن ڪري ٻيٺو جهار هڪلي! اتي بادشاهہ چيو تہ: هي ڪڙمي شايد انڌو آهي، جو گڏهہ نٿو ڏسي. هي جهار ڪيئن ڏسندو هوندو؟ تڏهن گامون چيس تہ: سائين! ڪڙمي انڌو کونهي، پر اها بشارت خان منهنجي عقل آزمائڻ خاطر ڳجهارت ٿهرائي آهي تہ، انهن شين جو ڪڙميءَ سميت مطلب ڇا آهي؟ پوءِ ڪڙميءَ کي سڏ ڪري، گامونءَ چيس تہ: اي ڪمذات! ڪاٺ جي وڻ تي چڙهيو ٻيٺو آهين، ڪُهاڙ ٽوڪ ڪُپوک کائي. تڏهن بادشاهہ گامونءَ کان پڇيو تہ: اهو اهو ڇاٿو چوين؟ گامونءَ وراڻيو تہ: جيئندا قبلا! ٻير جي وڻ جو ميوو ڪونہ کائبو آهي، تنهن کي ڪاٺ جو وڻ ڇئبو؛ گڏهن واري وٽ ڪوبہ ڏڏ لاهہ ڪونہ ايندو، نہ ئي گڏهہ جي چڙهيل کي ڪو سوار سڏبو آهي، بلڪ ڪُهاڙ ڇئبو آهي؛ نانگلي ڏٺ آهي تنهن کي ڪُپوک ڇئبو؛ ۽ جهار وارو ڪڙمي گهٽ ذات واروآهي تنهن کي ڪمذات ڇئبو. جڏهن گامون سڀني شين جو مطلب عقلمنديءَ سان بڌائي بس ڪيو، تڏهن غازي خان بادشاهہ هن جي

عقل تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ يڪدم پنهنجي ڳچيءَ مان هار لاهي ڪٽي گامون کي پارايائين.

بادشاهه کي گامونءَ تي ويتر وڌيڪ مهربان ٿيندو ڏسي، بشارت خان هيڪاري حسد ۽ ساڙ ۾ سڙڻ لڳو. آخر آزمائش خاطر وري هڪڙي رٽ رٽي بادشاهه کي چيائين ته: بادشاهه سلامت! هاڻي گامونءَ کي چئو ته اسان کي ڪا اڻ ڏٺي ۽ اڻ ٻڌي ڳالهه ٻڌاءِ. بادشاهه گامون سچار کي چيو، جنهن يڪدم هي ڳالهه شروع ڪئي:

جڏهن ربّ العالمين زمين پيدا ڪئي، تڏهن هڪ گلدن جو قلعو به پيدا ڪيائين ۽ اُن ۾ دل کي بادشاهه ڪيائين. دل بادشاهه جي اڳيان عقل کي وزير مقرر ڪيائين، طبيعت ۽ طرح ٻئي ڇٽا دل بادشاهه جي خدمت ۾ ڏنائين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ طبيعت ۽ طرح وڃي عقل وزير کي چيو ته: دل بادشاهه هاڻي اسان جي ٽهل ڪان انڪار ٿو آڻي. تڏهن عقل وزير، نظر وزير ۽ مراد فقير کي چيو ته: دل بادشاهه کي توبهه جي ڪوٽ ۾ آڻي جهليو ۽ وڃي سندس خدمت ۾ رهو. نظر وزير ۽ مراد فقير، دل بادشاهه کي جهلي اچي توبهه جي ڪوٽ ۾ بيهاريو. اُن توبهه جي ڪوٽ جو زميندار نفس هو. خرخسو ۽ وسواس ٻئي سندس ڪوٽوال هئا. نفس زميندار، خرخسي ۽ وسواس کي چيو ته: هلو ته دل بادشاهه جي سلام تي هلون. خرخسي ۽ وسواس، نفس زميندار کي چيو ته: تون هل، اسين پوءِ ٽا اچون. پوءِ نفس زميندار اڪيلو اچي دل بادشاهه کي سلام ڪيو. گهڙيءَ ڪن کان پوءِ خرخسو ۽ وسواس به اچي بادشاهه جي سلام تي پهتا. هنن کي ڏسي، نفس زميندار کين چيو ته: چڱو جو توهان به آيا، بادشاهه اوهان جو پڇيو پئي. انهيءَ وچ ۾ دل بادشاهه به خرخسي ۽ وسواس کان ڪاوڙ مان پڇيو ته: اوهان دير ڇو ڪئي؟ تڏهن خرخسي ۽ وسواس وراڻيو ته: سائين! اسان کي ويساهه نه ٿي آيو ته ڪو دل بادشاهه، توبهه جي ڪوٽ ۾ ايندو! تڏهن وري بادشاهه ڪائنس پڇيو ته: اوهان کي ڇو نه

ويساهه آيو؟ تڏهن چيائون تہ: بادشاهه سلامت! جيڪو توبهه جي ڪوٽ ۾ ايندو آهي، سو پريم رس جي پيالي ۾ آبحيات پيئندو آهي. تڏهن بادشاهه پڇن تہ: آهو پاڻي ڪٿي آهي؟ تڏهن هنن چيو تہ: سائين! هتان ويندئو تہ اڳيان عون الماءُ جي گهٽي ايندي، تنهن کان اڳتي هلندئو تہ خرابت جي بازار ۾ خجالت جا سودا ڏسندئو. انهن جي اڳيان وحداني درياءُ آهي. تنهن تي رضا جي ٻيڙي، خواريءَ جا ڪوها، سوريءَ جا سيڙهه، توڪل جا اولا ۽ محبت جا وڻجهه آهن. اُن وحداني درياءُ جي هڪ پار شهنشاهه عشق جو باغ آهي ۽ اُن باغ ۾ حسن راڻي جي جاءِ آهي. اُن راڻيءَ لاءِ ٽي ساهڙيون پڻ آهن، هڪ خوشي، بي سونهن ۽ ٽي سوپيا. انهن کان سواءِ حسن راڻيءَ جي خدمت واسطي ٻ دايون پڻ موجود آهن، هڪ نيڪي ۽ بي بدي. اُن باغ جي وچ ۾ مستيءَ جو مڪان آهي، اُنهيءَ مڪان ۾ خودييءَ جو هڪ ڪوهه آهي ۽ اُن ڪوهه ۾ اهو آبحيات آهي. اهو احوال ٻڌي، دل بادشاهه يڪدم نظر وزير کي حڪم ڏنو تہ: منهنجي لاءِ اهو پاڻي يڪدم آڻ. نظر وزير حڪم ٻڌنديئي آبحيات آڻڻ لاءِ اوڏانهن روانو ٿيو.

هلندي هلندي، خرخسي ۽ وسواس واريون ٻڌايل جايون گهمندي گهمندي، نظر وزير اچي شهنشاهه عشق وٽ پهتو. شهنشاهه عشق وٽ رمزو ۽ غمزو ٻہ ڪوٽوال هئا. نظر وزير کي ڏسڻ سان عشق چيس تہ: پاڻي آهي قسمت ۽ نصيب وٽ، مات ڪري وڃي اُتان گهُر. تڏهن نظر وزير ويچارو وري قسمت ۽ نصيب وٽ آيو. قسمت وٽ ڪوٽوال هو لٽڪو، ۽ نصيب وٽ ڪوٽوال جهٽڪو. قسمت ۽ نصيب، نظر وزير کان پڇيو تہ: آبحيات تون پاڻ پيئندين، يا ٻئي ڪنهن لاءِ ٿو گهرين؟ تڏهن نظر چيو تہ: مان دل بادشاهه لاءِ ٿو گهران. تڏهن قسمت ۽ نصيب چيس تہ: جي دل بادشاهه کي آبحيات پيٽو آهي، تہ هو پاڻ هتي اچي پيئي؛ تو کي نہ ملندو. اهو ٻڌي نظر وزير رخصت ٿي واپس وريو. ساڻس گڏ لٽڪو ۽

جهنڪو به خبر وٺڻ لاءِ آيا تہ دل بادشاهہ اڇي ٿو يا نہ!

نظر وزير، لٽڪو ۽ جهنڪو جڏهن دل بادشاهہ وٽ پهتا، تڏهن نظر وزير، بادشاهہ کي چيو تہ: قبلا! آبحيات نہ ملي. چيائون تہ دل بادشاهہ پاڻ اڇي آبحيات پي وڃي. اهو احوال ٻڌي دل بادشاهہ يڪدم توبهہ جي ڪوٽ مان باهر نڪرڻ لڳو. بادشاهہ کي ٽڪرندو ڏسي، نظر وزير ۽ مراد فقير وڃي عقل وزير کي ٻڌايو تہ: دل بادشاهہ توبهہ جي ڪوٽ مان نڪريو ٿو وڃي. تڏهن عقل وزير کين چيو تہ: توبهہ جي ڪوٽ ۾ صبر جي ڪوٽي آهي، بادشاهہ کي وڃي آن ۾ بند ڪري، قناعت جو ڪلف ڏيئي، گوشي جي ڪنجي سان ڪري قابو ڪري ڇڏيوس. نظر وزير ۽ مراد فقير اهڙيءَ طرح دل بادشاهہ کي قابو ڪري ڇڏيو. لٽڪو ۽ جهنڪو، جن اهو سڄو رنگ ٻيئي ڏٺو تن سموري حقيقت وڃي قسمت ۽ نصيب کي ٻڌائي. قسمت ۽ نصيب ورڻ دل بادشاهہ جي قابو ٿيڻ وارو سڄو قصو، عشق شهنشاهہ ڏي چوائي موڪليو. تڏهن عشق شهنشاهہ چيو تہ: عقل وزير کي اسان جي آڏو لاف ۽ هاف هڻڻ جي طاقت ناهي. اسان رمزو ۽ غمزو موڪليون ٿا ۽ اوهان ساڻيا ڪوٽوال انهن سان گڏي موڪليو تہ ڪڙا ۽ ڪلف پڇي، دل بادشاهہ کي توبهہ جي ڪوٽ مان ڪڍي اڇن.

ٻئي ڏينهن رمزو ۽ غمزو، لٽڪو ۽ جهنڪو چارڻي چڙا تيار ٿي، گڏجي عشق شهنشاهہ جي ارشاد سان اڇي توبهہ جي ڪوٽ ۾ پهتا ۽ زوران زوريءَ دل بادشاهہ کي بند مان ڪڍي ونڊي هليا ويا. عقل وزير اهو لڦاءُ ڏسي ماٺ ڪري سُسي ويهي رهيو. هو چارڻي چڙا بادشاهہ کي رستي واريون سڀ جايون ڏيکاريندا اڇي عشق شهنشاهہ جي باغ ۾ پهتا. آڻي اڇي دل بادشاهہ، حسن راڻي ۽ خندس ساهيڙين- خوشي، سوپيا، مُونهن، نيڪي ۽ بدي کي ڏٺو. پوءِ دل بادشاهہ کي خودي جي ڪوهہ تي وڃي آيا، جتي عشق جي امداد سان قسمت ۽ نصيب جي هٿان، آبحيات پيتائين ۽ معرفت جو مڪان حاصل ڪيائين.

غازي خان، گامونءَ جي اها گالهه پڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس تمام گهڻو انعام اڪرام ڏنائين. باقي بشارت خان اصل سڙي ويو. پوءِ دل ۾ خيال کيائين تہ گامونءَ سان ڪنهن بہ حيلي آڻ پڇي نہ سگهندس سو مان پلي آهي. آن کان پوءِ، بشارت خان ڪڏهن بہ گامونءَ سان ڪونہ هوڏيو.



گامون سچار-۳ *

کنهن وقت ۾ سنڌ جي اترئين حصي تي نواب غازي خان راج ڪندو هو. وٽس "گامون" نالي هڪڙو نوڪر هو، جو سدائين سچ ڳالهائيندو هو. جيڪڏهن ڪنهن سان نه پڇندو هو ته ڪاوڙ ۾ پنهنجي ڏاڙهيءَ جو وار ڇڪي پٽو ڇڏيندو هو، ته ڪاوڙ ڊري ٽي ويندي هئس. ائين ڏاڙهي پٽيندي پٽيندي باقي ڪا ڇڳ وڃي بچي هئس.

هڪڙي ڏينهن گامون شهر جي ٻاهران وات تي ٻه ٽي مهاڻيون ڏٺيون، جي پيرن جا طس ڀري ڪيو پئي ويون. هن دل ۾ خيال ڪيو ته، ڏسان ته سهي شهر جون زالون هنن ٻهراڙيءَ جي عورتن کي ڪهڙي ٽيون عزت ڏين! اهو خيال ڪري هنن زالن جي پويان هلڻ لڳو. مايون اچي نواب صاحب جي محلات ۾ گهڙيون ۽ گامون به در تي ڪن لائي ٻڌڻ لڳو، ته ٻڌان ته هنن ماين سان اندريون زالون ڪيئن ٽيون ڳالهائين. زالن اندر گهڙي آندل پيرن جي سوکڙي وڏي راڻيءَ جي اڳيان رکي. اها وڏي راڻي به اصل ڪا مهاڻي هئي، تنهن هنن زالن کي ڏسي چيو ته: نٿي چاڻان ته هي ڪي موتي آهن، املهه ماڻڪ يا جواهر آهن، باقي توهان کي ٽورو سڃاڻان ٿي ته تون فلاڻي مهاڻي جي ڏيءَ آهين، ۽ تون فلاڻي مهاڻي جي. گامون درتي ڪن لايو بيٺو هو، تنهن جڏهن اهي لفظ ٻڌا، تڏهن ڪاوڙ مان باقي بچيل ڏاڙهيءَ جي ڇڳ به پٽي

---

* هن ڳالهه جون پنج روايتون مليون، وچولي مان ميرمحمد "سڪايل" ۽ ظفر بلوچ (تعلقو شهدادپور)، گداعلي (تعلقو ٽنڊوالهيار) ۽ لاڙ مان شيخ محمد سومار (تعلقو بدين) ۽ قاضي الهورايي (تعلقو گوني) کان مليون.

چيائين تہ: ڪالهوئي ڪالهہ سندس سٽ جون اکڙيون ٻہ چارين ٻہ اٽڪيون پيون هيون ۽ انهن سان گڏ مڇي ٻہ ٻڪي ماريئين، اڄ انهن کي سڃاڻي ٻہ نٿي! ائين چئي خار ڪائيندي اٿي هليو.

گامون کي نواب غازي خان جي وزير، بشارت خان جتوئي دروازي تي ڏسي ورتو. هو تہ اڳئي گامون جي سڃ چوڙ تي خار ڪائيندو هو ۽ پيو وجهہ ڳولينڊو هو تہ ڪو اهڙو موقعو ملي تہ هن کي نواب وٽان لوڏائي ڪيان: تنهن ڪري نواب غازي خان جا ڪن پريا تہ: گامون اڄ توهان جي حويليءَ ٻہ ٻڪي جهاتيون پاتيون. نواب صاحب اها گالهہ ٻڌي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ گامون کي گهرائي چيائينس تہ: اڄ جو اڄ هتان نڪري وڃ! گامون نواب کي ڪاوڙيل ڏسي ڳوٺ چڏي هليو ويو.

گامون پرديس ٻہ رهي، هميشہ پيو ويچاريندو هو تہ ڪهڙيءَ طرح نواب کي پرچايان! هڪڙي ڏينهن ڪيس نواب صاحب جي شهر جو ماڻهو مليو گامون وڃي ساڻس مليو ۽ خبر چار پڇي چيائينس تہ: ادا! نواب صاحب کي منهنجو هي نياپو تہ وڃي ڏجئين، تہ:

ساڻي! وڃ ڏيوين سنيهڙا، ميڙا غازي مرڙائي ڪون،
تہ ٿئين هوندي ٽيئن جيندي، اسان ڏونڏون ديهہ پرائي ڪون.

ان ماڻهو ڪم ڪار لاهي واپس ڳوٺ وڃي، گامونءَ جو نياپو غازي خان کي ڏنو. تنهن تي غازي خان ساڳئي ماڻهو جي هٿان جواب ڏياري موڪليس:

ساڻي! وڃ ڏيوين سنيهڙا، ميڙا گامون ڪورائي ڪون،
تہ ڪڏان ڪڏان سانگ ٻہ پوندا هئي جوانان ڪون.

گامون کي جڏهن اهو جواب مليو تڏهن دل ٻہ سڙي ويو ۽ خيال ڪيائين تہ پرديس ٻہ تہ اڳئي آهيان، سڄ چئي ٽا ڏيون، پوءِ ڏسو ويندو. سو ان ٻہ وري ماڻهو کي چيائين تہ:

ساڻي! وڃ ڏيوين سنيهڙا، ميڙا غازي مرڙائي ڪون،
تہ اسان وسون هلدي چلدي، پرٽڪ هي تيڏي بيحيائي ڪون.

جڏهن اهو سڀ ڪجهه وارو نياپو غازي خان ٻڌو، تڏهن کيس ڏاڍو افسوس ٿيو ۽ خيال ڪيائين تہ اهڙي سڀار مڙس کي ائين ڇڏڻ ڇڪو ڪونهي، سو يڪدم پاڻ وٽ واپس گهرائي ورتائينس.

غازي خان جي وزير، بشارت خان جتوئي جو گامون کي وري دربار ۾ ڏٺو، سو سڀ خاڪ ٿي ويو ۽ ويچار ڪرڻ لڳو تہ: اهڙو ڪو نمونو اختيار ڪريان، جنهن ۾ گامون کي ڪوڙو ثابت ڪري، سڏائين لاءِ تڙائي ڪيان. نيٺ خيال آيس تہ گامون کان ڪو نقل ڪٽائجي، جي ڪوڙا هوندا آهن، گامون نقل ٻڌايو تہ ڇڏ ڪوڙ ڳالهايو. اهو خيال ڪري سڏو غازي خان وٽ آيو ۽ اڇي ڪن پريائينس تہ: گامون ڪوڙو آهي، توهان هرو پرو کيس سچو ٿا سمجهو. غازي خان چيس تہ: پلا گامون کي ڪوڙو ڪر تہ خبر پئي. بشارت خان چيو تہ: حاضر، اهو ڪم منهنجو ـ اوهين رڳو کيس ڇڻو تہ ڪو نقل ٻڌاءِ، پوءِ ڏسو تہ ڪوڙو ٿئي ٿو يا نہ؟ غازي خان گامون کي گهرائي چيو تہ: ڪو نقل ٻڌاءِ. آخر گامون ٻئي ڏينهن نقل ٻڌائڻ جو انجام ڪيو.

ٻئي ڏينهن گامونءَ، نواب غازي خان جي ڪچهريءَ ۾ هن ريت آکاڻي شروع ڪئي تہ: هڪڙو هو بادشاهہ، جنهن جو نالو هو دلشاد. هو عقل بادشاهہ جو پٽ، ۽ توبهہ شهر جو ويڙل هو. هڪڙي ڏينهن دل ۾ خيال آيس تہ برهہ جي بازار جو ديدار ڪريان. سو همت جا هٿيار ٻڌي، توکل جي گهوڙي تي سوار ٿي اڇي هليو. پاڻ سان مهڙ بورچي ۽ طبيعت دايو، عقل، ادب، حيا ۽ انديشو نوڪر ٻ ڪنيائين.

هلندي گهمندي، ٽورن ڏينهن جي پنڌ ڪرڻ سان اڇي حرڪت شهر ۾ پهتو. ڏسي تہ شهر تمام وڏو ۽ عاليشان آهي، پر منجهند جي وقت ٻ پهرو ٻيئواهي! هي عجب ۾ پئجي ويو. هڪڙي ماڻهوءَ کان پڇيائين تہ: ادا! خبر ٻڌاءِ هن شهر ۾ ڏينهن جو ٻ پهرو پيو اچي، انهيءَ جو سبب ڇا آهي؟ ان ماڻهوءَ جواب ڏنس تہ: منهنجو ڏاڏو فتنو آهي. آءٌ نفس بادشاهہ جو ڪوٽار آهيان. هو

آڪڙ خان بادشاهه جو پٽ آهي. اسان تي بار رکيائين تہ منهنجا ٻہ پٽ جهڙو ۽ جهگڙو، انهيءَ بادشاهه جي گهران پرڻايو، جنهن کي ٻہ ڏيون هجن. جي کنهن کي هڪ يا ٽي-چار ڏيون هجن تہ اتان نہ پرڻائجو. آءٌ ۽ ٻيا نوڪر گڏجي گهولا ڪري، اچي هت ڪرگل بادشاهه جي شهر ۾ پهتا آهيون. هن بادشاهه کي ٻہ ڏيون آهن. جن جا نالا ڪرڪر ۽ ڪنڊ ڪنڊ آهن. ڪرگل بادشاهه جا ٻہ وزير، وسوسو ۽ رگڙو آهن. سندس قاضي مفتي، شيطان ۽ ابليس آهن. مغر ۽ مخول دايا اٿس. نند ۽ نادان بورچي آهن. ٻين نوڪرن جو تہ ڇيهہ ئي ڪونهي. اسان سڳ جي گهر ڪئي، بادشاهه قبول ڪيو. اسين خوش ٿي، شاديءَ جا ڏينهن وٺي پوئتي موٽياسون، اچي پنهنجي نفس بادشاهه کي مبارڪ ڏنيسون. نفس بادشاهه بہ خوش ٿيو ۽ شاديءَ جي تياري ڪري، پاڻ سان ڇڇ وٺي روانا ٿياسون. ڇڇ ۽ اٺ گهاٽيون، قيل، مقال، گلا، غيبت، لائي، چائي، نندا ۽ چغلي بہ ڪنيونسين. خير جو اڄ ٿيون ڏينهن آهي، تہ مهورت نٿو ڇڏي. جو وسوسو وزير ڪوڙ کي رگڙو وجهيو ويٺو آهي. اسين لاچار ٿيو شهر کي پهرا ڏيو ڏينهن پيا پورو ڪريون، جيسين کا جند ڇڏي. تون خبرڏي ڪيرآهين، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟

فتني ڪوٽار کي بادشاهه چيو تہ: منهنجو نالو دلشاد آهي. آءٌ عقل بادشاهه جو پٽ آهيان، توهہ شهر جو ويڪل آهيان. برهہ جي بازار جي ديدار لاءِ ڪٽو آهيان. تون بہ ملڪ رليو ويٺو آهين، مونکي بہ کو ڏس پٽو ڏي؟ فتني چيس تہ: مات ڪري توهہ شهر وسائي وڃي ويهہ، سواءِ توهہ جي ٻي کابہ واهہ ڪانہ اٿئي. برهہ جي بازار جو ديدار سولو نہ آهي، جو تون جلدئي گهمي ايندين. دلشاد چيس تہ: اڙي فتنا! دل ڇوٽو پڇين، عاشقن تي تڪليفون تہ آهن، تون کو ڏس ڏي پوءِ ڪٽي قسمت. فتني ڏٺو تہ هي رهندو ڪونہ، ضرور ويندو سو چيائينس تہ: مونکي ٿوري خبر آهي سا ٻڌايانءِ ٿو، پوءِ تنهنجي مرضي. پوءِ فتني

ڪوتوال، دلشاد کي چيو تہ: پهرين پڇا ڪر تہ زبان قاضي، دنيا گنبذ ۾ حسن بيگم کي پڙهائي ٿو، سو ڪٿي آهي؟ پوءِ برهم جي بازار جو ديدار ڪندين. ائين چئي فتنو ويندو رهيو.

دلشاد الله جو آسرو رکي اڳتي پنڌ ڪيو. هلندي هلندي ڪجهہ ڏينهن پڇاڙا اڇي صورت شهر ۾ پهتو. ڏسي تہ هڪڙو شخص آهي، سو منهن ۾ پير اگهاڙا ڪريو، تڪو ٻوڙندو پيو وڃي، ڪيڏانهن به نظر ڪانہ ٿو ڪري. دلشاد هڪل ڪري پڇيس تہ: ڪير آهين؟ خبرون ٻڌائي پوءِ اڳتي وڃ! هو شخص بيهي رهيو. چيائين تہ: آءٌ پورهيو آهيان، منهنجو نالو حرص آهي ۽ هوس جو پٽ آهيان. حسب، نسب، خفقان، جُوف ۽ تڪرار منهنجا ڀائر آهن. تڪ، تندي، طمع، ترازي، هڻ پٽ منهنجون ڀٽون آهن. تون خبر چار ٻڌاءِ تہ ڪير آهين؟ بادشاهہ چيو تہ: دلشاد منهنجو نالو آهي، عقل بادشاهہ جو پٽ، توبهہ شهر جو ويڙل آهيان، برهم جي بازار جو ديدار ڪرڻ نڪتو آهيان، تو کي ڪو پتو هجي تہ ٻڌاءِ. پورهئي جواب ڏنس تہ: آءٌ واندو نہ آهيان، نہ ڪا مونکي وڻيڪ خبر آهي، ائين چئي ويندو رهيو.

دلشاد بادشاهہ آڏان ٻ اڳتي روانو ٿيو. ٿوري گهڻي ڏينهين اڇي حرفت شهر ۾ پهتو. آڏي ڪيس کي ٻ چار ماڻهو گڏيا، جي ڪپڙي گندي ٿهيل ٿاهوڪا هئا. انهن کان خبرون چارون پڇيائين. جن ٻڌايس تہ: اسين سڀ پاڙ ۾ پاڙر آهيون. هيءُ وڏو پاءُ نصيب آهي، پيا پاڳ، سياڳ ۽ ڪرم نديا آهيون. سيئي بخت جو اولاد آهيون. محبت جا گهورا آهيون، جتي محبت ڏسنداسون آڏي ترسنداسون. تون پنهنجي خبر چار ٻڌاءِ تہ ڪير آهين، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ دلشاد چيو تہ: ادا! عقل بادشاهہ جو پٽ آهيان، دلشاد منهنجو نالو آهي، توبهہ شهر جو ويڙل آهيان. برهم جي بازار جو ديدار ڪرڻ نڪتو آهيان. توهان کي ڪو ڏس پتو هجي تہ ٻلائي ڪري ٻڌايو. نصيب چيس تہ: هتان اڳتي ويندين تہ وات تي هڪڙي مائي ملندئي. انهيءَ کان ڏس پوندئي. ائين چئي هو

سيئي ويندا رهيا.

دلشاد بادشاهہ آتان روانو ٿيو تہ وات تي آها مائي ملي. ان چيس تہ: آءٌ دنيا آهيان، نالو منهنجو نتکي آهي. ڏن، دنيا، مايا منهنجو اولاد آهن، اسين سڀ دولت جو اولاد آهيون. اهي جيڪي نصيب وارا تو کي گڏيا هئا، تن مونکي رلائي ماريو آهي. نکي ٽا پاڻ ڪٽي ويهن، نکي ٽا مونکي ئي هڪ هنڌ ويهڻ ڏين. آءٌ انهن جي پنيان رلي مئي آهيان. ٿون ٻڌاءِ تہ ڪير آهين، ڪيڏانهن ٽو وڃين؟ بادشاهہ چيو تہ: نالو منهنجو دلشاد آهي، عقل بادشاهہ جو پٽ آهيان، توبهہ شهر ۾ ويٺو آهيان. برهہ جي بازار جو ديدار ڪرڻ لاءِ نڪتو آهيان. تون بہ سارو ملڪ پيٽي ڦرين. ڏس ڏي تہ دنيا گنبذ ۾ زبان قاضي، حسن بيگم کي ڪٽي ويٺو پڙهائي تہ آءٌ ان وٽ وڃان، جو آتان مونکي برهہ جي بازار جو ديدار نصيب ٿيندو. مائي دنيا چيس تہ: هتان ويندين، تہ اڳيان رحمت جي ندي ڏسڻ ۾ ايندءِ. انهي جو ڪپ وڻي ويندين تہ هڪڙو ٻکرار ملندءِ. ان کي ملهہ ڏيئي، ٻہ ٻکرا خريد ڪج. ٻوءِ نديءَ جي گهيڙ تي پهچي وڏي آواز سان همت ملاح ڪري سڏ ڪج. هو نيئر ڏيہ جي ٻيڙي ڪاهي ايندو، ان کي پنج رپيا ڏج تہ هو تو کي هن پار ڪندو. جڏهن اڌ درياءَ تي ٻيڙي ايندي تہ تو کي سوني ڏاکوڻ ۾ ماني ملندي، ۽ ٻکرن جو گاهہ ملندو، ماني تون کائج ۽ گاهہ ٻکرن کي ڏج. ٻيڙي هن پر پهچندي تہ ڪدم لهي پئج. آتي پہ شينهن بيٺا هوندا. ڊپ نہ ڪج، هڪڙو ٻکر هڪڙي شينهن کي تہ ٻيو ٻکر ٻئي شينهن کي ڏج. ايتري ۾ اوندهہ ٿي ويندي، پر ڊجندين تہ مرندين، همت کان ڪم وٺج. ائين چئي مائي ويندي رهي.

دلشاد بادشاهہ سڄي گالهہ ٻڌي، آٿي پنڌ پيو ۽ اچي رحمت نديءَ تي پهتو. مائي دنيا واري کيل گالهہ موجب نديءَ جي هن ٻي وڃي پهتو. شينهن کي ٻکر ڏنائين تہ ڪدم رات ٿي ۽ اوندهہ ٿي ويئي. دل کي مضبوط ڪهلي خيال ڪيائين تہ هاڻي ڪيڏانهن

وڃان! آخر هڪڙي طرف منهن ڪري اُٿي هليو. ٽورو پنڌ ڪيائين تہ آواز پڌڻ ۾ آيس. يڪدم ان آواز جي طرف ڏي ويـو. جڏهن ويجهو آيو ڏسي تہ "سبحان‌الله" هڪڙو ڪوهہ آهي، ان تـي نار چڙهيل آهي. نار جي چـٽي سوني، ڏيـڏي هيري ياقوت جي، چنو ۽ مهرو زمرد جو، آرا اوپرا جواهرن سان جڙيل آهن. ان نار جو نالو غارغفار آهي، نهايت عمدو نهيل آهـي. ان جـي رينگٽ جـو آواز نهايت مٺو نڪري رهيو آهـي. چٽ مان لااِلـهاِلاالله ۽ ڏيڏيء مان محمدرسول‌الله جو آواز پيو ٽٽي، باقـي ڪنگريون ۽ چني جا ڪاٽ ۽ ارڙيون پيون پولين صلى‌الله عليه وسلم.

دلشاد کي ڪوهہ تي، نار جي آواز مان اهڙو تہ مزو آيـو، جو ڪجهہ وقت تـہ اٿئي ويهـي رهيو. انهيء ڪوهہ تي حيرت ۽ غيرت ۾ پهريدار هئا. انهن پـاڻ ۾ چيو تـہ: ادا! هـي انسان هتي پنهنجي پهري جي اندر لنگهي آيو آهي، جي‌اهاخبر پنهنجي‌سائڻ کي پئي تہ ڪاوڙ ڪـديون. انهن هن کي چيوتہ: تون ڪيرآهين، ۽ ڇو آيو آهين؟ هتان هڪدم هليو وڃ. ائين چوندي غيرت جهلي پانهن کان وٺي اڇلايس تہ وڃي غارغفار جي ڪوهہ ۾ پيو، ۽ تيستائين پيو رهيو جيستائين حيرت ۽ غيرت جو پهرو پورو ٿيو.

ٿوريء دير کان پوءِ قياس ۽ اخلاص پهري تي آيا. انهن کي رحم آيو، دلشاد کـي ڪوهہ مان ٻاهر ڪـديائون. خبرون چـارون پڇيائون تيستائين هن جـو پهرو بـہ پورو ٿيو. ورکي مهر ۽ محبت جو وارو پهري جو آيـو. جن بـہ بادشاهہ کان خبرون پڇيون، هـن انهن کي بـہ سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي. هن چيس تہ: ڊڄ نہ. دنيا گنبذ جي در تي بيٺو آهين. تون پنهنجو آواز بـہ هن آواز سان ملاءِ تہ فتح ٿي پوئي. دلشاد بادشاهہ نار جي آواز سان آواز ملائي ڪلمون پڙهيو: "لااِلـه الاالله محمدرسول الله صلي‌الله عليـه وسلم،" تہ اتي روح پرواز ڪري ويس. هن دنيا فانيء مان رحلت ڪري وڃي بهشت جي حوالي ٿيو.

گامون سچار-۴ *

"گامون" نالي هڪ ڇوڪرو لقاپور نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو. ننڍي هوندي کان ئي هو سچ ڳالهائيندو هو، ان ڪري مٽس نالوئي گامون 'سچار' پئجي ويو هو. انهيءَ ڪري پري پري جي ماڻهن، گامون جي سچ ڳالهائڻ بابت سندس نيڪي پڌي پرپٽ هن سان ياراڻي ڳنڍي ڇڏي هئي. سندس پيءُ ننڍي هوندي ئي گذاري ويو هو، باقي سندس پوڙهي ماءُ اوڙي پاڙي جو انّ جنڊ تي پيهي، سندس ۽ پنهنجو پيٽ گذر پئي ڪندي هئي. نيٺ ٿوري گهڻي ڏينهن گامون بہ ڪٽڻ ڪمائڻ جهڙو ٿيو ۽ هڪڙي ڏينهن پنهنجي ماءُ کي چيائين تہ: اما! هاڻي آءٌ ڪمائڻ جهڙو ٿيو آهيان ۽ موڪل ڏينہ تہ پرديس ۾ وڃي ڪمايان ۽ تو کي ڪٽي ڪرايان. ماڻس چيس تہ: ابا! منهنجي مرضي آهي تہ تو کي ملان مکڻ وٽ ڇڏي اچان تہ ڪي ٻہ-چار اکر علم جا پرائين. گامون اهو پڌي ماءُ کي چيو تہ: اما! سياڻا پٽ پينگهن ۾ پڙ را، بابو پڙهيو هو باقي آءٌ پڙهندس. ماءُ ڏنو تہ هي رهندوئي ڪين، سو لاچار موڪل ڏ نائينس.

نيٺ ماءُ کان موڪل وٺي اٽو پلاند ۾ ٻڌي ڪٽي هليو. رستي ۾ هڪڙي هنڌ ڪيس بڪ اچي ٽپايو. اٽو تہ ساڻ هئس پر مانيءَ ڪير پچائي! نيٺ هڪلي هڪڙي ڳوٺ ۾ آيو، جتي ڪيس هڪڙي مائي ڏسڻ ۾ آئي. گامون وڌي مائي وٽ ويو ۽ سلام ڪيائين. مائيءَ پڇيس تہ: ابا! تون ڪير آهين؟ گامون وراڻيو تہ: اما! آءٌ پرديسي آهيان، بڪ ڏاڍي لڳي اٿم، هي اٽو ساڻ اٿم،

* هن ڳالهہ جون ٻہ روايتون وچولي(تعلقي حيدرآباد) مان محمد صالح سپيي ۽ (ننڍي الهيار) مان گل محمد آزاد کان ملیون.

تنهن مان جي مونکي ۾ مانيون پچائي ڏين تہ تنهنجي وڏي پلائي ٿيندي. پوڙهيءَ چيس تہ: پٽ! ويهہ تہ آءٌ تو کي ماني پچائي ڏيان. پوءِ گامون کاڻ اٿي جي هڙ وٽي چوڙي ڏنائين تہ اٿو صاف ۽ سٿو پٻل هو، اتي دل مڙئي سرکي ويس سو چا ڪيائين جو اهو اٿو رکي ٻاجهريءَ جو هڪڙو روڊلو گهڙي پچائي آڻي گامون جي اڳيان رکيائين. گامون جو روڊلو ڏٺو سو سڙي ويو ۽ مائي کان پڇيائين تہ: اما! هي چا...! مون ڏنو ڪڪ جو اٿو ۽ ماني ملي ٻاجهري جي! مائيءَ جواب ڏنو تہ: پٽ! هن زمين جو وَرُ ڪواهڙو آهي، جڏهن اٿو گهوهيم تہ بہ ڪڪ جو هو، پر جنهن مهل دانگيءَ تي وڌم تہ ٻاجهر جو ٽي ٻيو، هاڻي انهي ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ آهي! گامون کي ڪوڙ تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، پر ٻاهريون ٻني رکي مائيءَ کي چيائين تہ: اما! ائين هوندو؛ پر هاڻي رکي ماني چا سان کان؟ تو وٽ ڪو ٽانءُ هجي تہ مونکي ڏي تہ آءٌ ڪو گڏڻ وٽي اچان.

مائيءَ چيس تہ: ابا! ترس تہ وٽو آڻي ڏيئين. ائين چئي مائي اندران وڃي هڪڙو وڏو وٽو ڪڍي آڻي ڏيئين. گامون اهو وٽو ڪڍي دکان تي آيو ۽ وٽو وڪڻي ٻيا پيسا چيلهہ سان ٻڌائين، باقي ٽڪي واري ٽڪر جي جمني وٽي ان ۾ ٻوڙ وجهائي مائيءَ جي گهر آيو ۽ ماڻ ڪري ويهي ماني کائڻ لڳو. مائي ڏسي عجب ۾ پئجي ويئي، پر ڪجهائين اصل کين. جڏهن گامون ماني کائي بس ڪئي، تڏهن پڇيائينس تہ: اڙي ابا! هيڏو سارو وٽو تو کي ڏنم، تنهن مان ٽکر جي جمني ڪيئن ٿي؟ گامون وراڻيو تہ: اما! برابر تنهنجي ڳالهہ سچي نڪتي، ڇو تہ جڏهن مون ٻوڙ ورتو هو تڏهن بہ اهو وٽو هو، پر جڏهن تنهنجي گهر جي لوڙهي اندر گهڙيس تڏهن ڦري جمني ٿي ٻيو، سو برابر زمين جو ڪو اهڙو ور آهي، هاڻي آءٌ بہ هتان جلد نڪران، متان پٽ مان ڏيءَ نہ ٿي ٻوان! مائي چيس تہ: ڇورا! اهي مسخريون وڃي ٻين سان ڪر... جهٽ ڪري ٻاهر ڪڍ وٽو نہ تہ هل بادشاهہ وٽ، آءٌ پاڻهي انصاف ٿي ڪرايان. گامون چيس تہ: هل آءٌ تيار آهيان، ائين چئي ٻئي گڏجي بادشاهہ ڏي روانا ٿيا.

گامون ۽ مائي گوٺ مان ڪري پنڌ پيا. گچ پنڌ ڪري ڪان پوءِ هڪڙي پوڙهي ڳڏين، جا ڏڏ ۽ مڪ جي چاڏي مٿي تي ڪنيو غازي خان بادشاهه جي شهر ۾ وڪڻڻ لاءِ پئي ويئي. هي پئي چڙا ۽ ان مائيءَ سان خبرون چارون ڪندا گڏ هلندا رهيا. هڪڙي هنڌ ان ڏڏ واري پوڙهيءَ گامونءَ کي چيو تہ: ابا! شهر اڃا ٻہ ٽي ميل پرپرو آهي، تون ڪو راڳ، يا ڪافي چاڻندو هجين تہ ٻڌاءِ، جيئن رستو جلد ڪٽي! تنهن تي گامون وراڻيوتہ: هائو ڏاڏي ٿورو گهڻو مڙيئي جهونگاري چاڻندو آهيان. ائين چئي هڪڙي ڪافي چمائين. ڪافي پوري ڪري پوڙهيءَ کان پڇمائين تہ: ڏاڏي! ڪيئن ڪافي وڻيئي؟ پوڙهي وراڻيو تہ: ابا! ڪافي تہ وڻي، پر اڃا دل نہ ٺري! تنهن تي گامون وري ٻي ڪافي ٻڌايس. ڪافي جڏهن پوري ٿي، تڏهن گامون پڇيس: ڏاڏي! ڪيئن، هاڻي تہ دل ٺري؟ پوڙهي وري ٻہ ساڳيو جواب ڏنس تہ: نہ ابا! اڃا ٺري آهيان. ان تي گامون چيس تہ: ڏاڏي! جيڪڏهن اڃا نہ ٺري آهين تہ پوءِ اهڙو ٿو راڳ، ٻڌيئين جو يڪي ٺري پوندينءَ. ائين چئي هٿ ۾ جيڪو ڏنبو هوس سو ٽڪاءِ ڪرايائينس مٿي تي رکيل چاڏي تي. ڏک سان چاڏي ٽڪر ٽڪر ٿي ويئي ۽ سمورو ڏڏ مڪ مائي جي مٿان هار جي ويو. پوءِ گامون پڇيس تہ: ڪيئن، ڏاڏي! هاڻي تہ ٺرينءَ؟ اتي پوڙهيءَ چيس تہ: ڇورا نڏورا! سنهنجو سمورو ڏڏ مڪ زيان ڪري ڇڏيئي، هل تہ تو کي بادشاهه وٽ وڻي ٿي هلان. گامون چيوتہ: ڏاڏي! تو ڪونہ چيو هو تہ مونکي اهڙي ڪافي ٻڌاءِ جو ٺري پوان؟ باقي تون مونکي بادشاهه وٽ وڻي ٿي هلين تہ هل، آءٌ پاڻهي ٿو هلان.

هلندا اچن تہ وات ۾ هڪڙو سوار ڳڏين. ان جو گهوڙو هيڏي ساري گوڙ کي ڏسي اچي ٽنو ۽ اڳتي هلڻ جي نہ پيو ڪري. سوار گهڻئي مٿا مونا هنيا، پر گهوڙو اصل نہ چري. انۡ تي گامون جي هٿ ۾ ڏنبو ڏسي چمائين تہ: ادا! گهوڙي کي ٿورو لڪ جي ٽوڪر ڏي تہ اڳتي هلي. گامون اهو ٻڌي هٿ ۾ جو ڏنبو هئس،

سو ڪٽي اڇي گهوڙي کي ورتائين. ڏنڊن جي باهه تي گهوڙو اڇي پاڇ ۽ پيو ۽ سوار کي پهرئين ٽپي سان ڪيرائي، پاڻ الاجي ڪيڏانهن غائب ٿي ويو. سوار ويچاري کي ڏڪ آيو ڏاڍو سو ڪپڑا چنڊي اٿيو۽ اڇي گامون تي ڪاوڙيو چيائينس ته: نالائق! مونکي به ڏڪ ڏياريي۽ ۽ گهوڙو به وڃايي۽! آءٌ تو کي اصل ڪونہ ڇڏيندس. ان تي گامون وراڻيو ته: ادا! تون ڪاوڙجين ڇوٽو؟ تو پاڻ ڇيو ته گهوڙي کي لڪ جي ٽوڪر ڏي سو مون هڪليو، انهيءَ ۽ سنهنجو کڙو ڏوهه. تنهن ٽي سوار چيس: هي گهوڙو بادشاهه جو هو ۽ آءٌ بادشاهه جي ڪ سان وڃي رهيو هوس." هل بادشاهه وٽ ته تنهنجي خبر ٿو وٺان." ائين چئي هو به هن سڀني سان گڏ جي اڻي هليو.

ڇڇ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ هن کي اڇي اڇ لڳي. رستي تي هڪڙو ڳوٺڙو نظر آين، ڳوٺ وٽ ڪاهي رسيا ڳوٺ جي ٻاهران هڪ ڪوهه هو، جنهن تي ڪن ماڻهن پاڻي پئي پريو. گامون انهن ڪان پاڻي گهريو جنهن تي انهن ماڻهن هن ٽنهي کي پاڻي پياري پوءِ گامون کان خبر چار پڇي ته: ابا! تون ڪٽي جو رهاڪو آهين؟ گامون وراڻيو ته: آءٌ لڦاپور جو رهاڪو آهيان. لڦاپور جو نالو ٻڌي انهن مان هڪڙي ڇٽي رڙ ڪري چيو ته: پلا اهو ته ٻڌاءِ ته لڦاپور کي باهه ڪيئن لڳي؟ ان تي گامون وراڻيو ته: ڇو ته واتين ويٽين ٻڌايانو يا ڇو ته هٽن جا پرتا ڪري ڏيکاريانو؟ تنهن تي سڀني چيو: واتين ويٽين مزو نہ ايندو، هٽن جا پرتا ڪري ڏيکار ان تي گامون چيو ته: چڱو، هڪڙي ٻلي، ڪپهه جو ذرو۽ گاسليٽ ڪٽي اچو ته هٽن جا پرتا ڪري ڏيکاريانو. انهن مان ڪي ماڻهو ويا شيون ڪٽ۽ هي ٽيئي ڇڙا ساهي ڪٽ لاءِ ويهي رهيا.

ٿوري دير کان پوءِ ماڻهن گهربل سڀ شيون آڻي گامون کي ڏنيون. گامون ڪپهه جو موئو ناهي، ان تي گاسليٽ هاري ٻلي۽ جي پڇ ۾ ٻڌي ڪٽي تيلي ڏني. ٻلي کي جو آيو تؤ سو وٽي گوٺ ڏانهن ڇڄ لڳي. ساري گوٺ کي چوڌاري لوڙهاڻ

لوڙها هٽا ۽ وري گهر کڇا، ٻيو هيون ٻنگيون، سو ٻلي جتان ٽي لنگهي اتان باهر جا اُلا اٿڻ لڳا، بيٺي بيٺي ساري ڳوٺ کي باهر وکوڙي وئي ۽ سارو ڳوٺ جلي خاک ٿي ويو. جڏهن ڳوٺ جا ماڻهو باهر وسائڻ ماڻ واندا ٿي ڪاوڙجي هن ڏي آيا تڏهن گامون چين ٿو: ادا! لقاپور کي اڇهو ائين باهر لڳي هئي. ماڻهن جا ٻڙيا هٽا گهر، تن گامون کي گهٽ وڌ گالهائي چيو: "ههڙا تهڙا! اسان جو سارو ڳوٺ ساڙي ڇڏيءِ! هاڻي هل غازي خان وٽ ته تو کي ڪاٽ ۾ ٽا وجهايون. گامون چين ٿو: ٻيلي! ان ۾ منهنجو کهڙو ڏوهه؟ توهان ئي ته چيو هو ته هتن جا پرتا ڪري ڏيکار. هاڻي جي بادشاهه وٽي ٽا هلو ته يا بسم‌الله، هلو. پوءِ سيڻي گامون کي وٽي غازي خان ڏي روانا ٿيا.

پوري سج لٿي مهل‌اڇي غازي‌خان جي شهر ۾ پهتا. بازار ۾ منايڙ جا دڪان ڏسي گامون دل ۾ چيو ته، منايون ته ڪائجن پر پيسو آهيئي ڪونه. سو ڪا اٽڪل ڪرڻ گهرجي. پوءِ سيڻي کي وٽي اڇي هڪ حلوائي جي دڪان تي بيهاريائين. پهرين هڪڙي ٽالهه تي هٿ رکي، حلوائي کان پڇيائين ٿو: سيٺ! هن منائي جو گهٽي سير آهي؟ حلوائي چيس ٿو: انهيءَ جو پنج رپيا سير آهي. گامون وري ڏسي ڏسي ٻئي ٽالهه تي هٿ رکيو ۽ پڇيائين ٿو: سيٺ! هن مان گهٽي سير؟ سيٺ روائيو ٿو: اهو به پنج رپيا. گامون وري ٽئين ٽالهه تي هٿ رکي پڇيس ٿو: سيٺ! پلا هن جو گهٽي سير ڏيندين؟ حلوائي چيو ٿو: اهو به ائين. گامون کي ڪپندڙ ئي اهڙو لفظ هو ائين (مفت ۾) پڌائين سو سيڻي کي چيائين ٿو: ڪائو. پوءِ سڀ منائي کي لڳي ويا. جڏهن منائي ڪائي بس ڪيائون، تڏهن چپ اڳهي سڀ اٽي اڳتي هليا. اتي حلوائي سڏ ڪري چيو ٿو: ابا! پيسا ته ڏيندو وڃ. گامون جواب ڏنس ٿو: سيٺ صاحب! منائي ته ائين واري هئي، پوءِ پيسا وري ڇاجا؟ سيڻي کان پڇي ڏس. تو ڪونه چيو هو ته اها منائي ائين. اها گالهه پڌي حلوائي ڪاوڙجي اٽيو ۽ گامون کي چيائين ٿو: ٽنگ!، هل

بادشاهه وٽ. ائين چئي سيني سان گڏجي اٿي هليو.

جڏهن محلات جي ويجهو پهتا تڏهن ڏسن ٿا هڪڙو فقير محلات جي اڳيان بينو سرندو وڄائي ۽ خيرات لاءِ بينو صدائون هڻي. ان تي گامون کي لڳي ڪاوڙ ۽ هڪ چمات واهي ڪيائينس ۽ چيائينس ٿا: نڪري وچ هتان! تو کي بادشاهه جي حرم جو به حياءُ ڪونهي. فقير چمات کائي پهرين ٿا مٽ ٿي ويو پر پوءِ گامونءَ کي چيائين ٿا: تو مونکي بيگناهه مارڻو آهي، هاڻي آءٌ تو کي ڪونه ڇڏيندس، هل بادشاهه وٽ. گامون چيو ٿا: هل، پوءِ ٿا فقير به هنن سان گڏجي اٿي هليو.

آخر اچي بادشاهه جي دربار وٽ پهتا. دربان وڃي غازي خان کي ٻڌايو ٿا: ڪي دانهين آيا آهن. غازي خان حڪم ڪيو ٿا سيني کي وٺي اچو! سيئي ماڻهو گامونءَ جي دانهن ڪرڻ لڳا. آخر غازي هڪ هڪ ماڻهو جي دانهن ٻڌندو، گامون کان ان جو سبب پڇندو ويو، جڏهن بين سيني ماڻهن جا بيان ۽ گامونءَ جا جواب ٻڌي دنگ ڪيائين، تڏهن پڇاڙيءَ ۾ فقير جو وارو آيو. فقير عرض ڪيو ٿا: قبلا! هن مونکي بيگناهه مارڻو آهي. غازي خان گامون کان ان جو سبب پڇيو. گامون وراڻيو ٿا: سائين! مون فقير کي چيو ٿا: بابا! هي بادشاهه جو محلات آهي ۽ تو کي جي خيرات ونڊي آهي ٿا وڃي بادشاهه جي دربار مان وٺ، پر فقير نه مڙيو ۽ حرم سراءِ مان نڪرندڙ بانهين کي ننگ ڪرڻ لڳو، ان تي مون کيس چمات هڻي ڪڍي. بس، سائين! منهنجو جي ڏوهه آهي ٿا اهو آهي. ان تي غازي خان چيس ٿا: گامون! تو جهڪي ڪيو سو ٿا ٺيڪ آهي، پر تو کي هن فقير کي زباني سمجهائڻو هو ۽ ڏڪ نه هڻينس ها، هاڻي بين سيني ڳالهين ۾ تون بيڏوهي آهين، باقي چمات لاءِ هن کي پنج رپيا ڏنڊ پري ڏي.

اهو فيصلو ٻڌي گامون کيسي ۾ هٿ وجهي ڏهه رپين وارو نوٽ ڪڍي ڪٽي بادشاهه کي ڏنو ۽ هڪ چمات به واهي ڪيائينس. چمات هڻي غازي خان کي چيائين ٿا: حضور! مون وٽ پنج رپيا

کليا کونہ آهن، ان کري پنج رپيا ڏيو فقير کي ۽ باقي پنج رپيا، سي وري هڪڙي چمات جا توهين کٹو. اها گالهہ پڌي غازي خان اچرج ۾ پئجي ويو ۽ گامونءَ کي چيائين تہ: ڙي واهہ ڙي گامون واهہ! جهڙو پڌوسون تهڙو ڏنوسون. نيٺ اڏکل ڪري مولکي ٻہ چمات هڻي وئين، چگو، هاڻي هي وٽ پنهنجو ڏهين جو نوٽ ۽ تون وڃ. پنهنجي پوڙهي ماءُ کي وڻي اڇ ۽ اڇي منهنجي بادشاهي ۾ رهو. خزانچي کي حڪم ملیو تہ گامونءَ کي پنج سو اشرفيون ڏيو تہ ڪوٺان وڃي پنهنجي ماءُ کي وڻي اڇي. جيڪي دانهين آيل هئا، تن جو اهو فيصلو پڌو، سي سڀ ڦڪا ٿي پوٽني موتيا.

گامونءَ کي جڏهن خزانچيءَ پنج سؤ اشرفيون ڳڻي ڏنيون تہ انهن مان هڪڙي اشرفي پٽ تي ڪري پئي، جنهن کي ڪٹي چمي جهوليءَ ۾ وڌائين. وزير اهو لڏائ ڏسي بادشاهہ غازي خان کي چيو تہ: هيءُ وڏو ڪنجوس آهي جو هڪڙي اشرفي ٻہ نوڪرن جي لاءِ پٽ تي نٿو ڇڏي! ان تي گامونءَ ڏهہ ڀهہ جواب ڏنو تہ اشرفي تي بادشاهہ جي صورت آڪريل آهي. جنهن جي بي ادبي ڪرڻ مونکي نٿي وڻي، متان متاڻس ڪنهن جو پير اڇي وڃي ٽنهنکري چمي کٹي جهولي ۾ وڌي اٿم. ان ۾ منهنجو ڪنجوس هٹ ڪيئن تو کي معلوم ٿيو؟ اهو گفتگو غازي خان کي ڏاڍو وڻيو پوءِ گامون کي جلد ماءُ وڻي اڇڻ جو تاڪيد ڪري موڪل ڏنائين.

گامون جي وڃڻ کان پوءِ وزير، غازي خان کي چيو تہ: سائين! هي ڪٹي جو انصاف آهي، جو هڪڙي ڏنگ جنهن هيترن ماڻهن کي ستايو ۽ نقصان پهچايو تنهن کي سزا تہ ڪانہ ملي؛ پر اڌلندو انعام ملیو! اهو پڌي غازي خان وزير کي چيو تہ: اي وزير! هي ڏنگ نہ هو؛ پر عقلمند هو هن پنهنجي عقلمندي سان سيني کي بيعقل بنائي ڇڏيو؛ تو کي جيڪڏهن آزمودو وٺڻو آهي تہ وڃي چوڪري کان ڪنهہ عقل سان پنج سؤ اشرفيون واپس وڻي اڇ!

جيڪڏهن چوڪري کان اشرفيون وڌي آئين تہ آءٌ توکي هڪ هزار اشرفيون انعام ڏيندس. وزير اهو ٻڌي، هاڏو ڪري گهوڙي تي چڙهي گامونءَ جي پنيان روانو ٿيو.

گامون اڃا شهر مان نڪري اڳيرو ٿيو تہ وزير اچي پهتس ۽ بيهاري چيائينس تہ: اي گامون! آءٌ بادشاهہ جو وزير آهيان، هن مونکي انهي لاءِ موڪليو آهي تہ تنهنجو امتحان وٺان. هاڻي جي تون اهڙو عاقل آهين تہ هن ٻن سوالن جا جواب ڏي، جي جواب صحيح هوندا تہ اشرفيون تنهنجون آهن، پر جي جواب غلط هوندا تہ اشرفيون واپس ڏيندين. گامون وراڻيو: مونکي قبول آهي. وزير چيس تہ: چگو ٻڌ! پهريون سوال آهي تہ ڏرتي جو وچ ڪٿي آهي؟ ۽ ٻيو سوال آهي تہ خدا ڪهڙين ڳالهين ۾ راضي آهي؟ گامونءَ وزير کي چيو تہ: سائين منهنجا! توهين ٻيٽا آهيو گهوڙي تي ۽ آءٌ هيٺ، تنهنڪري گهوڙو ڏيو مونکي تہ گهوڙي تي چڙهي ڏسي توهان کي ٻڌايان تہ ڏرتي جو وچ ڪٿي آهي. وزير يڪدم گهوڙي تان لٿو ۽ گامون گهوڙي تي سوار ٿيو. هڪڙو ٻہ چڪر هڻي، هيٺ مٿي ڏسي وزير کي چيائين تہ: وزير صاحب! ڏرتي جو وچ اهو آهي جتي توهان بيٺا آهيو. وزير چيو تہ: سو وري ڪيئن؟ گامون چيو تہ: جي توهان کي اعتبار نہ اچي تہ پلي ماپ ڪري ڏسو، پوءِ بہ آءٌ ٻڌل آهيان. باقي ٻئي سوال جو جواب هي آهي تہ الله سائين، هن ڳالهہ ۾ راضي آهي تہ پيادا ڪري سوار ۽ سوار ڪري پيادا. توهان ٿورو اڳ سوار هٿا ۽ هن وقت آءٌ سوار آهيان. هاڻي بادشاهہ کي وڃي ڏي سلام پهچي الله واهي. ائين چئي گامون گهوڙو هڪلي هليو ويو. گهوڙو هو پلو سو اڳ چنپ ۾ غائب ٿي ويو ۽ وزير جتي بيٺو هو، اتيئي بت بنجي ويو. نيٺ ڪجهہ وقت کان پوءِ غازي خان وٽ آيو، پر ڪائي کان ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. غازي خان پڇيس تہ: وزير! ڪر خبر، اشرفيون وڌي آئين؟ وزير وراڻيو تہ: قبلا! گامون برابر عقلمند آهي. مون کان گهوڙو بہ ڦري ويو.

اهو پڌي سڀ درباري مٿس ڪلون ڪرڻ لڳا.

گامون وزير کان گهوڙو ڦري جلدئي اچي پنهنجي ڳوٺ پهتو ۽ پنج سؤ اشرفيون ڏيي ماڻ جي اڳيان رکيائين، جا پهريائين تہ حيرت ۾ پئجي وئي، پر پوءِ گامونءَ سڄي گالهہ ڪري ٻڌايس جا پڌي خوش ٿي. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ گامون پنهنجو ڳوٺ ڇڏي ماڻ سوڌو اچي غازي خان وٽ رهيو. جنهن ڪيس رهڻ لاءِ جاءِ ڏني. ٿورن گهڻن ڏينهن بعد گامون جي سڃائي ڏسي غازي خان ڪيس خاص ماڻهن ۾ شمار ڪيو ۽ ڪيس ڏاڍو پيائيندو هو. هرڪا صلاح مصلحت گامون کان ئي پڇندو هو، جنهنڪري درباريين مان ڪيترا سندس دشمن ٿي پيا ۽ هن جي برخلاف گهات گهڙيندا رهيا، پر ورندو ڪجهہ بہ ڪونہ هو.

گامون سچار-۵ *

گامون نديي هوندي کانئي سچار هو، پر چرچائي ٻه هوندو هو، نواب غازي خان جو ٻه مٽس تمام گهٽو راض هو، سو ٻه انهي ڪري جو سندس ڳالهيون ڪيس وٽديون هيون. گامون ٻين کي ته سچ چئي ڏيندو هو، پر خود نواب صاحب کي ٻه چوندي کين گسندو هو، هڪڙي ڏينهن جي ڳالهه آهي ته نواب غازي خان ۽ گامون، ٻئي اڪيلا ويٺا هئا. نواب صاحب عطر جي شيشي کڻي ان مان ذرو ڪڍي، پنهنجي بت تي ٿي لڳايو، ته اتفاق سان ان شيشيءَ مان، هڪ-ٻه ڦڙا عطر جا هارجي پٽ تي ڪري پيا. نواب صاحب کان ٻي اختيار دانهن نڪري ويئي ته: اڙي! تنهن تي گامونءَ طعنو هڻي چيس ته: تون بادشاهه لکن جو مالڪ، هڪ-ٻه ڦڙي عطر جي هارجڻ تي يڪدم اڙي جي دانهن نڪري ويئي اٿيئي! چگو جو ڪو ٻيو ڏاريون ساٿهو ويٺل ڪونه آهي، نه ته اهو ته الاجي چا سمجهي ها! غازي خان دل ۾ چيو ته، گامڻ جي ڳالهه ته بلڪل پوري آهي. ذري عطر لاءِ دانهن نڪري ويئي اٿم. پر اهو ٽڪو پاڻ تان ضرور لاهيندس، نه ته گامون مهڻن سان ڪٽي چڏيندو، سو چا ڪيائين جو مشڪ، عطر خريد ڪري، گوٺ جي پرسان هڪڙي وهندڙ واهه ۾ هارايائين ته واهه ۾ پاڻيءَ سان گڏ عطر ۽ مشڪ جو واهه وهڻ لڳو، ۽ خوشبوءِ پکڙجي وئي. ائين ڪري ٻوءِ گامونءَ کي چيائين ته: ڪيئن ٿو پائين، ڏس اسان مشڪ ۽ عطر جا واهه وهائي چڏيا آهن! گامڻ چيو ته: حضور! هي واهه ته خير، پر عطر ۽ مشڪ جا درياءَ ڪٽي وهايو، ته ٻه "اڙي"

---

* هن ڳالهه جي روايت وچولي (تعلقي شهدادپور) مان ظفر بلوچ کان ملي.

جو مٽ نہ ٽيندا. نواب غازي خان چيو تہ: برابر مون کان بيوقوفي سان لفظ نڪري ويو، هاڻي چا ٻہ ڪريان تہ اهو ٽڪو نہ لهندو! مفت خزانو لٽائڻو آهي. تنهنڪري ڪٽي مات ڪيائين.

ڪجهہ ڏينهن گذريا تہ نواب صاحب پر واري ڳوٺ مان مائٽي ڪڙ جو خيال ڪيو. سڳ ، ملیس ۽ شاديءَ جا ڏينهن ٻہ ملیس، هاڻي شاديءَ جي تياري ٿيڻ لڳي. جڏهن شاديءَ جي رات ٿي تہ، نواب صاحب دل ۾ خيال ڪيو تہ، جي گامون ٻہ شاديءَ تي هلندو، ۽ اتي ڪنوار ۾ يا ڪنهن ٻئي نموني جي ڪمي پيشي ڏسندو تہ سڄ چوڻ کان رهي گين سگهندو! متان ڪا خامي ڏسي ۽ مٺو يا طعنو هڻي، تہ اها بيعزتي آهي! اهو خيال ڪري، گامونءَ کي سڏي چيائين تہ: گامڻ! تون هتي رهج! جو پوئتي لاءِ ٻہ ڪا اعتبار جوگي پهر ڇڏڻي آهي، تو ۾ اعتبار آهي بين ۾ اهڙو ٻروسو ڪونهي. آءٌ سانجهيءَ شادي ڪري، سياڻي موڪلي ايندس، تون مڙس ٽيو پنهان سڀ ڪم جي نظرداري رکيو وينو رهج . گامونءَ حڪم ٻڌي ڪٽي مات ڪئي. نواب صاحب ڇڄ وڻي ويندو رهيو. وڃ تي درياءُ پار ڪرڻو هو. نواب پٽڻ ٽپي سمورن ميربحرن کي حڪم ڏنو تہ: اڄ رات کو ٻہ ماڻهو هن پر نہ آڪارجو، جي آڪاريوَ تہ سزا ملندوَ. ائين چئي نواب، پنهنجي ڇڄ سميت اچي ساهرن وٽ پهتو. شاديءَ جا شغل لڳا پيا هئا، تان جو اچي سڄ لٿو رات پئي.

گامونءَ حڪم تہ پڌو، پر دل ۾ اچي خيال ٿيس، تہ هي رڳو منهنجن مهڻن کان نٺائي، نواب صاحب مونکي اتي رهائي ويو آهي. آءٌ ٻہ چونہ شاديءَ جو مزو ڏسان سو چا ڪيائين، جو رات ٿي تہ زنانو لباس پهري، ٻيو نئون وڳو ڪنوار لاءِ هڙ ۾ پڌي ڪٽي آڻي هليو. جڏهين پٽڻ تي آيو تہ ملاح هن پر آڪاريس ئي نہ، چي مائي! نواب صاحب منع ڪئي آهي. مونکي سزا ڪائڻي ڪانهي. تنهن تي گامونءَ چيس تہ: اي ميربحر! آءٌ ٻہ نواب صاحب جي ٻانهي آهيان، ۽ سندس ڪنوار جو وڳو رهجي

ويو آهي، اهو اڄ رات ضرور ڪپندو، انهيءَ ڪري ڪٻڻ ٻ اهو وڃو جلد پهچائڻو آهي، نه ته نواب صاحب دل ۾ ڪندو، پوءِ پنهنجي جند ڇڏائڻ لاءِ تو تي ڏوهه هڻندين؛ مصيبت ۾ وري ٻ تون پوندين—— مونکي چا آهي. اتي ميربحر ڏنو ته هيءَ مائي سچ ٿي چوي؛ شاديءَ جو وڃو نه پهتو ته برابر پڇا ٿيندي، هيءَ پانهي ٻ چوندي ته پٽ واري موڪائي ڇڏيو ته ڏوهه سڄو مون تي ايندو. نواب صاحب متان کا وڏيڪ سزا ڏئي، سو چيائين ته: مائي! اتي ڪيترو وقت لڳندءِ؟ مائيءَ جواب ڏنو ته: بس، رڳو وڃو ڏيئي پوئتي ورٽو اٿم. پٽ واري چيس ته: چڱو مائي! آءٌ تو کي پٽ آڪاريان ٿو، تون جهٽ پٽ وڃو ڏيئي اچ، ته وري ٻ پٽ اڪاري هن پر ڪري چڙيان. گامون ٻڙيءَ تي چڙهي، هن پر وڃي لٿو، جتان سڏو شاديءَ ۾ آيو. نواب جي شاديءَ ۾ ته ڪٿين مزا لڳا پيا هٿا سي ٻ هن ڏٺا، دل ٻ خوش ڪيائين. نيٺ گهمندي گهمندي هڪڙيءَ پانهيءَ کي اجي ياسو ڏنائين، ۽ چيائينس ته: ادي! هڪڙي پلائي ڪر، ان جو تو کي چڱو عوضو ڏيندس. تون مونکي نواب صاحب جي ڪٽ هيٺان آماڻي ڇڏ، اها خبر تو کي ۽ مونکي، آءٌ تنهنجو نالو ٻ ظاهر نه ڪندس. پانهيءَ هن کي لکائي نواب صاحب ۽ ڪنوار جي ڪٽ هيٺان ويهاري ڇڏيو. ڪٽ تي وڏو هنڊ وڇايل هو، ان ڪري ڪٽ جي هيٺان ويٺل ماڻهو ڏسي نه پيو سگهجي. ٽوريءَ ديـر کان پـوءِ نواب صاحب ڪنوار سميت اچي ڪٽ تي ويٺو، پيون پانهيون گهوٽ ڪنوار کي اندر اماڻي، در ٻيڪڙي ويندیون رهيون.

نواب صاحب خلاصو ٿي، پنهنجي ڪنوار سان مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. گامونءَ ڪٽ جي هيٺان سيڪجهه ويٺي ٻڌو. خير، نواب صاحب ۽ ڪنوار ڪجهه وقت کان پوءِ آرامي ٿيا. گامون سيڪجهه ٻڌي سڀ ڪٽ هيٺان نڪتو، ۽ هنن پنهي کي ننڊ ۾ ڏسي، سيراندیءَ کان ريشمي رومال ۾ ويڙهيل خنجر رکيل هو، سو کڻي سڏو پٽ تي آيو، ۽ پٽ اڪري پنهنجي جاءِ تي پهتو.

بئي ڏينهن نواب صاحب ڪنوار وٽي، ڇڇ سميت اچي گهر رسيو. سيني ماڻهن نواب کي شاديءَ جون مبارڪون ڏنيون. گامونءَ به نواب کي مبارڪون ڏنيون. شادي جي ٽئي ڏينهن نواب صاحب شاديءَ جي خوشيءَ ۾ مجلس ڪئي. سيئي امير وزير ۽ ٻيا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. ڪنهن مهل گامون به اهو ريشمي رومال ۾ خنجر ٻڌل ڪلهي تي رکي، اچي مجلس ۾ حاضر ٿيو. خنجر ۽ رومال ڏسي نواب سڃاتو ۽ گامون کان پڇيائين تہ: هيءُ خنجر ۽ رومال تو کي ڪٿان هٿ آيا؟ گامون چيو تہ: سائين! پاڻ سڃاڻو. نواب غازي خان اهو ٻڌي سڙي ويو ۽ چيائينس تہ: حيف هجئي گامن! تو منهنجو حڪم نہ مڃيو؛ ٽيٽ اچي پهتين. تون نافرمان آهين تنهنڪري سونکي نہ گهرجين. منهنجي شهر مان ٽي اڄ جو اڄ هليو وڃ. گامون ويچارو حڪم ملڻ تي هڪدم پنهنجا ٽپڙ ٻڌي، شهر ڇڏي ويندو رهيو.

گامونءَ جي وڃڻ کان پوءِ، نواب صاحب جي ڪڇريءَ مان آهو مزو گهٽ ٿي ويو. حڪومت جو ڪاروبار به سولو نہ پيو هلي. ڀلا بي ايمان نوڪر گامون جي برابريءَ ۾ ڪٿي ٿا اچي سگهن! ٿوري گهڻي ڏينهنءِ، نواب غازي خان کي اچي گامون ياد پيو. سو ڳولها ڦولها ڪرائي ڪيس گهرائي ۽ پرچائي پاڻ وٽ ويهاريائين ۽ هن جو ساڳيو اڳيون عهدو قائم ڪيائين. گامونءَ جي اچڻ سان نواب صاحب جي ڪڇريءَ جي رونق ٽي ٻي ٽي پئي. وري به ساڳيءَ طرح عدل ٿيڻ لڳو. اڳيون وزير دل ۾ ڇڇ لڳو تہ ڪيئن به ڪري گامونءَ جو جو ڪوڙ ثابت ڪريان. تہ ڪيس هميشه لاءِ نواب صاحب جي دربار مان تڙائي ڪڍان. سو پيو وجهہ ڳولينڊو هو. ڪيترا ڏينهن گذري ويا، پر هن کي ڪو وجهہ ٽي نہ لڳو.

انهن ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ نواب صاحب جي هڪڙي خاص ٻانهيءَ سان گامون جي دل ٽي ويئي. ان کي ريجهائڻ لاءِ ڏاڍيون ڪوششون ڪيائين، پر ٻانهي ليڪيس ٽي نہ. وزير اهو وجهہ

ڏسي پانهيءَ کي چيو تہ: گامون ائين تنهنجي پٺ ڪاڻ ڇڏيندو. مفت خوار پئي ٿيندينءَ. هاڻي هيئن ڪر، جو گامونءَ کي چئو تہ تو وٽ جيڪو نواب صاحب جي سواريءَ وارو آٽ آهي، جيڪڏهن ان جو پٽو مونکي آڻي ڏيندين تہ پوءِ آءٌ توسان پرچي ويندس ۽ جيئن چوندين تيئن ڪندس. پوءِ نہ ڪو گامون آٽ کهي، نہ ڪو پٽو تو کي ڏي. ائين جلد ڇٽي پوندءِ. پانهي بہ وزير جي چوڻ تي لڳي، سو گامونءَ کي اچي چيائين تہ: گامڙ! محبت ۾ سر بہ قربان ڪجي ٿو. جي تنهنجي مونڪان گهڻي محبت آهي تہ هيءُ منهنجو ڪم ڪر، جو بادشاهہ جي سواريءَ واري آٽ کي کهي، ان جو پٽو آڻي ڏي، پوءِ آءٌ تنهنجي آهيان. گامون يڪدم هائو ڪري اٿيو. آٽ کي وٺي جهنگ ۾ ويو، اتي کهي، پٽو ڪيڏي آڻي پانهيءَ کي ڏنائين. پانهي حيران ٿي ويئي. دل ۾ چيائين تہ منهنجو ڀهانو تہ بيڪار ٿي ويو، هاڻي ڇا ڪري سگهنديس. گامون انجام گهرندو، ان کي کهڙو جواب ڏيندينس! پر جڏهن وزير کي انهيءَ گاله جي سڌ پئي سو تہ ڏاڍو خوش ٿيو تہ هاڻي اجهو ٿو گامونءَ کي کيڏيان، جو بنا موڪل جي نواب جو آٽ کڻي اٿس. جي کوڙ گالهائي کو ڀهانو ناهيندو تہ بہ اسان لاءِ فائدو آهي ڇو تہ سندس کوڙ ثابت ٿي پوندو.

هوڏانهن گامون پٽو تہ پانهيءَ کي ڏنو، پر دل ۾ خيال آيس تہ بادشاهي آٽ کهي وڏو اٿم ـ نواب صاحب مون کان سبب پڇندو، ان کي کهڙو جواب ڏينس! اهي پور پڇائيندو جهنگ منهن ڪري آڻي هليو. وات ۾ هڪڙو سڪل وڻ ڏنائين، دل ۾ چيائين تہ ٻيلي، انهيءَ بندڪان بہ صلاح وٺ کپي. سو ڇا کيائين جو پنهنجي چادر لاهي ڪٽي بند کي پٽڪو پڏائين. ويجهو اچي سلام ڪري، پڇيائينس تہ: ٻيلي بند! صلاح ڏي، بادشاهہ جو آٽ کهي وڏو اٿم، ان جي پڇا ٿيندي، هاڻي ان لاءِ کهڙو جواب ڏيان؟ وري پاڻ کي پاڻيهي جواب ڏنائين تہ: گامڙ، صلاح اها آهي تہ نواب صاحب کي جواب ۾ پڏاءِ، تہ جهنگ ۾ هڪڙي

شينهن آڻ ساري وڏو. پلا جي نواب صاحب چوي تہ هل، هلي شينهن جا پير ڏيکار تہ اسين ٻ ان شينهن کي ماريون تہ پير ڪٽي آهن! نہ گامڻ، کوڙو ٽي پوندين! هاڻي جي ٽو چوان تہ هڪڙي گهاري ۾ ڪري ڇڏ، ڪنڌ ڇڄي ڇس ۽ مري ڇڏ تہ ٻ گالهہ وزن ۾ ڪانہ ايندي، گامڻ، کوڙو ٽي پوندين! اڙي گامڻ، چو ٽو کوڙ گالهائين. نواب صاحب کي وڃي چئو تہ يار هو رڻو، تڏهن آڻ هو مون کڻو. نواب تو کي معاف ڪري ڇڏيندو. گامون اهي خيال پچائي، بند جي پچاڙي واري صلاح بيهاري، چادر لاهي ڪلهن تي رکي، سڏو نواب صاحب وٽ اچي حاضر ٿيو. نواب صاحب جا ڪن تہ اگهوات ئي وزير پري ڇڏيا هئا تہ اڄ گامونءَ کهڙو نہ ڪڇو ۽ نقصان وارو ڪم ڪيو آهي. نواب غازي خان تہ ٻ اعتبار نہ ڇڏ ڪري، چي: گامون اهڙو ڪم بنا موڪل نہ ڪندو، پر جي ڪيو هوندائين تہ ٻ کوڙ نہ ڪندو. هاڻي ڀلي اچي تہ ڪانئس پڇون. ايتري ۾ گامون ٻ پهچي ويو. نواب صاحب چيس تہ: گامون، اڄ دير ڪري آيو آهين؟ گامڻ چيو تہ: سائين، ڪن ڪمن سبب برابر اڄ دير ٿي ويئي آهي. نواب صاحب چيس تہ: اڄ خيال ٿيو آهي تہ شڪار تي وڃجي، سو مون وارو آڻ تيار ڪري آءُ! گامونءَ ٿورو هڪڪي چيو تہ: حضور، يار هوڻ رڻو، تڏهن آڻ اٿم ڪڻو. هاڻي ڏوهاري تہ آهيان، وڏيو تہ معافي ڏيو، وڏيو تہ قاسي ڏيو. نواب صاحب تنهن تي چيس تہ: ڀلا يار پرتو؟ چيائين تہ: هائو سائين، يار پرتو. تڏهن نواب صاحب چيو تہ: گامڻ، جي تنهنجو يار توسان پرتو، تہ آڻ توتان قربان آهي. شل پريت پختي هجي، باقي آڻ تو کي بخش آهي. وزير سڙي ويو. دل ۾ چيائين تہ: ڀلي، گامونءَ سان تہ ڇڄ جي جاءِ نہ آهي.. نواب صاحب کان ٻ نہ ڏنو، منهن تي سچ چيو ڏي! نواب صاحب، گامونءَ کي چيو تہ: ڀلا اها ڀانهي تو کي پرڻايون؟ گامڻ چيو تہ: سائين! جنهن لاءِ سر ڏان آسرو ڀليم، سا ڪيئن نہ قبول ڪندس. پوءِ نواب صاحب ڏاڍي ڏام ڏوم سان گامونءَ جي شادي انهيءَ

ٻانهيءَ سان ڪئي. گامون پنهنجي زال سان خوش گذارڻ لڳو. ٽورن گهٽن ڏينهن گذرڻ بعد ڪيس پٽ ڄائو. ڏاڏيون خوشيون ٿي ويون. گامونءَ تي نواب صاحب جو راض ٻ ڏينهون ڏينهن وڌندو ويو. انهيءَ ڪري سڀ خوش گذارڻ لڳا ۽ حڪومت جو سرشتو ٻ چڱيءَ طرح هلندو رهيو.

ڏينهن گذرندي دير ڪانه ٿئي. گامونءَ جو پٽ اڇي جوان ٿيو. هن کي اڇي شوق ٿيو ته پٽ جي شادي ڪريان. مٽ مائٽ ته هوس ئي ڪونه، سو ڏاريون ۽ مائٽيءَ جي ڳولا ڪيائين. آخر پيسي سان نه مائٽ، سوبه مائٽ ٿيو پوي. هڪڙي گهر ۾ چڱو ٻار جانچي، انهن کان سڳ جي گهر ڪيائين، ۽ چيائين، ته: ادا، منهنجو پٽ جوان ٿيو آهي، سون وٽ سڳ ڪونه آهي جو ڏي وٺ ڪريان، پيسا ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، پلائي ڪري منهنجي پٽ کي پاسي جي سک لاءِ ڪا زال ڏيو. گامڙ ته هو سچار، سو سچ چئي ڏنائين پر هن ماڻهن کي انهن لفظن تان اڇي ڪاوڙ لڳي، چي: گهري ٿو سڳ ۽ ڪري ٿو اهڙيون گهالهيون. سو چيائونس ته: وچ هليو، اسان وٽ سڳ ڪونهي. گامڙ چيو ته: ٻيلي، ائين نه ڪريو، ٻاڙ آهيو، ڪا مهرباني ڪريو. ٻيا گهڙا در ڳوليان. پر هو اصل پڙ ڪيئي ٻيئا، جواب ڏيئي ڇڏيائونس. خير انهيءَ مهل ته گامون موڻي آيو، ٿوري گهٽي ڏينهين وري به روح نه رهيس، انهن ماڻهن وٽ هلي ويو. چيائين ته: ادا! ته اڳئين پيري مون کان بيوقوفيءَ جو اڪر نڪري ويو. مونکي معاف ڪريو، وري اهڙو اڪر نه گهالهائيندس. هاڻي موڪ تي وڃ ڪريو، اوهان جو احسان مڃيندس. مونکي پنهنجو مائٽ ڪريو، نااميد نه ڪريو. تڏهن هن ماڻهن چيس ته: جي پهرين ائين فضيلت سان گهالهائي سگها گهرين ها، ته هن کان اڳ، پٽ پرڻائي وينو هجين ها. هاڻي تون ٻ پيرا اسان وٽ هلي آيو آهين، تنهنڪري تو کي مان ڏيون ٿا. اسان سڳ ڏنو. گامون ڏاڍو خوش ٿيو. يڪدم مٺائي ورهائي سڳڻو ڪيائين. شاديءَ جا ڏينهن ونڊي ڪم شروع ڪيائين. تنهن کان

اڳ، پٽ کي سمجهايائين تہ: آبا! شادي تہ تنهنجي ڪريان ٿو، پر منهنجي هڪڙي گالهہ مڃ. پرڻي کان پوءِ زال کي هٿ نہ لائج، جو انهن ماڻهن سان جٽ ڪري سڃي ڪرائڻي اٿم. پٽ چيو تہ: حاضر بابا، جيڪا اوهان جي مرضي، آءٌ ائين ئي ڪندس. نيٺ ڪن ڏينهن کان پوءِ خير سان شادي ٿي گذري، گهوٽ، ڪنوار وٽي پنهنجي گهر آيو. گهوٽ ڏينهن جو ڪنوار سان ڪلي گالهائي، پر رات جو پٽ ڏيئي سمهي، ۽ سڄي رات ڪنوار سان گالهائي نہ ڪونہ. ائين ڪندي پنج اٺ ڏينهن گذريا، تہ ڪنوار دل ۾ ڪئين خيال آڻڻ لڳي. آخر مائٽن کي دانهون ڏيڻ شروع ڪيائين تہ: مون مان اهڙا بيزار هئا، جو هڪڙي نڪار ماڻهوءَ سان شادي ڪرائي اٿو؟ ان کان تہ ماري ڇڏيو ها تہ چڱو هو. هيءُ تہ مونکي پڇي بہ ڪونہ ٿو، سڄي رات پوٺ پوٺ تي چاڙهيو، منهن پٽ ڏي ڪريو ستو پيو آهي، نہ ڪو گالهائي نہ ڪو بولهائي، جڏ تہ آءٌ سندس زال ئي ڪين آهيان. يا تہ کيس سمجهايو يا طلاق وٽي ڏيو.

چوڪريءَ جا مائٽ ڏاڍا حيران ٿيا ۽ پنهنجي ڪيل ڪم تي پشيمان ٿيا، تہ هاڻي چا ڪجي. هڪ بہ دفعا گامونءَ جي پٽ کي سمجهايائون، پر هن ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. زال دانهن تي دانهن مائٽن کي پئي پهچائي. لاچار چوڪريءَ جا مائٽ، گامون وٽ آيا. چيائونس تہ: پنهنجي چوڪري کي سمجهاءِ، زال کي زال ڪري سمجهي، دنيا ۾ جيئن هلبو آهي ائين هلي، نہ تہ طلاق ڏيئي ڇڏي. گامون جواب ڏنو تہ: ادا، پلي آيا جيءُ آيا. اوهان سڳــا ڏنو هو مانيءَ ٽکر پچائڻ ۽ پيو گهرو ڪم لاءِ. سو هلي پيو. آءٌ پهريائين اوهان وٽ آيو هوس، تہ منهنجي پٽ کي پاسي جي سک لاءِ زال ڏياريو، تہ اوهان مورکوئي چڙي پيا ۽ موڪلائي ڇڏيو. تڏهن مون پٽ کي منع ڪري ڇڏي، تہ بابا متان وڏيڪ کا حجت رکين، متان تنهنجا ساهرا اڳئين کان بہ زياده ڪاوڙجي نہ پون ۽ زال کسي وڃن. انهيءَ کان بهتر آهي تہ

صبر ڪج. هنن ماڻهن جڏهن اها گالهه ٻڌي، تڏهن چيائونس تہ: گامون، وڏو ويـر ونـو آهين. ٻيلي اسان توبهه ڪئي، گناهه بخش ڪر. هاڻي پلائي ڪري پٽ ڪي سمجهاء. گامونءَ چيو تہ: چڱو ادا، جيڪا توهان جي مرضي. اوهين پاڻر هلي آيا آهيو تہ ڪٽي ٽو سان ڏيان، باقي اها ٻول هئي ڪانہ. جي پهريندئيي گالهه قبول ڪريو ها، تہ ايتري تڪليف ڪانہ ڏسو ها. هاڻي آءٌ پٽ ڪي سمجهايان ٿـو، اميد تہ وري دانهن نہ ٿيندي. پوءِ پنهنجي پٽ ڪي سمجهايائين، جنهن ڪان پوءِ ٻئي زال مڙس خوش رهڻ لڳا.



گامون سچار-٦ *

غازي خان دوداڻي وٽ گامڻ خان کوراڻي کان سواءِ ٻيا وزير بہ هئا پر غازي خان، گامون کي سچ گهالهائڻ ۽ سندس دانائي سبب تمام گهڻي عزت ڏيندو هو. گامون سچار انهن انهين ڏينهن غازي خان جو سلام ڪندو هو، ۽ پگهار بہ ٻين وزيرن جيترو ڪڍندو هو. ٻين وزيرن کي انهيءَ گهالهہ تان حسد ٿيندو هو تہ اچي بہ انهين ڏينهن ۾ پگهار بہ وڌي اسان جيترو سو ٻيا غازي خان جا ڪن ٻريندا هئا. هو بہ سمجهن گهالهيون پڌي ڪڍ ٿي پيو هو، سو نيٺ انهن وزيرن کي چيائين تہ: هو توهان سمورن کان وڌيڪ داناءُ ۽ سچار آهي. وزيرن چيو تہ: جيئندا قبلا! اسان کي سچ ڪوڙ جي ڪيئن خبر پوي تہ گامون سچ ٿو گهالهائي يا ڪوڙ؟ غازي خان چيو تہ: توهين هن جو امتحان ونو، ۽ هن کان ڪوڙ گهالهارايو، باقي اهو پڌاينو ٿو تہ گامون سچار آهي، ڪوڙ اصل ڪونہ گهالهائيندو.

گامون جي اها عادت هوندي هئي تہ جڏهن بہ غازي خان جي دربار ۾ ايندو هو، تڏهن پنهنجي مڏي ڪٿور واهہ جي هن پر رکي ايندو هو. ڪٿور واهہ جو اوريون ڪپ غازي خان جي حد ۾ هو ۽ ٻيو ڪپ وري ٻي حڪومت ۾ هو. گامڻ خان اهو ان ڪري ڪندو هو تہ متان ڪنهن وقت بادشاهہ ڪاوڙجي ڇئي تہ: منهنجي ملڪ مان لڏي وڃ. وزيرن صلاح ڪري رٽ ٻيهاري تہ گامڻ خان کان پڇون تہ تون ڪنهن جو پٽ آهين. پوءِ هن جي سچ ڪوڙ جي سموري خبر پوندي. نواب غازي خان هنن کي وڏيءَ خوشيءَ سان اجازت ڏني تہ پلي گامڻ خان کان ڪوڙ گهالهارايو.

دستور موجب انهن ڏينهن گامون سچار ڪچهريءَ ۾ آيو. وزيرن به پنهنجيءَ رٽ موجب هن کي چيو تہ: ادا گامڻ خان! مهرباني ڪري اسان کي ٻڌاءِ تہ تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ گامون سچار جواب ۾ چيو تہ: ادا! آءٌ اڃا صغير هئس تہ منهنجي پيءُ وفات ڪئي، ۽ نہ وري پنهنجيءَ ماءُ کان پيءُ بابت پڇيو اٿم. هاڻي جڏهن ايندس تڏهن ماءُ کان بابي جو نالو پڇي ايندس. ائين چئي گامڻ خان نواب جو سلام ڪري ڪچهريءَ مان آڻي هليو ويو. هن جي وڃڻ کان پوءِ آهستي آهستي سڀئي ڪچهريءَ مان آڻي ويا.

ٻئي ڏينهن سڀئي وري اچي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيا، باقي گامون سچار جو انهن ڏينهن ايندو هو، سو غير حاضر رهيو. اتي نواب غازي خانَ پنهنجي اميرن وزيرن کي چيو تہ: ڏسو مون اوهان کي چيو هو تہ گامون سچار ڪوڙ نہ ڳالهائيندو آهي، ۽ نہ کي اوهان جي سوال ۾ ڪوڙ ڳالهايائين؛ هاڻي انهن ڏينهن گامڻ خان سميت اوهان سڀني جو امتحان ونندس. اتي هنن جي دل ۾ اچي ڏڪڻي پئي تہ انهن ڏينهن گامون سچار به ايندو، ۽ اهو تہ جواب ڏيئي ويندو پر اسان جو الاجي ڪهڙو حال ٿيندو. امير وزير پوءِ هر روز نواب غازي خان جي ڪچهريءَ ۾ ايندا هئا، پر سندن دل پئي ڏڪندي هئي. آخر انهن ڏينهن تي سڀئي وزير گامون سچار سميت اچي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيا. نواب سڀني جو آدر پاءُ ڪري، هڪڙي نوڪر کي حڪم ڪيو، جنهن ڪاٺ مان ٺهيل نئين پاٽ آڻي نواب جي اڳيان رکي. پوءِ هن هڪڙي وزير کي حڪم ڪيو تہ: هيءَ پاٽ ڪٽي وڃي شهر مان گيهه سان مکائي اچ، پر شرط اهو آهي تہ اها پاٽ نہ پئسن سان، نہ ظلم سان، نہ منٽ سان مکجي. وزير پاٽ کٽي شهر ۾ ويو. گهٽئي اڪلون ڪيائين پر گيهه سان پاٽ مکجي نہ ملي. اهڙيءَ طرح ٻيا وزير به پاٽ کٽي بازار ۾ ويا، پر ساڳيءَ حالت ۾ موڪلائي آيا. باقي وڃي گامون سچار رهيو. اهو به هنن وانگي پاٽ کٽي هليو ۽ سڌو نواب جي هڪڙي مودي وٽ ويو

۽ هن کي چيائين تہ: گيهه سان پات پري ڏي. جڏهن مودي هن کي پات پري ڏني، تڏهن گامڻ خان چيس تہ: هيءَ گيهه نواب غازي خان گهرايو آهي. تنهن تي مودي پات ورائي وٺي ان مان گيهه لاهي چيو تہ: گامڻ خان! نواب صاحب جي کائڻ جهڙو گيهه مون وٽ ناهي. اهو پڌي هو ٻلهي پات کڻي سڌو درٻار ۾ آيو، ۽ مڪمل پات کي نواب صاحب جي اڳيان رکيائين. امير وزير حيران ٿي ويا ۽ چيائون تہ گامڻ خان ضرور نواب جي نالي دڙکو ڏيئي پات مڪائي آيو آهي. تنهن تي نواب هن جي خاطريءَ لاءِ مودي کي گهرائي کانئس پڇيو تہ: تو هن کي هيءَ پات ڪيئن مکي ڏني؟ هن چيو تہ: سائين! مونکي گامڻ خان پات ڏئي گيهه ورنو. جڏهن مون گيهه جي پات پري، تڏهن چيائين تہ هيءَ پات مونکي نواب صاحب ڏني آهي. پوءِ ڏنم تہ اوهان جي کائڻ جهڙو گيهه ڪونہ هو، تنهنڪري مون وري پات خالي ڪري ڪيس موٽائي ڏني، باقي مونکي نڪو سوال ڪيائين نڪو پڇا ڏنائين ۽ نہ زبردستي ڪيائين. اها حقيقت پڌي نواب، گامون سڃار کي آفرين ڏني ۽ چيائينس تہ: تون بيشڪ سڃار آهين، ۽ قيامت تائين سڃار سڏبين.



V.N.B

بچل مُهر ۽ سعدان جٹني *

پُنگ شهر ۾ "بچل" نالي سڏهر رهندو هو. جوان گپرو ۽ پهلوان هو. سندس پيءُ ماءُ گذاري ويا هئا. ڪيس هڪڙي ڀيٽ هئي جا اُن شهر جي وڏيري جي گهر ۾ پرٽيل هئي. بچل جي ڪرت ڪهڙي هوندي هئي جو روز صبح جو سوير گليل ڪٽي، وڃي ڳوٺ جي پرواري ڪوهه جي پاسي ۾ ويهي رهندو هو. جڏهن شهر جون چوڪريون پاڻيءَ جا دلا پري مٽي تي ڪٽي اُٽي هلنديون هيون، تڏهن هي گليل هٽي انهن جا دلا پڇي چڏيندو هو. ڪجهه ڏينهن چوڪرين اهو آزار سٽو پر نيٺ ڪ٦ ٿي وڃي بچل جي پيٽ ڪي دانهن ڏنائون ته: بچل امان سان روز هيءُ ويل ٿو ڪري، بچل جي پيٽ انهن ڪي منٽ ڪري ڇيو: ادیون! دين دنيا ۾ هڪڙو پاءُ اٿم، جي ان سان ڪو او ڪو ويٽ ڳالهائيندیس ته. رسي ويندو هليو، باقي آءٌ اوهان ڪي ٽامي جا دلا ٺهرائي ٿي ڏيان جي هو ڪڏهن به پڇي نه سگهندو. پوءِ بچل جي پيٽ انهن ڪي ٽامي جون گها گهريون ٺهرائي ڏنيون، جي ٻئي ڏينهن هو ڪٽي پاڻي پرڻ ويون. جڏهن بچل ٽامي جون گها گهريون ڏنيون تڏهن سڏو پنهنجي پيءُ جي دوست لوهار وٽ ويو ۽ ان ڪي چيائين ته: مونکي رڪ جا ڳوڙها ٽاهي ڏي. لوهار تنهن تي رڪ جا ڳوڙها ٽاهي ڏنس، جي هو ڪٽي صبح جو وري اچي ماڳٽي ڪوهه تي ويٺو. ٿوري دير ڪان پوءِ چوڪريون ٽامي جون گها گهريون ڪٽي پاڻي پرڻ آيون، تڏهن بچل وٽي جو رڪ جا ڳوڙها هنيا ته گها گهرين ڪي آر و پار ٽنگ ٿي پيا. شهر جي چوڪرين وري وڃي بچل جي

* هن ڳالهه جي روايت اتر (تعلقي اٻاوڙي) مان فاضل قائمي ڪان ملي.

پيٽ کي دانهن ڏني ته: ڏاسي جي گهاگهرين کي ڇو ٽنگ ڪري ڇڏيا اٿس، هاڻي اسين چا ڪريون؟ بچل جي پيٽ انهن کي دلجاءِ ڏني ته: هاڻي اوهان دل جهليو ۽ سياڻي کان بچل اوهان جا دلا ڪونہ پڇندو.

جڏهن سانجهيءَ جو بچل گهر آيو، تڏهن پيٽس چيس ته: تو ته ظلم ڀاري ڏنو آهي. اهڙو جي سورهيہ آهين ته "سعدان جٽڻي" سان ويجي چرچا ڪر ته سندس ڀائر "راجو" ۽ "ڪجو" ڏينهن چا تارا ڏيکاري ڇڏينئي. بچل جو اِهو ٻڌو سو هڪدم مڙس ٽامڻي ٽي ويو، ۽ پيٽ کي چيائين ته: آدي! هاڻي تنهنجي هٿ جي ماڻي حرام اٿم، جي ڪائيندس ته سعدان جي هٿ جي، نہ ته اڻين ئي ڇڏو آهيان. اِتي پيٽس کي ڏاڍو ارمان ٿيو ته ناحق اها گالهہ چيم، چو ته هن کي خبر ڪانہ هئي ته اِها گالهہ کو اهڙو خلم ڀاريندي، سو بچل کي ڏاڍو سمجهايائين ته: ادا! مونکي معاف ڪر. پر هي مڙس نہ مڙيو ۽ پيٽ کان موڪلائي آئي سعدان جي گهوٽ ڏي پنڌ پيو. جڏهن ٻورو پنڌ اڳتي ويو تڏهن ياد پيس ته، پيلي منهنجي پيءُ جي جهوني دوست لوهار ڪان ته موڪلايو وڃان: الاجي قسمت جا لکيا آهن، وري ملڻ ٿئي يا نہ. سو سڌو لوهار وٽ آيو ۽ سڄي حقيقت کري ٻڌايائينس. لوهار ويچاري ٻہ گهٽوئي سمجهايس ته: ٻچا! تون منهنجي دوست جي نشاني آهين. ڏئ مال دولت جي کمي کانهي، مونکي هڪڙي وڏور ڏيءَ آهي، اها تو کي پرڻايان، پر ايڏانهن نہ وڃ. اهي مڙس راجو ۽ ڪجو انسان ته ڪونهن، ديو آهن. پر بچل اصل نہ مڙيو ۽ ڪنهن زوريءَ موڪل وٺي سعدان جي گهوٽ ڏي پنڌ پيو.

هلندي هلندي هن کي هڪڙو ٻڪرار گڏيو، جنهن هن کان ٽالو نشان ۽ حال احوال پڇيو. ٻڪرار کي هن پنهنجا ٽالا نشان ٻڌايا ۽ چيائينس ته آءٌ نوڪري ڪندس. ٻڪرار چيس ته: مون وٽ نوڪري ڪندين؟ بچل چيس ته: ڇونہ ڪندس پر ڪائڻ پيئڻ ۽ پهرڻ لاءِ چا ڏيندين؟ ٻڪرار چيس ته: ڪائڻ لاءِ لسيءَ جو ڪگر

ءِ چاڻ جي ماني، پائڻ لاءِ انجهڻ سنجهڻ ڏسو ۽ ڪم ڪرين چارڻ جو ڪندين. بچل چيس تہ: نہ، ڪائڻ لاءِ ليلوصبح ليلو شام، ڪير مکڻ ڏؤ تي، پٽڻي جا ڪپڑا ڪندس ۽ ريشمي لنگي ڪلهن تي ڪندس، چاندي‌ءَ جي جتي پائيندس، جي هجئي منظور تہ ڪم ڪريان. تنهن تي ڀڪرار طعنو هڻي چيس تہ: ڀلو مڙس! ڇڻ تہ سعدان جٽڻي جو مڱيندو آهي، جو اهڙي پوشاڪ ۽ ڪاڏو ٿو طلبي! بچل چيس تہ: ادا! فڪر نہ ڪر، ويندس بہ سعدان وٽ. ائين چئي اٿي پنهنجي واٽ روانو ٿيو. رستي تي جيڪو بہ ماڻهو گڏجيس ۽ نوڪري‌ءَ لاءِ چئيس تنهن کي ائين چئي ۽ اهي سڀ سعدان جا طعنا ڏينس. نيٺ هلندي هلندي ڪنِ ڏينهن جي مسافري‌ءَ بعد اچي انهي‌ءَ جوءِ ۾ پهتو جتي سعدان جا پائر راجو ۽ ڪجو رهندا هئا. پهريائين پهريائين هن کي راجو گڏيو. راجو هن کي اوڏانهن ڏسي پڇيو تہ:

ڪير جوان آن^، ويندو ڪاڏي پيو آن^،
ويٺو تون ڪاڻي آن^، ڪم ڪهڙو ڪندو آن^؟

بچل کيس جواب ڏنو تہ:

سَهر جُوان آن^، ويٺو ٻَڌ شهر آن^،
بچل منهنجو نالو آ، ويندو نوڪري ڪرڻ آن^.

تڏهن راجو چيس تہ: ڀلا ڪم ڪهڙو ڪندين؟ بچل چيس تہ: توهان جا جيڪي آٽ ميهار نوڪر آهن، سي ڪيڏي چڏيو تہ مان هڪڙوئي مينهون چارينديس. راجو ڏٺو تہ هي تہ ڪو ڪم وارو ماڻهو آهي. سو پاڻ سان صلاح ڪري هن کي نوڪرڪري ٻيهاريئون ۽ اڳوٽا جيڪي اٺ نوڪر هئا، تن کي ڪيڏي چڏيائون. انهن اٺن نوڪرن ۾ هڪڙو منڊو نوڪر بہ هو، جو وڏو بدمعاش هو. تنهن جڏهن بچل کي ملندو ڏٺو، تڏهن خار لڳس، سو انهي‌ءَ تاڙ ۾ رهيو تہ بچل جي اهڙي چڪ پڪڙيان جنهڪري هن کي نوڪري‌ءَ کان جواب ملي. بچل جڏهن صبح جو مينهون ڪاهي وڃڻ لڳو، تڏهن راجو چيس تہ: پائو! ڳالهہ بڌ، هنن ٽن پاسن ڏي

پلجي ٻ مينهون پهرائي نہ وڃجاءِ جو انهن پاڻ تمام خوفناڪ بلائون آهن، باقي ڇوٽين اولهه پاسي پلي وڃجاءِ. بچل اهو پڌي دل ۾ خيال ڪيو تہ بلائون وري ڪهڙيون هونديون، آءٌ ٻہ تہ ڏسان. جي حياتي هوندي تہ بلائون ڇا ڪنديون. اهو پهہ پڇائي پهريائين مينهون پهرائي اتر پاسي ڏي رخ رکيائين. جڏهن اڳتي هليو تہ ڏٺائين تہ مار هن پٽ ۾ تہ ڪنهن ڪيترن سالن کان پير ڪونہ پاتو آهي ۽ مڙس جيڏو گاهہ ٻيٽو آهي. بس هن ٻہ مينهون گاهہ ۾ چرڻ لاءِ ڇڏيون، ۽ پاڻ ڪٿو ٽاڪي سمهي رهيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ هن کي ٻينهڻ جي ڪٽڪ ٽي سڃاڻي ٽي. ڏسي تہ هڪڙي مينهن جو مٿ پيو وهي. پڪ ٿيس تہ مينهن شينهن کي ڏٺو آهي. سو جهٽ تلوار کڻي بيهي رهيو. جهٽ کانہ گذري تہ شينهن جي ڳچگوڙ پڌائين. هي جوان ٻہ ڏکري ٻاهر نروار ٽي ٻيٽو. ٽوريءَ ديرکان پوءِ جڏهن شينهن جي نظر جو بچل ٽي پئي، تنهن مٿس جلهہ ڪئي. ايتري ۾ بچل خيال ڪيو تہ هن بليءَ جي ڇڄي ڪي ترار سان مارڻ مڙسي نہ آهي، سو ترار ڀري آڇلي پکين وڃي پس، ۽ چيلهہ ۾ پاڪر وجهي وڻي جو زور ڏنائينس تہ ساهہ ڏي ڏکري ويس، پوءِ وري بيهڪر ٽي ڪٿو ٽاڪي سمهي رهيو. تان جو شام اچي ٽي. شام جو بچل سڃاڻي ٽيو ۽ موڙڻ مهل شينهن جي سِسي ڪَڇي هڪڙي سانَ جي گچيءَ ۾ وجهي، ڏڻ ڪاهي اچي وٽاڻ ۾ پڌائين. جڏهن راجو ۽ ڪجو شينهن جي سِسي سانَ جي گچيءَ ۾ ڏني تڏهن ڏاڍو عجب لڳن، پر ماڻ ۾ رهيا.

هوڏانهن سعدان، جنهن تي اهو ڪم هوندو هو تہ منجهند جي ماني ميهارڻ کي جَڏوءِ تي وڃي ڏيندي هئي، سا پنهنجي دستور موجب بچل جي ماني ڪڍي اولهہ واري جوءِ ڏي هلي. اتي پهچي هن سڃي جوءِ ڳولي پر هن کي بچل هٿ کونہ آيو ۽ هي وري واپس پنهنجي گهر آئي ۽ اچي پائرن سان گالهہ ڪيائين.

ٻئي ڏينهن صبح جو بچل اوپر ڏي مينهون پهرائي اتي هليو، اتي پهچڻ سان ڏٺي تہ ٻيلي، هتي ٻہ ڏاڍو گاهہ لڳو پيو آهي، جڏ

تہ سالن ڪان ڪو هن پاسي آيو ئي نہ هجي. هي بہ يار مينهون اتي گاهہ ۾ چرندیون چڏي، پاڻ ويهي رهيو. ويرم ئي ڪانہ گذري تہ "آدم بو، آدم بو" جو آواز ڪن تي پيس. ڏسي تہ مارا! هڪڙو وڏو ديو ستيندو پيو اچي. هن بہ نڪا ڪئي هم نڪا ڪئي تہ، ڪيڏي ترار ٻيهي رهيو. ديو جو هن وٽ ترار ڏٺي سو سمجهيائين تہ، هائو ٻهلي، هي مڙس مقابلي جهڙو ٿو ڏسجي، تڏهن چيائين تہ: مان بہ هٿين خالي آهيان ۽ تون بہ ترار پري آڇل تہ پوء زور آزمايون. بچل ترار آڇلي چڏي ۽ وڃي ديو کي پڪ وڌا. ديو گهمائي گهمائي جو بچل کي هنيو تہ چيلهہ تائين زمين ۾ هليو ويو. بچل کي باهر وٺي ويئي، سو هڪدم ٻاهر نڪري، ڪاوڙ مان ديو کي ڦيرائي ڦيرائي وٺي جو زمين تي هنيائين تہ زمين ۾ ڳچيءَ تائين کپي ويو. ديو ٻاهر نہ نڪري سگهيو. هن وٽي جو سسيءَ کي ٽڏو هنيس تہ سسي وڃي پري پيس ۽ وري بہ مائڙي ڪري سمهي رهيو. اڳوٽي وانگر شام جو ديو جي سسي بہ سانَ جي ڳچيءَ ۾ پٽي مات ڪري وڃاڻ ڏانهن روانو ٿيو.

بن ڏينهن ۾ ڏي سجي جوء ۾ بچل جي بهادري جي هاڪ پڌجي وئي. سعدان بہ دل ۾ خيال ڪيو تہ هڪڙي بهادر جوان کي هلي ملي ڏسجي... وري بن ڏينهن ڪان ماني بہ ڪانہ ڪاڏي اٿس، آهابہ ڪارائي اچانس. ٿهي جڙي ماني ڪڍي سڏو وڃاڻ تي آئي، ۽ اچي بچل کي ڏڪ لڳي. بچل آنهيءَ مهل سڏو پيو هو، سو سعدان جي سڏن تي سجاڳ ٿيو، ۽ پڇيائين تہ: ڪير آهي؟ سعدان جواب ڏنس تہ: ٽنهنجي ساڻي ڪڍي آئي آهيان. بچل آڻي اچي ڏسي تہ سبحان‌الله، هڪڙي تمام سهڻي زال ماني ڪنيو بيٺي آهي. سعدان جي سونهن ڏسي هن جون اکيون ئي ڦاٽي ويون... ڪن گهڙين ڪان پوء همراهہ هوش ۾ آيو. سعدان بہ بچل جي حسن تي حيران ٿي ويئي... نيٺ سعدان کيس چيو تہ: ماني ڪاءُ. بچل چيس تہ: مون پنهنجيءَ پيڙهہ سان انجام ڪيو هو تہ هاڻي ماني ڪائيندس تہ سعدان جي هٿن جي، جي تون سعدان

آهين ته ويهه ته گڏجي ماني کائون، نه ته کٽي وڃي سعدان کي ٻڌاءِ ته بچل تنهنجي هٿن جي ماني کائيندو، نه ته نه. تڏهن سعدان چيس ته: ماني کاءِ، آءٌ سعدان آهيان. پوءِ ته بنهي ڇڻن گڏجي ويهي ماني کاڌي ۽ رهاڻ کئي. گڇ دير جي رهاڻ کان پوءِ، سعدان کانئس پڇيو ته: سياڻي ڪڙي پاسي ويندين ته ماني کٽي اچان. بچل ٻڌايس ته: ٻه پاسا گهمي آيو آهيان، باقي ڏکڻ وڃي رهيو آهي، سياڻي آنهيءَ پاسي ويندس. تنهن تي سعدان ٻڌايس ته: انهيءَ پاسي نه وڃ، ڇو جو ايڏانهن ست ڏائٽيون رهنديون آهن، آهي تو کي ڪنهن نه ڪنهن حرفت سان ڦاسائي وجهنديون. پر بچل چيس ته: تون ماني کٽي ايندينءَ ته آءٌ ميدان کٽيو ويٺو هوندس. منهنجي تون اصل گهٽي نه ڪر. لاچار سعدان کٽي ساڻ کئي، ۽ کانئس موڪلائي گهر موٽي آئي.

ٻئي ڏينهن صبح جو دستور موجب هي جوان مينهون پهرائي ڏکڻ طرف روانو ٿيو. هن پيري پاڻ سان ٽوري ۾ ڪٽي ويو. آٿي وڃي ڏٺي ته وڏا گاهه ٻيٽا آهن، هن به مينهون چڏي ڏنيون، ۽ پاڻ ويهي سڄي سان ۾ جي نوڙي وڻڻ لڳو. اڃان کا مهل ئي کانه گذري ته ڏٺي برابر سٽ ئي ڏائٽيون مينهن واءِ ڪنديون پيون اچن. هن به چاڪيو جو پهرين روئڻ لڳو، وري کلڻ لڳو. ڏائٽين هن کي ائين ڪندو ڏسي، انهيءَ گالهه جو سبب پڇيو ته: تون کلين به پيو، روئين به پيو، انهي جو کڙو سبب آهي؟ هن چين ته: پيو ته ڪوبه سبب ڪونهي، پر ٽوريءَ دير کان پوءِ "نڏاويڙهه" اچڻ واري آهي. اها توهان کي ماريندي آنهي ڪري ٿو کلان، ۽ روئان انهي ڪري ٿو ته منهنجون مينهون به ماري ويندي. باقي آءٌ ته پاڻ کي هن رسي ۾ ٻڌي ڪوهه ۾ لڙڪائي چڏيندس. ڏائٽين جو اها گالهه ٻڌي سو اچي سر سان لڳين ته هائي ٽيون مرون سو بچل کي هٿ ٻڌي چوڻ لڳيون ته: تون اسان کي ڪوهه ۾ لڪاءِ پوءِ ته ون پاڻ لڪج. بچل چيو ته: گالهه آهي ته ڪري پر توهان جي سرسان ٿو اهو وڙڪريان. پوءِ ته سٽن ئي کي

رسيءَ سان بڌي ڪوهه ۾ ڪٽي اڇلايائين، جتي سيئي ٻڌي مئيون.

ٿوري دير کان پوءِ سعدان به سندس ماني ڪٽي اڇي پهتي. بچل کي صحيح سلامت ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. بچل به ڪيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. پوءِ ٻنهي جڻن گڏجي ويهي ماني ڪاڌي ۽ رهاڻ ڪئي.

هوڏانهن منڊو ميهار هروقت انهيءَ تاڙ ۾ هوندو هو ته بچل جي ڪابه غلطي نظر اچي ته وڃي راجو ۽ ڪجو کي ٻڌايان. جڏهن ڪيس بچل ۽ سعدان جي عشق جي سٽس ٻڌي، تڏهن يڪدم اچي راجو ۽ ڪجو کي ٻڌايائين ته: ههڙيءَ طرح سعدان ۽ بچل جو پيڇو پڇجي ويو آهي. اهو ٻڌي ٻئي پائرڪاوڙ ۾ ٽپي باهر ٽي ويا، سو ڪيس چيائون ته: هلي اسان کي ڏيکار. هي به ٻنهي جڻن کي ڏٺي وٺي آيو جتي سعدان ۽ بچل ٻئي روح رهاڻ ڪئي. بس پوءِ ته اچي ڏنهن ۾ جهيڙو شروع ٿيو. هڪڙي پاسي بچل ته ٻئي پاسي ٻئي پائر ۽ سڄو گهوٽ. بچل ڏاڍي بهادريءَ سان وڙهيو. وڙهندي وڙهندي سندس ست تلوارون ڀڄي پيون. نيٺ راجو مارجي ويو ۽ ڪجو الاجي کهڙي پاسي ڀڄي ويو. گهوٽ وارن ۽ بچل جي آڻ مڃي جنگ بند ڪئي. نيٺ بچل سعدان سان شادي ڪري، سندس سمورو مال ڪاهي پنهنجي گهوٽ سوڻي آيو، ۽ سڄي عمر خوش ۽ آرام سان گذاريائين.



صابر ۽ نُوران *

ڪنهن زماني ۾ عمرڪوٽ جي ديھ "مارو واھ" ۾ "صابر" نالي ھڪڙو شخص رھندو ھو. ھي ھرسال پنھنجو مال ڪاھي، ننگر پارڪر جي سير تي نڪري ويندو ھو، جتي ڪن ڳوٺن ۾ سندس سائٽ ۾ رھندا ھئا. ھڪڙي سال وسڪاري جي موسم ۾ صابر مال ڪاھي ننگر پارڪر ڏي پنھنجن سائٽن ڏانھن پئي ويو؛ وات تي ننگرپارڪر جي ھڪڙي ڳوٺ مُودري وٽان اچي لانگھاڏو ٿيو. رستي جي پر ۾ ٻاجھريءَ جي ٻنيءَ ۾ ڪيس ھڪڙي سھڻي چوڪري جھار ھڪليندي نظر آئي. انھيءَ جھار ھڪليندڙ چوڪري جو نالو "نوران" ھو، جا انھيءَ ڏي ڳوٺ ۾ رھندي ھئي. سندس حسن جي ڪھڙي ڳالھ ڪجي، چند ۽ سندس سونھن آڏو شرمسار ھو؛ وري سندس آواز اھڙو مٺو ھو جو صابر ھڪ ھٽ ھڪ ٽي ويو، ۽ ڪيس ڏسندو ئي رھجي ويو. منجھس اھا طاقت نہ رھي جو ھڪ قدم ۽ اڳتي کڻي سگھي. دل ۾ طرح طرح جا خيال اچڻ لڳس. پھرين خيال ڪيائين تہ دل جي ڳالھ دل ۾ ڪنيو ھليو وڃان، پر آن ھٿي ۽ جي سونھن ھلڻ ئي نہ ڏنس. نيٺ دل جھلي چيائين تہ:

مسافر تي مھر ڪر، او پيھي وارا يار!
آپون تنھنجي پوڪ جا، چڪائين ۽ چار.

صابر جي آواز تي نوُران ڏانھس ڏٺو. دل ۾ ڏاڍي ڪاوڙ

---

* ھيءَ روايت ٿرپارڪر (تعلقي عمرڪوٽ) مان محمد عمر "معمور" بوسفائي کان ملي.

آيس تہ هيءُ وري ڪير آهي جو اهڙي حجت ٿو هلائي، سو ٿهہ پهہ ورندي ڏنائينس تہ:

اُميد وار آيـن جـا، سُڻ تون ڪواي ڪـن!
نئون ڏٺين ڪين ڪيو، پاندي ڪيئن چڪن؟

صابر سندس اهڙو رکو جواب ٻڌي هيڪر تہ مات ۾ پئجي ويو، پر ٿورو رکي ويچاري چيائينس تہ:

مُٺ وڌي، ڪـرِي ڀڳي، پوءِ تان سيڪو ڪـاءُ،
آءٌ گهران ٿـو انّ اهـو، جن سنگن منـو ساءُ.

اتي نؤران کي شڪ پيو تہ هن جي نيلت ڪا ٻي آهي. پهرين تہ ڪِلَ آيس، پر پوءِ ڪيس دڙڪو ڏئي چيائين تہ:

وات گاڙهـا چوڪرا! هـي ڳالهہ ڪيئي ڪهڙي؟
وٺ گـس روائـو ٽـي، اُميـد نہ رکـ اهڙي.

نؤران کي ڪاوڙيل ڏسي ڪيس ريجهائڻ لاءِ واجهہ وجهڻ لڳو، چي:

اُميد رکي جو اُبتو، سو وڃي ڪيئن موتي!
ڪاوڙ ڇڏ، قـرب ڪـرِ، جهہ مَ وڇوٽي.

صابر جي اها ڳالهہ ٻڌي نؤران ڪجهہ ويچار ۾ پئجي وئي تہ هي ڪو ڇڏڻ وارو ڪونهي. وري ڪيس سمجهائڻ خاطر چيائين تہ:

چوڪرا! اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر، پتين کي بہ ڪـن آهـن، جيڪڏهن ڪنهن ٻڌي ورتو تہ منهنجي عزت ڪهڙي رهندي! هاڻي ڇڳائي انهي ۾ اٽئي تہ هتان ماڻڙي ڪري هليو وڃ، ۽ اهڙيون ڳالهيون انهن کي وڃي سڀاءِ جن جو توسان نينهن هجي. پر صابر چئي تہ: آءٌ ڪـو ويندس ڇا... تنهنجي سونهن تہ مونکي هتي ئي ماري ڇڏيو آهي، هاڻي مهر ڪر ۽ مون مسڪين سان سرجي وڃ. اتي ڪجهہ نؤران ڏيري ٿي، سو پيهي تان لهي وڌس آئي ۽ چيائينس تہ: تون مونکي هروپرو اهي ٿوڪون چوٿو هڻين؟ صابر چيس تہ: آءٌ تو کي ٿوڪون ڪونہ ٿو هڻان، مون تي مهر ڪر نہ تہ منهنجو حال ڪونہ اٽئي. تنهن تي نؤران ڪلي چيس تہ:

چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو آهي ڦير،
رکي طاقت تولي جي، سڏائجي نه سير.

تنهن تي صابر چيس تہ:

تنهنجي آڏو سپرين! آءٌ مڙ تہ بہ ماسو،
دکي دل کي دلبرا! ڏي ڪو دلاسو.

ائين گالهيون هولهيون ڪندي، هڪٻئي سان رلي ملي ويا. ٻنهي جي پيار جو پيچ پختو ٿيو. انهيءَ ڏينهن کان وٺي ٻئي ڇٽا روز اتي هڪٻئي سان ملندا هئا ۽ روح رهاڻ ڪندا هئا.

صابر ۽ نوُران جي عشق جي گالهہ نيٺ ظاهر ٿي پئي... نوُران جي مائٽن کي جڏهن انهي گالهہ جي هٿ پئي، تڏهن اچي پنهنجي عزت جو خيال ٿين، سو پهرين تہ نوُران کي گهر ويهاري ڇڏيائون، ۽ پوءِ يڪدم سندس شاديءَ جا سانباها ڪرڻ لڳا. نوُران پنهنجي صابر جي جدائي سهي ڪانہ سگهي، سڄو ڏينهن پئي روئندي ۽ واجهائيندي هئي تہ ڪنهن مهل وڃي محبوب سان ملاقاتي ٿيان، پر مائٽن جا بند ڪيس گهر کان پير ٻاهر بہ ڪيڻ ڪونہ ڏينداهئا. نوُران جي ڪن سهيلين کان سندس اهو حال نہ ڈٺو ٿيو، سو چيائونس تہ: نوُران! ائين روئڻ ڏوئڻ مان کي ڪونہ ورندو، مات ڪري ويهي رهہ ۽ ربّ جي رضا تي راضي رهہ.

هوڏانهن صابر جي بہ ساڳي حالت هئي، روز اُنهي جاءِ تي ايندو هو جتي پئي ڇٽا پاڻ ۾ گڏبا هئا، پر گهٽو وقت ويهي ويهي واپس هليو ويندو هو ۽ پيو واجهائيندو هو تہ ڪنهن پر پرين سان ملان، پر سندس هڪ بہ نہ هلندي هئي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ نوُران جي شادي بہ ٿي وئي، جا خبر پڌي صابر کي ڏاڍو ڏک ٿيو. نيٺ ويس مٽائي، جوگي ٿي اچي نوُران جي در تي صدا هنيائين. نوُران آواز پڌڻ سان سڃاتو تہ لاشڪ هيءُ صابر آهي، سو ٻوڙي اچي سندس قدمن تي ڪري. گهر جي ٻانهين جو نوُران کي هيئن هڪڙي ڏاڙيون مرد جي قدمن

تي ڪرندي ڏٺو سي سڀ يڪدم ٻوڙي آيا ۽ نوران کي گهلي اندر بڏي چڏيائون. باقي صابر کي ڏاڍي مار ڪيي قرآن تي لڪائي ورتائونس تہ وري ڪڏهن بہ سودري نہ اينڊو. انهي کان پوء صابر وري ڪڏهن بہ نوران وٽ نہ ويو، فقير ٿي ڳوٺ ڳوٺ رلندو رهيو ۽ نوران جي ياد گيري ۾ بيٺ ڏاهيندي دم ڏ ائين. هوڏانهن جڏهن نوران کي صابر جي مرڻ جي خبر ملي تڏهن روئي روئي پنهنجو حال وچايائين، نيٺ نوران بہ انهيء فراق ۾ گذاري وئي.



اُنڑ اُنڑائي*

جام "انڑ" سمون سنڌ جو حاڪم هو. ڪيس ۾ پٽ هئا، هڪ جو نالو "مُهڑ" ۽ ٻئي جو نالو "منائي" هو. جام انڑ ساموئي ۾ رهندو هو. ان زماني ۾ "آڻو" ڪيو ويندو هو. آڻو هيڻن ڪندا هئا، جو ڪو گهوٽ شاديءَ جي ڏينهن ڪنواريتن وٽ وڃي نه سگهندو هو، تہ اها ڪنوار سنڌس تلوار سان لاڻئون لهي، اها تلوار اڇي پنهنجي مڙس کي ڏيندي هئي. جهالا واڙ (گجرات) مان ڪنهن راجپوت جي آڻ (تلوار سان لاڻئون لڏل ڪنوار) ٻئي وئي. ۽ ان سان سنڌس نڻان به هئي، ٻئي ڇٽيون ڏولي ۾ چڙهيل هيون. ڪنوار هلندي هلندي نڻان ڪان پڇيو تہ: هيءَ حڪومت ڪنهن جي آهي؟ نڻان جواب ڏنس تہ: هيءَ حڪومت جام انڑ جي آهي. گهڻو پنڌ ڪري وري ٻ ان ڪنوار نڻان ڪان پڇيو تہ: هيءَ حڪومت ڪنهن جي آهي؟ نڻان چيس تہ: هيءُ راج جام انڑ جو آهي. گهڻو پنڌ ڪرڻ کان پوءِ وري ٻ ڪنوار پڇيو تہ: هي راج ڪنهن جو آهي؟ وري ٻ نڻان چيس تہ: هي راج جام آنڑ جو آهي، ۽ پوءِ کيس چيائين تہ: جام آنڑ سان عشق ٿي ٻيو اٽڪي ڇا، جو هيڏي پڇا ٿي ڪرين؟ اهو ويڙ ٻڌي ڪنوار ٽپ ڏيئي ڏولي ۾ مان لهي ٻئي ۽ چيائين تہ: هاڻي ويندیس ٻه جام انڑ ڏانهن. نڻان حيران ٿي ويئي، ڏاڍو سمجهايئينس، هوءَ اڳتي وڃڻ کان صاف انڪار ڪري، تلوار هٿ ۾ ڪٽي وڙهڻ لاءِ تيار ٿي بيٺي. ڇڇ گهڻئي حيلا حوالا ڪيا پر ڪنوار پنهنجي مرضيءَ جي خلاف وڃڻ نٿي چاهيو، آخرڪار

---

* هيءَ ڳالهہ لاڙ (تعلقي بدين) مان شيخ محمد سومار کان ملي، جنهن مٺو فقير نهڙيي، اصل ويڙل ڪڇ حال بدين، عمر اسي ورهيہ کان ٻڌي قلمبند ڪئي.

ڇڇ خالي رواني ٿي وئي. ان بعد ڪنوار جام انڙ کي نياپو موڪليو تہ: آءٌ تو لاءِ سهنڑَ آئي آهيان، ۽هاڻي اچي مونکي هتان وٺي وڃ. جام انڙجي عمر ان وقت سؤ ورهيه هئي، ۽ جهور پوڙهو ٿي چڪو هو. تنهن ڏٺو تہ آهيان جهور پوڙهو، پر پٽن کي ڪيسريا ڪپڙا ڪري موڪلياٿين تہ وڃي سهنڑَ کي وٺي اچو. مَهڙ ۽ منائي ويا، جن کي هن ڪنوار پنهنجا پٽ سڏي "ڏونڪڙا" ڪيا. ۽ هو وري ڪنوار کي ساڻ ڪري پنهنجي گهر وٺي آيا. مائي چين تہ مونکي مهٽي آندو آهي.

پوءِ ست مينهون گهرايائين، انهن مان ڇهن مينهن جو ڪير ستين مينهن کي پياريندي هئي ۽ اها ستين مينهن پاڻ چوڪيو جام انڙ کي پياريندي هئي. قدرت سان ڇهن مهينن ۾ هو پاڻ کي جوان محسوس ڪرڻ لڳو. پوءِ مائيءَ پنهنجي مڙس جي طاقت جي آزمودي لهڻ لاءِ چوگان تي گهوڙيون ڊوڙايون، جن مان منائي ۽ مهڙ گهوڙيون جهلي ورتيون، پر انڙ جهلي نہ سگهيو. تنهنڪري هن وري بہ ڇهہ مهينا پيا، جام انڙ کي سانديو. هو ڇهن مهينن کان پوءِ اهڙو ٿي ويو جو گهوڙيءَ کي پڪڙيندي جهوري وڃائين.

قدرت سان ان ڪنوار مان انڙ کي پٽ ڇائو. جيئن تہ اهو نااميديءَ جي وقت کان پوءِ جو اولاد هو، تنهنڪري انڙ مٽس پنهنجو نالو رکيو، جو پوءِ "انڙ انڙاڻي" جي نالي سان مشهور ٿيو. جڏهن انڙ انڙاڻيءَ جي عمر ٻارهن ورهيه ٿي تڏهن سندس پيءُ گذاري ويو. ٽيئي پائر گڏجي لاش ڏڪ ويا ٿي، پر ماءُ انڙ کي روڪي چڏيو. جڏهن جنازو ڪوٽ کان باهر نڪتو تڏهن هن ناکو بند ڪرائي چڏيو. پيءُ کي دفن ڪري، مهڙ ۽ منائي موٽي آيا، پر جڏهن هيءَ حالت ڏنائون تڏهن پنهنجو اڙ پڇو موت سمجهي ستو ڪچ هليا ويا. جتي سندن مامو واگهم چاوڙو حڪومت ڪندو هو. هو ڪچ ۾ مونڊاڻ ۽ آڙيءَ جو حاڪم هو. هن کي ڏسي واگهم کي شڪ پيو. تنهن پنهنجي پائيجن کان

ويساهم وڃڻ لاءِ کين ڪٿيسر ديوتا جي سنڀهن ڪٽائڻ لاءِ مندر ۾ وڃي ويو. هنن ٻنهي پائرن جهرڪيءَ جا ٻه ٻڇا جهلي بيٺ ۾ هڻي ڇڏيا. پوءِ مندر ۾ سٽ آپتا ۽ سٽ سمتا ڦيرا ڏيئي چيائون تہ: اي ڪٿيسر ديوتا! اسان کي جيءُ جو سنهن تہ مامي سان دغا نہ ڪندا سون. مامي ڏنو تہ هي سچا آهن. پوءِ هنن ٻہ چيس تہ: تون اسان سان دغا نہ ڪندين، ان لاءِ ويساهم ڏي. هن سٽ آپتا ۽ سٽ سمتا ڦيرا ڏيئي ديوتا کي چيو تہ: آءٌ پاٽيجن کي نہ تکليف ڏيندس ۽ نہ ڏکوئيندس. پوءِ هو جيئن ديوتا جي اڳيان ڪنڌ نمائي ويٺو، تيئن منائي کيس تلوار هڻي ختم ڪري ڇڏيو، ۽ پوءِ وا وَٽو ٻڌي پنهنجيءَ حڪومت جو اعلان ڪيائين.

سٽ سانڌ پائر، جي ڪوئيري جا والي هئا، ۽ گڏجي حڪومت ڪندا هئا، واڳهہ انهن کي ڇهہ آنڪي پريندو هو، انهن جو اهو ٻڌو تہ، مامي کي ماري مهڙ ۽ منائي انهيءَ جي راڄ جا وارث ٿيا آهن، سو کين لڪي موڪليائون تہ: جي ڇهہ آنڪي پريو تہ واهہ، نہ تہ جنگ ڪريو. مهڙ ۽ منائي چيو تہ: اسين ڇهہ آنڪي پريون ٿا، پر هن شرط سان تہ مهيني مهيني گاهہ جا گاڏا ڪونہ موڪليداسون، جيڪي واڳهہ ڏيندو هو، پر سال بسال ڏيداسون، اها ڳالهہ ٻڌي سٽ سانڌ سرها ٿيا ۽ هنن کي دعوت ڏياري موڪليائون. پوءِ هي ٻئي پائر وڃڻ دعوت ڪائڻ ويا. اتي وڃي ريتيون رسمون جاچيائون. ٻنهڑن جو نار چوڙيندا هئا ۽ سٽئي پائر هٿيار ٻنوهار لاهي وڃي آرام ڪندا هئا ۽ وري جڏهن نار ڇٽندي هئي، تڏهن هو پائر اٿندا هئا.

سال پورو ٿيو تہ مهڙ ۽ منائيءَ ڪيترين گاڏين ۾ ڪوندر مڙس ويهاري مٿان گاهہ وجهي سانڌ پائرن ڏانهن ڊل پيارڻ هليا. قلعي جي دروازي تي هڪ انڌو ويٺو هوندو هو، جو ڏاڍو اڪابر هو. هن جي اجازت کان سواءِ ڪابہ شيءِ نہ قلعي اندر ويندي هئي ۽ نہ ٻاهر نڪرندي هئي. هن کان اڳي مهڙ ۽ منائي قلعي ۾ اندر گهڙڻ جي اجازت ورتي. انڌي پڇين تہ: گاڏين ۾ گاهہ آهي، يا

ساڳ آهي يا سڳ، آهن؟ پر مهڙ ۽ منائي چيس تہ: انڌا! تو کي ڪهڙي خبر، هنن گاڏين ۾ تہ گاهہ آهي. پوءِ ٽل سان ڪيس تلوار هٿي ختم ڪري ڪٽي گاڏيءَ ۾ هنيائون ۽ مٿان ڪڪ واري ڇڏيائون. گاڏيون اندر پهچي ويون. ستن پائرن ڏار ڏار گاڏيون ورهائي ڪنيون. مانيءَ قدر سڄ هوتہ هرڪنهن پاڻ جي اڳيان گاڏيون وڃي بينيون. رڳا موجب نوڪرن چيوتہ: اجهو ٿا گاهہ لاهيون، پر هنن دير ڪئي. تان جو ٻنهرن جي نار ڇڙي ۽ ستئي ساڻ پائر وڃي آرامي ٿيا نار ڇڙڻ سان پهلوان جوان نڪري ٻاهر ٿيا ۽ سڄي گهر تي هلاڻ ڪري قبضو ڪري ويا. حملي ۾ ستئي ساڻ پائر مارجي ويا. هاڻي مهڙ ۽ منائيءَ جو ملڪ وڏي ويو. اهو ساڻڻ وارو ملڪ "ماڪ" سڏبو هو، جو ڪڇ جو هڪ حصو هو. پوءِ 'ماڪ' کان 'ڪنڊ' تائين سڄو ملڪ هنن جي هٿ ۾ اچي ويو.

مهڙ چيو تہ: هاڻي اچو تہ ملڪ وراهيون. مهڙ جي چوڻ موجب ملڪ جا ٽي حصا ڪيا ويا. هڪ حصو مهڙ ڪنيو، ۽ ٻيو منائيءَ ڪنيو ۽ ٽيون حصو مهڙ چيو تہ اسين خدا ڪارڻ ڏيندا سون. اهو ڪنڊ وارو حصو سنڌ جي ڪڪرالي‌ءَ وارو پرڳڻو هو. منائي چيو تہ: اهو خيرات وارو ملڪ ٻين کي نہ ڏبو، پر خيرات ۾ آڻ ٿو ڪٽان. منائيءَ کان پوءِ اهو ملڪ سندس اولاد ڪيهرن جي هٿ ۾ رهيو. ٻوءِ منائي ۽ آنڙ انڑاڻيءَ جي مرحد هڪ ٽي، پر پائر پاڻ ۾ ٺهندا ڪين هئا، مهڙ ڪين ٽاهڻ لاءِ گهٽيئي حيلا ڪيا پر وريو ڪي بہ ڪين.

مهڙ بي اولاد ٽي مري ويو. پاڻ ولي‌الله جو درجو رکندو هو. سندس رعيت متس عاليشان قبو جوڙايو. مهڙ جو ملڪ "مهڙاسو" سڏبو هو. مهڙ جو قبو اڄ بہ شهر "مهڙ قبو" ۾ آهي. هن جي وفات کان پوءِ منائي اهو مهڙاسو بہ پنهنجي هٿ ۾ ڪيو.

آنڙ انڑاڻي پنهنجي پاڻ جي گهٽي عزت رکندو هو. پر

منائي سندس کوبہ خيال نہ رکندو هو ۽ ککراليءَ جو قهري جام انهيءَ کري بہ مشهور ليکبو هو. منائي کي بہ پٽ ٿيا، هک آيو ۽ ٻيو ٻيو. جن مان ٻيو وڏو هو، کو ٻارٽ ٻيي وٽ آيو ۽ اچي وڃائس مينهن خيرات گهريائين، پر هن جواب ڏيئي ڇڏيس. اهو ڏسي ٻارٽ چيو تہ:

مينهون موڪا ٽام، ڏيڻ گهٽيون ڏکيون،
پر ککراليءَ جا جام، گهر پائڻين کاکيون.

اهو ٻڌي ڏڻو تہ اها نِلائي ٽي ٽئي، تنهنکري ٻارٽ کي چيائين تہ: بيت کي وار، مينهن کاهہ. ٻارٽ بيت هيٺن ورايو، جو کاکيون جي جڳهہ تي کوڏيون کري ڇڏيون.

مينهون موڪا ٽام، ڏيڻ گهٽيون ڏکيون،
پر ککراليءَ جا جام، گهر پائڻين کوڏيون.



جاڙو پيمجي ۽ غلام‌شاهه ڪلهوڙو *

ڪنهن زماني ۾ 'جهاري جبل' جي پرسان 'نري' شهر ۾ "پيمجي ڪر" ۽ "ستوجي ڪر" ٻه پائر ڪچ جي راجا پاران جاگيردار هٿا. سندن ماءُ جي بهادري بابت مشهور آهي ته سندن پيءُ جي زماني ۾ هڪڙي پلوڙ گهوڙي، جا چڱن ڪلن ۾ ٻڌبي هئي، چنائي آڻي پگهي ۽ وچ بازار ڏيو پئي آئي؛ ڪنهن ٻه ماڻهو کي همت نه ٿئي جو گهوڙي کي ڪٽي جهلي، هرڪو پاسو ڏئي بيهي رهيو. انهيءَ مهل هڪڙي جوان جماڙ نوتيار چوڪري مٿي تي دلا ڪنيو، هٿ ۾ پاڏن جون پاڙون جهليو پئي آئي. سندس پرسان جڏهن گهوڙي ٽاپ ٽاپ ڪندي لنگهي ته وڏي وڃي گهوڙيءَ جي رسي تي، جو پويان گهليو پئي ويو، پير رکيائين. پير رکڻ سان گهوڙي جتي هئي اتي سڪ ٿي وئي ۽ سندس چرڙ ئي بند ٿي ويو. انهيءَ وقت نري جي جاگيردار ٻه پنهنجي محلات جي دريءَ مان ويڻي اهو رنگ ڏٺو، سو چوڪريءَ جي همت ۽ پهلواني ڏسي حيران ٿي ويو؛ ۽ دل ۾ پڪو خيال ڪيائين ته، انهيءَ چوڪريءَ سان شادي ڪندس. سو نوتيارن جي سردار کان سڳ گهريائين، جنهن ڪيس مان ڏنو ۽ چوڪريءَ جو ڪيس سڳ ڏيڻ قبوليو، ڪر کي پوءِ انهيءَ نوتيار زال مان ٻه پٽ- پيمجي ۽ ستوجي ٿيا، جي پڻ پنهنجي بهادري سبب سڄي ملڪ ۾ مشهور ٿي ويا.

پونجو لوهاڻو، ڪچ جي راجا جي وزير جو پٽ هو ۽ سندس پَلان پائي هئي، پر جڏهن پيمجي ۽ ستوجي ساڻا ته پونجي

* هن آکاڻيءَ جون ٻه روايتون لاڙ (تعقلي بدين) مان شيخ محمد سومار کان مليون، جيڪي هن ڪچ جي ٻن سگهڑن مٿو فقير نهرپي (عمر اسي ورهيه) ۽ شيخ پريي کان ٻڌي قلمبند ڪيون.

جي هنن سان ڪاڻ پئي، پر هنن ٻنهي پاڻرن ڪڏهن ب سندس گالهه
ڪي وزن ڪونہ ڏنو. انهيءَ ڪري پونجو، پيمجي ۽ ستوجي ڪي
ڏاڍو ڏڪارينڊو هو ۽ جتي ڪٿي سندن نلائي پيو ڪندو هو. نيٺ
هڪڙي ڏينهن رهي نہ سگهيو، سو راءِ گوڙ جي ڀري ڪچهريءَ ۾
چئي ڏنائين تہ: راجا! پيمجي ۽ ستوجي ڪان سواءِ ب ملڪ هلي
سگهي ٿو. اها گالهه پيمجي کي ڪاڻہ وٺي، سو دل ۾ خيال
ڪيائين تہ هن کان انهيءَ بيعزتيءَ جو ويڑ وٺان؛ جي زوري
زبردستي ڪيندوسانس تہ ملڪ ۾ قيتاڙو پوندو، جو پونجو ب وڏي
اثر رسوخ وارو آهي، تنهنڪري اهڙي ڪا اڪل ڪريان، جنهن
سان نانگ ب مري ۽ لٺ ب نہ ڀڄي. نيٺ هڪڙي رٽ رٽي پئي
ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳو.

پئي ڏينهن صبح جو دستور موجب دربار لڳي. پيمجي
اڳئي وينو هو، جڏهن پونجو جتي لاهي راجا کي سلام ڪري
اچي وينو، تڏهن پيمجي آهستي آهستي ڪري، سندس جتيءَ جو هڪڙو
پادر لڪ سان ابتو ڪري ڇڏيو. اهو پونجي لاءِ اشارو هو تہ هتان
نڪري وڃ، نہ تہ تنهنجو خير ڪونهي. پيمجي ائين ڪيو ۽ رڳو
پونجي ڏنو. هو يڪدم سڄي گالهه سمجهي ويو سو ڏاڍي ڪاوڙ
لڳس، پر گالهه ظاهر ڪرڻ پنهنجي بيعزتي سمجهيائين، تنهنڪري
بيماريءَ جو بهانو ڪري راجا کان موڪلائي دربار مان باهر
نڪتو، ۽ پنهنجي دل ۾ پڪو انجام ڪيائين تہ ڪنهن نہ ڪنهن
ڏينهن پيمجي کان انهيءَ گالهه جو ويڑ وٺندس.

آخر پونجو ڪچ ڇڏي سنڌ جي بادشاهہ ميان غلام شاهہ
ڪلهوڑي وٽ آيو ۽ غلام شاهہ کي عرض ڪيائين تہ: جيئندا قبلا!
آءٌ ڪچ جي راجا راءِ گوڙ جو وزير آهيان، پر راجا ۽ سندس
صلاحڪارن مونکي ملڪ مان ڪڍي ڪڍيو آهي. هاڻي تون ڪا
منهنجي مدد ڪر. غلام شاهہ کيس چگي عزت ڏني ۽ ڪيس رهايائين.
ان بعد پونجو ميان غلام شاهہ کي پيون صلاحون ڏيندو هو تہ ڪچ
تي ڪاهہ. راجا گوڙ جي ظلم کان ڪچ جا ٻيا ب ڪيترائي معزز

ماڻهو ميان غلام شاهہ وٽ دانهون ڪڻي پئي آيا.

آخر هڪڙي ڏينهن ميان غلام شاهہ نَوَ-ط ابي لشڪر سان ڪچ تي چڙهيو. غلام شاهہ جي ڪاهي اچڻ جي خبر سڄي ڪچ ملڪ ۾ پکڙجي وئي، ۽ راجا ۽ ٻيا جاگيردار سندس مقابلي لاءِ سنيرڻ لڳا. جڏهين پيمجي جي ماءُ ڪي انهيءَ ڳالهہ جي سڌ پئي، تڏهن يڪدم پنهنجن پٽن جي زالن وٽ وئي، ۽ ڪائن پڇيائين تہ: اوهان جي مڙسن ۾ غلام شاهہ سان جنگ ڪرڻ جي طاقت آهي؟ ٽنهن تي هڪ ننهن وراڻي ڏنيس تہ:

ماتا! مارو ڪٽڙو، ڪارو مانن لاءِ،
مڙ گجرون گوڏ ۾ تہ بہ واڙي ڏانهن وجهاءِ.

(اما! منهنجو مڙس رڳو مانيءَ جو مڱ آهي، ڪارو مانين جو ڪائي ۽ مڙ گجرن جو گوڏ ۾ ڪائن لاءِ ڪٽي تہ بہ ٻيو واڙيءَ ڏانهن واڇهائيندو.)

سس کي پنهنجي ننهن جي واتان اها ڳالهہ ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ هن پٽ بہ ٻوٽو ڪونہ ٻاريو. اتان آڻي ٻئي پٽ جي زال وٽ آئي جنهن کان پڻ ساڳيو سوال پڇيائين. جنهن ٻڌي جواب ڏنيس تہ:

ماتا! مارو ڪٽڙو، ڪاڌي جو ڪرو،
مٽان پئي ورو، تہ گهوٽ گهر ۾ گهايو.

(اما! منهنجو مڙس ڪاڌي جو ملوڪ آهي، مٽان ڪا تڪليف اچي تہ مڙس گهر جو گهر ۾.) ماءُ اتان نااُميد ٿي، وري ٽئين ننهن وٽ آئي، جنهن کان بہ ساڳي ڳالهہ پڇيائين. جنهن جواب ڏنس تہ:

..ڏ! مارو ڪٽڙو، هون نہ ڪا ٿون،
پڇي نہ ٻين سان، مئيون ڏٺي مون.

(اما! منهنجي مڙس ۾ تہ ڪو حال ئي ڪونهي، ٻين سان پڇي ڪونہ، وڙهي وري مون سان.)

ماءُ ويچاري ٽن پٽن جو اهو حال ٻڌي افسوس ڪندي پيمجي جي زال وٽ آئي. آن کان پڇيائين تہ: مائي! ٻڌاءِ تنهنجي مڙس ۾

سنڌ جي بادشاهه سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت آهي؟ ٻيمجي جي زال کر متي ڪٽي وڏي فخر سان پنهنجي سس کي جواب ڏنو ته:

ماتا! مارو ڪٽڙو، تيتر جيترو ماس،
تورئين ته پنج پاءُ، آروڙي پچاس.

(اما! منهنجو مڙس آهي ته تتر جيترو. جيڪڏهن تون کس تورينديءَ ته پورا پنج پاءُ ٽيندو، پر جنگ ۾ پنجاهه ماريندو.)

اتي ٻيمجي جي ماءُ سرهي ٿي ته هي پٽ اسان جي کر آجاريندو، ۽ کيس دعائون ڪندي بي اوني ٿي اچي ويهي رهي.

هوڏانهن ميان غلام شاهه پنهنجي لشکر سميت، واءُ مينهن ڪندو ڪڇ ڏي تمام تيزيءَ سان وڌندو پٽي آيو. حالت اهڙي جو ڪٽي به منزل نه ڪيائين؛ رستي جي ڪيترن سردارن سندس ماني جهلي، پر هن سيني کي چيو ته: آءٌ ترسندس ڪونه، باقي مونکي ۽ منهنجي لشکر کي گهوڙي چڙهي ۽ هلندي ماني کارائيندو ته ڪائيندس نه ته اسان جي منزل ڪڇ آهي؛ ماني آڻيئي وڃي ڪائيندس. جڏهن سردار هوٽي نهڙئي کي انهيءَ شرط جي خبر پئي تڏهن چيائين ته: اها کهڙي وڏي گالهه آهي، آءٌ تو سندس ماني جهليان. پوءِ هزارين دانگيون ڪٽي چاڙهايائين، ۽ مانيون پچڻ لڳيون. هزارين تتر کهائي، سيخ ڪرائي پچائي تيار ڪرائي ڇڏيائين. مقرر ڏينهن تي لشکر اچي لڳهيو ته هوڪ ماٺهو کي به مانيون ۽ تتر ملندو ويو. غلام شاهه کي جڏهن ماني ملي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هوٽي نهڙئي کي چوائي موڪلياٿين ته: جي حياتي آهي ته تو کي گهٽا سهنج ڏينداس.

ميان غلام شاهه رستي ۾ جتي ڪٽي ٻيمجي ۽ ستوجي جي سورهيائي جي ساراهه پئي ڪئي. وري جو کين ڏٺائين ته کيس پنهنجي ڪنيل قدم تي افسوس ٿيو، پر ڏڏو کير ٽٽين کونه پوندو آهي. پوءِ ميان صاحب خيال ڪيو ته کنهن حيلي صلح ڪري، خون خرابي کان پاسو ڪجي، سو ٻيمجي کي چوائي موڪلياٿين ته: اسان سنڌ مان ڪڇ تي کاهي آيا آهيون، پر

هائي جيڪڏهن تون اسان کي پنهنجي پٺ جو سگ ڏئين ته موڻي وڃون. پيمجيءَ جواب ۾ چوائي موڪليس ته: غلام شاهه! اسان پئي ڪنهن کي ڪٽي به نه ڏيون. اها ورندي پڏي غلام شاهه کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، پر وري به پنهنجي ڪاوڙ ديري ڪري ويچار ڪيائين ته جيڪڏهن سگ نٿا ڏين ته من سلام اچي ڪن، هروپرو خون خرابي مان ڇا ورندو... پر اميرن وزيرن پڌايس ته: سائين! پيمجي ۽ ستوجي ڪڏهن به توکي نڙي سلام ڪون ڪندا. جنهن تي غلام شاهه چيو ته: اهين ڪين حرفت سان پنهنجي آڏو جهڪائيندا سين. پوءِ غلام شاهه هنن ڏانهن قاصد موڪليو، جنهن کي پيمجي وڏي عزت ڏني، ۽ چوائي موڪلائونس ته: اهين فلاڻي وقت بادشاهه وٽ ايندا سين.

غلام شاهه طنبوءَ کي اهڙي نموني سان ٻيهاريو، جيئن هو نمي اندر گهڙن ۽ ماڻهن کي اهڙي طرح منجهائي ويهاريو، جيئن هو غلام شاهه وٽ پهچي نه سگهن. مقرر ٽيل وقت تي پيمجي ۽ ستوجي غلام شاهه جي چانوڻيءَ ۾ آيا. جنهن طنبو ۾ غلام شاهه کڇهري ڪوٺائي هئي، سو تمام نديڙو هو، ۽ اندر وڃڻ جو دروازو به تمام سوڙهو ۽ هيٺ هو، جو اندر وڃڻ لاءِ ماڻهوءَ کي جهڪڻو ٿي پيو. پئي پائڙ اها حالت ڏسي ويچار ۾ پئجي ويا، ۽ خيال ڪيائون ته جيڪڏهن اندر وڃڻو پوندو ته جهڪڻو پوندو: جڏ ته اسين غلام شاهه جي آڏو نه ٿيا سين، ۽ پين اڪرن ۾ سندس آڻ مڃيسين. تنهن تي ستوجيءَ چيو ته: ادا! سنپال، گهالهه ۾ اتي وڙ آهي. پنتي به ڪونه موڪلا سين: انجام ڪيو اٽڪون سو اندر هلندا سين ضرور، پر جهڪندا سين ڪونه. ائين چئي پئي پائڙن تلوارون ڪڍي طنبو جون قناتون ڪپي، سڌا سنوان اندر لنگهي ويا. هنن کي ائين اگهاڙين تلوارن سان ايندو ڏسي سنڌي پهلوان به تلوارون ڪڍي اگهاڙيون ڪيون، پر غلام شاهه کين منع ڪئي. پوءِ هو غلام شاهه ڏانهن وڌيا، پر رستو هوئي ڪونه جو لنگهي وڃي بادشاهه تائين پهچن. پيمجي پوءِ تلوار سڌي اڳيان

جهلي، ۽ جنهن کي تلوار جي چهنب ٿي لڳي سو سريو پاسو کندو ٿي ويو. ائين کندي ٻئي پائر نيٺ وڃي بادشاهه وٽ پهتا. ميان غلام شاهه سندن همت ۽ بهادريءَ کان ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کين عزت واري جڳهه ڏنائين. ميان صاحب هنن سان صلح جي هر کوشش کئي، پر هي سندس کوبه شرط قبول نه پيا کن. پيمجي چيس ته: جهڙو آيو آهين تهڙو موٽي وڃ، جي نه ته اسين جنگ لاءِ به تيار آهيون. آخر تائين پاڻ ۾ نه نڀيا، ۽ نيٺ پيمجي جنگ جو اعلان کري ٻاڻ سميت هليو ويو.

ٻئي ڏينهن پيمجي جاڙيجن جو لشکر سنيرائي، "جاروجهارا" جبل جي مٿان وڃي پهنجو ديرو دمايو. انهي جبل کي ٻه لک آهن هڪڙو "اڇوٽو لک" ــ جنهن کي "اپرندو لک" به چوندا آهن ــ ۽ ٻيو "وائون لک" ــ جنهن کي "الهندو لک" به چوندا آهن. پيمجي انهن لکن تي قبضو کري پنهنجو لشکر ٻيهاري ڇڏيو. پيمجي پنهنجي لاءِ سؤ گهوڙيون سنجاڻي ٻيهاريون، انهي لاءِ ته جي هڪڙي گهوڙي مري ته ٻيءَ ٽي چڙهي مقابلو کجي. پهريون راتيون پيمجي پنهنجي سر اکيلو وڃي غلام شاهه جي لشکر ۾ ٻيو، ۽ کيترا سپاهي ماري وڌائين. انهي وچ ۾ سندس گهوڙيون ٻئي ميٽون، پر هڪڙي مري ته ٻي اڳئي سنجي تيار ٿي ٻئي هجي. انهيءَ موقعي جي کنهن سگهڙ گجهارت جوڙي ته:

نرنان ذاتين سان، مال جن تي، پوک جا کيا.

پيمجي جاڙيجن سان ٽکرن تي گاهه کيا.

پنهنجي لشکر کي ائين کٽسندو ڏسي غلام شاهه پيمجي کي چوائي موکليو ته: سڏائين ٿو پاڻ کي بهادر ۽ سورهيه، ۽ وري وڙهين ٿو چورن وانگر رات جو؛ اهو مڙس جو وڙ کونهي. اڄ ته کلئي ميدان جنگ کريون ته پوءِ خبر پوي ته سرس کير آهي. پيمجي اها گالهه ٻڌي يکدم عام جنگ جو اعلان کيو، پوءِ ته سڀ جي لشکر توبن جا کڙکا لائي ڏنا، پر جاڙيجا ٻئي لک سنپالي

تلوارون ڪڍي تيار ٿي ويهي رهيا. جيڪو بهادر لڪن ڏانهن ٿي لڙيو، تنهن کي ٽڪاءُ ڪن ترار، يا مڙس ۽ اڏ، يا تلوار ۽ اڏ. جنگ ۾ جنگين جهڙي لڳي. ڪئين سنڌي سورهيه ۽ ڪڇي ڪونڊر ڪُسجي ويا. ساندهه چاليهه ڏينهن جنگ لڳي، پر سنڌين کي سڀءَ طرح جنگ ڪرڻ جو موقعو ڪونه مليو:

پُڄ پڄاڻي وچ ۾ انوري اٽڪيا،
پيمجي جهارو ملهائيو مڙيو نه ماڳ.

اها حالت ڏسي غلام شاهه آخر صلاح پُڇي، هڪ رٽ رڌي ۽ ايڪيتاليهين رات جو سنڌي سورهيه لڪن ٽي چڙهي پيا. ان وقت جاڙيجا شراب پيو مست ٿيو ستا پيا هئا، سنڌي لشڪر جيئن ئي مٿي چڙهيو تہ ڪڇي ۾ سڃاڻ ٿي، هٿيار سنڀالي وڙهڻ لڳا. اهو مقابلو اهڙو ٿيو جو ان ۾ نہ رهيو سنڌين جو سماءُ نہ ڪڇين جي ڪَل. جيڪو ٿي سامهون آيو ٽڪا ترار ... پنهنجي پرائي جي سڌ ئي ڪانہ رهي؛ جيڪو ٿي ڪنهن جي سامهون آيو سو ٿي پورو ٿيو. ان جنگ ۾ وڙهندي پيمجيءَ جو سر لهي پيو، ۽ هو "ڪوند" ٿيو.

ڪڇ ۾ ڪوند ٿيا، هڪ "پيمجي" ۽ پيو "ابڙواڙينگ". پيمجي وٽ سر لهڻ کان پوءِ ۽ تلوار هٿ ۾ هئي، ۽ لشڪر ۾ ٽاکوڙو وجهي ڇڏيائين. اها حالت ڏسي غلام شاهه حيران ٿي ويو، ڪيترائي ماڻهو ڪسي ويا، ۽ لشڪر ويو ڪنڌو. سسي لهڻ کان پوءِ به ڏينهن وڙهندو رهيو. اتي ميانڻ غلام شاهه کي فڪر ٿيو تہ هاڻي الائجي ڇا ٿيندو. نيٺ پونجي کي گهرائي ڪائنس صلاح پڇائين، جنهن ٻڌايس تہ: سائين! هاڻي هي ڪڏهن ۽ ڪونہ مرندو، پر جيڪڏهن ڪو لنگهو ڪيس جس ڏيندو تہ ڪري پوندو ۽ مري ويندو. يڪدم حڪم ٿيو تہ لنگهو حاضر ٿئي. ماڻهو الائجي ڪٽان هڪڙو لنگهو وٺي آيا، جنهن دهل وڄائي ڪيس شاباس ڏني. جس ملڻ شرط پيمجي ڪري پيو، پر ڪرڻ کان اڳ ايترو چيائين

ته: نياگا! تو وطن سان دغا ڪئي ۽ هاڻي ڪوبہ لنگهو منهنجيءَ نوائيءَ ۾ ڪونہ رهندو، ۽ ٽيو بہ ائين. اڄ تائين پيمجي جي شهر جهارا جبل ۽ نوائيي ۾ ڪوبہ لنگهو نہ رهندو آهي.

جاڙيجن جهارو ملايو، جنهن جي امر سر تراڙ.

پيمجي جي مرڻ کان پوءِ سندس لشکر جي دل ڀڄي ڀڻي، ۽ هٿيار ڦٽا ڪري غلام شاهہ جي آڏو پيش پيا، جيڪو ڪن ڏينهن کان پوءِ واپس سنڌ موٽي آيو، موٽندي اهو پڪو انجام ڪيائين تہ هاڻي ڪڏهن بہ ڪچ تي نہ ڪاهيندس. رهتي تي هوٽي نهڙي سان ملي سڄي عمر لاءِ سندس دل معاف ڪري ڇڏيائين.

پيمجيءَ کي اولاد ڪونہ هو، پر ستوجيءَ کي بہ پٽ هئا، هڪڙو 'هميرجي' ۽ ٻيو 'جام راوڙ'، جن وهمن جي ڪري ٻارهن ڳوٺ بدلايا تنهنڪري 'ٻارهو ڳوٺ' نهيو، ۽ ويري تيرهون دفعو پڻ بدلايائون جنهنڪري 'تيرئو ڳوٺ' نهيو. اهي ٻارهو ۽ تيرئو شهر اڄ بہ موجود آهن. جام راوڙ تمام ظالم هو، تنهن خيال ڪيو تہ جيستائين هميرجي جيئرو هوندو تيستائين سنهنجي ڪا گالهہ ڪانہ هلي سگهندي. تنهنڪري هڪڙي ڏينهن وڃهہ وڻي اُن کي ماري ڇڏيائين، ۽ پوءِ سڄي حڪومت تي قبضو ڪري ويهي رهيو. هميرجيءَ جا بہ پٽ هئا. هڪڙي جو نالو 'صاحب جي' ۽ ٻئي جو نالو 'ڪينگارجي' هو. راوڙ جا ظلم ڏسي زالن ويچار ڪيو تہ راوڙ، هميرجي جي پٽن کي بہ ماري وجهندو، تنهنڪري انهن کي ڪنهن بہ حيلي بچائجي. شهر ڪان ڪجهہ پرپرو هميرجي جا بہ وفادار نوڪر 'ڇچريٽو' ۽ 'ميون پاراچ' رهندا هئا. زالن انهن کي سڏائي سڄي گالهہ ٻڌائي. هنن هميرجي جي پٽن کي بچائڻ جو ذمو ڪنيو. انهيءَ وقت ٻنهي ننڍڙن جي عمر اٺ ڏهہ سال هئي. هي ٻئي وفادار نوڪر هئا سو ٻنهي ڇوڪرن کي لڪائي ڪنيائون ۽ سنڌ ڈانهن روانا ٿيا، پر جڏهن جام راوڙ کي انهي گالهہ جي سڌ پئي تڏهن سندن پنيان

ڪاهي پيو. نيٺ وڃي واڳ ۾ ڪين رسيو. جڏهن هنن ڪي راوڙ جي اڇ جي خبر ملي تڏهن ٻنهي جوانن اتي جي "ويسو" نالي ميائي سان حقيقت ڪئي. تنهن ڪين آٽت ڏني ۽ چوڪرن کي بچائڻ جو ذمو ڪنيو. هن چا ڪيو جو چوڪرن کي ڪالر (انّ جي دن) ۾ لڪائي ڇڏيو. راوڙ اچي ويسوءَ کي قابو ڪيو ۽ ڪانڌس سخت پڇا ڳاڇا ڪئي، ۽ ويسوءَ کي دڙڪا ڏنا پر هن چيس تہ: موڪي چوڪرن جي ڪابہ خبر ڪانهي. آخرڪار ڪاوڙ ۾ اچي راوڙ سندس ٻہ پٽ ڪهي ڇڏيا، پر ويسوءَ سچي ڪونہ ڪئي، ۽ زال کي اشاري ۾ چئي ڇڏيائين تہ خبردار جو رُني آهين يا ڪا ٻڙڪ ٻاهر ڪيڙي اٿئي. ٻوءِ راوڙ کي ڇهائين تہ: هاڻي اسان کي ماري وڃ ... باقي هن دنيا ۾ جيءِ ڇا ڪندا سين! اتي راوڙ کي پڪ ٿي تہ چوڪرا هن وٽ نامن، تنهنڪري واپس موٽي ويو.

راوڙ موٽي ويو، ٻوءِ تہ اهي ٻارڙا ڪالر (انّ جي دن) سان نڪري ٻاهر گهمڻ ڦرڻ لڳا ۽ اتيئي پلجڻ لڳا. ان ڏينهن ڪان اهو ڳوٽ 'ٻچائو' سڏجڻ لڳو. ٻوءِ اتي جي رهندڙن ۽ چوڪرن جي سار سنيال لهندڙن ڪين ٽلاءَ جي ڪپ تي تخت سينگاري ڏنا، جتي ٻئي ابهر وينا هوندا هئا. هڪڙي ڏينهن اتي هڪ 'گرهيو' جنهن کي سنڌيءَ ۾ ٻهروپيو چوندا آهن، اچي نڪتو. انهي وڃي چوڪرن جا هٿ ڏٺا، ۽ ڪيس هٿن ۾ بادشاهي نظر آئي. سو اتي جي رهندڙن ڪان ٻنهي چوڪرن جون ٻانهون وٽي پنهنجي گهر آيو، جتي سندن تمام گهڻي ٽهل ٽڪور ڪيائين ۽ ٻوءِ ڪائن حال احوال ورتائين. چوڪرن ڪيس سچي ڳالهہ ڪري ٻڌائي، ۽ چيائون تہ: اسان کي ڇڇريٽي ۽ ميون ٻاراڇ سڏائي ڏي تہ اسين سنڌ وڃون. ٻهروپئي يڪدم پڇا ڳاڇا ڪري ٻئي جوان ڳولي قولي هٿ ڪري وٽي آيو ۽ ٻئي چوڪرا آنهن جي حوالي ڪري ڪين پلا گهوڙا ڏئي روانو ڪيو.

هي ٻئي وفادار نوڪر، ٻنهي چوڪرن کي وٽي مينهن واءُ ڪندا اڇي سنڌ ۾ پهتا، جتي سندن ڦڻي پٽ رهندي هئي.

هنن اهي امانتون هن جي حوالي ڪيون ۽ احوال ڏنو، جنهن چوڪرن کي پاڻ وٽ رهايو ۽ پالهيو. اهڙي طرح کي ورهيه گذريا، ۽ هي پاڻر به اچي جوان ٿيا. هڪڙي ڏينهن غلام شاهه پنهنجي لشکر سميت شڪار تي چڙهيو، ۽ هي ٻئي پاڻر به سائس ويا. هلندي‌هلندي جهنگ ۾ غلام‌شاهه جي آڏو هڪڙو شينهن نڪتو. بيا ته سڀ ڀڄي ويا، پر هنن ٻن ڪونڊرن شينهن کي ماري وڌو. غلام شاهه هنن جي بهادري ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ کانئن پڇيو ته: اوهان ڪير آهيو؟ هنن پنهنجي ملڪ مان نڪرڻ واري سڄي گالهه ڪري ٻڌائي. اها گالهه ٻڌي غلام شاهه ڪلهوڙي کي ڏاڍو ڏک ٿيو، ۽ خيال ڪيائين ته راوڙ کي سزا ڏيڻ لاءِ ڪچ تي ڪاهي وڃان. پر انهن راجڪمارن چيو ته: راوڙ لاءِ اسين به ڇڻا جهجها آهيون، پر اسان کي چار گهوڙا ڏي. غلام‌شاهه کين چار گهوڙا ڏنا، ۽ لشکر ۾ ڏيڻو ڪيو، پر هنن نه ورتو. انهن گهوڙن تي ڪينگار جي، صاحب جي، ڇڇر ٻڌي ۽ ميون ۽ ساڄ ڇڙهي ڪچ ڏانهن وڳهه وارڻ لاءِ روانا ٿيا.

هوڏانهن راوڙ جا گهوڙا رکال ۾ ساڻي (سئيس) چاريندو هو. گهوڙن جي وڳر جي هيءَ گت هئي ته هڪڙو گهوڙو جيڏانهن منهن ڪندو هو سڀ گهوڙا ان پئيان لڳندا هئا. ساڻيءَ (سئس) ڏٺو ته دشمن جي نظر ٺيڪ نه آهي، سو گهوڙا وڻي الهندي طرف ڀڳو. تان جو گهوڙا سنڊيءَ ۾ وڃي پهتا. اتي ڪينگارجي ۽ صاحبجيءَ پنهنجن سنياليندڙن ڇڇر ۽ ميين ڏانهن نهاريو، جن چيو ته: سائين جو گاڻ ڪيي، باقي گهوڙا سڀ اسين هٿ ڪنداسون. پوءِ ته انهن راجڪمارن کين ست ست گهوٽ سنڊيءَ جي ويجهو ڏياريا. پوءِ ڇڇر ۽ ميين سئيس (ساڻيءَ) کي وڇي ماريو ۽ گهوڙا هٿ ڪيا.

اها خبر جڏهن راوڙ کي پئي سو وڻي هالار جبل ڏانهن ڀڳو، جو ڪيس اڇي موت جي ڊپ ورايو. هالار جبل واري راءُ کي جڏهن اها خبر ملي ته راوڙ پيو اڇي سو وري

اتان وٺي پڳو. راوڻ اهو قلعو وٺي مٿس چام ننگر نالو رکيو ۽ اتي ويهي رهيو. چام ننگر مشهور شهر آهي.

راوڻ جي راج تي ڪينگار ۽ صاحب جي راج ڪرڻ لڳا. هڪ ڏينهن ٻئي ٻاڦر شڪار تي پئي ويا تہ هڪڙي هنڊ سهو ڪتن کي ملڻ لڳو ۽ ڪتا ڀڄڻ لڳا. اهو ڏسي ڪينگار ۽ صاحبجي اها جڳهہ ڇڏي سمجهي ۽ اتي قلعو ٺهرايو، جنهن جو نالو "ڀڄ" رکيائون- يعني اتي دشمن ڀڄي ويندو.



ضميمو

عمر ۽ گنگا*

[هيءَ ڳالهه پهريائين پهريائين "تاريخ طاهري" جي مصنف سيد طاهر محمد نسياني (يارهين صدي جو شروع) پنهنجي ڪتاب ۾ آندي آهي. ان بعد تحفة الڪرام جي مصنف مير علي شيخ قانع (يارهين صدي جو آخر) پڻ ان کي نقل ڪيو آهي. اهي ٻئي روايتون اصل ڪتابن مان ترجمو ڪري لفظ بہ لفظ ڏجن ٿيون]

۱- روايت تاريخ طاهري

روشن ضمير صاحبن تي واضح هجي، مجلس کي سينگارينڌڙ نيڪ ماڻهو، نقل ڪندا ٿا اچن تہ گنگا نالي قوم تميم جي چوڪري، انهيءَ [عمر سومري] جي نالي ڪئي هئائون. ننڍپڻ ۾ اڃا هن [گنگا] جو حُسن ظاهر نہ ٿيو هو، تہ انّ جي نظر چڙهي وئي؛ پسند نہ آيس، تنهنڪري دل ڪڍي ويس ۽ شادي ڪرڻ جو ارادو ڦٽو ڪيائين ۽ اهڙي اجازت ڏنائين تہ جنهن کي وٺيو تنهن کي ڏئي ڇڏيو.

عمر تميم نالي هڪڙو شخص جيڪو ان [گنگا] جي مائٽن مان هو- جو عمر سومري جو دوست هو ۽ عمر سومري سان ان جو ايترو تعلق هو، جو سواء ان جي ڪچهري قائم نہ ڪندو هو- ان جي نالي ڪيائون. ڪيترن سالن گذرڻ کان پوء اها ڪڙي ڏڙي گل ٿي، جنهن جي سرهاڻ کان سڄي هوا

* "تاريخ طاهري"، فارسي متن، مطبوع سنڌي ادبي بورڊ تان ورتل.

واسجي وئي، جنهن کان بي اختيار دلين کي سُرور ٿي پهتو. هڪڙي ڏينهن ڏوپيءَ ان جا ڪپڑا ڏوئي وات تي سُڪڻا وڌا. اوچتو اٿيءَ سردار [عمر سومري] جو خوشبودار لباس وڻان لنگهڻ ٿيو، جنهن جي هيڪار ڪوهن ۾ پکڙيل هئي. ان جي بوءَ هن جو مغز ڦيرائي ڇڏيو. حيران ٿيو ته هڏا ڪپڑا ڪنهن جا آهن! ڏوپيءَ کان پڇيائين مگر هن کي ڪپڑن جي ڏاڻيءَ جي منع ڪيل هئي ته ڪنهن کي نه ٻڌائجاءِ؛ تنهن هوندي به هن ٻڌايس ته اهي ڪپڑا عمر تميمي جي زال جا آهن. پوءِ افسوس ڪرڻ لڳو ۽ چريو ٿي پيو [جڏهن] ان [گنگا] جي گهر جي ويجهو پهتو، خيال ڪيائين ته جي ان جو مڙس گهر ۾ نه هجي ته ان محبوب کي ڏسي اکيون ٺاريان. پڇا تي معلوم ٿيس ته گهر جو ڏڻي گهر کان ٻاهر آهي. چوندا آهن ڪوڻي کي ٻهانا جهجها. پوءِ ڪبوترن کي تير هڻڻ جي ٻهاني سان تير ان جي گهر ۾ اڇلي وڌائين. تير ڪڍڻ جي ٻهاني سان هن جي حويلي اندر ڪاهي پيو. هن پردي نشين کي ان گهالهه جي خبر نه رهي، پريشان ٿي لڪڻ جي ڪوشش ڪيائين. هن پڇيس ته هي ڇا آهي؟ ڏسڻ جو مطلب هوس سو ٻهاني سان ڏسي سوڌيو. پر هن جي اکين جو تير اهڙو جگر تي لڳس جو نانگ وانگر وٽ کائيندو رهيو. ملڪ جا امير حيران ٿيا ته هن کي ڇا ٿي ويو. حقيقت کان جڏهن واقف ٿيا، تڏهن هن کي تسلي ڏنائون ته هيءَ ڪم بلڪل آسان آهي، توهين گهبرايو نه ۽ عيش آرام سان رهو. صلاح ڪيائون ته مڙس کان جدا ڪري هن [گنگا] کي محل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪجي.

پوءِ بي وڙن جي چوڻ تي عمر ان [عمر تميمي] سان ڏاڍي گهٽي ۽ گهاٽي دوستي رکي ۽ ان کي حد کان وڌيڪ پائڻ لڳو. جنهن تي هو حيران ٿيو ته هي اوچتو هيڏو قرب الائجي ڪهڑي ڪارڻ آهي. هڪڙي ڏينهن پنهنجن سنگتين کان پڇيائين ته هن مهرباني جو ڪهڙو سبب آهي؟ جڏهن ته اهي سڀئي هڪ گهالهه

تي متفق هئا، چيائون ته بادشاهه پنهنجي پٽ توکي پرٽائڻ گهري ٿو. تنهنکري توکي ايڏو اعزاز ۽ عزت بخشي ويئي آهي چاکاڻ ته بادشاهه تنهنجي خدمتن کان تمام گهڻو خوش ٿيو آهي. جڏهن ته انسان خطا ۽ ويسر جو مرکب آهي. هو کوڙ کي سچ سمجهي اعتبار ڪري گل وانگر ٽڙي کپڙن ۾ نٿي ماپيو. بيوقوف هي نٿي سمجهيو ته سڀئي دوست مکر ۽ فريب سان هن جي زال کسڪائي ٿا وڃن.

هڪڙي ڏينهن هڪ وڏي مجلس خوشيءَ جي برپا ڪيائون، جنهن ۾ خوب شراب جو دور هليو ۽ هن [عمر تميمي] کي به خاص ترڪيب سان گهڻو شراب پياريو ويو، جنهن ۾ هن جا هوش حواس گم ٿي ويا. چيائون ته هن کان وڌيڪ ٻيو ڪو موقعو نه آهي، تنهنڪري هن کي آپاريئون ته بادشاهه جي پٽ سان شادي ڪرڻ گهرين ٿو ته اڳين زال کي طلاق ڏي. نيٺ هن طلاق ڏني. وري چيائون ته فقط طلاق ڪافي نه آهي، پر زال کي عمر جي آڏو پيش ڪر. چنانچه شراب نامراد جي ڪري هو پنهنجي نڪاح ٻڌي زال بادشاهه اڳيان پيش ڪرڻ ۾ نه هڪيو. نتيجو اهو ٿيو جو هن کي مجلس کان باهر لوڏي ڪيائون ۽ هن جي زال کي محل ۾ وڃڻ جو حڪم ڪيائون. ٻئي ڏينهن جڏهن نشو لٿس [تڏهن] سڄي ماجرا معلوم ڪري هاءِ گهوڙا ڪرڻ لڳو ۽ دهليءَ جي بادشاهه علاوالدين سلطان وٽ فرياد ٿي ويو.

هن ملڪ جي گهوڙن کان هيٺ ٻڌو ويو آهي ته جڏهن اهو مظلوم، بادشاهه جي خدمت ۾ پهتو ۽ فرياد پيش ڪيائين، [تڏهن] بادشاهه قاصد موڪليس ته هڪدم حاضر ٿي، فرياد کي اچي راضي ڪر، جي نه ته تنهنجي ملڪ کي اسان جو لشکر برباد ڪري ڇڏيندو، ۽ توکي عيال سوڏو قيد ڪندس. قاصد جي پهچڻ شرط عمر سو ڪڙيون سوغاتون ڪٽي دربار ۾ پهتو. فريادي ۽ ملزم جڏهن روبرو ٿيا ته ڏوهه ملزم تي ثابت ٿيو ۽ بادشاهه ڪٽي قيد ڪيس. بادشاهه کي ايترو سخت غصو هو، جو خيال هوس ته سڄي

زندگي قيد ۾ رهي مري وڃي، جيئن بچڻ لاءِ عبرت جو سبق ٿئي؛ پر چڱن مڙهن جي سفارش ۽ بروقت مٿس لڳايل ڏنڊ پري ڏيڻ ۽ سالياني ڏن پريندو رهڻ جي انجام اقرار تي آزاد ٿيو ۽ موتي سنڌ ملڪ ۾ پهتو. تنهن کان پوءِ سنڌ ملڪ تي دهليءَ جي بادشاهن طرفان اهو ڏن ڏيڻ هميشه لاءِ مقرر ٿي ويو.

اهڙي نمونسي سان بادشاهه جي قيد کان آجو ٿي [عمر] پنهنجي وطن پهتو. قيد ۽ بند جا مصيبت وارا ڏينهن وساري، هن ملڪ جي قديمي رعيت تي وري ظلم ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. گهٽين قومن ۽ قبيلن جا چڱا مڙس ۽ سردار هن جي آزار کان وطن ڇڏي ڪڇ ملڪ ۾ـ جيڪو گجرات ۽ سنڌ ملڪ جي وچ وارو پاڻ آهيـ اوڏانهن لڏي ويا. انهن وڃي اوڏهين پنهنجي حڪومت ناهي.

۲ـ روايت تحفة‌الڪرام *

تميم قوم جي "گنگا" نالي هڪ چوڪري، نندپڻ ۾ ۾ "عمر" سان مڱائي هئائون. ائين ٿو ڏسجي ته هن کي هڪ ڏينهن ڪنهن اهڙي حال ۾ ڏٺائين، جو نندپڻ جي ڪري، هن جي حسن جو گل اڃا پوريءَ طرح نه ٽڙيو هو، ۽ ڪيس نه وٺي؛ جنهن تي چاهين ته هن کي جنهن سان وٺيو، تنهن سان مڱائي ڇڏيو. سندس اجازت موجب، هوءَ تميم قوم جي هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان مڱائي ويئي، جو "عمر سومري" جو وزير هو. وقت اچڻ تي گنگا سونهن ۾ بينظير نڪري پيئي، ۽ ملڪان ملڪ مشهور ٿي. عمر پڻ هاڪ ٻڌي ڪنهن بهاني سان ڪيس ڏسڻ چاهيو. انهيءَ عرضي ۾، شڪار ڪندي اچي ڪنهن ڏوبيءَ وٽان لنگهيو، جو ڪپڙا ڏوئي سڪائي رهيو هو. هڪ خوشبودار وڪو، ڪنهن وڻ تي ڏسڻ ۾ آيس. ڏوبيءَ کان پڇڻ تي معلوم ٿيس ته اهو

* "تحفة‌الڪرام" مطبوع سنڌي ادبي بورڊ تان ورتل.

وڃو گنگا جو آهي. اهو بڌي هڪدم انهيءَ جي گهر روانو ٿيو. معلوم ٿيس تہ مڙس گهر ۾ ڪونہ آهي. [چا ڪيائين جو] گز ڪبوتر ڏانهن اڇلي، انهيءَ گز ڪڍ جي بهاني سان، دروازي کان اندر لنگهي، مرضيءَ موجب ديدار جو مطلب پورو ڪري، سندس گهنڊيدار زلفن جي قيد ۾ گرفتار ٿي، پيچ تاب کائيندو، گهر موڪلي آيو، ۽ حيلا هلائڻ شروع ڪيائين، وزيرن کان پڻ صلاح پڇيائين. آخر صلاح بيهاري، متئين تميميءَ کي گهٽي ۾ گهٽي عزت ڏيڻ لڳو. هن عمر جو پاڻ ڏانهن اڳوٽي کان وڌيڪ توجهہ ڏسي، وزيرن کان پڇيو تہ: هن اميد کان وڌيڪ نوازش جو سبب ڪهڙو آهي؟ چيائونس تہ: عمر تو کي پسند ڪيو آهي، ۽ پنهنجي پٽ جو سڱ تنهنجي نڪاح ۾ ڏيڻ گهري ٿو؛ هو بيوقوف هن ننڍپيءَ ئي هٿ سان نڪري، انهيءَ مائٽيءَ جو چاهہ رکڻ لڳو.

نيٺ هڪ ڏينهن عمر، شراب جي محفل برپا ڪري، ڪيس نشي ۾ چور بنائي، وزيرن کي پنهنجي ڪم سر انجام ڪرڻ جو اشارو ڪيو؛ جنهن تي وزيرن تميميءَ کي چيو تہ: عمر کي پنهنجي پٽ جو سڱ تو کي ڏيڻ جو شوق آهي، پر فقط اهو ويچار ٿو ٿئيس، تہ تو کي اڳيئي زال آهي، جنهن جي محبت ۾ گرفتار آهين؛ جيڪڏهن تون انهيءَ کي [پاڻ کان] جدا ڪري، عمر جي حوالي ڪرين- جيئن هو جنهن کي وٺيس تنهن کي ڏيئي ڇڏي- تہ هو هڪدم پنهنجي پٽ تنهنجي نڪاح ۾ ڏيندو. انهيءَ سادي بي نصيب کي، نشي جي حالت ۾ جيڪي چيائون سو بجا آندائين. جڏهن تميميءَ جي زال [گنگا]، هن جي چڏڻ ۽ بخشڻ موجب عمر جي قبضي ۾ آئي، تڏهن وزيرن جي چوڻ تي، انهيءَ نشي ۾ چور بيهوش ڪي، ڏاڍيءَ خواريءَ ۽ ذلت سان، غاليچي جي ڪنڌ تان، ٽنگ کان گهلي ڪڍي ٻاهر اڇلايائون؛ ۽ چيائونس تہ: تو جڏهن اڳوڻيءَ زال کي، بنا ڪنهن ڏوهہ جي، محض دولت جي محبت ۾ بخشي چڏيو ۽ وفا جو طريقو-

جو سردار، ڪمن جو خلاصو آهي- بلڪل ڇڏي ڏنو، تڏهن تون سردار جي مائٽيءَ جو لائق ڪيئن ٿيندين؟

جڏهن ويچارو رات واري نشي کان، صبح جو هوش ۾ آيو، تڏهن انهيءَ ٽيل حادثي کان ڪڙڙا ڦاڙي، دهليءَ جي بادشاهه سلطان علاوالدين وٽ فريادي ويو ۽ دربار مان عمر جي گهرائڻ جو پروانو ڪيائي موڪليائين. ٿيندي ٿيندي هيءَ ڳالهه ٻين سببن سان گڏجي انهيءَ قوم جي حڪومت جي زوال جو سبب بڻي.

عمر بادشاهه ۽ نيرل راڻي*

حيمر سومري جو پٽ عمر سومرو سنڌ جو مشهور حاڪم ٿي گذريو آهي. هن جي بادشاهت جيسلمير جي راجا سان لڳ هئي. حيمر سومري جو جيسلمير جي راجا سان ڪنهن ڳالهه تي عهدنامو ٿيل هو، جنهن موجب حيمر سومرو سال بسال ڪجهه رقم ڏن طور هن کي ادا ڪندو هو. جڏهن عمر سومرو جوان ٿيو، تڏهن هن اها رقم ڏيڻ واجب نه ڄاڻي، جيسلمير جي راجا کي جواب ڏياري موڪليو ته هاڻي اسين اها رقم هرگز ڪين موڪلينداسون. جڏهن جيسلمير جي راجا کي اهو نياپو پهتو، تڏهن عمر کي نقصان پهچائڻ جي خيال سان هن پنهنجا پالیل روجهه ڇوڙي، حميراڻي وٺي ڏي روانا ڪيا.

بدل روجهه چنديڻي وٺي طرف روانا ٿي ويا. جڏهن وٺي پهتا، تڏهن اتي جي راڪن ڏوڙي وڃي حمير کي خبر ڏني ته جيسلمير جي روجهن وٺي پيلي ڇڏيا آهن. حمير جواب ڏنو ته: عمر کي وڃي بڌايو، جنهن جي ڪري ئي ائين ٿيو آهي. راڪو ڏوڙي عمر وٽ آيو. عمر ان وقت قلم هٿ ۾ ڪڍي ڪجهه لکيو پئي، انهيءَ ڪري راڪو ٻيهي انتظار ڪرڻ لڳو ته عمر واندو ٿئي ته کيس حقيقت ٻڌائجي. پر عمر لکڻ ۾ اهڙو محو هو، جو راڪي ڏانهن اک کڻي به نه ڏٺائين. راڪي کي اتي ٻيني جڏهن ڪيڇ وقت گذريو، تڏهن عمر بادشاهه کي چيائين ته:

هيءَ روايت ٽرپارکر (تعلقي عمرڪوٽ) سان محمد عمر "معمور" يوسفاڻي کان ملي.

قلم چڏي هٿ سان، ٽون صاحب! سجاڳ ٿيءُ،
روجهه ڇٽا جيسلمير ڪان، ٽا پيليو وڃ وريءُ.

اهو ٻڌي عمر قلم چڏي، سنهري سوار ٿي وريءَ ڏي روانو ٿيو. اتي پهچي پهلوانيءَ سان سپ روجهه ماري ناس ڪري چڏيائين.

عمر جو مگٹو نديي هوندي ڪان ٿي سندس ماميءَ جي ڏيءَ سان ٽيل هو. ان ڇوڪريءَ جو نالو "گيگل" هو. هوءَ ڏاڍي سونهن سوپيا واري هئي، سومرن جي راج ۾ جهڙس سهڻي ڪانه هئي. انهيءَ ڪري سنديس ساءُ هميشه مغرور رهندي هئي. هينئر گيگل اچي سامائي هئي. تڏهن عمر چيس ته: ماميِ! هاڻي اسين ٻئي جوان آهيون، تنهنڪري هاڻي اسان جي شاديءَ جو بندوبست هٿ گهرجي. اهو ٻڌي ماميس مغروريءَ وچان جواب ڏنس ته:

اڇان گيگل ننڍڙي، ٽي وٽيهين ٻئي ڪير،
نيرُل، پرٽجي اڇ، جي اهڙو هجين تون ويرِ.

(اي عمر! منهنجي گيگل اڃا ننڍڙي آهي، تنهنڪري اڃا آها پرٽائي ڪانه ڏينديس، باقي جي تو ڪي شادي ڪرڻ جو شوق هجي ۽ پاڻ کي اهڙو جوڌو جوان ٿو سمجهين ته پوءِ ڇو نٿو وڃي نيرل راڻيءَ سان شادي ڪري اچين!)

ماميءَ جي واڌان اهو طعني وارو جواب ٻڌي عمر اندر ۾ سڙي ويو. ڪاوڙ ۾ باهر ٿي ماميءَ کي ٿهه پهه جواب ڏنئين ته:

ڪنجرو ڏنو جو مون هٿن سان، سو تون واري ڏي،
هار ڏنو مون هٿن سان، سو تون واري ڏي.

(اي ماسي! جيڪڏهن مونکي گيگل سان شادي نٿي ڪرائين ته پوءِ ڪنجرو ۽ هار موٽائي ڏي، جو مون گيگل جي لاءِ ڏنو هو).

تڏهن ماميس منهن کي موڙو ڏئي چيس ته: ڪهڙي ڏراوت اسان کي ڏني اٿئي جا اڳاڙ ٻينو آهين؟ هاڻي ٻڌ:

ڪنجرو چنو گيگل هٿن سان، ٽڪ نه ٽڪن گڏ،
هار ٽوڙيو گيگل هٿن سان، مٹيون نه مٹيي گڏ.

(اي عمر! هڪڙو ڏڻي ڪنجرو، جيڪو گيگل هٿن سان چني ٽڪ، ٽڪ کان جدا ڪري چڏي آهي، ۽ ٻيو ڏڻي هار، سو به گيگل پٿهنجي هٿن سان چني مٽيو مٽيي کان ڏار ڪري چڏيو، اڃان ٻيو ڪنجري ۽ هار جي ٻڌا ڪرين!).

عمر ماسيءَ جي واتان اهي لفظ ٻڌي هيڪاري سڙي پچي ويو ۽ ڪاوڙ مان چيائين ته:

ماسي ڏي نه مهڻا، آءٌ ويندس انهيءَ راهه،
يا نيرل آڻيندس پاڻ سان، يا وڃائيندس ساهه.

(ماسي! هاڻي وڌيڪ مهڻا نه ڏي، باقي جي شادي ڪندس ته نيرل راڻيءَ سان، نه ته وري جيئري منهن نه هيڏانهن ڪونه ڪندس). ائين چئي عمر ڪاوڙجي اتان نڪتو ۽ ان ڏينهن تيار ٿي گهوڙي تي چڙهي نيرل جي ملڪ ڏانهن روانو ٿيو.

جڏهن ماميس ٻڌو ته عمر ڪاوڙجي ٿو وڃي، تڏهن پٿهنجي مغروري تي ڏاڍو ارسان ٿيس، جو خبر هيس ته ڪيس عمر کان وڌيڪ ٻيو ڪو نائي ڪونه ملندو، تنهنڪري هن ڪي پرچائڻ لاءِ اڳ ڻي اچي ٻڌي. جڏهن عمر اتان اچي لنگهيو، تڏهن چيائينس ته:

سالا رُسايو ميان سومرا! رنڙو وڃين راءُ،
سالين رسايو ميان سومرا! رنڙو وڃين راءُ.

عمر پٿهنجي ماسيءَ جي ڳالهه ٻڌي ڏانهس نهاريو ۽ ڪين هلنديئي جواب ڏنائين ته:

تنهنجي مهڻي ماريو، نه ته ڪري ڪشالا ڪير،
پانيان ٿو ته ازل کان، هو تنهنجو مون سان ويڙ.

اتي ماسي ترسي پوڻ لاءِ ڏاڍوليلايس، پر ڏڏو ڪير ٽڻين ڪونه پوي. سندس طعني عمر جي دل وڌي چڏي هڻي، سو نه ترسيو ۽ ماسيءَ کي چيائين ته:- موٽيس ته نيرل ماڻي موٽندس، نه ته مٿو ٻلو آهيان. تڏهن وري به ماميس ڪاوڙجي چيس ته:

جي اهڙو آهين ارڙو، تہ وچ نيرل جي پاس،
ڏاران آڻ ان جي، وري نہ وڃ واس.

عمر جي سنگتين سائين کي جو خبر پئي تہ عمر، ماسيءَ جي مهٽي کان نيرل سائڻ ٿو وڃي، سو ٻوڙي آيا ۽ گهٽوئي سمجهايائونس تہ اڳيان دشمنن ۽ جانورن جو ڊپ آهي، تنهنڪري اوستائين صحيح سلامت پهچي، نيرل سائڻ مشڪل آهي؛ پر هن کنهن جي صلاح ڪانہ مڃي ۽ پنهنجي ڀيءُ جي وزير جو پٽ سونهون ڪري پاڻ سان کڻي، ڏس پٽو پڇي نيرل جي ملڪ طرف روانو ٿيو.

هلندي هلندي تڪليفون ڏسندي، اڇي ان ملڪ جي ويجهو پهتو. آخر اڇي نيرل ۽ سندس سهيلين جي وهنجڻ واري تلاءَ جي ڀر ۾ پهتو. جڏهن تلاءَ وٽ پهتو تڏهن گهوڙي تان لهي، گهوڙو تاڻي تلاءَ ڏي پاڻي پيارڻ جي خيال سان هليو. انهيءَ تلاءَ تي کنهن به مرد ماڻهوءَ کي اچڻ جي اجازت ڪانہ هئي. عمر کي انهي گهالهہ جي تہ ڪا خبر ئي ڪانہ هئي، سو تلاءَ جي ڪناري تي آيو، تڏهن اتي نيرل جي هڪڙي ڀانهي ملي، جنهن هن کي ڏسنديئي چيو تہ:

گهوڙي وارا گهوٽيا! تون گهوڙو پانهون وار،
هيءُ تلاءَ آهي پرين جو، جي ڪندئي بچڙي ڪار.

(اي گهوڙي وارا جوان! جي سر جو خير گهرين تہ گهوڙو پوئتي موٽاءِ، هي تلاءُ پرين جو آهي، انهن کي خبر پوندي تہ هڪڙي مرد ماڻهو هن تلاءُ مان پاڻي پيتو ۽ گهوڙي کي به پاڻي پياريو اٿس، تڏهن اهڙي ڪار ڪندئي جو ياد ڪندين).

عمر سومرو تہ اڳيئي سر مان بيزار هو، تنهن هڪل ڪري چيس تہ:

آهيان سڌ جو سورمو، مونکي ڊپ نہ ڪو ڏاءِ،
ڏورئون ڏوري مس ڏٺو، مون هي پرين جو تلاءُ.

(اي چوڪري! آءٌ سنڌ جو پهلوان آهيان تنهنڪري مونکي مرڻ جو ڊپ نه ڏي، آءٌ ته پاڻ هن تلاءُ جي ڪولا ۾ هيڏا ڪشالا ڪري هتي آيو آهيان).

عمر جو اهو جواب ٻڌي ٻانهي کيس آفرين چيو ۽ ڪانئس پورو احوال ورتائين. احوال وٺڻ بعد ٻانهيءَ خيال ڪيو ته هڙو سهڻو جوان اڪ ڏڻي مورت تي عاشق ٿي ديس ڇڏي اڇي پرديس ۾ پهتو آهي، چو نه هاڻس ڪا مدد ڪريان! تڏهن چيائينس ته: هيءُ تلاءُ برابر نيرل پريءَ جو آهي، جا پنهنجن ست سهيلين سان هر سومر جي شام جو هتي وهنجڻ ايندي آهي؛ تون ان ڏينهن لڪي ويهج، جڏهن نيرل سنلس ۽ سهيلون تلاءَ ۾ گهڙي وهنجڻ لڳن ۽ راند روند ۾ مشغول ٿي وڃن تڏهن تون لڪي لڪي سندن ڪپڙا ڪڍي وڃي وڻ تي ويهي رهج. پوءِ هو جڏهن نڪرندبون تڏهن ڪپڙا نه ڏسي پريشان ٿيندبون ۽ ٽوڪي ڏسڻ کان پوءِ گهڻن ڪريب ڪندبون، پر تون خاموش ويٺو رهج. آخر ڪانئن سندن مينڊ جا وار ونسي پوءِ چڏج.

اها صلاح پڪي بيهاري عمر ۽ سنلس سنگنيءَ هڪ ٻ ڏينهن اتي گذاريا. جڏهن سومر جو ڏينهن ٿيو تڏهن مقرر وقت تي لڪي وڃي وڻ تي ويٺو. ٿوريءَ دير بعد پريون ٻ اڇي تلاءَ ۾ گهڙيون. جڏهن هو راند ۾ مشغول ٿيون تڏهن عمر وڃهه ونسي وڻ تان لهي سندن ڪپڙا ڪڍي وڃي وڻ تي لڪي ويٺو. جڏهن پرين جي نڪرن جو وقت ٿيو تڏهن ڏسن ته سندن ڪپڙا آهن ئي ڪونه. ڪپڙا نه ڏسي ڏاڍو ششدر ٿيون. نيٺ هڪڙي جڏيءَ جي نظر وڃي وڻ تي پئي، جتي عمر ڪپڙن سميت ويٺو هو. پوءِ هنن گهٽي ئي ڪريب ڪيا ۽ ڊپ ڏنائونس، پر عمر اصل کين ڏنو. نيٺ وڻ تان لهي گهوڙو چوڙي آيو ۽ چيائين ته: هاڻي آءٌ اوهان جا ڪپڙا ڪنيو ٿو وڃان. اڻين چڙي گهوڙي کي پاڻي پياڻ جي خيال سان تلاءَ

ڏي چڪائين. تڏهن پرين وٽي گوڙ ڪيو تہ گهوڙو ٺهي پوئتي ڇڪڻ لڳو. انهيءَ تي عمر پنهنجو گهوڙو ڪاهي هلڻ لڳو. اتي نيرل ڏٺو تہ هيءُ جوان امان جا ڪپڙا ڪنيو، گهوڙو ڪاهي وڃي ٿو، تڏهن هڪڙي اٽڪل سُڃهي آيس، سو عمر کي چائين تہ:

گهوڙي وارا گهوٽيا! تون گهوڙو نہ اڄ سين مار،
ڏونگر متي ميڻي وڻري، آءٌ ڇڪيان! تون پيار.

(گهوڙي وارا جوان! گهوڙي کي پاڻي پيارڻ کان سواءِ موتائي اڄ سان نہ ماريندس، جي هتي گهوڙو ڇرڪي پاڻي نٿو پيئي تہ پوءِ جبل تي متي پاڻيءَ جي هڪڙي کوهي آهي، هل تہ اتي هلي گهوڙي کي پاڻي پياريون). نيرل خيال ڪيو تہ جي عمر انهيءَ اٽڪل ۾ اڇي ويو تہ پوءِ مونکي پاڻ سان گڏ وٽي هلڻ لاءِ ضرور ڪپڙا ڏيڻا پوندس، هيڪر رڳو مونکي تلاءُ مان نڪرڻ ڏئي، پوءِ واهہ جان ... پاڻهي خبر پئجي ويندس. پر عمر بہ اڳيان پکو پڙهايل هو ٽنهن ورندي ڏنيس تہ:

پاڙو پاڻي اوهان جي ملڪ جو، منهنجو گهوڙو نٿو پيئي،
بنا پاڻي پيڻ جي، هي گهوڙو پُٽو جيئي.

(اوهان جي ملڪ جو پاڻي پاڙو آهي، جو منهنجو گهوڙو نٿو پيئي، هي گهوڙو پاڻي پيڻ کان سواءِ بہ جيئرو رهندو آهي). نيرل ڏٺو تہ اها بہ اٽڪل کانہ هلي، سو وري چيائينس تہ:

گهوڙي وارا گهوٽيا! تون گهوڙو نہ بڪ سان مار،
ڏونگر متي گاهہ سائو، آءٌ پٽيان تون چار.

(گهوڙي وارا جوان! تون پنهنجي گهوڙي کي بڪ سان نہ مار، جبل تي سائو گاهہ جام آهي، مونکي ساڻ وٽي هل تہ آءٌ گاهہ پٽيان، تون گهوڙي کي چار). عمر انهيءَ گاهہ جو جواب ڏنو تہ:

پاڙو پاڻي اوهان جي ملڪ جو، ڪارو آن وٽ گاهه،
واپرائي آءٌ بنا سبب، ٽيندس ڪين تباهه.

(نہ رکو اوهان جي ملڪ جو پاڻي پاڙو آهي، پر اوهان وٽ گاهه به ڪارو آهي. آءٌ اهو پاڻي ۽ گاهه ڪم آڻي پنهنجو گهوڙو ڪونہ ماريندس). نيرل کي اهو جواب ڏيئي عمر هلڻ ٿي هو ٿہ نيرل ڪيس چيو تہ: اسان جا ڪپڙا ڏي تہ اسين وڃون جو تمام گهٽي دير ٿي آهي. جيڪڏهن اسان کي وڌيڪ دير گرائيندين تہ انهيءَ ۾ تنهنجو پلو ڪونہ ٽيندو. عمر چيو تہ: آءٌ انهن گالهين کان بچڻ وارو ڪين آهيان، اوهين پلي وهنجي موج ڪريو. اهو ٻڌي نيرل جي ٻين ساهيڙين چيو تہ: اسان کهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ تون نيرل لاءِ آيو آهين، اها جاڻي تون ڇاڻ، باقي اسان کي پنهنجا ڪپڙا ڏي تہ وڃون. تنهن تي عمر چيو تہ: چڱو، اوهين پنهنجي سينڊ منن هڪ هڪ وار ڏيو تہ پوءِ ڪپڙا ڏيانوَ. تنهن ٿي هنن پنهنجيءَ سينڊ سان هڪ هڪ وار ڏنو. ان بعد عمر هنن کي ڪپڙا ڏنا، جي هو پهري روانيون ٿي ويون. جڏهن سڀ ساهيڙيون هليون ويون تڏهن نيرل چيو تہ:

پاڻيءَ پاسا ٻيلپا، ڪاڏو ماس مڇن،
ڪپڙا ڏي تہ نڪران، ايندس، وٽ وڃن.

(اي عمر! پاڻي ۾ ٻيڻي ٻيڻي بدن نسٽو ٿي پيو آهي، ۽ مڇيون اڇي ماس کي ڪاٽڻ لڳيون آهن. هاڻي مونکي ڪپڑا ڏي تہ پاڻيءَ کان ٻاهر نڪران. باقي آءٌ وڃن ٿي ڪريان تہ تو وٽ ايندس). عمر ان بعد نيرل کان وڃن ۽ سينڊ جي وارن جي ڇڳ وڻي ڪپڑا هن کي ڏنا، جي هوءَ پهري روانی ٿي.

ان کان پوءِ عمر ۽ سندس ساڻي وزيرزادو گهوڙن تي چڙهي روانا ٿيا. جڏهن اڳ ۾ پهتا تڏهن چيائون تہ: ٻيلي! پاڻ نکو نيرل کان ڏس پڇو نڪا ڪا خبرچار ورتي. هاڻو

پهريون هنن وارن جي چڱن جي خبر وٺڻ تہ ڪا منجهن حڪمت ہ آهي يا نہ! پوءِ جي نيرل آئي تہ ڪٽي خبرچار پڇنداسينس. ائين چئي ڏنائون وارن کي چڪي تہ انهيءَ مهل نيرل پنهنجي ست سهيلين سان اچي حاضر ٿي. تنهن تي عمر چيو تہ:

ڪير آهين، ڪٽي رهين؟ پنهنجو نالو نيڪ پڌاءِ،
سڌ ساري ڏي پنهنجي، ٿون اڪ سان اڪ ملاءِ.

تنهن تي نيرل جواب ڏنو تہ:

ڏيءِ مانجهي مير جي، نيرل منهنجو نام،
ويٺل روغاني شهر ۾، سهسين ڪنهر سلام.

هنن کان نالو ذات ۽ سموري خبرچار پڇي، پوءِ هي پنهنجي ڳوٺ روانا ٿيا. آخرڪار ٽورن گهٽن ڊينهن بعد اچي ڳوٺ پهتا. جنهي شاديءَ جي تياري ڪري، ڇڇ سنيرائي نيرل جي ملڪ روانا ٿيا.

پنج سؤ چاچي ڪونيائون، گهوڙن جا هسوار،
هليا روغاني شهر ڏي، ٽڪڙا ٽي تيار.

آخرڪار هلندي هلندي ٽورن گهٽن ڊينهن بعد اچي مانجهيءَ جي باغ ۾ لٿا. مانجهيءَ پنهنجي پانهي موڪلي خبر پڇي تہ:

گهوڙن وارا گهوٽيا! ڪهڙي اٽو گهور؟
آهيو واڻهڙو وات جا، ڪ آهيو ڪاپرو چور.

(گهوڙيسوار جوان! اوهين پنهنجو احوال ڏيو تہ ڪي مسافر آهيو يا ڏاڙيل؟). ان جي جواب ۾ پانهيءَ کي عمر گاهم ڏني تہ:

نہ آهيون واڻهڙو وات جا، نڪي آهيون چور،
آهيون گهورا نيرل جا، پنهنجي مائٽن جا مور.

(تہ نڪي اسين مسافر آهيون ۽ نہ وري چور، پر نيرل جا گهورا آهيون). پانهيءَ اهو جواب پڌي مانجهيءَ کي

وڃي ڄيو تہ: هي عمر سومرو سنڌ جو بادشاهہ آهي ۽ نيرل جو سڳ گهرڻ آيو آهي. اهو ٻڌي ماڻجهيءَ چيو تہ: نيرل کان پڇجي تہ سندس رضا کهڙي آهي؟ جي هوءَ راضي ٿئي تہ احان کي ڪوبہ اعتراض ڪونهي. ان بعد هن نيرل جي مهلين سان معلوم ڪيو تہ برابر هوءَ راضي آهي. پوءِ اڇي عمر سان ملهو ۽ شاديءَ جي هاڪار ڪري، شاديءَ لاءِ ڏينهن مقرر ڪيائين. مقرر ڏينهن تي شادي ٿي گذري. هيني ماڻهن عمر کي مبارڪباد چئي.

شاديءَ بعد عمر سوڪل گهري تہ هاڻي احان کي وطن ڏي وڃڻ جي سوڪل ڏني وڃي. تنهن تي ماڻجهيءَ چيو تہ: تون وڃين تہ ٻلي وچ، باڻي آءٌ پهنجي ڏيءَ ڪونہ ڇڏيندس. اهو ٻڌي عمر چاڃين کي سوڪل ڏني ۽ پاڻ اتي ويهي رهيو. اتي رهندي هن کي ڪافي ڏينهن گذري ويا. هڪڙي ڏينهن سندس ملڪ کان، سندس پيءُ جو موڪليل مڱڻهار اڇي پهتو. جنهن کيس ٻڌايو تہ: تنهنجا ماءُ پيءُ تولاءِ روئي روئي انڌا ٿي ويا آهن ۽ تنهنجي سڳ گيگل بہ هاڻي بين کي پرڻايو ٿا ڏين. اها خبر ٻڌي عمر ڏاڍو مايوس ٿيو، گهر اڇي اوندو متهن هڻي سمهي رهيو. هن جي اها حالت ڏسي نيرل کانئس پڇيو تہ: ڇا خبر آهي؟ هن سڄي خبرچار ٻڌائي. ان بعد نيرل پهنجي باڻ ۽ گل هن کي آڻي ڏني، چيائين تہ: هن ۾ خاصيت آهي تہ اڇو گل سونگهڻ سان ۽ کي ڪوبہ ماڻهو ڪونہ ڏسندو ۽ ساڙو گل سونگهڻ سان وري سڀڪو کيس ڏسي سگهندو. هاڻي وڃ خدا تنهنجو نگهبان آهي. پوءِ عمر، نيرل کان موڪلائي پنهنجي ملڪ روانو ٿيو. گهڻو پهچي هن ڏٺو تہ شاديءَ جي تياري ٿي رهي آهي. اهو ڏسي عمر پنهنجي مڱڻهار کي سيکاري موڪليو. جنهن اتي وڃي ڇيو تہ شادي تہ عمر سومري جي، ٻيون مڙئي شادڙيون. تنهن هن پڇيو تہ: ان شاديءَ ۾ ڇا هو؟ مڱڻهار چيو تہ:

ايترا ته شراب ڪباب هڻا جو ڪنوار ڪان سواءِ ٻين سڀني خوب ڪاڏو پيٿو. هنن ٻ اهو ٻڌي يڪدم شراب گهرايو. پوءِ ته ايترو ڪاڏائون پيتائون جو سپ نشي ۾ الهوت ٿي چا جو چا بڪڻ لڳا. عمر اهو موقعو ڏسي اڇو گل سونگهي، ماڻهن جي نظر ڪان غائب ٿي گهرن ۾ آيو انان گيگل کي ڪڍي باهر نڪتو ۽ ستو پنهنجي اٺن جي وڳ ۾ اڇي، اتي گاهم ڏنائين:

ڪنهن ۾ٻڌان سونا گهنگهرا، ڪنهن ۾ٻڌان منهنجي لڄ،
سؤ راتين جو پنڌ، سونڪي پهچائي رات اڄ.

(ڪهڙي اٺ ۾ سونا گهنگهرا ٻڌان ۽ پنهنجي ڪنوار سميت منس چڙهي ويهان، جو سؤ راتين جو پنڌ سونڪي هڪڙيءَ رات ۾ پهچائي). تنهن تي هڪڙي گونري جواب ڏنو ته:

سون ۾ ٻڌ سونا گهنگهرا، مون ۾ ٻڌ پنهنجي لڄ،
سؤ راتين جو پنڌ، آءٌ پهچائيندس اڄ.

پوءِ عمر ان اٺ تي ساڄ وجهي تيار ٿي گيگل کي چاڙهي روانو ٿيو. ڪجهه وقت ڪان پوءِ واهر ٻ ان جي پوئتان نڪتي. جيئن ته واهر وارا سپ نشي ۾ چُور هئا، تنهنڪري عمر کي پهچي ڪين سگهيا. عمر خير سلامتيءَ سان وڃي روڻان جي شهر ۾ پهتو. اتي پهچي گيگل سان نڪاح ڪري خوش رهڻ لڳو.

اهڙيءَ طرح عمر کي اتي رهندي ڪافي وقت گذري ويو. هڪ دفعي برسات جي مند ۾ عمر بادشاهه محلات تي ويٺو هو ته اتر طرف ڪان ڪنوڻ ۽ گجگوڙ ٿي. اهڙي حالت ڏسي هن جي من ۾ آندڻ ماندڻ ٿي ۽ هن کي پنهنجو وطن ياد اچڻ لڳو، ۽ وطن جي وڇوڙي ۾ هن جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. هيءُ انهيءَ حالت ۾ ويٺو هو ته مٿان نيرل اچي ٻيني. نيرل هن جي هيءَ حالت ڏسي ڄڃي وئي ۽ هٿ ٻڌي

عمر کان انهيءَ جو سبب پڇيائين. عمر جواب ڏنو تہ: اي نيرل! وطن جي يادگيريءَ ۾ اهڙو حال ٿيو اٿم. عمر جو اهو جواب ٻڌي، نيرل يڪدم پنهنجي پيءُ وٽ وڃي ۽ ڪانئس عمر سان گڏ سنڌ وڃڻ جي اجازت گهريائين. پيءُ جو ارادو تہ ڪين هو، پر نيرل جي گهڻي زور تي ڪيس مس اجازت ڏنائين.

آخر هڪڙي ڏينهن هو ٻئي ڇڙا سهي سنهڙي سنڌ ڏانهن روانا ٿيا. ان ڏينهن تي نيرل جون سڀ سهيليون ۽ مٽ مائٽ اچي سوڙها ٿيا. نيرل جي روانگيءَ وقت سندس ماءُ هيءَ گاهہ ڏني:

اچي مڙو ڏاڏي پوٽيون، سات ڪريو ساري،
نيرل وڃي ٿي ساهريان، عمر آڌاري.

وري چيائين تہ:

ڪٿو شهر روغانيءَ جو، اڏيو عمرڪوٽ ڙي،
ڏيءَ مانجهي ملير جي، وڃي گڏي گهوٽ ڙي.

ان بعد نيرل ۽ گيگل ڪي ونڻي، عمر خير سلامتيءَ سان عمرڪوٽ ۾ اچي پنهنجي مائٽن سان مليو.

صحت نامون

صفحو	سٽ	غلط	صحيح
۱۴	۲	۽	۽
۱۶	۲۶	ڳڻي موقعي	ڳڻي جي موقعي
۱۷	۵	طرحين	طرح طرح جي
۱۷	۱۸	رات	اڄ رات
۱۸	۴	لڪ لڪايان	ڏيان لڳ لڳائي
۴۳	۲	گير	کين
۵۴	۱۴	گرائتن	گرامتن
۷۳	۵	چگ	چڳ
۷۷	۶	گڏين۽	گڏي
۷۹	۹	وارن	وارا
۸۴	۷	ڪي	ڪڏي
۹۶	۲	شل طرح	طرح شل
۹۵	۱۷	پيٽي	پوي
۱۰۱	۴	گرائيون	ڪرائيون
۱۰۴	۲۵	اهووس	هو آوس
۱۰۵	۳	ڪنهن	ڪُنهن
۱۱۳	۲۳	گرجر	گوجر
۱۱۹	۳	ڏڏيون	ڏڏيون
۱۱۹	۱۶	آهو هاڻو	آهو آهو
۱۲۳	۱۴	گڙيا	گهڙيا
۱۲۸	۱۶	چيڄ	چڀيڄ
۱۲۹	۲۲	گدوي	گندري
۱۳۰	۱۶	جچي	جي
۱۴۷	۷	ملڪيت پاڻ	ملڪيت پاڻ کان

۱۵۴	۱۹	ڏسي	ڏسي
۱۵۸	۱	چڙهيو	چڑهي
۱۵۹	۳	پانهيءَ	پانهي
۱۶۰	۱۶	گرو	گرو کي
۱۶۵	۲۰	چليو	چيلو
۱۶۶	۸	هڪڙو	هڪڙي
۱۶۷	۱۹	آيو	آيا
۱۶۹	۱	پر ٻاهر	پر مان ٻاهر
۱۶۹	۲۳	پيو ڪرين	پيا ڪريو
۱۷۱	۹	هو	هڪڙي
۱۷۱	۱۳	جهڙو	جهيڙو
۱۷۲	۲۰	خيال ڏنو	خيال نہ ڏنو
۱۷۶	۱۰	توهان هن	توهان کي هن
۱۹۲	۱۲	ڏئي	ڏٺي
۱۹۳	۹	وِياس	وِماس
۲۰۲	۹	گڏين	گڏتين
۲۰۴	۲۴	شهزادو	شهزادي
۲۱۸	۴	پٽو	پٽي
۲۲۱	۸	مغر	مغز
۲۲۶	۱۱	ٻي	ٻنو
۲۲۷	۱۳	اڃان ڏري	اڃان نہ ڏري
۲۲۷	۱۵	ٻڌيئين	ٻڌايئين
۲۲۸	۱۵	مائهن	ماڻهن
۲۲۹	۱۰	بادشاهِ وڻي	بادشاهه وٽ وڻي
۲۳۰	۲۰	ننگ	تنگ
۲۳۷	۲۲	جو	ڪو
۲۴۱	۲۸	زل	زال

۲۵۹	۴	جِوَ	جِيوَ
۲۶۲	حاشيه	تعقلی	تعلقي
۲۶۳	۲۷	پيون	پيو
۲۶۴	۲	نَو ـ طابي	نَوَ طنابي
۲۶۴	۱۰	وجهاء	واجهاء
۲۶۶	۲۳	پائرن	پائر
۲۶۶	۲۵	پهلوان	پهلوانن
۲۷۱	۲	پاپيو	پاليو
۲۷۳	۵	مير علي شيخ	مير علي شير
۲۷۷	۵	کائينڈو	کائينڈو
۲۸۳	۱۰	سندس ع	ع سندس
۲۸۵	۱۴	مذن	مان

CONTENTS

No.	*Title*	*Pages.*
1.	Daman, the Goldsmith (two versions)	1—20
2.	Sonal (three versions)	21—31
3.	Rajkumar and Sahechi	32—37
4.	Sohab, the Beautiful	38—42
5.	Chando and Gangraj	43—48
6.	Jalal and Marakh Mir	49—53
7.	Puna Rai and Lila	54—66
8.	Sudevat and Saranga	67—73
9.	Khemro and Lodan	74—79
10.	Alandeh and Devaro	80—83
11.	Prince Sundaro and Queen Mandhal	84—96
12.	Lali and Sadoro	97—106
13.	Jam Punaro	107—111
14.	Hamir Sumaro	112—117
15.	Aho Kori Hanu	118—121
16.	Badamoni Punro	122—128
17.	Khapurio Khahorri and Queen Kadhari ..	129—134
18.	The Merchant of the Puran	135—141
19.	Saro Sanghar	142—145
20.	Kārairrio Sammo	146—148
21.	Raja Khinaro	149—162
22.	Bhirio Garorri	163—170
23.	Sonal Pari	171—175
24.	Wikio, the Munificent	176—186
25.	King Jasodhan	187—193
26.	Gamun, the Truthful (six versions)	194—245
27.	Bachal Mahar and Sa'dan Jatni	246—252
28.	Sabir and Nuran	253—256
29.	Unarr Unrrani	257—261
30.	Jarro Bhimji and Ghulam Shah	262—272
31.	King Umar and Ganga	273—278
32.	King Umar and Queen Nirul	279—289

In this volume are included one 'folk-tale' (No. 2, pp. 21-31) and 31 'folk stories'. Some of these are represented by more than one versions, and thus, in all forty versions are recorded in this volume, out of which thirty contain *gahun* or verses of some form. As such, this volume has been entitled as "*Gahan San Galhyun*" (the stories containing the *gahun*), *i.e.*, 'The Stories in Narrative Form'.

The 'stories' included in this volume represent the second stage in the evolution of artistic narration. The first stage is represented by some tales in the first five volumes of this series and particularly those of the preceding sixth volumes, many of which contain artistic prose expressions and doggrel rhymes. The third stage of a more developed form of artistic narration is represented by epics and romantic stories included in the next series of seven volumes which follow the present one.

From the point of substance, the 32 narrations included in this volume fall into the following categories:

(*a*) Folk-tale: No. 2.

(*b*) Romantic Stories: Nos. 1, 3, 4, 5, 6, 7, 8, 9, 10, 11, 12, 17, 21, 27 and 28.

(*c*) The stories of famous (legendry or historical) personages from the past: Nos. 15, 16, 19, 20, 22, 24 and 26.

(*d*) A story pertaining to the abandoned Puran bed of the Indus: No. 18.

(*e*) Stories, pseudo-historical or historical in nature;

(*i*) Pertaining to the Sumara period (1050-1350 A.D.), but both about the Sumara and the Samma Chiefs; Nos. 13, 14, 23, 25, 29, 31, 32.

(*ii*) Pertaining to an event of the Kalhora period (1762 A.D.) No. 30.

Two hundred and ninety six (296) Sindhi folk tales have been brought to light through the first six volumes of this series. With the publication of this seventh volume, a total of 328 tales would have been laid under contribution.*

N.A. BALOCH,
DIRECTOR.

*For a detailed discussion, see the Introduction in Sindhi.

characteristics of their original form of narration. The art of narration was developed by the professional bards in the Lower Indus Valley of Sind, since early times. Three phases of its development are discernable: (*i*) narration of tales and stories in a plain form, with the addition of some rhythmic prose pieces and doggrel rhymes; (*ii*) a more artistic narration of mainly the 'stories' and also of some 'tales' in some form of dramatic style, with the addition of rhymed verses and elements of oratory; and (*iii*) a complete formal artistic narration, particularly of heroic deeds, epics and romantic stories, which, in its later phase, developed into musical form of 'recitation and singing' of the epics and romances in a more dramatic style. The distinctly 'artistic form of narration' developed at the second stage, when the narration in prose was reinforced with the addition of special 'rhymed verses', technically called as 'Gahun' (sing. *Gaha*).

A *gaha* in its early form contained two verses rhyming together at the end. As the *doha* or *dohira* developed in Hindi, the *gaha* developed in Sindhi; but while the *doha* developed as a form of poetry, the *gaha* developed essentially as a part of artistic narration. As its very name indicates, the *gaha* was essentially to be recited or sung. It has a poetic form in its 'verse structure', but its verses conform more to a mode of music than to the laws of prosody.

Later, the *gaha* was extended in length from the original two to more verses, in order to meet the requirements of the developing form of artistic narration. The 'extended form' served better particularly as a prologue to the story.

In content, the *gahun* are always contextual, forming the prologue, the dialogue between the characters involved, or the description of the more crucial situations in the story. The professional narrator greets his audience, begins his performance in artistic prose leading to the recitation or singing of a *gaha* the contents of which he then explains in effective prose; he then narrates the story further and again he recites or sings another *gaha*. The narration in prose is always in a dramatic style combining oratory with wit and humour; it is then followed by the music of the *gaha*, thus, sustaining the continued interest and attention of the audience even for such a long duration as six hours (usually from about 9 or 10 P.M. to 3 to 4 A.M.). Some of the epics and romantic stories are narrated for two to three nights continuously to bring them to an end.

of the plot, fulfilment of 'conditions' by the hero, and the typical characters—were briefly described in the 'Preface' to the First Volume (1960). The Fifth Volume included mainly the short popular tales for the young, in which figure the everyday human characters, instead of demons, fairies, genii, witches and sorcerers which dominate the 'classical type'. The sixth volume comprised the tales of beasts, birds and animals. This volume has been planned as a link between the preceding six volumes containing 'folk tales' and the seven volumes comprising 'folk stories' which are to follow. This symbolic link is represented by the 'Tale of Sonal' in this volume (pp. 21-31). Excepting this 'tale' all the rest are 'folk stories'.

Technically speaking, a 'folk-tale' needs to be differentiated from a 'folk story'. Folk tales and fables have neither any historical basis nor any clear background in the past. At best, they represent, in their elemental form, the archaeology of human feelings, experiences and imagination. The faint memories of the childhood of the human race, the residue of early social mores and morals, the patterns of action and experience and the beliefs in the supernatural (turned into superstitions) lingering from early times are but dimly reflected in them. In contrast, 'folk stories' reflect the environment and events of the more recent historical past. They have some geo-historical basis, and can be more clearly distinguished as belonging to a particular people in a particular country. In them, the names of some places can be recognized geographically, and references to some persons, events and occurrences can be identified historically.

The folk stories may be pseudo-historical or historical in nature. They may be 'historical' in the sense that the 'historical contents' in them can be discerned more easily. They are not 'historical records' as such, either factually or chronologically. A 'folk story' usually reclaims from the historical past that which is more exciting and romantic, and uses it after diluting it with its own unbelievables. Adventure, romance and intrigue are among its more conspicuous elements. The folk-stories have invariably their heroes and heroines, but even when they belong to history they are invested with superhuman powers and performances.

In this volume are included mainly those 'folk stories' which are in 'narrative form', and even in their current versions have retained the

PREFACE

This is the twenty-seventh book compiled under the Sindhi Adabi Board's Folklore and Literature Project. In 1956, the Board had approved its 5-Year Research Project (1957-61) for the collection, compilation and publication of Sindhi folklore and literature. The work was started in January, 1957, and the first two years were devoted mainly to the collection of material. The compilation and publication work commenced from 1959.

The material for the project has been collected both from the oral tradition of the village folk and the written record. The oral tradition was reduced to writing through a network of the field-workers, one stationed in each *taluka* area.

The project aims at publishing representative works pertaining to the following selected segments of Sindhi folklore: (*a*) Fables and Fairy tales, (*b*) Pseudo-historical Romances, (*c*) Tales of historical nature, (*d*) Folk-poetry, (*e*) Folk-songs, (*f*) Marriage-songs, (*g*) Poems pertaining to wars and other events, (*h*) Riddles, (*i*) Proverbs, (*j*) Wit and humour, and (*k*) Folk Customs and Superstitions.

The scheme has been deliberately named as 'Folklore and Literature Project'. At the present stage, a considerable body of verse is current through oral tradition among the village folk with which the educated and the intellectuals are not familiar. All this material is 'folklore' in the sense that it is popular and is preserved with the village folk: yet, a considerable part of it is 'standard literature', and will be recognized as such after it is published.

Of the seven volumes planned under the project to incorporate different varieties of folk-tales, legends and other stories, this is the seventh volume pertaining to what may be called 'Stories in Narrative Form'.

A broad division of the Sindhi folk-tales into 'Classical' and 'Popular' may be made for the sake of convenience. The first three volumes of this series included tales, mostly of the 'classical type'. Some of the significant features of the 'classical type', *e.g.*, the nature

Compiled under
The Sindhi Adabi Board's Research Project
on
Sindhi Folklore & Literature

1st Edition February, 1964 2,000 Copies

Price: Rs. 4.00

To be had from
SINDHI ADABI BOARD'S BOOK-STALL,
HYDERABAD SIND,
PAKISTAN WEST.

The English pages printed by Aijaz Mohammed Siddiqui at the Sind University Press, Hyderabad, and published by Mr. Muhammad Ibrahim Joyo, Hon. Secretary, Sindhi Adabi Board, Hyderabad Sind, Pakistan.

SINDHI FOLKLORE & LITERATURE
BOOK—XXVII

FOLK TALES - VII

GĀHANa SĀÑ GALHYŪÑ
(Stories in Narrative Form)

—

Compiled & Edited
by
N. A. BALOCH
M.A., LL.B. (Alig.), M.A., Ed.D. (Columbia),
Professor of Education, University of Sind
And
Director, Sindhi Folklore and Literature Project.

—

SINDHI ADABI BOARD
HYDERABAD SIND
PAKISTAN
1964